
نور محمد لاڪير جون سياسي،
سماجي ۽ تعليمي خدمتون
ترتيب ۽ تحقيق
مختيار احمد ملاح
فيڪلٽي آف نورين
حيدرآباد 2023ع

# نور محمد لاکير جون سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتون

## ترتيب ۽ تحقيق: مختيار احمد ملاح

ڊجيٽل ايڊيشن
2024ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: نور محمد لاکير جون سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتون

ترتيب، تحقيق ۽ ايڊيٽنگ: مختيار احمد ملاح

ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2023ع

ڇاپيندڙ: فيڪلٽي ميمبرس آف نور محمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد، سنڌ

ڇپائي ڏيندڙ: ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي

قيمت: 600 روپيا

ڇاپو ٻيو، سنڌ سلامت ويبسائيٽ

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

2024ع

books.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميا ري ليکڪ ۽ محقق **مختيار احمد ملاح** جو ترتيب ڏنل ڪتاب ”**نور محمد لاکير جون سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتون**“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

هن ڪتاب جي سهيڙ ۽ ترتيب ۾ سنڌ جي هڪ اهم سياسي ۽ سماجي شخصيت نور محمد لاکير کي نروار ڪيو ويو آهي. نور محمد لاکير جي سڀ کان اهم خدمت ته حيدرآباد ۾ قائم ڪيل نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل آهي پر ساڳي وقت سندس ڪيل ڪيترن ئي ڪمن کي جيڪي اسان کان اوجهل هيا انهن کي پڻ اڳيان آندو ويو آهي. ڪتاب جي پهرين حصي ۾ نور محمد لاکير جي شخصيت ۽ ڪيل ڪمن بابت لکيل مختلف مضمون، ٻئي حصي ۾ نور محمد اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي تاريخ، ٽئين حصي ۾ مختلف تقريرون ۽ مضمون، چوٿين حصي ۾ مختلف خط، پنجين حصي ۾ منظوم پيٿا ۽ ڇهين حصي ۾ اردو مضمون شامل ڪيا ويا آهن.

هي ڪتاب **فيڪلٽي ميمبرس آف نور محمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد، سنڌ** پاران 2023ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مختيار احمد ملاح جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وسان**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- نور محمد هاءِ اسڪول،حيدرآباد جي هيڊ ماستر پاران محمد طاهر مغل 10
- مقدمو مختيار احمد ملاح 17

مضمون 39

1. مسٽر نور محمد جي صلاحيتن جو اعتراف آءِ. عبدالله، عليگڑھ
2. مسٽر نور محمد هڪ عجيب شخصيت سر غلام حسين هدايت الله
3. هڪ عظيم قومي نقصان! محمد ايوب خان کهڙو
4. مسٽر نور محمد جون قومي خدمتون شيخ عبدالمجيد سنڌي
5. شمع تعليم جو پروانو مسٽر نور محمد سيد ميران محمد شاھ
6. مسلمانن جي تعليم جو سچو سپاهي محمد هاشم گزدر
7. مسٽر نور محمد جمشيد نسروانجي مهتا
8. سنڌ جي تعليم جي سڌاريندڙ ميان نور محمد وڪيل جي وفات محمد صديق ميمڻ
9. آه مسٽر نور محمد! محمد صديق مسافر
10. مسٽر نور محمد جي خدمتن تي ناقدانہ نظر ڪمال الدين ميمڻ
11. حسن علي ثاني شيخ عبدالحق
12. جناب نور محمد جو سنڌي مسلمانن تي قرض آهي! سيد نظر علي
13. سنڌ جي محبوب ليڊر نور محمد جي وفات مولوي دين محمد
14. مسٽر نور محمد جي قومي بصيرت پير غلام مجدد سرهندي
15. مسٽر نور محمد وڪيل پير علي محمد راشدي
16. نور محمد ـ سنڌ ۾ مسلم تعليم جو علمبردار قاضي محمد اڪبر
17. نور محمد لاکير (وڪيل) محمد امين مگسي
18. نور محمد جون علمي خدمتون شيخ علي محمد
19. مسٽر نور محمد سنڌ جو سر سيد غلام محمد پنهور

20. نور محمد ۽ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم
21. نور محمد وڪيل محمد موسىٰ ڀٽو
22. نور محمد لاکير جون سياسي ۽ سماجي خدمتون عبدالستار ڀٽي
23. نور محمد لاکير هڪ تعليمي سڌارڪ پروفيسر مهر نور محمد
24. نور محمد لاکير بحيثيت قانون ساز عامر مغيري
25. ناميارو نور محمد محمد اسلم ڀٽي
26. شمع تعليم جو پروانو باني اسڪول ۽ مسلم هاسٽل نور محمد غلام رباني بلوچ
27. الله تله وڪٽي اسڪول جو بنياد وجهندڙ شخص! ڊاڪٽر خادم لاکير

**نور محمد اسڪول ۽ سنڌ مسلم هاسٽل جي تاريخ 150**

28. ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي تياريءَ جي سلسلي ۾ اخبار تعليم جي رپورٽ
29. صوبه سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ڪانفرنس
30. اسڪول جي عمارت جي افتتاح جي موقعي تي سر غلام حسين جي تقرير
31. ترقي جو راز _ سنڌ مسلم هاسٽل نور الدين احمد غلام علي
32. نور محمد هاءِ اسڪول الله بخش نظاماڻي پرنسيپال
33. نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سندس باني محمد حسن بوزدار
34. مسلم سائنس ڪاليج تاريخ جي روشنيءَ ۾ شاهه محمد بلوچ
35. نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مسلم هاسٽل تاريخ جي روشنيءَ ۾ مختيار احمد ملاح
36. ڪيئن وساريان ڪين وسرن عزيزالله ڳنڀير
37. مرحوم نور محمد جي 41 هين ورسي، النور ميگزين رپورٽ

**تقرير ۽ مضمون 220**

38. انصافي انصاف، ته وري به ووٽ نور محمد کي (تقرير)
39. سنڌين جي تعليم (مضمون) نور محمد

**231 خط**

40. ميرپورخاص مان محمد هاشم مخلص جو خط، 20 اپريل 1920ع
41. ميرپورخاص مان محمد هاشم مخلص جو خط، 22 مئي 1920ع
42. ميرپورخاص مان محمد هاشم مخلص جو خط، 10 ڊسمبر 1920ع
43. جيڪب آباد مان مسٽر شير محمد خان بجاراڻيءَ جو خط، 1924
44. مسٽر غلام علي جو خط، 1 فيبرور 1925ع
45. ايڊيٽر، تنظيم اخبار جو خط، 18 فيبروري 1925ع
46. حاجي عبدالله هارون جو خط 6 جنوري 1926
47. حيدرآباد مان نور محمد لاکير جو جناب ابراهيم ڏانهن خط، 19 فيبروري 1927ع
48. سکر مان خط، 10 فيبروري 1927ع
49. سکر مان خط، 10 فيبروري 1927ع
50. سکر مان خط، 13 فيبروري 1927ع
51. محمد احمد شاهه جو خط، 15 فيبروري 1930ع
52. نور محمد کي سندس والد محمد سجاول لاکير جو خط، 3 مارچ 1927ع
53. نور محمد کي سندس والد محمد سجاول لاکير جو خط
54. ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 30 سيپٽمبر 1927ع
55. ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 2 جون 1930ع
56. ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 30 1 اپريل 1934ع
57. حاجي محمد علي جو خط، 1930ع
58. محمد عثمان سومرو، ايم. ايل. اي. جو نور محمد وفات تي خط 26 آگسٽ 1937ع
59. حڪيم عبدالڪريم جو نور محمد وفات تي لکيل اخبار ۾ خط
60. الوحيد اخبار جو نور محمد جي وفات تعزيت نامو

61. الحقيقت اخبار جو تعزيتي بيان

**منظوم پيتا 263**

62. مرحوم نور محمد محمد خان "غني"
63. تصوير غم مولوي دين محمد اديب فيروز شاهي
64. قطعات ماتم مخدوم محمد صالح پٽي
65. ساڪن حيدرآباد محمد يوسف متخلص (عاصي)
66. تاريخ وفات مرحوم نور محمد وڪيل ميان محمد عمر "اختر" هالائي
67. نالئہ غم! محمد صديق مسافر
68. قوم جي هاڻ ٻچن جي ڪندو ٻيو ياوري ڪير؟ محمد بخش واصف

**اردو مضمون 278**

69. نور محمد کی کہانی ان کی بیگم کی زبانی نواب احمد خانزادہ
70. در عقیدت ایم ایف افضل

## ارپنا

هيءُ ڪتاب ارپيان ٿو، پنهنجي ڀڃات آصف ابراهيم زاهديءَ کي، جيڪو سردي هجي يا گرمي، مينهن هجي يا طوفان، ڳوٺ جي ماڻهن جي مدد لاءِ نڪري پوندو آهي. سندس شخصيت جا ڪيترائي روپ آهن. شل مالڪ سائين ڪيس هميشہ سٺي صحت عطا ڪري!

۽

هي ڪتاب ارپيان ٿو حافظ احمد انڍڙ کي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جو ملازم آهي، ۽ سياحت ۽ علم جي کوجنا سان ڪيس خاص محبت آهي. هن ڪتاب جي مواد جي تلاش ۾ سندس تمام وڏي محنت شامل آهي، سندس مدد کان سواءِ شايد هن ڪتاب جي ترتيب ممڪن نہ هئي.

مختيار احمد ملاح

## نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي هيڊ ماستر پاران

محمد طاهر مغل، چيف هيڊ ماستر



نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، سنڌ جي انهن چند ابتدائي تعليمي ادارن مان هڪ آهي جن سنڌ جي تعليم جي واڌاري ۾ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن تاريخي اداري ڪيترن ئي مايه ناز شخصيتن کي تعليمي زيور سان سينگاريو آهي جن هن تعليمي اداري مان تعليم حاصل ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پاڻ ملهايو آهي.

نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي باني محترم نور محمد لاکير جي هن پوکيل ٻوٽي جو ڦل اڄ به سنڌ جي شعور کي مسلسل فائدو پهچائيندو رهي ٿو. سنڌ جو هي واحد تعليمي ادارو آهي جيڪو ماضي جيان اڄ به پنهنجي اوچي ڳاٽ سان هماليه جبل جيڏو بلند قد، ڪاٺ رکي ٿو. تعليم جي ميدان ۾ اڄايلن جي اڄ پوري ڪندو ٿو اچي! سنڌ جي تعليمي نظام ۾ نصابي توڙي غير نصابي سرگرمين ۾ جن به چند اوائلي ادارن جو ڪردار رهيو آهي ان ۾ هي ادارو سرفهرست آهي.

محترم نور محمد لاکير هي ادارو ان دور ۾ کوليو جنهن دور ۾ برصغير اندر مسلمانن لاءِ تعليم جا دروازا مکمل طور تي بند هئا. جنهن سبب مسلمانن جي زندگي ۾ بنيادي طرح تعليمي،سماجي ۽ مذهبي آزادي ممنوع بڻيل هئي، جتي شعور جا رستا مکمل طرح بند کيل هئا. اهڙين بند ٿيل تنگ گهٽين ۾ اهڙي اداري جو ٺاهڻ هڪ اونداهي سماج ۾ لاٽ جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ محترم نور محمد لاکير شاندار قومي ڪردار ادا ڪري قوم ۽ ملڪ تي جيڪو احسان ڪيو آهي، اهو تاريخي ڪم ۽ سائين نور محمد لاکير صاحب جن جو ڪردار تا قيامت زنده ۽ عزتن لائق رهندو ۽ سندس نالو سدائين سونهري اکرن ۾ لکيل رهندو.

هلندڙ دور ۾ نور محمد هاءِ اسڪول، سنڌ جي هر تعليمي محاذ تي پنهنجو پاڻ ملهائي رهيو آهي. هن تاريخي اداري ۾ هڪ ئي وقت ٽن ٻولين سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ تعليم ڏني پئي وڃي. هن وقت 1600 شاگرد هن اداري ۾ داخل آهن ۽ داخلائون پڻ جاري آهن، ميرٽ کي مد نظر رکندي سينيئر استادن جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي وئي آهي، جيڪا داخل ٿيندڙ شاگردن کان پهرين ٽيسٽ ۽ انٽرويو وٺي ۽ پوءِ ڪامياب شاگردن کي سندن ذهانت آڌار تي ڪيڊٽ، انگريزي، سنڌي ۽ اردو ٻولين جي حصن ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه عزت ماب پرڳڙي صاحب نالي سان لائبريري جنهن ۾ ڪيترين ئي ٻولين ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل هزارين ڪتاب موجود آهن ۽ اسڪول جي ٽائيم ٽيبل ۾ سمورن ڪلاسن جا لائبرريءَ پيرڊ پڻ شامل آهن، جتي شاگرد مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪري پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندا رهن ٿا. ان سان گڏوگڏ اسڪول ۾ ٻه جديد قسم جون ڪمپيوٽر ليبس ايليمينٽري ۽ سيڪنڊري ڪلاسز لاءِ الڳ الڳ مختص ٿيل آهن، جتي ڪمپيوٽرس موجود آهن. اسڪول ۾ هڪ ڪميٽي هال پڻ موجود آهي جتي شاگردن تائين جديد قسم جي ڄاڻ پهچائڻ لاءِ هڪ وڏو پروجيڪٽر نصب ٿيل

آهي اتي شاگردن کي نئين جديد دور جي سائنسي تحقيقي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ تربيت يافته استاد پنهنجيون پيشيوراڻيون ذميواريون سرانجام ڏيندا رهن ٿا.

اسڪول ۾ سر عبدالله حسين هارون جي نالي سان قائم ٿيل سائنسي ليبارٽري پڻ قائم ٿيل آهي جتي شاگردن کي علم حياتيات، علم ڪيمياء ۽ علم طبعيات تجربن جي صورت ۾ سيکاريو ۽ سمجهايو ويجي ٿو. گذريل سال USAID پاران عالمي سطح تي سائنسي مقابلا ٿيا، انهن ۾ به نورين (نورمحمد هاءِ اسڪول جا شاگرد) سرخرو رهيا بنگلاديش جي شاگردن سان مقابلو ٿيو ۽ بنگلاديش پاران تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو ۽ گڏوگڏ سائنسي ميلي ۾ به پهرين پوزيشن ماڻي.

هڪ بهترين آرٽ هال پڻ قائم ٿيل آهي جنهن ۾ ٻارن کي آرٽ، مصوري ۽ تصويرن ٺاهڻ لاءِ سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ٿو وڃي. شاگردن کي هم نصابي سرگرمين ۾ شامل ڪري سندن شوق پٽاندر فيلڊ ۾ هڪ ڪليل ميدان ڏنو ٿو وڃي جتي هو پنهنجي لڪل صلاحيتن کي نمايان ڪري رهيا آهن. اسڪول ۾ تمام مضمونن لاءِ بهترين، تجربيڪار، اعلي تعليم يافته ۽ پيشيوراڻي تربيت يافته استاد پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جنهن جو مثال اوهان کي هر مقابلي جي ميدان ۾ ملندو. جهڙوڪ لطيف شناسائي، سائنسي ميلو، خطاطي، تقريري مقابلن ۾ هر فورم ۾ مختلف تدريسي و غير تدريسي مقابلن ۾ ڪاميابي ماڻي، ماضيءَ جيان سرخرو ٿيندا رهن ٿا. پوري سنڌ ۾ پنهنجي اسڪول، خاندان، وطن ۽ استادن جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. تعليمي سرگرمين سان گڏوگڏ جسماني سرگرمين لاءِ اسان جي اسڪول جا استاد راندين، جهڙوڪ، ڪرڪيٽ، هاڪي، ڊوڙ، اسڪائوٽنگ وغيره ۾ پنهنجو ڪليدي ڪردار ادا ڪندي شاگردن جي ذوق ۽ شوق کي اڀاري رهيا آهن ۽ انهن سيني فيلڊن ۾ ڪٿي ڪهڙو به مقابلو ڇو نه هجي!!؟ ۽ نور محمد هاءِ اسڪول جا شاگرد انعام گڏ ڪٿي نه اچن اهو ممڪن ئي ناهي!!

اسان جي اسڪول ۾ هڪ بهترين آڊيوٽوريم پڻ موجود آهي، جتي تعليمي سيمينار، فنڪشن ۽ تعليمي سرڪاري گڏجاڻيون منعقد ٿينديون رهن ٿيون ۽ اتي هر هفتي اسڪول جي شاگردن لاءِ ڪيريئر ڪائونسلنگ وغيره جا سيمينار ڪرايا ويندا آهن، جنهن ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان وابسته شخصيتون، مستقبل جي معمارن کي سندن ڪاميابي جي گس کان واقف ڪنديون رهنديون آهن.

بورڊ جي امتحانن ۾ نور محمد هاءِ اسڪول جيا شاگرد هميشه بهترين پوزيشنون ماڻيون آهن. هن اداري جو مددگار ۽ غير تدريسي عملو پڻ تمام ذميوار آهي. سندن لڳن ۽ ڪم جي شاهدي اسڪول جي عمارت ۽ ان ۾ لڳايل وڻ، گل ۽ ٻوٽن مان ظاهر آهي. هن وقت هيٺيون اسٽاف اسڪول ۾ ڪم ڪري رهيو آهي:

**سينئر HST.**

سيد تاج علي شاهه

جناب حافظ ايم نعمان

جناب ضياءُ الدين ٽگڙ

اعجاز علي قريشي صاحب

محترم محمد علي پناڻ

جناب رياض احمد خاصخيلي

مسٽر مشتاق علي آرائين

مسٽر مشتاق احمد ٽگڙ.

جناب خالد احمد سيال

مسٽر مريد دل

سائين محمد اظهر

جناب فيض الله جوڻيجو

محترم عبدالوهاب بليغ

محترم شڪيل احمد

جناب ذوالفقار ميمڻ صاحب

جناب عطا محمد جمالي

محترم عبدالحفيظ سمون

محترم شفقت الله ڪوريجو

محترم علي مراد لاشاري

جناب عبدالحميد قاضي صاحب

جناب ايم عالم جمالي

محترم شوڪت علي ٽانوري

جناب نظام الدين ملاح

جناب ايم حسين شيخ

مسٽر ڪامران وحيد.

جناب نذر حسين صاحب

جناب اسرار احمد شيخ

محترم نور احمد بروهي.

**جونيئر HST.**

جناب ايم بشير شاهاڻي
جناب آصف احمد ميمڻ
جناب فرحان آرائين
فقير حسين صاحب
جناب رضوان گل
مسٽر دانش ميمڻ جونيئر
شفيق خان صاحب
جناب عبدالحڪيم لغاري
جناب ظفر علي ميمڻ
جناب جنيد احمد
جناب افتخار احمد صاحب
جناب حيدر علي ميمڻ
محترم اعجاز علي قادري
سائين صالح محمد شاهه
جناب ذوالفقار علي ميمڻ
مسٽر انيل ڪمار ايس
جناب عبدالحق ميمڻ.
احمد صمد صاحب
**سينئر JST**
محترم ممتاز علي رند
مسٽر مهيش ڪمار
اڏر ڪيڊر جا استاد
جناب عبدالجبار ايس دل (SLT)
سائين نثار احمد لغاري
جناب آصف علي ڪوڪر

جناب حافظ ايم يوسف (او ٽي)
جناب ذوالفقار علي (WI)
عبدالنعيم صاحب
جناب رياض احمد ميمڻ
جناب سيد منير شاهه (AWI)
سائين نثار احمد پنهور
جناب هدايت الله ابڙو
مسٽر وينجهراج (DT)
جناب غلام رسول سومرو
اشفاق ايچ جتوئي (پي اي ٽي)
مسٽر محمد اي پرگڙي
جناب زاهد الحق صاحب
مسٽر تنوير سمي (LT)
**اي سي ٽي.**
محترمه عافيه
محترمه شيرين ابڙو
محترمه ڪنيز فاطمه
**جيسٽ (JEST)**
عمير قريشي صاحب
جناب فيضان علي
جناب سيد اسد الله شاهه
مسٽر رميش ڪمار جونيئر
مسٽر انيل ڪمار جونيئر
مسٽر رتن ڪمار
جناب ايم مڪي رضا

| | |
|---|---|
| جناب حافظ ايم طيب | جناب مدثر احمد |
| جناب مستقيم رحمان صاحب | ڪمپيوٽر ليب / انچارج |
| مسٽر نريش ڪمار | سائين غلام مصطفيٰ سھتو |
| جناب شاھد اعجاز | ليبارٽري حاضري. |
| جناب فيضان علي سيد | مسٽر احمد علي انڙ. |

مون کي تمام گھڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته، مون جهڙي تعليم جي شاگرد کي اهڙي تاريخي اداري جي سربراهي جو اعزاز مليو آهي، ان لاءِ الله تعاليٰ، والدين ۽ پنهنجي استادن جو ٿورائتو آهيان. مونکي اميد آهي ۽ آئون پنهنجون پيشيوراڻيون صلاحيتون ڪتب آڻي سڀ ڪوششون وٺندس ته نور محمد هاءِ اسڪول جا استاد پنهنجي بهترين قابليتن سان هن اداري کي سندس اعليٰ مقام طرف وٺي وڃن ۽ ماضيءَ جيان مستقبل ۾ به ڪاميابيون ماڻڻ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ۽ هي ادارو زندگي جي هر موڙ تي هر شعبي ۾ پنهنجي ترقي ۽ ناماچاري جو تسلسل جاري و ساري رکندو. آمين

مون کي سڀ کان وڌيڪ خوشي ٿي آهي ته مان هن اسڪول جي بانيءَ جي شخصيت ، ڪارنامن ۽ اسڪول جي تاريخ تي ڪتاب شايع ڪرائي رهيو آهيان. جيڪو اسان جي سنڌي ادب جي نالي واري محقق مختيار احمد ملاح، وڏي محنت سان مواد تلاش ڪري، ان کي چنڊي ڇاڻي ترتيب ڏنو آهي. سائين جڏهن مون سان رابطو ڪيو ۽ ڪتاب جي باري ۾ خواهش ڏيکاري ته هيءُ ڪتاب نور محمد هاءِ اسڪول پاران شايع ٿيڻ گهرجي ته سچ ته مون کي تمام گھڻي خوشي ٿي، ڇو جو هن وقت سائين نور محمد جي باري ۾ اسان وٽ ڪا معلومات جهڙوڪ موجود ئي نه هئي. هن ڪتاب جي اشاعت اسان جي اسڪول جي خوش نصيبي آهي. ان سلسلي ۾ مان پنهنجي سموري اسٽاف جو شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي اشاعت ۾ نه صرف خوشي محسوس ڪئي، پر مواد جي تلاش ۾ پڻ مدد ڪئي. اميد ته سائين نور محمد لاکير جي

حياتي ۽ ڪارنامن جي باري ۾ شايع ٿيل ڪتاب کان پوءِ اسان نورمحمد هاءِ اسڪول جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ٻه ڪتاب ترتيب هيٺ آڻيندا سين.

## مقدمو

اٺويهين صدي، سنڌ جي تاريخ جو هڪ نئون موڙ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ هڪ نئين دور ۾ شامل ٿي. جيتوڻيڪ اٺويهين صدي پڻ سنڌ جي غلاميءَ جو دور هو ۽ ملڪ جون واڳون ٽالپرن کان قري انگريزن وٽ پهتيون هيون. ان کان اڳ ٽالپرن، ڪلهوڙن کان حڪومت کسي هئي، رياستي زبان فارسي ۽ عوامي زبان سنڌي هئي. فارسيءَ جو اثر اڳي کان اڳرو هو، ڇو جو سنڌ جا ايران سان تمام ويجها تعلقات هئا. انگريزن هندستان جي ٻين پرڳڻن جي پيٽ ۾ سنڌ تي دير سان قبضو ڪيو، جنهن سبب سنڌ ۾ جديد تعليم لاءِ ڪوششون به دير سان ورتيون ويون. انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ديني ۽ دنياوي تعليم ڏني ويندي هئي. اُنهن ڏينهن ۾ آخوند مڪتب هلائيندا هئا ۽ مڪتبن ۾ فارسي پڙهائڻ تي خاص زور هوندو هو.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ سنڌ جو معاشرو گهڻو تڻو ڳوٺاڻو ۽ زرعي معاشرو هو، زراعت جو دارو مدار برسات، درياهي ٻوڏن ۽ کوهن تي هوندو هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ تي انهيءَ مقصد لاءِ قبضو ڪيو هو جو هتان به ڍل وصول ڪجي.ان مقصد لاءِ هنن روينيو ڊپارٽمنٽ قائم ڪيو. شروع ۾ هو ڍل اناج جي صورت ۾ وصول ڪندا هئا، بعد ۾ ان نظام کي ختم ڪري نقديءَ جي صورت ۾ ڪيو ويو. انگريزن کي سنڌ جي زمين جي پيداوار مان تمام گهڻي ڍل وصول ٿيندي هئي. هنن ان کي اڃا به وڌائڻ لاءِ واهن ۽ کوهن جي کوٽائين جو ڪم شروع ڪرايو. آخر ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سکر بئراج جو منصوبو به تيار ڪيو ويو .اهڙي طرح 1850ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني ملڪ ۾ ريلوي لائين تعمير ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو ته جيئن سنڌ جي ڪپهه کي بندر تائين پهچائي سگهجي.

در حقيقت انگريزن سنڌ ۾ جيڪي به ترقياتي ڪم ڪرايا، اهي در اصل پنهنجي مفادن ۾ ڪرايا. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن مفادن جي باوجود سنڌ ۾ انهن ترقياتي ڪمن سان ترقي ٿي. اها به حقيقت آهي ته انگريز سڄي يورپ ۾ ترقي يافته قوم هئا، پر هتي اچي هنن سنڌ جي جاگيردارانه نظام کي ختم ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ سگهارو ڪيو. اهو هڪ ٿوڪيو رعايت پاتل طبقو، نون حاڪمن سان استحصال ۾ شامل رهيو. انگريزن جي اچڻ سان سنڌي سماج ۾ جيڪا اهم تبديلي آئي اها هيءَ هئي ته ان کان اڳ سنڌي معاشري ۾ ترقي ۽ واڌاري جي رفتار سست هئي، پر نون علمن، اسڪولن، ڪاليجن، سياسي شعور ۽ مزاحمتي تحريڪن جي ڪري ان ۾ گهڻي تيزي آئي. هڪ ته مشيني دؤر جي ابتدا ٿي، ٻيو ته سنڌي تهذيب ڳوٺن کان شهرن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو.

اڻويهين صديءَ ۾ پهريون دفعو سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌي کي مقرر ڪيو ويو، سنڌي الف بي جڙي، ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا، اسڪول ۽ ڪاليج ، انجنيئرنگ اسڪول، ميڊيڪل اسڪول قائم ٿيا، مگر مسلمان، جيڪي سنڌ جي اڪثريتي طاقت رکندا هئا، انهن انگريزن پاران قائم ڪيل اسڪولن ۾ ڪا خاص دلچسپي نه ورتي ۽ انگريزي ۽ سائنسي تعليم جي سخت مخالفت ڪئي. نتيجو اهو نڪتو، ته سنڌي مسلمان، هندو سنڌين جي ڀيٽ ۾ تعليم، علم، ادب، سياست، صحافت، سرڪاري نوڪرين، ملڪي ترقيءَ جي ٻين شعبن ۽ خود انگريز سرڪار جي خاص عنايتن کان پري رهجي ويا. اهڙي پاليسي خود انگريز سرڪار جي ڪامياب حڪمت عملي "ورهايو ۽ حڪومت ڪيو" جي حق ۾ نه هئي، ڇو ته سنڌ جا هندو تعليم، ڪاروبار، نوڪرين، ۽ ٻين سيني محڪمن ۾ مسلمانن کان اڳتي نڪري چڪا هئا. مسلمان سياسي طور تي به ڪمزور هئا، هڪ ته تعليم جي پستي ۽ ٻيو ڪاروبار جو نه هجڻ ڪري هو پوئتي رهجي ويا هئا.

ان کان علاوه، 1857ع جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ انگريزن جي پاليسي مسلمانن جي خلاف ٿي پيئي. ان ڪري جو ڏينهون ڏينهن سياسي، معاشي ۽

تعليمي لحاظ کان پستيءَ طرف وڃڻ لڳا. ذلت ۽ گمراهي جي احساس کي ماري هو وقت جي تقاضائن کان بہ منهن موڙي ويٺا. انهيءَ دور ۾ سنڌ جا مسلمان بہ تعليم ۾ بنهہ پوئتي هئا.

سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي تنظيم جي شروعات لاءِ هندن، مسلمانن، عيسائن ۽ پارسين پهريون دفعو سنجيده ڪوشش ورتي. هنن”سنڌ سڀا“ جي نالي سان هڪ غير مذهبي ۽ نيم سياسي تنظيم برپا ڪئي، جنهن جا ميمبر هندو، مسلمان، عيسائي ۽ پارسي هئا. سنڌ سڀا، 1882ع کان 1887ع تائين تمام گهڻي سرگرم رهي. هيءَ تنظيم 2 ڊسمبر 1882ع تي وجود ۾ آئي. سنڌ سڀا جو پهريون صدر سيٺ آتمارام پريتمداس هو، مختلف وقتن ۾ هن تنظيم جا مختلف صدر ۽ عهديدار رهيا. ”سنڌ سڀا“ جا شروعاتي عهديدار هي هئا:

ڏيارام ڄيٺمل__________صدر

حسن علي آفندي________نائب صدر

دولترام ڄيٺمل_________سيڪريٽري

ساڌو هيرانند_________اطلاعات سيڪريٽري

سنڌ سڀا جو سڀ کان وڏو ڪارنامو ڊي. جي. ڪاليج ڪراچي هو. هن تنظيم ۾ اڳتي هلي ڪجهہ اختلاف ٿي پيا ۽ حسن علي آفنديءَ 1885ع ۾ ”سنڌ محمدن ائسوسيئيشن“ قائم ڪئي، جيڪا سنڌ جي مسلمانن جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي طور تمام وڏي جماعت ثابت ٿي. هن جماعت ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسو قائم ڪيو. هيءُ اسڪول سنڌ جي مسلمانن جي تاريخ جو هڪ نئون باب هو. حيدرآباد ۾ تعليم جو پهريون اسڪول 1858ع ۾ قائم ٿيو. اهو اسڪول زميندارن ۽ آبادگارن کان ورتل لوڪل فنڊ جي آمدني مان هلايو ٿي ويو. پر ان مان مسلمان فائدو وٺي نہ ٿي سگهيا. ڇاڪاڻ تہ اهي شهر کان پري هئا ۽ مقامي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي تسلط هيٺ هئا ۽ خاص ڳالهہ تہ کين شهر ۾ رهڻ جي سهولت ميسر ڪين هئي. ان ڪري اهي سڀ پيسا مقامي هندن جي اسڪولن تي خرچ پئي ٿيا. ان کان سواءِ 1861ع ۾ سنڌ اسڪالرشپ فنڊ ڪنو

ڪيو ويو. جيئن سنڌي شاگرد بمبئي مان مئٽرڪ پاس ڪري اتي جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهن. پر ڏٺو ويو ته ان مان به صرف هندو عاملن فائدو ورتو ۽ ڪنهن به مسلمان کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جو وجهه نه مليو. اهي حالتون ڏسي سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪجهه سجاڳي آئي ۽ سنڌ جي ڪجهه گهڻ گهرن سنڌي پائرن کي جديد تعليم سان روشناس ڪرائڻ لاءِ ڪوششون پڻ ورتيون. انهن سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جديد تعليمي مرڪز کولي، سنڌ جي مسلمانن ۾ نئون شعور ۽ جذبو پيدا ڪيو. اهڙن بزرگن مان نور محمد هاءِ اسڪول جو باني ”مسٽر نور محمد وڪيل“ به هڪ هو. هن حيدرآباد ۾ مسلمانن جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو اسڪول قائم ڪيو، جيڪو اڄ به سندس نالي پويان سندس محنت، عظمت ۽ ڪاميابيءَ جو اهڃاڻ بڻيل آهي. نور محمد لاکير، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ عظيم انسان، سياستدان، آزادي جو سپاهي، قوم پرست، جج، ڪامياب وڪيل، سماجي ڪارڪن ۽ تعليمدان طور مشهور آهي.

افسوس جو نور محمد لاکير ، جيڪو نور محمد وڪيل جي نالي سان مشهور هو، پر سندس باري ۾ تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ سندس حياتيءَ جا ڪيترائي پهلو اڃا تائين واضح ٿي نه سگهيا آهن. نئين نسل کي سندس حياتي ۽ ڪارنامن جي باري ۾ معلومات نه ٿي ملي. گهڻو اڳ، سنڌي درسي ڪتابن ۾ سندس مختصر ذڪر ملندو هو، هاڻي اهو به ڪتابن مان خارج ڪيو ويو آهي. الوحيد جي آزادي نمبر ۾ سندس ذڪر ئي نه آهي. سائين جي.ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ لکيو آهي ته ڪيس ميان نور محمد وڪيل جي باري ۾ گهڻي ڪوشش جي باوجود معلومات ملي نه سگهي. جڏهن مون هن ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ لاءِ سنڌ جي مختلف مڪتبن مان رسالن، اخبارن، ڪتابن ۽ مختلف شخصيتن کان سندس باري ۾ مواد جي مدد طلب ڪئي ته تمام گهٽ مواد ملي سگهيو، ۽ جيڪو مليو ان ۾ به ڪافي ورجاءُ ۽ مغالطن سان پريل معلومات ملي. ائين محسوس ٿيو ته سيني جڻ هڪ ٻئي تان ڏسي لکيو آهي. نور محمد لاکير جي پوئٽرن مان سندس ڏوهٽي جو نمبر هٿ

ڪيم، پر گهڻي ڪوشش جي باوجود نه ته هن سان ملاقات ٿي سگهي، نه وري ان صاحب منهنجي فون اٽينڊ ڪئي نه وري ڪنهن ميسيج جو جواب ڏنو. ان ڪري نور محمد لاکير جي ذاتي زندگيءَ بابت ڪافي معلومات جهڙوڪ رهجي وئي آهي. وڏي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته نور محمد هاءِ اسڪول، جيڪو هن پنهنجي رت ۽ ست ڏئي جوڙيو هو، اڄ اتي جي لائبريريءَ ۾ سندس حياتي ۽ ڪارنامن جي باري ۾ ڪو به خاص مواد موجود نه آهي. اسڪول مان جيڪي وقت به وقت مخزن جاري ٿيا هئا، اهي به موجود نه آهن. شابس آهي اسڪول جي موجوده هيڊ ماستر محمد طاهر مغل صاحب کي، جنهن منهنجي گذارش تي پنهنجي ذاتي ڪوششن سان، ذاتي دوستن کان ڪجهه مواد تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ڪتاب جي ترتيب ڏيڻ دوران ڪجهه اهم مونجهارا سامهون آيا، جنهن ۾ سڀ کان اهم نور محمد لاکير جي جنم سال جو آهي، ڇو ته سيني ليکڪن هڪ ٻئي تان مواد ڪنيو آهي. اڪثر ليکڪن سندس جنم سال 16 سيپٽمبر 1845ع لکيو آهي. جڏهن ته عليڳڙهه مان جاري ڪيل خط مان معلوم ٿئي ٿو ته هن 1907ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي هئي. هاڻي اهو ته ممڪن نه آهي ته هن 64 سالن جي عمر ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هجي. ٻيو مغالطو سندس ڳوٺ جي باري ۾ آهي. ڇو ته ڪجهه ليکڪن سندن جنم ڳوٺ چڪرو ڄاڻايو آهي ته ڪجهه جمعو لاکير. اهڙيءَ طرح ڪنهن به ڪتاب يا مضمون ۾ سندس ڀائرن، ڀينرن ۽ گهروارين جي نالن جي معلومات آيل نه آهي. مطلب ته سندس ذاتي زندگيءَ جي معلومات انتهائي مختصر ۽ مبهم ملي ٿي. جڏهن ته نور محمد اسڪول جي جيڪا بنيادي معلومات آهي، انهن ۾ به ڪافي تضاد آهن.

نور محمد لاکير صاحب جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتن جي اڳ ئي ٿوري گهڻي خبر هئي، پر هڪ ڏينهن نالي واري اديب منصور قادر جوڻيجي سان معمول مطابق سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان بحث ٿيو، جنهن دوران هن ٻڌايو ته وٽس ميڊم حميده کهڙي جو رڪيل ڪجھ مواد موجود

آهي، جنهن کي ترتيب ڏئي ڪتاب جوڙي سگهجن ٿا. ان سلسلي ۾ هن ٻڌايو هن وٽ نور محمد لاکير صاحب ڏي لکيل ان دور جي سياسي ۽ سماجي شخصيتن جا ڪافي خط پيل آهن. پوءِ اسان فيصلو ڪيو ته اهي خط هو منهنجي حوالي ڪندو ۽ انهن کي منصور قادر جوڻيجو ۽ مان گڏجي ترتيب ڏينداسين. خطن کي ڪمپوز، ايڊٽنگ ۽ پروف ريڊنگ جي ذميواري مون پاڻ تي کنئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن هن اهي خط منهنجي حوالي ڪيا ته انهن خطن ۾ اها تعليمي رپورٽ به موجود هئي، جيڪا نور محمد 1927ع ۾ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پستيءَ جي سببن تي لکي هئي. خطن ۽ تعليمي رپورٽ کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ، منهنجي ذهن ۾ آيو ته خط الڳ شايع ڪرايا وڃن، تعليمي رپورٽ الڳ ۽ ٽيون ڪتاب سنڌي ۾ نور محمد جي زندگيءَ ۽ شخصيت جي باري ۾ هجي. ائين مواد جي تلاش شروع ڪئي ۽ گهڻي ڪوشش کان پوءِ هيءُ ٿورو مواد ملي سگهيو آهي.

هن ڪتاب جي ترتيب تي اچڻ کان پهرين، نور محمد جي حياتي ۽ ڪارنامن جو مختصر جائزو وٺجي. نور محمد لاکير، 16 سيپٽمبر 1881ع تي سنڌو درياهه جي پرسان تعلقي ڏڪري، ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ چڪرو ۾ جنم ورتو. سندس والد ميان محمد سجاول لاکير ڳوٺ جو تعليم يافته ۽ خدمتگار شخص هو. هو ڏوڪريءَ جي پرائمري اسڪول ۾ استاد هو. ميان سجاول لاکير پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ تمام سادو ۽ معمولي ماڻهو هو. استاد جي نوڪريءَ لاءِ پگهار کان سواءِ ڪيس چند ايڪڙ زمين به هئي. ڪيس به پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. سندس خواهش هئي ته سندس ٻئي پٽ تعليم حاصل ڪن، پر سندس ٻيو نمبر پٽ نور محمد تعليم ڏانهن گهڻو راغب هو. نور محمد پاڻ به نهايت سادگيءَ جو مالڪ هو، جنهن جون تمام گهڻيون خوبيون هيون، هو دل جو مهربان هو. نور محمد کي پنهنجي والد لاءِ تمام گهڻي عزت هوندي هئي. جڏهن هو ڳوٺ مان حيدرآباد نور محمد وٽ ايندو ته ڪيس پنهنجي هٿن سان ڪارائڻ جو ڪم ڪندو هو. هو پنهنجي پيءُ سان تمام گهڻو جڙيل هو ۽ زندگيءَ ۾

ڪڏهن بہ ساڻس وڏي آواز سان نہ ڳالهايو. جڏهن سندس پيءُ پوڙهو ۽ ڪمزور ٿي ويو تہ هو هن جا هٿ ۽ بدن پاڻ ڌوئيندو هو.

نور محمد ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد محترم ميان محمد سجاول جي رهنمائيءَ ۾ حاصل ڪئي، جيڪو ان وقت پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو. نوجوان نور محمد تمام ذهين ٻار هو ۽ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هو. سندس والد ڪيس اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪو ان دور جي مسلمانن لاءِ ڪو آسان ڪم نہ هوندو هو. نور محمد شروعاتي تعليم چوٿين درجي تائين پنهنجي اباڻي ڳوٺ چڪرو مان حاصل ڪئي. جڏهن سنڌو درياهہ پنهنجو رخ ڦيرائي ڏانهن موڙيو تہ هي خاندان ڳوٺ جمعہ لاکير، تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ، ضلعي دادو ۾ اچي آباد ٿيو، جتي نوجوان نور محمد ڪي استاد ناٿن شاهہ جي رهنمائيءَ ۾ پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. پينشن ملڻ بعد سندس والد محترم ميان محمد سجاول ڳوٺ جمعہ لاکير ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ پنهنجي پٽ نور محمد جي نالي تي زمين جا ڪجهہ ٽڪرا زراعت لاءِ خريد ڪيا.

## ثانوي تعليم

ان زماني ۾ اعليٰ تعليم هر سنڌي مسلمان شاگرد جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي هئي. فقط چند اسڪول هئا، جيڪي مسلمان شاگردن لاءِ وقف هئا ۽ انهن ۾ سنڌ مدرستہ الاسلام، ڪراچي سڀني کان اعليٰ اسڪول هو. نور محمد محمد، پنهنجي والد جي خواهش ۽ پنهنجي پسند تي ڪراچي مدرسي اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتي ڪيس بهترين رزلٽ جي ڪري مفت بورڊنگ ۽ اسڪول فيس جي رعايت حاصل ٿي. هن ڏاڍي محنت ڪئي ۽ 1907ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪاميابيءَ سان ميٽرڪ پاس ڪيائين.

## عليگڙهہ مان گريجوئيشن

سنڌ مدرستہ الاسلام اسڪول کان پوءِ محمد سجاول لاکير مالي تنگدستي جي باوجود، پٽ جي تعليمي ڪيريئر کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي

۽ کيس 1907ع ۾ ئي عليڳڙهه موڪليو، جتي انهن ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم لاءِ تمام سازگار ماحول هو. ڪيس هندستان جي تاريخي ”محمدن اينگلو اورينٽل ڪاليج“، عليڳڙهه ۾ داخل ڪرايو ويو، حقيقت اها آهي ته عليڳڙهه انهن ڏينهن ۾ هر مسلمان شاگرد جي خواهش ۽ منزل هوندي هئي. هن ڪاليج جو بنياد 24 مئي 1875ع تي سر سيد احمد خان رکيو هو، جنهن جي شروعات ۾ ”مدرسة العلوم المسلمين_هند“ هڪ پرائمري اسڪول جي حيثيت سان ڪئي، ۽ ٻن سالن کان پوءِ اهو محمدن اينگلو اورينٽل ڪاليج ٿيو. اهو ڪيمبرج تعليمي نظام کان متاثر هو. اهي ادارا سر سيد احمد خان سان تعلق رکندڙ مسلم بيداري جي تحريڪ جو حصو هئا، جنهن کي عليڳڙهه تحريڪ چيو وڃي ٿو. خاص ڪري اتر هندستان ۾ هن انگريزيءَ ۽ ”مغربي علوم“ جي مهارت کي مسلمانن جي سياسي اثر کي قائم رکڻ لاءِ ضروري سمجهيو. نور محمد لاکير جو عليڳڙهه پهچڻ جو خواب تڏهن پورو ٿيو، جڏهن هن سنڌ مدرسي مان مير علي مراد اسڪالر شپ حاصل ڪئي ۽ سردار محمد يعقوب جي ذاتي دلچسپي ۽ مدد حاصل ٿي. انهن ڏينهن ۾ عليڳڙهه نه رڳو هڪ تعليمي ڪيمپس هو، پر مسلمانن جي زندگي، ثقافت ۽ روايتن جي ارتقا جو هڪ وڏو مرڪز پڻ هو. عليڳڙهه جي شاگردن ۾ اسلامي يڪجهتي جو جذبو سمايل هوندو هو ۽ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي آزاديءَ لاءِ مشنري طور دنيا ۾ داخل ٿيا. سنڌس سماجي، سياسي، تعليمي ۽ مذهبي سوچون عليڳڙهه تحريڪ هيٺ پروان چڙهڻ لڳيون. اهو ئي سبب آهي ته عليڳڙهه جو اثر نور محمد جي شخصيت ۽ ڪردار تي هميشه غالب رهيو. هن ڪاليج ۾ سٺن نمبرن سان ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ 1910ع ۾ الهه آباد يونيورسٽيءَ مان B.A جو امتحان پاس ڪيو. عليڳڙهه ۾ شاگرديءَ دوران هو ڏاڍو سرگرم ۽ تخليقي شاگرد هو. پڙهائيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ سان گڏ غير نصابي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو هو. ان سلسلي ۾ ان وقت جي لاڙڪاڻي جي ڪليڪٽر مسٽر جي. ايڇ. ٽاول، پنهنجي خط 12 آگسٽ 2010ع ۾ نور محمد لاءِ لکي ٿو ته ”هن خط جو ڪٽي ايندڙ محمدن اينگلو

اوورئنٽل ڪاليج جو شاگرد آهي، سندس نالو نور محمد آهي. هن عليڳڙهه مان گريجوئيشن ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪيريئر ۾ ڪاليج جو هڪ تمام مفيد ۽ قابل اعتماد ميمبر رهيو آهي. هن عورتن لاءِ تعليمي ڪانفرنس، ڇوڪرين جي نمائش ۽ ٻين مختلف مسلم سرگرمين لاءِ ڪم ڪيو آهي. هو طريقي ۽ ڪردار ۾ هڪ شريف ماڻهو آهي. مون کي توهان جي نوٽيس ۾ آڻڻ ۾ خوشي ٿيندي".

عليڳڙهه ڪاليج مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد اپريل 1912ع ۾ عليگڙهه اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ اتي پاڻ کي هڪ شاندار استاد ثابت ڪيائين، ڇاڪاڻ ته سندس قابليت، ۽ تدريس جي فن کي انتظاميہ ۽ سندس ساٿين بہ ساراهيو آهي. هن 1915ع ۾ استاد جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني ڇاڪاڻ تہ هو قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ چاهي پيو. آفيسرن، سينيئرن طرفان کيس لکت ۾ ڪيترين ئي نيڪ تمنائون ۽ سوغاتون ڏنيون ويون. ان سلسلي ۾ مسٽر ايس. او. پاريس، پنهنجي خط 26 جولاءِ 1913ع ۾ لکي ٿو تہ "مان جناب نور محمد صاحب کي محمدن اينگلو اوريئنٽل ڪاليج ۽ اسڪول ۾ لڳ ڀڳ ٽن سالن کان سڃاڻان ٿو. هن جي ڪيترين ئي سٺين خوبين کي سامهون آڻڻ ۾ تمام گهڻي خوشي محسوس ڪيان ٿو. هُو ڪاليج جي تمام نامور گريجوئيٽ شاگردن مان هڪ هو ۽ ڪلاس روم ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ پاڻ کي ممتاز رکيو. گذريل نون مهينن کان هو هن اسڪول ۾ منهنجو ساٿي آهي ۽ هن جي ڪم جي باري ۾ مون وٽ چڱائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن بہ صورت ۾ پاڻ کي ضايع نہ ڪيو آهي، ۽ هر ڪنهن کي متاثر ڪيو آهي. هن شاگردن جي ڀلائي لاءِ پنهنجا مفاد قربان ڪيا آهن. هو هڪ ڪارائتو استاد آهي ۽ ان کان علاوه هو پنهنجي شاگردن جي اسڪول کان ٻاهر ڪلاسن جيتري دلچسپي وٺندو آهي. هن اسڪول جا ڇوڪرا، هن جي اڻٿڪ ڪوششن جي ڪري سندس تمام گهڻي ساراهہ ڪندا آهن. نور محمد صاحب نهايت سٺي اخلاق ۽ خطابت جو مالڪ آهي ۽ ڪم جي لحاظ کان تمام سٺو ماڻهو آهي. هو هڪ اعليٰ ڪردار جو ماڻهو آهي، پنهنجي ڪردار ۾ ثابت قدمي

رکي ٿو. هو پنهنجي اخلاق ۽ اعتماد جي ڪا بہ پروسي واري ذميواري نڀائڻ جي اهليت رکي ٿو. جنهن لاءِ مان هن جي سفارش ڪري سگهان ٿو".

## قانون ۾ ڊگري

عليگڙهہ اسڪول مان استعيفيٰ ڏيڻ بعد ايل. ايل. بي. جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد دکن روانو ٿيو ۽ 1916ع ۾ ايل. ايل. بي جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ان دور ۾ هن، هندستان جي مسلم سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ ملڻ ۽ تعلق ٺاهڻ شروع ڪيو. سندس ان ميل جول ۾ مسٽر محمود علي بيگ عليگڙهہ کان دکن تائين سندس هم ڪلاسي ۽ مستقل ساٿي رهيو. محمود علي بيگ، حيدرآباد جي دکن خاندان جو فرد هو. هنن گڏجي دکن ۾ قانون جي پريڪٽس شروع ڪئي ۽ بعد ۾ نور محمد مسٽر محمود علي جي خاندان مان شادي ڪئي. مسٽر محمود علي بيگ، اڳتي هلي ڪامياب وڪيل بڻيو.

## شاديون ۽ اولاد

جناب نور محمد بہ شاديون ڪيون هڪ پنهنجي مائٽن مان ۽ ٻي حيدرآبد دکن جي اردو فيملي مان ڪئي. ڪيس بہ ڏيئرون هيون ۽ پٽ جو اولاد ڪو نہ هو. سندس پهرين زال سندس ويجهي مائٽن مان هئي، جنهن مان ڪيس هڪ ڌيءَ زبيده خاتون پيدا ٿي، پر سندس پهرين گهرواري جلد وفات ڪري وئي ۽ هو اڪيلو ٿي پيو. سندس وڏي ڌيءُ زبيده خاتون گهٽو پڙهي نہ سگهي ۽ گهريلو عورت بڻي. سندس شادي، ان وقت جي مشهور ماهر تعليم ڊاڪٽر غلام حسين جعفري (1905_ 1977ع)سان ٿي. ڊاڪٽر غلام حسين جعفري جو تعلق ڀان سعيد آباد، ضلعي دادوءَ سان هو. بمبئيءَ مان بي. ٽي امتحان پاس ڪري لاڙڪاڻي جي مدرسہ هاءِ اسڪول جو پرنسيپال ٿيو. هي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ آمريڪا بہ ويو، جتان ڪامياب ٿي واپس موٽيو ۽ اچي نواب شاهہ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر طور مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي محنت سان اڳتي وڃندو ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد جو پرنسيپال ٿيو. ون يونٽ ٽهڻ کان

پوءِ هن کي بدلي ڪري اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن طور لاهور ۾ رکيو ويو. جتي هن جي محنت ڏسي ڪيس سنڌ ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن مقرر ڪيو ويو. بورڊ آف انٽرميڊئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن جو پهريون چيئرمئن پڻ ڊاڪٽر غلام حسين جعفري بڻيو. ڊاڪٽر غلام حسين جعفري ۽ زبيده خاتون کي هڪ ئي ڌيءَ هئي ـ محترمه عذرا بلوچ. هوءَ هن وقت پنهنجي اولاد سان ڪئناڊا ۾ رهي ٿي.

نور محمد لاکير ٻي شادي حيدرآباد دکن جي نواب سر افسرالملڪ جي ڌيءُ ميڊم شمس النساءِ سان ڪئي. هوءَ هڪ پڙهيل لکيل عورت هئي ۽ ڪيترائي سال مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي سيڪريٽري رهي. اردو ۾ ڪجهه مضمون به لکيائين. هن 1962ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار نور محمد لاکير سان گڏ سنڌ مسلم هاسٽل جي احاطي ۾ آهي. کين هڪ ڌيءَ هئي مهر نور محمد ٿي، جنهن جي عمر سندس والد جي وفات مهل صرف ٻه سال هئي. پروفيسر مهر نور محمد ايم. اي يڪنامڪس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي ۽ ترقي ڪري 1996ع ۾ گورنمينٽ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد جي پرنسيپال جي عهدي تان رٽائر ٿي. سندس شادي اردو اسپيڪنگ فيمليءَ ۾ هڪ پوليس آفيسر آصف قريشيءَ سان ٿي. کين چار ٻار ٿيا ـ 2 ڌيئرون ۽ 2 پٽ، جن مان نواز ۽ محمد فريد پٽ ٿيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ، پروفيسر مهر نور ”نور محمد لاکير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي“ حيدرآباد جو بنياد وڌو. اهو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته نالي واري اديب ظفر حسن جي والده سيده حسينه بيگم به نور محمد لاکير جي گود ورتل ڌيءَ هئي، جيڪا سندس ٻي زال شمس النساءِ سان گڏ دکن مان سنڌ آئي هئي ۽ ساڻن گڏ رهي. ان کان پوءِ سندس شادي سيد نظر علي شاهه سان ٿي.

**جج ۽ وڪالت جو شعبو**

جناب نور محمد صاحب هڪ وسيع ڪمال ۽ ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. هن عليگڙهه يونيورسٽي مان آرٽس ۽ قانون ۾ گريجوئيشن ڪئي.

دکن ۾ وڪالت شروع ڪيائين. پر بعد ۾ والد جي اسرار تي سنڌ واپس اچي ويو. سنڌ واپسيءَ تي سردار محمد ابراهيم شيخ (1874_1924 ع، خيرپور اسٽيٽ جي وزيراعظم جي معرفت سندس تقرري ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي حيثيت سان ٿي. هن ٻن سالن تائين، انتهائي محنت ۽ قانوني مهارت سان جج جي نوڪري ڪئي، پر سرڪاري نوڪري سندس مزاج جي خلاف هئي، تنهن ڪري هن پنهنجي جج واري عهدي تان استعيفيٰ ڏئي، حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ غلام محمد خان ڀرڳڙي، بار_ايٽ لا وٽ قانون جي پريڪٽس ڪرڻ لڳو. بئريسٽر غلام محمد خان ڀرڳڙي (1878_1924) هڪ سنڌي سياستدان هو، جيڪو سنڌ جي اوائلي اڳواڻن مان هڪ هو. ڀرڳڙي صاحب جو تعلق انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ سان هو. مسٽر نور محمد، ڀرڳڙي صاحب جي سرپرستيءَ ۾ سياست جون بنيادي حقيقتون سکيون. سندس تمام ويجهو رهيو ۽ هر سياسي ۽ عدالتي سرگرميءَ ۾ ساڻس گڏ رهيو. نور محمد ڪجهه عرصو حيدرآباد بار جو سربراهه رهيو. هو هڪ مشهور وڪيل هو ۽ معاشري ۾ هڪ مضبوط معاشي حيثيت جو مالڪ هو. هو چند مسلمان جي وڪيلن مان هڪ هو، جن پنهنجي وڪالت جي شعبي ۾ نالو ڪمايو. هو گهڻو ڪري غريب، مسڪين ماڻهن ۽ قومي مفاد جا ڪيس مفت وڙهندو هو.

**خان بهادر جو لقب**

سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتن جي ڪري، هند سرڪار طرفان محترم نور محمد لاکير کي ”خان بهادر“ جي لقب سان نوازيو ويو، جيڪو انهن ڏينهن ۾ هندستان جي مسلمانن لاءِ تمام وڏو اعزاز هو. البته اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ کيس اهو لقب ڪهڙي سال ۾ مليو.

**ايڊيٽرشپ آف سنڌ مسلم**

خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪندي انگريزي اخبار ”سنڌ مسلم“ شروع ڪيائين. هن سنڌي مسلمانن جي حالت زار تي ڪيترائي ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. هن اهو پليٽ فارم سنڌي مسلمانن جي مخالفن کي جواب ڏيڻ ۽ سنڌي

مسلمانن خلاف ٽيندڙ سازشن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. هن جي فطرت هئي ته پڙهيل لکيل مسلمانن کي آماده ڪرڻ ته هو غريبن جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ ۾ مدد ڪن. نور محمد جيڪي به آرٽيڪل ۽ ڪالم لکيا، اهي ترتيب هيٺ اچي نه سگهيا ۽ هاڻي اڻ لڀ آهن. نور محمد ٻين اخبارن لاءِ به انگريزي ۽ سنڌي ڪالم لکيا، جيڪي پڻ وقت جي دز ۾ گم ٿي ويا. جيڪڏهن ان زماني ۾ سنڌ ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جا ڪي ڪارڪن انهن کي گڏ ڪن ها ته شايد محفوظ ٿي وڃن ها. نور محمد الوحيد اخبار جي علمبردارن ۾ شامل هو ۽ ان لاءِ تمام گهڻو تعاون پڻ ڪيائين. هن ڪائونسل ۾ هڪ دفعو ٺهراءُ داخل ڪيو ته الوحيد کي سرڪاري اشتهار ڏنا وڃن، ڇاڪاڻ ته ان جي وڏي گردش آهي. هن ڇيو ته ڇا حڪومت کي خبر آهي ته "الوحيد" جو سرڪيوليشن 1000 ڪان وڌيڪ آهي ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اهو پيپر سمورن سرڪاري پبليڪيشنز سان ڇو نه ڏنو ويو؟

## تعليمي خدمتون

نور محمد قومي خدمت جو جذبو رکندو هو. ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي خير جا ڪم ڪيا، ليڪن تعليم جي حوالي سان هن تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو. اڄ هن جي سڃاڻپ سنڌس تعليمي خدمتن جي ڪري ئي زنده آهي. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد اندر مسلمان ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪو خاص جدا درسگاهه ڪونه هئي، نور محمد صاحب ان ڪمي کي شدت سان محسوس ڪندي 1924ع ۾ سنڌ مسلم تعليم ڪانفرنس سڏائي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جي ٻارن لاءِ حيدرآباد ۾ "مسلم هاسٽل" قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جيڪا 1925ع ۾ قائم ٿي. مسلمانن جي ٻارڙن جي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ هن صاحب ان هاسٽل جي هيٺين حصي ۾ اينگلو ورنيڪيولر ڪلاس ٽن درجن تائين پڙهائڻ جو انتظام به ڪيو، جن ۾ ٻين استادن سان گڏ پاڻ به پڙهائيندو هو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هن صاحب سر غلام حسين هدايت الله جيڪو ان وقت بمبئي حڪومت ۾ وزير هو، تنهن جي تعاون سان حيدرآباد ۾

هڪ هاءِ اسڪول جو بنياد رکيو. نور محمد لاکير اسڪول سان گڏوگڏ شاگردن جي رهائشي سهولتن لاءِ ۾ سنڌ ۾ هاسٽل جو بنياد وڌو ۽ ساڳئي سال سيپٽمبر ۾ عمارت بلڪل تيار ٿي، جيڪا پهرين آڪٽوبر کان باقاعده استعمال هيٺ آئي. سندس افتتاح بمبئي جي تڏهوڪي گورنر ليسلي ولسن ڪيو هو. سندس قائم ڪيل اسڪول سندس وفات کانپوءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

**نور محمد جون سياسي خدمتون**

محترم نور محمد لاکير سياسي طور عليگڙهه جي نرسريءَ مان نڪتل هو. ان کان سواءِ هن سياسي پختگي غلام محمد خان پرڳڙي جي هٿ هيٺ حاصل ڪئي. سندس بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل واري اليڪشن مهم ۾ سيد ڪامل شاهه جو وڏو ڪردار هو. ان ڪري هن سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌي مسلمانن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ويڙهاڪن مان هو ۽ بمبئيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرائڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو. نور محمد لاکير حسن علي آفندي پاران قائم ڪيل، سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جو سرگرم ميمبر هو، اها هڪ نيم سياسي تنظيم هئي، جنهن سنڌي مسلمانن کي سندن سماجي، ثقافتي، مذهبي ۽ تعليمي مسئلن جي حل لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. 12 ڊسمبر 1927ع تي خانبهادر ولي محمد حسن علي جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ مسلم اعليٰ تعليم جي سوال لاءِ هڪ اسڪيم تي غور ڪيو ويو ۽ بمبئيءَ جي گورنر وٽ جواب جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ، هڪ ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ نور محمد M.L.C ميمبر هو. هو سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جي حيدرآباد شاخ جو ڪيترن ئي سالن تائين صدر رهيو.

1918ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد رکيو ويو ۽ ان جو پهريون اجلاس محترم نور محمد لاکير جي رهائشگاهه تي ٿيو. 1919ع ۾ سنڌ ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ محترم نور محمد لاکير اهم ڪردار ادا ڪيو.

سياست ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سندس وڏي دلچسپي عوام جي ڀلائي لاءِ اقتدار حاصل ڪرڻ هئي، جنهن جي هن نمائندگي ڪئي. سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار ڪرائڻ ۾ محترم نور محمد جو به وڏو حصو هو. جڏهن 15 نومبر 1932ع تي ”سنڌ آزاد ڪانفرنس“ ٿي ته سر شاهه نواز ڀٽو صدر، ڪي. بي. ايوب کهڙو نائب صدر ۽ نور محمد کي جوائنٽ سيڪريٽري بڻايو ويو. هو ڪيترائي سال سيڪريٽري خلافت ڪميٽي حيدرآباد رهيو. جڏهن ته ڪمشنر حيدرآباد کان جلسن، پلي ڪاردن ۽ عوامي ميٽنگن جي اجازت طلب ڪندي مسٽر ڊبليو. سمارٽ، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد پنهنجي 16 مارچ 1920ع واري خط ۾ ڪيس لکيو ته ”ضلعي مئجسٽريٽ حيدرآباد سيڪريٽري خلافت ڪميٽي حيدرآباد کي مبارڪون پيش ڪري ٿو ۽ گذارش ٿو ڪريان ته ڪميٽي پاران 19 مارچ 1920ع تي ٿي وڃي کان اڳ فوري طور تي تفصيل سان گڏ ترتيب ڏنل پروگرام جي ڪاپي مهرباني ڪري ڪيس پيش ڪئي وڃي“.

مسٽر نور محمد به ٻيرا بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ان فورم تي مسلمانن جي جدوجهد جي فاتح جي حيثيت سان پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏنائين. پهريون ڀيرو 1920ع ۾ حيدرآباد مان بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ٽن سالن لاءِ ميمبر چونڊيو ويو، جنهن دوران هن حيدرآباد جي عوام جي حقن جي جنگ وڙهي. جڏهن ته ٻيهر وري سال 1923ع ۾ به سندس ڪيل قومي خدمتن جي بدلي ۾ حيدرآباد جي ڪيس عوام بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. هن صاحب اٽڪل ڇهه سال اسيمبلي ۾ سنڌي عوام جي نمائندگي ڪئي. هو صاحب سنڌ بمبئي کان ڌار صوبو ٿيڻ بعد سال 1927ع واري اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبلي جو اميدوار هيو پر ڪيس سيد ميران محمد شاهه هٿان شڪست ملي. سنڌ جي مسلم ميمبرن مان سڀ کان وڌيڪ متحرڪ هوندو هو، پر سياسي چالون نه ڄاڻيندو هو، ان ڪري هن ٻيا سياستدان استعمال ڪري، ووٽ حاصل ڪري ويندا هئا، پر هيءُ پاڻ ڪڏهن به وزير ٿي نه سگهيو. ان دور ۾ سنڌ جي سياست ۾ ٻه گروپ هئا، هڪ سر شاهنواز

پٽي جو ۽ ٻيو سر غلام حسين الله جو. نور محمد جيتوڻيڪ سر غلام حسين جي گروپ جو هو، پر سر شاهنواز ڀٽو سان ٻه هن جا بهترين سياسي ۽ ذاتي ناتا هئا. اسيمبليءَ ۾ سندس سياست جو مرڪز هندستان جي مسلمانن جي ڀڄي ۽ هم آهنگي هوندو هو. بمبئي ڪائونسل جي ميمبر جي حيثيت ۾ محمدايوب کهڙو، ابراهيم رحمت الله، سر شاهنواز ڀٽي ۽ احمد دهلوي ۽ ٻين سان تمام گهرا لاڳاپا هئا. انهن شخصيتن جا لکيل خط اسان وٽ ترتيب هيٺ آهن.

هن ڪڏهن به همت نه هاري ۽ ٽئين مدي واري اليڪشن ۾ سيد ميران محمد شاهه هٿان هارجي ويو. جيڪو ڪانئس جونيئر به هو ته ان وقت گهٽ مقبول به هو. پنهنجي هار کي عظيم اخلاقي فتح ۾ بدلائي پنهنجي زندگي سماج جي تعليمي ترقيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. پير علي محمد شاهه راشديءَ سندس اليڪشن هارائڻ واري واقعي کي بهترين انداز ۾ پيش ڪندي لکيو آهي ته ”نور محمد تازو حيدرآباد جي مسلمانن کي هاءِ اسڪول وٺي ڏنو هو ۽ عوام ۾ ظاهري طرح سندس مقبوليت چوٽ چڙهيل هئي. اسان جو ميران محمد شاهه ڏاڍو گهٻرايل هو. مشوري ۽ مدد لاءِ مون کي به گهرايائين. هڪ شام ڪچهري ٿي رهي هئي، ورڪر خراب خبرون آڻي رهيا هئا. شاهه صاحب جي پيشانيءَ تي پگهر اچڻ لڳو هو. نماڻيون اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريائين. مون وڏي همت سان چيس ”دلگير ٿيڻ جو ڪو به سبب نه آهي. نور محمد اسڪول وٺي ڏئي مسلمان عوام تي احسان ڪيو آهي. هينئر اسان جا عوام پنهنجين روايتن ۽ عادتن موجب ضرور ڪيس ڪيرائي سندس ٿورو لاهيندا. تون فڪر نه ڪر. آخر ۾ ڪاميابي تنهنجي ٿيندي.“ بروقت ٿورو مرڪي ويٺو، پر تسليٰ ڪانه ٿيس. پاڻ کي سياستدان ته سمجهيائين ٿي، پر پنهنجي ماڻهن جي نفسيات سمجهڻ تي خيال ڪو نه ڏنو هوائين. آخر اليڪشن جو نتيجو نڪتو. منهنجو قياس صحيح ثابت ٿيو. ميران محمد شاهه کٽيو. حيدرآبادين نور محمد کي ڪيرائي سندس اسڪول وارو ٿورو لاهي ڇڏيو. نور محمد ويچارو دل گرفته، بيمار پئجي، مهيني کن اندر، مورڳو مري ويو. مسلمانن جي بار ڪان پاڻ کي آجو ڪري ويو.“

## وفات ۽ تدفين

محترم نور محمد لاکير، ڏينهن رات حيدرآباد جي عوام جي خدمت جي باوجود، اليڪشن جي هارجڻ کان پوءِ ڪافي دلشڪستو ٿي پيو هو ۽ بيمار رهڻ لڳو هو. کيس بلڊ پريشر ۽ شگر جا عارضا اڳ ئي هئا، پر نور محمد اسڪول ۽ هاسٽل جي ترقي واري جاکوڙ کيس وڌيڪ جهوري وڌو هو. سندس ذاتي معالج ان دور ۾ مشهور ڊاڪٽر ڪرنل هال گٽ هو، جنهن سان هميشه رابطي ۾ رهندو هو. جڏهن ڊاڪٽر هال جي بدلي ڪراچيءَ ٿي وئي ته کيس طبعيت ڏيکارڻ ڪراچيءَ ويندو هو. هو علاج خاطر ڪراچيءَ ويل هو، جتي ڪافي ڏينهن کان سندس طبعيت خراب هئي ۽ هو ڪراچيءَ ۾ پوليس ڪمشنر مولوي صياءُ الدين جي گهر رهيل هو، جتي 22 آگسٽ 1937ع تي سندس وفات ٿي. اها خبر باهه وانگر ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن تائين تمام تيزيءَ سان پکڙجي وئي. ڪراچيءَ جا نالي وارا سياستدان، تعليمدان، آفيسر ۽ ٻيا شهري هڪدم اسپتال پهچي ويا. انهن مان گهڻن جو خيال هو ته کيس ڪراچيءَ ۾ دفن ڪيو وڃي، پر سندس وصيت موجب، حيدرآباد آندو ويو، جتي سندس جسم خاڪيءَ کي گهر کان هاسٽل آندو ويو، ۽ سندس جنازي نماز ۾ ذات پات، مذهب، عقيدن کان مٿيرو رهندي، وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. سندس وصيت موجب کيس حيدرآباد سنڌ جي مسلم هاسٽل جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ٻي زال به سندس قبر سان گڏ دفن ٿيل آهي. مرڻ کان اڳ سندس خواهش هئي ته هو حيدرآباد ۾ ”مسلم يونيورسٽي“ قائم ڪري، پر سندس اها آخري تمنا پوري ٿي نه سگهي. بهرحال، سندس قائم ڪيل اسڪول، هن وقت ڪاليج جي سطح تائين پهتل آهي، جتي ڊگري ڪلاس پڙهايا ويندا آهن.

## هن ڪتاب جي ترتيب بابت

اڄ تائين سنڌ جي ٻن تعليمي ادارن جي ادبي ترقيءَ جي ڪردار جي حوالي سان پي.ايڇ. ڊيون ٿيون آهن. انهن ۾ هڪ عبدالجبار مغل صاحب ”ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد فار مين جو سنڌي ادب ۾ حصو“ هڪ بهترين

ڪوشش آهي، جنهن ۾ هن ڪاليج جي قيام، سکيا جي طريقن، سرگرمين، انتظامي عهديدارن ڪان وٺي، هتي جي استادن ۽ شاگردن جي ادبي خدمتن جو جائزو ڏنو آهي. ٻي ٿيسز، ممتاز علي شاهه صاحب "سنڌ مدرسة السلام جو سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو" آهي. اها ٿيسز 2022ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿي آهي. جڏهن ته پروفيسر يعقوب چانديو جي "ڊي جي نئشنل ڪاليج حيدرآباد جي حوالي سان پي. ايچ. ڊي لاءِ رجسٽريشن ٿيل آهي. اهڙي طرح ڪي ٻيا ڪتاب جهڙوڪ "شڪارپور اسڪول نمبر جي سو ساله تاريخ جي حوالي سان اسپيشل نمبر، مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز تي ترتيب ڏنل ڪتاب شايع ٿيل آهن. دادا سنڌيءَ جو "سنڌ جا درسگاهه" (2004) ۽ غلام علي سانگي صاحب جو 2016ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي باري ۾ : History of Education Talpur and British Period Larkana District شايع ٿيل آهي. سنڌ جي تعليمي تاريخ تي راقم الحروف جو پڻ ڪتاب "اڻويهين صديءَ ۾ سنڌ جي تعليمي ترقي" (2019ع) شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ان دور جي سمورن اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڪلڻ، سرڪاري پاليسين، تعليمي عملدارن، لائبريرين، رسالن ۽ مسئلن تي انتهائي تفصيل سان بحث ٿيل آهي. مون هڪ ڪتاب ڊي. جي ڪاليج جي تاريخ تي پڻ لکيو، جيڪو اشاعت هيٺ آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ "اين. جي. وي اسڪول، ڪراچي" کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو ته اهو سنڌ جي تاريخ جو پهريون سرڪاري اسڪول آهي، پر هن اسڪول تي، نه ڪا پي.ايڇ.ڊي ٿي آهي، نه وري ڪو ڪتاب ترتيب هيٺ آيو آهي. اهڙيءَ طرح نور محمد اسڪول، مدرسه اسڪول نوشهرو فيروز، لارينس مدرسه اسڪول، ٽنڊو باگو، ناز پائليٽ اسڪول خيرپور ۽ ٻيا به ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج آهن، جن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. منهنجو هي موجوده ڪتاب، نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مسلم هاسٽل جي باري ۾ ڪجهه قدر تاريخي معلومات فراهم ڪري ٿو، اگر ڪو شاگرد يا ڪو ٻيو تحقيق ڪرڻ چاهيندو ته ان کي ڪافي معلومات ملي وينديون.

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته نور محمد لاڪير بابت تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ جيڪو ڪجھ لکيو ويو آهي ان ۾ ورجاءُ تمام گهڻو آهي. ان باوجود جيڪو مواد تلاش ڪيو ويو آهي، انهن کي ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو. پهرين حصي ۾ ڪافي اهي مضمون ڏنل آهن، جيڪي 1937ع ۾ الڪمال رسالي نور محمد لاڪير جي وفات جي حوالي سان اسپيشل ايڊيشن جاري ڪرڻ وقت شايع ڪيا ويا هئا. ان کان علاوه، ڪجھ مضمون اسڪولي مخزنن تان ورتل نور محمد اسڪول جي استادن ۽ شاگردن جا لکيل آهن. جڏهن ته ڪجھ مضمون مختلف ڪتابن ۽ رسالن تان ورتل آهن. الڪمال رسالي جا سيئي ليکڪ نالي واريون شخصيتون هئا، جن ۾ ڪمال الدين ميمڻ، جنهن ڪي. بي نور محمد تي الڪمال رسالي جو پورو ايڊيشن جاري ڪيو هو. سو سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو ميمبر ۽ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس حيدرآباد جو مالڪ هو. سنڌي ادب ۾ سندس بي بها خدمتون آهن. سر غلام حسين هدايت الله، سنڌ جي تاريخ جو ناميارو سياستدان ۽ پهريون گورنر رهيو. سندس جنم شڪارپور ۾ ٿيو. ڪي.بي نور محمد سان سندس تمام ويجها تعلقات هئا. ٻين ۾ محمد ايوب خان کهڙو پڻ سنڌ جي تاريخ جو وڏو نالو آهي. هن جا پڻ نور محمد لاڪير سان ويجها تعلقات هئا. اهڙيءَ طرح شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد ميران محمد شاهه، شيخ عبدالحق، محمد صديق مسافر، مولوي دين محمد ۽ ٻيا شامل آهن، جن پنهنجي حياتيءَ ۾ نور محمد لاڪير کي ڏٺو، پرکيو ۽ اکين ڏٺا مشاهدا قلمبند ڪيا. ڪجھ مضمون مختلف ڪتابن تان کنيل آهن، جيڪي وڌيڪ معياري ۽ جاڻ ڀريا آهن، اهڙن مضمونن ۾ پير علي محمد راشدي، محمد امين مگسي، محمد موسىٰ ڀٽو، عبدالستار ڀٽي ۽ ڪي ٻيا شامل آهن. جڏهن ته ڪجھ مضمون انگريزيءَ تان مون پاڻ ترجمو ڪيا آهن، جن ۾ محمد هاشم گزدر، جمشيد نسروانجي مهتا، سيد نظر علي، قاضي محمد اڪبر ۽ ڪن ٻين جا مضمون شامل آهن. هتي اهو ٻڌائڻ به اهم آهي ته ڪي ٻيا مضمون به مليا

هئا، جيڪي يا ته غير معياري هئا، يا پورا جو پورا ٻين جي مضمونن جي ڪاپي ٿيل هئا.

ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ نور محمد لاکير صاحب جي شخصيت ۽ خدمتن تي منظوم ڀيٽا طور عڪاسي ڪيل آهي. ان سلسلي ۾ محمد خان ”غني“، مولوي دين محمد اديب فيروز شاهي، مخدوم محمد صالح ڀٽي، محمد يوسف متخلص (عاصي)، محمد عمر ”اختر“ هالائي ۽ محمد صديق مسافر جا تفصيلي شعر آهن. ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ نور محمد هاءِ اسڪول، ۽ سنڌ مسلم هاسٽل جي قيام، ترقي، مسئلن وغيره جي حوالي سان مختلف استادن ۽ ٻين شخصيتن جا مضمون شامل آهن، جن ۾ اسڪول ۽ هاسٽل جي قيام کان اڳ سنڌ ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جون رپورٽون، سر غلام حسين هدايت الله جي اسڪول جي نئين عمارت تي ڪيل تقرير، نور محمد صاحب جو پنهنجو مضمون، غلام رباني بلوچ، ڊاڪٽر خادم لاکير، محمد حسن بوزدار،نور الدين غلام علي، الهه بخش نظاماڻي پرنسيپال، شاهه محمد بلوچ وغيره جا بهترين مضمون آهن. ڪتاب جي چوٿين حصي ۾ ڪجهه تقريرون شامل ڪيون ويون آهن، جن ۾ نور محمد لاکير جي اليڪشن مهم دوران ڪيل تقرير ۽ مولانا حسرت موهاني جي گرفتاري تي ڪيل تقرير شامل آهي.

ڪتاب جي پنجين حصي ۾ ڪجهه خط شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي ان دور جي مختلف مشهور شخصيتن نور محمد لاکير ڏانهن لکيا آهن، جن ۾ سکر جي مشهور شخصيت قادر داد، مشهور شاعر محمد هاشم مخلص، ٽنڊي باگي ۾ لارينس مدرسه اسڪول جو باني مير غلام محمد ٽالپر، نور محمد جو والد محمد سجاول، عبدا لله هارون ۽ ٻين جا آهن. ڪتاب جي ڇهين حصي ۾ اردو جا ٽي اهم مضمون آهن، جن ۾ پهريون نواب احمد خانزاده جو آهي، جيڪو دراصل نور محمد صاحب جي گهرواريءَ جي انٽرويو جي آڌار تي لکيل آهي ۽ ٻيو مضمون ايم. ايف. افضل جو لکيل آهي، جيڪو نور محمد هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو هو.

مجموعي طور تي، نور محمد لاکير جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتن تي هيءُ پهريون ۽ بنيادي ڪتاب آهي، جنهن ۾ گهٽي حد تائين سندس مڙني پاسن تي ڪافي معلومات ملي ٿي. هيءُ ڪتاب، هڪڙي طرح سان سنڌ جي هن عظيم اڳواڻ جي شخصيت ۽ خدمتن تي هڪ قسم جو خراج تحسين آهي، جنهن ۾ اسان جو مقصد آهي ته سندس خدمتن کي اجاگر ڪيون ۽ نئين نسل کي سندس زندگيءَ جي جدوجهد ۽ خدمتن کان واقف ڪرايون. ڪجهه مضمون ڀرپور ته ڪي مضمون سطحي آهن. بهرحال جيڪو مواد جيئن مليو، ان کي اهڙي نموني توهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسان جي ادارن کي گهرجي ته شخصيتن، جن پنهنجو رت ۽ ست ڏئي تعليمي ادارا برپا ڪيا، جهڙوڪ حسن علي آفندي، نور محمد لاکير، ڏيارام گدومل، ڏيارام ڄيٺمل، سيد الهندو شاهه، خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر، شمس الدين "بلبل"، بئريسٽر حسن علي عبدالرحمان وغيره تي تحقيق ڪري الڳ ڪتاب شايع ڪرايا وڃن.

منهنجي هن ننڍڙي ڪوشش ۾ نالي وارو اديب منصور قادر جوڻيجو جا ڏنل خط شامل آهن، جيڪي هن ميڊم حميده کهڙي جي ذاتي ڪليڪشن مان ڪڍي ڏنا. خطن جي سلسلي ۾ عرض آهي ته ڪجهه خطن ۾ نالا ۽ ڪجهه لفظ ڦاٽل هئڻ سبب پڙهجي نه سگهيا. ان کان علاوهه ادب دوست بشير هيسباڻي، محقق نياز سرڪي، اديب ۽ عالم دين ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو ۽ حافظ احمد انڍڙ . ڊاڪٽر خادم لاکير، سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جو لائبريرين عامر علي پٺي، نور محمد هاءِ اسڪول جو استاد غلام سرور دل جو وڏو هٿ آهي، جن نور محمد لاکير تي مواد تلاش ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. ڪتاب جي ڪمپوزنگ جي سلسلي ۾ اقبال ابڙي جون مهربانيون ۽ پروف ريڊنگ جي سلسلي ۾ محب لغاري سان جون مهربانيون آهن. سائين پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب جي صلاح مشورن کي به وساري نه ٿو سگهجي. اديب دوست رحمت پيرزادي جون به خصوصي مهربانيون، جنهن ڪتاب جي اشاعت ۾ مدد ڪئي. مان دلي طور نور

محمد هاءِ اسڪول جي موجوده هيڊ ماستر محمد طاهر مغل جو ٿورائتو آهيان، جنهن سان جڏهن نور محمد لاکير صاحب جي باري ۾ ترتيب ڏنل مختلف ڪتابن جو ذڪر ڪيم ته هن تمام فراخدلي ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته سنڌي مضمونن وارو ڪتاب، نور محمد هاءِ اسڪول طرفان شايع ٿيڻ گهرجي. مون سندس راءِ ۽ خلوص جو احترام ڪندي، ڪتاب جو مسودو سندس حوالي ڪري ڇڏيو. مان دلي طور اسڪول جي سموري اسٽاف جو شڪرگذار آهيان. مون کي اميد آهي ته هن ڪتاب جي اشاعت سان سنڌ جي تاريخي تعليمي ادارن تي تحقيق ڪرڻ جي اتساهه ۾ اضافو ٿيندو.

جيئن مٿي ذڪر ويو آهي ته نور محمد صاحب تي ٽن ڪتابن جي ترتيب جو ڪم جاري آهي، جنهن مان پهريون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، ٻيو انگريزيءَ ۾ لکيل سندس تعليمي رپورٽ آهي ۽ ٽيون ڪتاب هن جا لکيل انگريزي خط يا ڏانهن لکيل خطن تي مبني آهن. اهي ڪتاب به انشا الله ترتيبوار شايع ڪرايا ويندا. ان کان علاوه، سندس کي مضمون سنڌ مسلم اخبار ۾ شايع ٿيل هئا، کي الوحيد ۽ ٻين اخبارن ۾ هئا. سندس کي تقريرون پڻ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل هيون. ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سندس ڪيل تقريرون پڻ اهم آهن. هينئر اهو مواد اڻ لڀ ٿي پيو آهي. بهتر ٿئي ها ته پنهنجي دور ۾ سنڌ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي مان ڪو سندس باري ڪو ڪتاب ۽ سندس لکيل مواد کي سهيڙي ها، پر اهو ٿي نه سگهيو. هن ڪتاب کي آيل ڪمين ڪوتاهين کي معاف ڪري، هڪ قسم جو ”ٽوڪن آف لوِ“ سمجهي قبول ڪندا.

مختيار احمد ملاح
ڪراچي

## مسٽر نور محمد جي صلاحيتن جو اعتراف

آءِ عبدالله، عليگڙهه

مسٽر نور محمد، بي.اي 1907ع کان منهنجو واقف آهي، جڏهن هن ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي. هن 1910ع ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ 1911ع ۾ ايل ايل بي (پريويس) جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. هو بهترين اخلاقي ڪردار جو سڀ کان وڌيڪ متحرڪ نوجوان آهي. مون ڪاليج جي تمام ٿورن گريجوئيٽس کي ايترو سرگرم ڏٺو آهي، جيترو هو آهي. هن جي ڪاليج جي ڪيريئر دوران هن اداري سان ڳنڍيل هر شيءِ ۾ ڀرپور حصو ورتو آهي. ڪاليج جي ڪئلينڊر مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو ڪلاس مانيٽر، سيدن يونين جي چونڊ ڪميٽي جو ميمبر، شيڪسپيئر سوسائٽي جو سيڪريٽري ۽ خدمت سوسائٽي جو ميمبر رهيو آهي. انهن سيني ۾، مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته هن ڪاليج جي اختيارين جي اعتماد، ۽ اطمينان سان ڀرپور ٿي ڪم ڪيو آهي.

مان پڻ چاهيان ٿو ته هن عورتن جي تعليم لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن انهن جي تمام گهٽي ساراهه ڪريان. هو پيرا، هن گرلز نارمل اسڪول عليگڙهه لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ وفدن جي ڪاميابيءَ سان اڳواڻي ڪئي ۽ ڪراچي، امرتسر، رنگون ۽ ناگپور ۾ منعقد ٿيل آل انڊيا ليڊيز آرٽس نمائش جو سيڪريٽري به رهيو. انهن مان ڪيترن ئي هنڌن تي، مخالفتن جي باوجود جناب نور محمد صاحب پنهنجو ڪم اهڙي ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏنو جو آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ايسوسيئيشن جي ڪانفرنسن جي ڪاررواين ۽ ڇپيل رپورٽن ۾ سندس ذڪر طمطراق انداز سان ڪيو ويو. انهن خدمتن جي اعتراف ۾ شاگرد هجڻ جي باوجود ڪيس محمدن فيميل ايجوڪيشن ايسوسيئيشن، عليگڙهه جو ميمبر چونڊيو ويو، جيڪا هندستان جي روشن خيال مسلمانن جي تنظيم تي مشتمل هئي.

اسان جي ڪاليج اسڪول ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان هن تمام ڪارائتو ڪم ڪيو آهي ۽ مان ان راءِ تي پختو آهيان تہ هن قسم جي استادن جي اسان جي ڪميونٽي ۾ تمام گهڻي ضرورت آهي. حقيقت ۾ مون کي يقين آهي تہ هو اگر ڪنهن بہ قطار ۾ داخل ٿيندو چمڪندڙ ستارو بڻجي پوندو. هن پنهنجي مرضيءَ سان عليڳڙهہ ڪاليج جي اسڪول جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي. سندس وڃڻ سان اسڪول کي وڏو نقصان پهتو آهي.

(1915ع ۾ عليڳڙهہ جي فيميل ايجوڪيشن جي سربراهہ جي خط جو سنڌي ترجمو)

# مسٽر نور محمد هڪ عجيب شخصيت

**سر غلام حسين هدايت الله**

مسٽر نور محمد جي ناگهاني ۽ بي وقتائي وفات سنڌس دوستن ۽ چاهيندڙن جي وسيع جماعت لاءِ تمام سخت ۽ اوچتي صدمي جو باعث بڻي آهي ۽ نہ فقط سنڌس عزيزن قريبن بلڪ عام ماڻهن لاءِ پڻ افسوسناڪ نقصان آهي جنهن تي سڄي سنڌ سخت افسوس ڪري رهي آهي.

مسٽر نور محمد پنهنجي لياقتن ۾ هرفن مولا ۽ ڪيترين مشغولين ۽ تحريڪن سان وابستہ هو. هو عليگڙھ يونيورسٽيءَ جو ڊبل گرئجوئيٽ هو. حيدرآباد ۾ ڪجھ وقت وڪالت ڪرڻ بعد پبلڪ ليڊر بڻيو ۽ بمبئي قاعدي ساز ڪائونسل جو ميمبر منتخب ڪيو ويو. ڪيترا سال سانده ميمبر تي رهيو ۽ ڪائونسل جي ڪارروايئن ۾ نمايان بهرو وٺي چڱو نالو ڪمايائين. مگر جنهن ڪم لاءِ ڪيس سموري زندگيءَ ۾ ۽ خاص طرح پوئين وقت ۾ دلي شوق هو، سو هو سنڌ ۾ تعليم جو مسئلو، جنهن لاءِ هو آخرين دم تائين جدوجهد ڪندو رهيو. حيدرآباد جي سرڪاري هاءِ اسڪول جو مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ کي منتقل ٿيڻ، هن صاحب جي ڪوشش جو نتيجو هو. هو مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو نہ فقط سيڪريٽري هو بلڪ ان جي جان ۽ جسم هو. انهيءَ درسگاھ سوسائٽيءَ کي بدلي تي ملڻ کان پوءِ جيڪا ترقي ڪئي آهي سا سموري سنڌس پرجوش ڪوشش جو نتيجو آهي.

صوبي سنڌ جي عظيم تعليمي مسئلن ۾ ميان نور محمد جون خدمتون ڪنهن بہ غرض کان سواءِ شوق تي مبني هيون، مسٽر نور محمد هڪ عجيب شخصيت ۽ دل ۽ دماغ جي بهترين خوبين جو مالڪ هو. جيڪي بہ سنڌس آشنا ٿيندا هئا، تن تي هو گهرو اثر پيدا ڪندو هو ۽ هنن کي سنڌس لاءِ عزت ۽ محبت پيدا ٿيندي هئي.

مرحوم اسان سيني جي قريب ۽ پيارو هو. سندس بي وقتائتي وفات تي سڄي سنڌ ۾ افسوس ڪيو ويو ۽ ٿو ۽ اهو نقصان سڄي سنڌ پوري طرح محسوس ڪري رهي آهي. حيدرآباد هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل سندس دائمي يادگار رهندا. حياتيءَ ۾ مرحوم جي اها هڪ تمنا هئي ته سندس آخرين آرامگاهه سندس خدمتن جي سرزمين ۾ بنايو وڃي، جا تمنا واقعي پوري ٿي. هي بلڪل مناسب ۽ شايان شان هو ته جنهن سر زمين تي مرحوم سانده سال جان توڙ محنتون ڪيون اتي سندس ٿڪل جسم کي آرام ڏنو ويو. ڏاڍي شل سندس روح کي راحت بخشي. هن چڱي طرح ۽ سخت پيرايه ۾ آئينده نسل لاءِ ڪشالا ڪوششون ڪيون ۽ هاڻي آرامي آهي، جن جي خدمت ۾ مرحوم پنهنجي حياتي وقف ڪئي تن جي دلين ۾ سندس ياد هميشه تازي رهندي. اگرچه بظاهر هو اسان کان دور آهي تاهم هو روحاني طرح هميشه اسان سان گڏ رهندو.

(الڪمال رسالو، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد ۾ آيل انگريزي مضمون جو ترجمو)

# هڪ عظيم قومي نقصان!

## محمد ايوب خان کھڙو

مسٽر نور محمد سجاول بي. اي؛ ايل. ايل .بي، هڪ ايماندار، راست باز، مخلص ۽ بي غرض معزز شهر واسي هو، جنهن کي مسلم نوجوانن جي تعليم لاءِ خاص محبت هئي. انهيءَ مقصد لاءِ هن صاحب جيڪي خدمتون ڪيون خصوصاً جنهن جنبش ۽ صبر سان مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي حيدرآباد لاءِ بورڊنگ هائوس ۽ هاءِ اسڪول حاصل ڪرڻ ۾ هن ڪم ڪيو سي ڪڏهن بہ فراموش ٿي نہ سگهنديون. مسٽر نور محمد مسلمانان سنڌ ۽ خاص طرح حيدرآباد ضلعي جي مسلمانن جي هيءَ لاثاني خدمت ڪئي.

1923ع ۾ جڏهن هو صاحب ۽ مان بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي منتخب ڪيا وياسين تڏهن کان وٺي مان شخصي طرح هڪ قريبي دوست جي حيثيت ۾ سندس واقف ٿيس. هو بيخوف ۽ مخلص ڪارڪن هو ۽ سنڌ جي باشندن جي بهتري لاءِ انتها ڪوششون ڪيائين. سندس تاليف ڪيل ڪتاب، ”سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم جي تاريخ“ جو هارٽاگ ڪميٽيءَ لاءِ قلمبند ڪيو هئائين. سو تعليم جي مسئلي تي فاضلانہ دسترس رکڻ ۾ سندس قابليت ۽ لياقت جو ثبوت هو.

تحقيق اها ڏک جي حقيقت هئي جو حيدرآباد جي مسلمانن هن صاحب جي لياقت جو گهٽو قدر نہ ڪيو، جنهن ڪري هو 1930ع ۽ 1937ع جي چونڊن ۾ ناڪامياب ٿيو.

مسٽر نور محمد جو موت هڪ عظيم قومي نقصان سمجهيو ويندو ۽ سنڌ جي سيني ذهين ۽ سيني تعليم يافتہ مسلمانن ۾ ان تي ڏک ڪيو ويندو. مرحوم بيش بها قومي هستي هو، جا اسان هميشہ لاءِ وڃائي ويٺا آهيون. سنڌ جي مسلمانن جي هيءَ واقعي بدقسمتي آهي جو مسٽر نور محمد جي قبل از وقت وفات اهڙي وقت تي آهي جڏهن هن جي سخت ضرورت هئي.

## مسٽر نور محمد جون قومي خدمتون

### شيخ عبدالمجيد سنڌي

مسٽر نور محمد وڪيل سان منهنجي سڀ کان پهرين ملاقات 1919ع ۾ نظر بنديءَ مان آزاد ٿيڻ بعد ٿي. مرحوم ان وقت حيدرآباد سنڌ ۾ پنهنجو وڪالت جو ڌنڌو مس شروع ڪيو هو. هو غلام محمد خان پرڳڙيءَ جو گهاٽو دوست هو. انهيءَ زماني ۾ خلافت تحريڪ جي خلاف ڪن مولوين ۽ پيرن جي صحيحن سان هڪ رسالو نڪتو هو جنهن جو مقصد هيءَ هو ته خلافت عثمانيہ سان مسلمانن جو ڪو تعلق ڪونهي. انهيءَ تحريڪ جي خراب نتيجن ۽ اثرن کي روڪڻ لاءِ مرحوم نور محمد خوب ڀرو ورتو.

الحق پريس مان "سنڌ مسلم" نالي هڪ اخبار مرحوم نور محمد جي ڪوشش سان انگريزي ٻوليءَ ۾ جاري ٿي هئي، جنهن جو سمورو ڪم نور محمد پاڻ ڪندو هو. انهيءَ اخبار جي ذريعي مخالفين خلافت جي حرڪتن ۽ منصوبن کان مسلم قوم کي آگاهہ ڪيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح ساري هندستان ۾ سڀ کان اول سنڌ ۾ خلافت ڪميٽي برپا ٿي. مرحوم انهن ماڻهن مان هو جن جي مشوري سان الوحيد اخبار جو بنياد وڌو ويو.

مون کي چڱي طرح ياد آهي ته جڏهن احمد آباد ۾ ستيا گرہ هلچل جاري ٿي ۽ رولٽ ايڪٽ جي خلاف سموري هندستان ۾ هڙتال ٿي، تڏهن سنڌ سرڪار حيدرآباد سنڌ ۾ هڙتال ڪرائڻ جي شڪ ۾ ڪن معزز اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ۽ انهن جي گهرن جون تلاشيون ورتيون. مرحوم نور محمد بہ انهن مان هڪ هو جنهن جي آفيس جي تلاشي ورتي ويئي هئي. اهو سچ آهي تہ مرحوم نور محمد ڪنهن قدر نرم خيال مسلم اڳواڻ هو، تنهنڪري خلافت تحريڪ ۾ حصو نہ وٺي سگهيو، پر هن جي دل ۾ خلافت جي برباد ٿي وڃڻ بابت ساڳيو ئي درد هو جو ٻين عام ۽ خاص مسلمانن جي دلين ۾ هو.

جنهن جاءِ ۾ هن وقت مسلم بورڊنگ هائوس آهي تنهن کي هٿ ڪرڻ جو خيال مرحوم پيرڳڙيءَ کي به هو، پر مرحوم پيرڳڙيءَ سان زندگيءَ وفا نه ڪئي ۽ اهو سهرو مرحوم نور محمد جي مقدر ۾ لکيل هو. مرحوم نور محمد بمبئيءَ ليجسليٽو ڪائونسل جي ميمبري واري زماني ۾ بورڊنگ هائوس سان گڏ گورنمينٽ هاءِ اسڪول کي پنهنجي سوسائٽيءَ جي نگرانيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خدا جو شان آهي جو اها ڪوشش تڏهن وڃي بار آور ٿي جڏهن هو ڪائونسل جي ميمبري هٽان وڃائي ويٺو هو. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس کي قائم رکڻ واسطي هن سڀ ڪجهه قربان ڪيو ۽ پاڻ کي سچو پچو فقير بڻائي ڇڏيو. هن جي انتقال سان جا جاءِ خالي ٿي آهي تنهن کي ڀيو ڪوبه پرڻ وارو ڪونه آهي. شال خدا ڪيس جنت نصيب ڪري ۽ مسلم قوم کي توفيق بخشي، جو هن جي ڪم کي تڪميل جي درجي تي پهچائي! منهنجي دل گهڻوئي ڪجهه لکڻ گهري ٿي، پر ڏينهن رات مصروف آهيان ۽ مٿئين مضمون تي ڪفايت ڪريان ٿو.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## شمع تعليم جو پروانو مسٽر نور محمد

سيد ميران محمد شاهه

منهنجي مسٽر نور محمد سان واقفيت گهري نموني سال 1924ع ۾ ٿي جڏهن هن اعليٰ پيماني تي تعليمي ڪانفرنس زير صدارت صاحبزاده آفتاب احمد صاحب ۽ سر ابراهيم رحمت الله جي هومسٽيڊ هال ۾ گهرائي هئي، انهي ڪانفرنس جو آءُ بہ جوائنٽ سيڪريٽري هوس ۽ انهيءَ مان مون پهريائين پبلڪ اسپرٽ ۽ عام مجموعن جي منتظم ڪرڻ جو سبق پرايو.

ان کان پوءِ مسلم بورڊنگ هائوس هٿ ڪيائين، جنهن ۾ هڪ مڊل اسڪول جاري ڪيائين. ان کان بعد هاٽوڪو هاءِ اسڪول سرڪار کان ورتي، موجوده عاليشان عمارت جوڙايائين، جنهن جي حاصل ڪرڻ ۽ ٺهرائڻ ۾ هن کي هزار تڪليفون ۽ مشڪلاتون پيش آيون، پر هن جي اڻ ٿڪ ڪوشش جو اهو نتيجو نڪتو جو اڄ اسان جي اڳيان اهو اسڪول ۽ عمارت سندس يادگار جي صورت ۾ پيش آهي. مسلمانان حيدرآباد ۽ سنڌ جو فرض آهي تہ مسٽر نور محمد جي محنتن جي نتيجي کي قائم رکن، جنهن ۾ مرحوم جي روح کي فرحت ايندي ۽ مسلمانن جي گهر ۾ تعليم جي شمع دئما روشن رهندي.

وڏيڪ منهنجو خيال آهي تہ مسٽر نور محمد جي يادگار ۾ هڪ فنڊ قائم ڪيو وڃي، جنهن مان غريب شاگردن کي فري بورڊنگ توڙي فري اسڪالرشپ ڏنيون وڃن. آءُ پايان ٿو تہ هن تجويز جهڙي ہي ڪابہ تجويز مسٽر نور محمد جي روح کي فرحت نہ بخشيندي.

ان کان سواءِ منهن جو خيال آهي تہ مسٽر نور محمد جي تفصيلوار سوانح عمري لکڻ لاءِ هڪ انعام رکيو وڃي ۽ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي جا بهترين لکيل ڪتاب جي مصنف کي اهو انعام ڏياري ۽ يادگار فنڊ مان اهو ڪتاب ڇپائي هر هڪ شاگرد کي ڏنو وڃي تہ ياد ڪري ان مان مرحوم جي ياد هڪ طرف تازي رهندي ۽ شاگردن کي هن جي حياتيءَ مان قومي خدمت ۽ ايثار

جو سبق ملندو رهندو. اميد آهي تہ حيدرآباد ۾ اڇي دوستن سان صلاح ڪري اها تحريڪ جاري ڪندس.

## مسلمانن جي تعليم جو سچو سپاهي

**محمد هاشم گزدر**

سنڌ ۾ اسلام جي هر هڪ سچي فرزند مسٽر نور محمد سجاول سابق ايم.ايل.سي جي ناگهاني ۽ پرالم وفات تي ماتم ڪرڻ گهرجي. هو سچو سپاهي هو، جنهن مسلمانن جي تعليم لاءِ مسلسل ڪوششون ڪيون. انهيءَ چاهه ۽ جذبي، مسلم قوم مان جهالت دور ڪرڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس جنون ڏيئي ڇڏيو. خداوند تعاليٰ کان منهنجي دعا آهي ته مرحوم جي روح تي رحم ۽ رحمت نازل ڪري!.

## مسٽر نور محمد

**جمشيد نسروانجي مهتا**

مسٽر نور محمد جو نالو سندس مختلف خدمتن جي طفيل هميشه ياد رهندو. مرحوم هر ڪنهن ڪارآمد ۽ ترقي پذير مهم ۾ دلچسپي رکندو هو. مسلم هاءِ اسڪول جنهن سان هو نهايت محبت سان متراسط هر سندس خدمتن جو تواريخي يادگار آهي، ۽ انهيءَ درسگاهه کي هر ڪا ممڪن مدد ڏيڻ سان ئي مرحوم جو يادگار سچائيءَ سان قائم رکي سگهجي ٿو. مرحوم جنهن وقت خاموشي ۽ آرام سان دم ڏنو ان وقت آخرين طور الوداع ڪندڙ ۾ آءٌ به شريڪ هوس. آءٌ هميشه ڪيس شڪر گذاريءَ سان ياد ڪندو رهندس. شل مالڪ سندس روح کي آرام ۾ رکي.!

(الڪمال رسالو، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد ۾ آيل انگريزي مضمون جو ترجمو)

## سنڌ جي تعليم جي سڌاريندڙ ميان نور محمد وڪيل جي وفات

محمد صديق ميمڻ

مسٽر نور محمد اهڙو انسان هو، جنهن کي قوم جي مرض جي پوري شناس هوندي هئي. هن صاحب انهيءَ مرض جو اهو علاج ڳولي ڪڍيو جو اڪسير کان گهٽ نہ آهي. تعليم جي پکيڙڻ ۾ هو رات ڏينهن ڪوشان هوندو هو ۽ اهو ئي خيال هوندو هوس تہ ڀهراڙي وارن کي ڪيئن تعليم جي روشنائيءَ سان روشن ڪريان جو هو شهر وارن سان گڏجي، هم رفيق ٿي ساڳئي خيال ۽ مقصد سان ترقيءَ جي شاهراه تي رهرو روان ٿين. مرحوم سنڌ جي لاءِ اهو ڪم ڪيو آهي، جو ميان حسن علي آفندي، ديوان نولراءِ، ديوان هيرانند، سيد الهندو شاهہ، ديوان ڏيارام، سردار قادر داد خان، ۽ سرڳواسي ديوان ڪوڙو مل ڪيو. مرحوم پنهنجا ڏنڌا ڌاڙي سڀ ڦٽا ڪري مجنون وانگر تعليم جي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو. پنهنجي جائداد ۽ مال ملڪيت قوم جي اپارڻ ۾ اڏائي ڇڏيائين. سندس مختصر سوانح ڏجي ٿي، جنهن مان پتو پوندو تہ ڪيئن هن پاڻ ترقي ڪئي ۽ ٻين ڀائرن جي خدمت ۾ پنهنجي حياتي صرف ڪئي.

ميان نور محمد اصل ڳوٺ چڪرو تعلقو لب درياهہ جو وينل هو. سندس پيءُ ماستر محمد سجاول هڪڙو نهايت ڪفائتي ۽ سانگ صرفي سان هلندڙ سفيد پوش اسڪول ماستر هو. جڏهن سندس بدلي ڪڪڙ ۾ ٿي، تڏهن اتي جي ڳوٺ جمع لاکير ۾ گهر ٻار ڪري وينو. ڇاڪاڻ جو اتي سندس هم قوم لاکيرن جو وڏو راڄ رهندڙ هو ۽ ويجهي عزازت بہ هيس. ميان محمد سجاول پينشن وٺڻ کان پوءِ بہ پنهنجي باقي حياتي انهيءَ ڳوٺ جمع لاکير ۾ گذاري ۽ اتي رهندو هو ۽ مٽي مائٽي بہ اتي هين. پينشن وٺڻ کان پوءِ بہ پنهنجي حياتي اتي گذاري ۽ اتي ڪجهہ جيتري زرعي زمين بہ هٿ ڪيائين، جنهن جو ڪاتو ڪانئس پوءِ سندس فرزند مسٽر نور محمد جي نالي قائم ٿيو.

مِيان نور محمد ابتدائي تعليم جا چار ئي درجا پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو هو، اهو سارو وقت پنهنجي پيءُ جي علمي ۽ اخلاقي اثر هيٺ ئي گذاريو هئائين. انگريزي پهرين درجي کان ستين درجي تائين سنڌ مدرسه الاسلام ۾ تعليم ورتي علمي ذوق شوق ۽ همدرديءَ سان شرشار ٿي سردار محمد يعقوب جهڙي سچي، همدرد ۽ نيڪ بزرگ جي ڪوشش سان مير علي مراد اسڪالرشپ وٺي عليگڙهه يونيورسٽيءَ ۾ تعليم وٺڻ لاءِ ويو، جتان بي.اي. ، ايل.ايل. بي پاس ڪري پنهنجي دوست محمود علي بيگ سان گڏجي حيدرآباد دکن وڪالت ڪرڻ ويو.

مِيان نور محمد پهرين شادي پنهنجي عزارت مان ڪئي هئي، جنهن مان هڪ نياڻي ڄايس. ٻي شادي دکن ۾ مسٽر محمود علي بيگ پنهنجي عزارت مان ڪرايس، جنهن مان ٻه ڪيس هڪ نياڻي ڄائي. مِيان نور محمد کي حيدرآباد دکن جي هرا پاءِ نه پئي تنهن ڪري حيدرآباد سنڌ ۾ آيو ۽ جلد ئي خيرپور رياست ۾ ريزيڊنٽ ۽ جج مقرر ٿيو. ٻه سال ڪن رهڻ ڪان پوءِ اها نوڪري ڇڏي حيدرآباد آيو ۽ رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ جو مسلم قوم جو خيرخواهه ۽ سچو همدرد ۽ سچو هڏ ڏوڪي هو ، تنهن مِيان نور محمد کي پاڻ سان پنهنجي فرم ۾ همرله ڪيو، جتي هن وڪالت ۾ چڱو نالو ڪڍيو ۽ پاڻ پرڳڙي صاحب جو سچو پچو ٻانهن ٻيلي ثابت ڪيو.

وڪالت ڪندي ٻه قوم جي تعليمي خدمت بجاءِ آڻڻ جا پهه پچائيندو آيو ۽ ڏهن ٻارهن سالن جي غور، فڪر ۽ صلاح مشورن جو نتيجو حيدرآباد سنڌ جي سال 1924ع واري سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرسن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. اها ڪانفرنس عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر شهزله آفتاب احمد صاحب جي زير صدارت ٿي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ترقي ۽ سڌاري لاءِ ٺهراءَ پاس ٿيا هئا، تن مان مکيه ٺهراءُ هو حيدرآباد ۾ مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ.

ان ڪان پوءِ ميان نور محمد تعليمي ڪانفرنس جي ٺهراءَ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو ۽ ان جي سرانجامي جو سهرو به سندس سر تي سونهين ٿو جو گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان ڦري "حيدرآباد هاءِ اسڪول" ڪيو ويو. حيدرآباد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ معزز مسلمانن جو بورڊ مقرر ٿيو جنهن جو جنرل سيڪريٽري نور محمد ٿيو. تنهن ڪان پوءِ ته وڪالت جو ڌنڌو ترڪ ڪري رات ڏينهن مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي ترقي لاءِ مسلمان شاگردن کي وڏيڪ اسڪالرشپون وٺي ڏيڻ ۾، ۽ اسڪول کي گرانٽ وٺي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو.

1923ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو اتي به سٺيون تقريرون ڪري پنهنجو نالو ڪڍيائين ۽ نڪاحن جي تڪرارن ڪان متاثر ٿي شادين جي داخلا جو بل پيش ڪيائين.

خيرپور ۾ ولنگڊن اسپتال کلڻ جي موقعي تي ساراهه جوڳي تقرير ڪيائين.

هارٽاگ ڪميٽي کي پيش ڪيل مسلمانن جي تعليمي تاريخ تي سندس رپورٽ مان سندس علميت فاضلانه فضليت ظاهر ٿي.

مطلب ته ميان نور محمد قوم جي ترقيءَ ۾ تڙپندو رهيو ۽ انهيءَ تڙپ جي ڪري سندس خون ۾ جوش جي بيماري ٿي پئي ۽ تاريخ 22 آگسٽ 1937ع ۾ رحلت ڪيائين ۽ سندس دفن سندس وصيت موجب مسلم هاسٽل حيدرآباد ۾ ڪيو ويو. خدا تعاليٰ کيس پنهنجي رحمت جي آغوش ۾ رکي.

(اخبار تعليم، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد. 6 سيپٽمبر 1937ع تان ورتل)

## آه ! مسٽر نور محمد

محمد صديق مسافر

مسٽر نور محمد بي. اي، ايل. ايل. بي، وڪيل جنهن حيدرآباد ۾ رهي پاڻ کي مسلم قوم جو اورچ سچو خادم ۽ ڀهيخواه ثابت ڪيو، سو ميان محمد سجاول جو فرزند هو ۽ سندس زاد بوم ڳوٺ چڪرو تعلقو لب درياهه هو. ميان محمد سجاول هڪڙو نهايت ڪفايت شعار ۽ سانگ صرفي سان هلندڙ سفيد پوش اسڪول ماستر هو. جڏهن ميان محمد سجاول جي بدلي ڪڪڙ تعلقي ۾ ٿي، تڏهن اتي جي ڳوٺ جمع لاکير ۾ گهر ٻار ڪري ويهي رهيو. ڇاڪاڻ جو اتي سندس هم قوم لاکيرن جو وڏو راڄ رهندڙ هو ۽ ويجهي عزازت بہ هيس. ميان محمد سجاول پينشن وٺن کان پوءِ بہ پنهنجي باقي حياتي انهيءَ ڳوٺ جمع لاکير ۾ گذاري ۽ اتي ڪجھ جيتري زرعي زمين بہ خريد ڪيائين، جنهن جو ڪاتو ڪانئس پوءِ سندس فرزند مسٽر نور محمد جي نالي قائم ٿيو.

مسٽر نور محمد ابتدائي تعليم جا چار ئي درجا پنهنجي والد وٽ پڙهيو هو، اهو سارو وقت پنهنجي والد جي علمي ۽ اخلاقي اثر هيٺ ئي گذاريو هئائين، ڇاڪاڻ جو ماستر محمد سجاول جو دستور هوندو هو تہ جتي نوڪري هوندي هيس، اتي پنهنجي عيال سان گذاريندو هو، پر جيڪڏهن ڪنهن هنڌ عيال ساڻ نہ هوندو هوس، تہ بہ پنهنجو هونهار فرزند نور محمد ضرور ساڻ هوندو هوس. مسٽر نور محمد تي ننڍپڻ واري پدرانہ تربيت جو ايڏو اثر ويٺل هو. جو جڏهن پاڻ حيدرآباد ۾ نامور وڪيل ۽ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هوندو هو، ۽ پيرسن محمد سجاول ڳوٺان وٽس ايندو هو، تڏهن پنهنجي والد جي جا تعليم، ادب ۽ ناز برداريون بجاءِ آڻيندو هو، تنهن جو مثال اڄ ڪلهہ جي تعليم يافتہ نوجوانن ۾ ڳوليو لڀندو.

مسٽر نور محمد جڏهن سنڌي ڇوٿون درجو پاس ڪيو، تڏهن ماستر محمد سجاول ان کي ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ انگريزي تعظيم

ڏيارڻ جو ارادو ڪيو. ڪن همدرد معزز مسلمانن ماستر صاحب جي ارادي جي پٺڀرائي ڪري پئسي ڏوڪڙ جي مدد ڪئي ۽ مسٽر نور محمد اچي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو.

سنڌ مدرسة الاسلام، جو سنڌ مسلم قوم لاءِ نعمت غير مترقبہ ۽ مرحوم خان بهادر حسن علي افندي جي قومي اهميت جو قابل تعظيم يادگار آهي، تنهن ۾ ان وقت پٽيوالي ڪان وٺي پرنسيپال مسٽر وائنس تائين سڀ ڪار پرداز قومي همدردي ۽ حيثيت ۾ رتل هوندا هئا. هڪڙي قابل معلم جو گهڙيل ٿهيل نور محمد جو مدرسہ ۾ فري بورڊر ٿي داخل ٿيو، تنهن پهرئين درجي ڪان وٺي مئٽرڪ ڪلاس تائين نہ رڳو پاڻ کي ڪامياب ۽ هونهار شاگرد ثابت ڪيو، بلڪ علمي ذوق شوق ۽ همدردي سان ٿمتار ٿي، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ عليگڙهہ سنيڙيو.

قوم جي خوش نصيبيءَ سبب ان وقت ۾ هونهار ۽ شائق طالب علمن جي همٿائڻ ۽ اسرائڻ لاءِ مرحوم سردار محمد يعقوب جن جهڙيون سچيون همدرد ۽ نيڪ بزرگ هستيون سنڌ ۾ موجود هيون، تنهن ڪري مسٽر نور محمد کي سر علي مراد اسڪالرشپ حاصل ڪري عليگڙهہ وڃڻ ۾ ڪابہ رنڊڪ ڪانہ ٿي

عليگڙهہ ۾ بي. اي ۽ ايل. ايل. بي ڊگرين حاصل ڪرڻ تائين نهايت برجستائي ۽ فضيلت سان ڪاميابي حاصل ڪيائين. اتي ادب، فضيلت ۽ علميت جي روشنيءَ سان پنهنجي غريبت ۽ بي پشتيءَ جي ڪڪر کي دفع ڪري پاڻ کي استادن ۽ هم سبقن ۾ اهڙو هردلعزيز بنايائين جو انهن جا ناتا مرڻ گهڙيءَ تائين ساڳس قائم هئا. عليگڙهہ ڇڏڻ کان پوءِ مسٽر نور محمد پنهنجي هڪڙي هم سبق صادق دوست مسٽر محمود علي بيگ سان گڏجي، پر ڀاهرو هليو ويو حيدرآباد دکن، ۽ اتي وڃي وڪالت شروع ڪيائين.

عليگڙهہ ۾ تعليم وٺڻ واري شروعاتي زماني ۾ ماسٽر محمد سجاول پنهنجي عزازت مان مسٽر نور محمد جي شادي ڪرائي هئي، پر سندس اها اهليہ هڪڙي معصومہ نياڻي ڇڏي جلد گذاري ويئي. مسٽر محمود علي بيگ

پنهنجي ڪٽنب مان مسٽر نور محمد کي شادي ڪرائي. سندس اها اهليه هڪڙي معصوم نياڻي سميت وفات جي دم تائين سندس باوفا رفيق هوس. شادي ڪرڻ کان پوءِ مسٽر نور محمد کي وطن جي آب و خاڪ ڪشش ڪئي ۽ هو عيال سميت اچي حيدرآباد سنڌ کان نڪتو، ۽ ترت ئي قوم جي باخموش سچي خادم مرحوم سردار محمد ابراهيم جي وساطت سان خيرپور ميرس ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ۽ جج مقرر ٿيو. ٻه سال کن اتي رهڻ کان پوءِ سندس آزادي پسند طبيعت کيس خيرپور ڇڏڻ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾ گهر اڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ هو عيال سميت اچي حيدرآباد کان نڪتو، جتي قدرت کي ڪانئس نمايان قومي خدمت وٺڻ ۽ سندس سچو قومي جذبو ظاهر ڪرڻ منظور هو.

مسٽر نور محمد جڏهن حيدرآباد ۾ آيو، تڏهن سنڌ مسلم قوم جو سچو فخر ۽ صحيح معنائن ۾ هڏ ڏوڪي ليڊر مرحوم رئيس غلام محمد ڀرڳڙي موجود هو، جو مسٽر نور محمد جهڙن باهمت، تعليم يافته نوجوان همراهن کي آسمان ۾ پيو ڳوليندو هو، تنهن هڪدم ڪٽي کيس پنهنجي ليگل فرم ۾ همراهه ڪيو ۽ مٿس قرب جو هٿ رکيائين. مسٽر نور محمد ٿورن ئي ڏينهن ۾ پاڻ کي قابل ۽ جفاڪش وڪيل ثابت ڪيو ۽ رئيس مرحوم سان قومي مفاد وارين تحريڪن ۾ سڌي طرح خواه اڻ سڌي طرح ٻانهن ٻيلي ۽ صلاحڪار رهندو آيو.

ڪچيءَ کان وٺي هن ۾ جيڪو تعليمي ذوق شوق ڦوڪيل ۽ قومي خدمت جو جذبو سمايل هو، سو هن کي وڪالت هلائيندي به قوم جي تعليمي خدمت بجاءِ آڻڻ لاءِ بي قرار رکندو آيو. ڏهن ٻارهن ورهين جي غور، فڪرات ۽ صلاح مشورت بعد انهيءَ بي قراري مسٽر نور محمد جي ڊوڙن ڊڪن ۽ سخت ڪوششن جي صورت اختيار ڪئي جن جو نتيجو حيدرآباد سنڌ جي سال 1924ع واري سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس جي شڪل ۾ نمودار ٿيو.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ عليگڙهه يونيورسٽي جي وائيس چانسلر شهزاده آفتاب احمد صاحب صدارت جي ڪرسيءَ کي زينت بخشي هئي ۽ ٻيا به

عليگڙهه يونيورسٽي جا ڪي پروفيسر ۽ هندستان جا مقتدر مسلم ليڊر اچي رونق افروز ٿيا هئا.

سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ترقي ۽ سڌاري لاءِ انهي ڪانفرنس جيڪي ٺهراءِ پاس ڪيا، تن مان مکيہ ٺهراءُ هو حيدرآباد ۾ مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ. ڪانفرنس ختم ٿيڻ ڪان پوءِ مسٽر نور محمد تعليمي ڪانفرنس جي ٺهراءُ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڊوڙڻ ڊڪڻ ۽ جاکوڙا ڪرڻ ۾ جنبي ويو.

حيدرآباد جهڙي روشني پريل شهر ۾ مسلم هاسٽل ۽ مسلم هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ ڪا سٽري هاج نہ هئي. مگر انهي ڪم جي برصوابيءَ لاءِ جهڙي جفاڪش ۽ شير دل ڪارڪن جي ضرورت هئي، تهڙوئي مسٽر نور محمد پاڻ کي ثابت ڪيو. خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ڏينهون ڏينهن اٽڪاءَ ۽ مشڪلاتون ويون دفع ٿينديون. سر غلام حسين جهڙا بارسوخ ليڊر ۽ سنڌ جا ٻيا عملدار خواہ غير عملدار بيٺل مسلمان مسٽر نور محمد جي صداقت پريل ادم سان هڙئون خواہ وڙئون پوريءَ طرح مدد گار ٿي بيٺا، جنهن ڪري اڄ حيدرآباد ۾ مسلم هاسٽل ۽ مسلم هاءِ اسڪول سون جي تعداد ۾ مسلمان طالب علم تاتي پالي رهيا آهن.

مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ جو معزز مسلمانن جو بورڊ مقرر ٿيل آهي، تنهن مسٽر نور محمد کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو هو. درحقيقت ساري ڪاروبار جو روح روان مسٽر نور محمد ئي هو. هن پنهنجو ٻيو سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڏنو. رات توڙي ڏينهن مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ڊوڙون ڊڪون پائيندو رهيو. اسڪول جو انتظام ۽ تعليمي جوڙجڪ اهڙي سهڻي نموني ۾ رکندو آيو، جهڙي نموني جي ڪنهن ماهر تعليمي ڪارڪن ۾ اميد رکي سگهجي ٿي. بورڊنگ هائوس جي شاگردن جي صحت، تربيت ۽ نشت برخواست تي بہ اهڙي نظرداري ڪندو هو، جهڙي بايد شايد.

انهيءَ تعليمي عشق ۽ قومي خدمت ۾ پنهنجو تن ۽ من تہ محو ڪري چڪو، پر پنهنجي جاءِ جڳهہ قربان ڪندي بہ ڪين گُتو. مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اجا گهڻيون ئي سٽائون ۽ منشائون هيس، پر افسوس جو اجل مهلت نہ ڏنيس. تاريخ 22 آگسٽ 1937ع شام جو ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين ۽ 23 تاريخ صبح جو سندس لاش حيدرآباد آندائون. حيدرآباد جي مسلمانن لاش جي آخرين منزل آسان ڪرڻ ۾ اهڙي حب ۽ تعظيم بجا آندي، جو دوست تہ دوست، پر دشمن بہ واهہ واهہ ڪندا رهيا.

مسٽر نور محمد جيئري تہ پنهنجي چوٽي چموٽي هاسٽل ۽ اسڪول کي ڏيئي چڪو، پر وفات بعد بہ سندس دلي مراد پوري ٿي، جو سندس لاش هاسٽل جي احاطي اندر مدفون ٿيو.

انالله وانا اليہ راجعون.

شال مسلم هاسٽل ۽ اسڪول روز افروز ترقي ۽ سرسبزي حاصل ڪندا رهن، جيئن انهن جي شادابي پسي مرحوم جو روح راحت ماڻيندو رهي. آمين ثم آمين.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## مسٽر نور محمد جي خدمتن تي ناقدانہ نظر

ڪمال الدين ميمڻ

مذهب ۽ ملت جي فداين ۽ خادمن جو ادب ۽ احترام، هنن جي حڪم ۽ هدايت جي بلا اعتراض ۽ انڪار تعميل ۽ هنن جي قول ۽ ڪمن جي پابندي ۽ پيروي جيستائين مسلمانن جو دستور العمل رهيو، تيستائين اسلام ۽ اسلامي حڪومت؛ مسلمان ۽ مسلماني روايت ڪنهن بہ تشدد ۽ تيغ زنيءَ کان سواءِ دنيا ۾ پاڻمرادو پکڙندا رهيا. مگر جڏهن کان مسلمانن Hero Worship قومي خدمتگارن جي حڪم برداري ڇڏي، تڏهن کان رفتہ رفتہ هو زوال ۽ ضعيف ۽ تنزل ۽ تباهيءَ جو شڪار ٿيندا رهيا آهن، تان جو هن وقت اسلامي تهذيب ۽ تمدن فقط ڪتابن ۾ قلمبند آهي. مسلمان، جيستائين نخوت ۽ نفسانيت کي ڇڏي، شيطانيت ۽ شخصيات کان پڇي ليدرن جي آواز تي لبيڪ نہ چوندا ۽ انهن جي عزت ۽ احترام نہ ڪندا، تيستائين ترقيءَ ۽ بلنديءَ جي بحالي ۽ بازيابي محال نہ تہ مشڪل ضرور آهن.

مسلمانن جا جيڪي بہ ليبدر ٿيا آهن، تن تي زمانہ زندگيءَ ۾ خير خواهي ۽ خدمتن ڪندي انعام ۽ آفرين جي بجاءِ الزامن ۽ عتابن جي بي پناهہ بارش ٿيندي رهي آهي، مگر جڏهن اهڙن بزرگن کي موت پنهنجي هم آغوش ڪيو آهي تڏهن ۽ تڏهن فقط قوم هنن جي خدمت ۽ ضرورت محسوس ڪري پنهنجي عدم قدر شناسيءَ، احسان فراموشي ۽ بي قياسيءَ تي تاسف ۽ اشڪباري ڪئي آهي.

مسٽر نور محمد مرحوم سنڌ جي تعليم يافتہ مسلمانن ۾ دل ۽ دماغ جي بهترين خوبين جو خاوند هو۽ هن جي دل ۾ قوم جي ڪريل حالت جو درد ۽ دماغ ۾ قوم جي بيداري ۽ بحاليءَ جو سوداءُ هو. هندستاني هجڻ جي باوجود بہ هن ۾ اسلامي حميعت ۽ طبع جي آزادي اهڙيون فطرتي ۽ طبعي خوبيون هيون

جن سندس ذهنيت ۾ ڪابہ پست همتي ۽ ارادي ۾ ڪابہ ڪم  قوتي ڪانہ آندي، جنهن ڪري هو تڪميل تعليم بعد ستت ئي ميدان عمل ۾ نقل حرڪت ڪندي نظر آيو. حيدرآباد  هن جو وطن نہ هو، هو ڪو سرمائيدار نہ هو، پر ڪيس پاڻ پنهنجي نصيب جو معمار ٿيڻو هو. مٿس عيالداري جون نازڪ جوابداريون هيون ۽ ڪيس متفرقہ مشغولين ۽ معاملات ڪان پري رهي صرف وڪالت ۾ پير کوڙڻا هئا، تاهم هن دنيا جي دلفريبن تي ملڪ ۽ ملت جي خدمت ۽ خطرداريءَ کي ترجيح ڏني.

تحريڪ خلافت ۾ رهي هن پاڻ تي تلاشيءَ جي منزل آندي. ڪنهن بہ اجرت ۽ عيوضي کانسواءِ مرحوم "سنڌ مسلم" انگريزي اخبار جي فرائض ادارت جي ادائگيءَ ۾ دماغ سوزي ڪندو رهيو: روزنامہ الوحيد جا اڄ سنڌ جي مسلمانن جي خيالات جي ترجمان ۽ حقن جي محافظ آهي، تنهن جي اجراءِ ۽ ابتدا ۾ پڻ مسٽر نور محمد جي مشوره کي گهڻي قدر دخل هو ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ جي مسلمانن جي جيڪا زبردست ۽ عدم المثال تعليمي ڪانفرنس زير صدارت صاحبزاده آفتاب احمد صاحب منعقد ٿي ۽ جنهن جي طفيل سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۽ تعليم کاتي جي عملدارن جي انتخاب ۾ نهايت نمايان انقلاب نمودار ٿيو، ان جي سرانجامي ۽ سرپرستيءَ جو فخر مسٽر نور محمد کي حاصل رهيو. ڪانفرنس جي شاندار ڪاميابيءَ تي خود هندو حضرات حيران هئا ۽ سڀ ڪنهن کي مسٽر نور محمد جي تعميري تدبر ۽ انتظامي اهليت جو اعتراف ڪرڻو پيو. مسلمان شاگردن لاءِ وڏيڪ اسڪالرشپن جي منظوري، ٽريننگ ڪاليج جي نصاب تعليم ۾ فارسيءَ جو ٻيهر رائج ٿيڻ، مسلم هاسٽل جو قيام، بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهہ ۾ سنڌي مسلم شاگردن جي داخلا تان بندش جي موقوفي، تعليم کاتي ۾ مسلم آفيسرن جي انداز ۾ اضافو وغيره. بهرحال انهيءَ ڪانفرنس جو ئي نتيجو آهي ۽ واقعي اهو گران ۽ مبارڪ نتيجو آهي

جنهن جي فقط ڪجھ حصي جي سرانجاميءَ جي تمنا رئيس پرڳڙي جهڙو مخير سرمايه دار ۽ مخلص مسلم مدبر هڪ نه هئي سبب پوري ڪري نه سگهيو.

حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول کي تعليم کاتي جي گرفت، عاملن جهڙي منتظم ۽ سرڪار جي سيله سفيد تي قابض قوم جي مخالفت ۽ هندو پريس جي پروپئگنڊا، مان مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي سهاري ۽ سنڀال هيٺ آڻڻ ۾ مسٽر نور محمد گويا شينهن جي وات ۾ ويل شڪار کي واپس ورتو. هو دولتمند نه هو، هن کي سياسي رقيبن جو وجود به وسريل ڪونه هو، هن کي مسلم قوم جي تلخ نڪته چيني به سجهندي هئي. مسلمان سرمايه دارن جي قومي ڪمن کان مالي ۽ اخلاقي ڪناره ڪشي به ڪانئس ڳجهي ڪانه هئي تاهم هن نا اميدي ڪفر سمجهي شيرين علم جو عاشق فرهاد بڻجي مصيبت جي پهاڙ کي ٽاڪڻ ڏکيو نه تصور ڪيو. سرديءَ ۽ سخت گرميءَ ۾ بيماريءَ ۽ بيقراريءَ ۾ هو گداگر بڻيو، سهمون سدائين ۽ جڏهن عين وقت آيو، تڏهن پنهنجي رهائش جو بنگلو گروي رکي به اسڪول جي عمارت جو ڪم تيار ڪيائين.

ڪائونسل جي ميمبريءَ جي زماني ۾ مسٽر نور محمد جون تقريرون ۽ سوال ايوان حڪومت ۾ لرزش پيدا ڪري ڇڏينديون هيون ۽ سندس هستي خود سرڪاري مرڪز به تسليم ڪري چڪا. هن نڪاحن جي تڪرارن کان متاثر ٿي شادين جي داخلا جو بل پيش ڪيو. سندس قابليت ۽ لياقت ڪيس ڪائونسل اندر ڪافي شهرت ڏني، هن کي آئينده جي لاءِ هڪ مقرر پروگرام هو. سندس وزير ٿيڻ جا گرم افواه هئا، مگر هو نظر بد جو شڪار ٿي خاطري ۽ يقين هوندي به بي گمان، اليڪشن ۾ ناڪامياب ٿي پيو، جنهن ڪري سندس اهي ارادا برصواب ٿي نه سگهيا.

مسٽر نور محمد هوشيار ۽ ڪارآمد بزرگ هو. تحرير ۽ تقرير تي ڪيس ڪافي دسترس هئي. خيرپور ۾ ولگنڊن اسپتال جي رسم افتتاح جي موقع تي

سندس مرتب ڪيل تقرير ۽ هارٽاگ ڪميٽي کي پيش ڪيل مسلمانن جي تعليمي تاريخ تي سندس رپورٽ جي عجيب ادبي شاهڪار آهن سي سندس عالمانه ۽ فاضلانه فضيلت جو دائمي يادگار رهندا.

آخر الذڪر رپورٽ تي مرحوم نور محمد ڏانهن سر راس مسعود ۽ سر شفاعت احمد جا لکيل تعريفي ۽ اعترافي خط اڃا موجود آهن. مسٽر نور محمد کي بجا طور پنهنجي خدمتن تي ناز هو. باوجود ناڪاميابيءَ جي هو قومي ڪمن ۾ اڳي کان به زياده دلچسپي وٺندو رهيو. غريبن جا اهنج حڪومت جي ڏيان تي آڻي سندن داد رسي ڪرائيندو هو ۽ ڪڏهن به هنن کي اجايا سجايا دلبا دلاسا ڏيئي آمد رفت ڪا نه ڪرايائين. هو سنئون سڌو راست باز انسان هو ۽ غريبن سان خاص محبت هيس. البته هو ڊپلوميسي ڪانه ڄاڻندو هو جنهن ڪري وقتي سندس صاف گوئي ۽ نيڪ نيتي ڪشيدگيءَ ۽ رنجيدگي جو باعث بڻجي پوندي هئي. خود مرحوم کي به هن حقيقت جو احساس هو مگر مصلحت خاطر به مصالحه ۽ مبالغه کي پنهنجي فطرت ۾ جذب ڪرڻ قبول نه ڪيائين.

محترم نور محمد پنهنجي پيشي کي قوم جي قدمن تي قربان ڪيو؛ پنهنجي جائداد کي قوم جي قرضن ۾ گروي رکيو. پنهنجي تندرستيءَ کي قوم جي تنظيم ۽ تعليم ۾ تباهه ڪيو مگر قوم ڇا ڪيو؟ بي قدري! بي شناسي!! ۽ بي قياسي!!. قوم جي بي وفائيءَ هن عاشق قوم جي دل باش پاش ڪري وڌي. هن جي جوش ۽ شوق کي سرد ڪري وڌو ۽ هن جي صحت سالم نه رهي سگهي ۽ آخر ۾ قدرت هن شهيد کي ايزدي اعزاز ۽ الفت ۾ قابو ڪري ورتو.

هڪ فاتح فوجي ڪپتان وانگي مسٽر نور محمد جي لاش جو سرگس هزارها انسانن جي هجوم ۾ گلن جي بارش سان سندس ميدان جدوجهد ۾ دفن ڪيو ويو. جتي هو پنهنجي پرورده ٻچن تي روحاني نظر ڪري رهيو آهي ۽ سندس مرقد مان زنده دل لاءِ هر وقت اها صدا اچي رهي آهي ته:

ٻچن جون ڪيم خدمتون خوب تر

يتيمن غريبن جو غمخوار هوس
بعد مرگ منهنجي نعش بہ رهي
ٻچن ۾ جنهين جو نگهدار هوس
گدائي کيم ۽ مکان گروي ۾
رکيم ٻچن خاطر قرضدار هوس
قدر قوم منهنجو کيو يا نہ کيو
مگر مان تہ هردم وفادار هوس.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

# حسن علي ثاني

شيخ عبدالحق، بي. اي. ايس (رٽائرڊ)

سنڌ جو سچو فرزند مسٽر نور محمد جنهن جي بي وقتائتي موت تي اڄ اسان ارمان ڪري رهيا آهيون، تنهن جي بي لوث خدمتن جو ذڪر خير هن مختصر مضمون ۾ قلمبند ٿي نٿو سگهي. ائين چوڻ ڪافي ٿيندو ته هن جيڪي به خدمتون ڪيون سي پنهنجي پوئتي پيل قوم جي سڌارڻ جي جذبي جو نتيجو هيون. قوم جو فرض آهي ته جنهن اسلامي جذبي ۽ شخصي نقصان برداشت ڪرڻ سان هر ڪا ڪوشش وٺي هن شمع علم مسلمانن جي سامهون آندي تنهن جو قدر ڪري. نور محمد ۾ اسلام جو اهو مبارڪ ۽ لاثاني "نور" موجود هو، جنهن لاءِ دنيا اسان جي قدس پيغمبر جي مقروض آهي. محترم نور محمد کي "موجوده مشڪل وقت جو حسن علي" سڏڻ بهرحال شايان ٿيندو.

محترم نور محمد ماسٽر ۽ وڪيل جي درجي کان جڙي ڪائونسل ميمبر ٿيو. هن مستقيم ارادي واري ننڍڙي مسلم مدبر هاءِ اسڪول حيدرآباد جي بهبودي ۾ پاڻ کي فروخت ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن هو سرڪاري نوڪري ۾ ڪنهن اعليٰ عهدي تي فائز ٿي رهي ها، پر هو غريب ۽ غنيءَ جي ايتري دلگيري حاصل ڪري نه سگهي ها جا هن ايمانداريءَ ۽ اورچائي سان قومي ڪمن ۾ حاصل ڪئي، جنهن ڪر ي سندن جنازي سان خلق جا حشام ۽ هجوم حاضر هئا. مرحوم جون خدمتون بيش قيمت آهن. سيني عقلمند اصحابن کي مرحوم جو روح ڪشش ڪري رهيو آهي ته هو سندس اسڪول کي هلائيندا رهن ۽ ان کي ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي درجي تي آڻين.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## جناب نور محمد جو سنڌي مسلمانن تي قرض آهي!

### سيد نظر علي

سائين نور محمد سنڌ جي انهن نادر فرزندن مان هڪ هو. جن پنهنجي ايمانداري ۽ عقيدي سان؛ اڄ جيڪا سنڌ آهي، ان کي وڏين قومي سانحن کي منهن ڏيڻ ۾ پنهنجي سياسي ڏاهپ ۽ وسيلا ڪتب آندا ۽ هڪ اهڙي نيڪ مقصد لاءِ پنهنجون جانيون ڏنيون. جنهن لاءِ سندس يقين هو ته مسلمانن جي عالمي پستيءَ جو واحد علاج تعليم ۾ ئي رکيل آهي. جن جي اولاد جي اڪثريت جمهوري رياست ڏانهن وڌي رهي آهي. جن تي سماج جي اجتماعي خواهش ۽ ذهانت کي ڪڏهن به برداشت نه ڪيو ويو آهي. جيڪي زندگي جي سفر جي گردان کان سواءِ آهن ۽ حادثي، غلط هدايت ۽ ناڪامي جي ذريعي پنهنجو رستو محسوس ڪري رهيا آهن. غير مناسب، تنگ ۽ غير موثر مردانگي.

هن جي شخصيت جي بلندي ۽ هن جي دل ۽ دل جي ڪيترن ئي خوبين تي، لکڻ جي ضرورت پوندي. اهو ڏينهن سنڌ جي مسلمانن لاءِ هڪ روشن ڏينهن هوندو. جڏهن سنڌ جي قوم هڪ اهڙي اعليٰ پائي جي اڳواڻ تي فخر ڪندي، جيڪا مسٽر نور محمد جي شايان شان هوندي، ۽ سماج جي ترقيءَ جي خواهش ۾ بلڪل بي غرض هوندي. هڪ اهڙو ماڻهو. جنهن ۾ وطنيت ڪان بالاتر تي ۽ پنهنجي هڪ ئي لمحي ۾ قانوني پيشو. پنهنجي روزي جو مکيه وسيلو ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي زندگي پنهنجي سماج جي بي لوث خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. مسٽر نور محمد انهن ٿورڙن مسلمان اڳواڻن مان هڪ هو. جن جي خلاف سندس برادريءَ جي ڪنهن به طبقيءَ ڪي سرگوشي ڪرڻ جي سگهه به نه هئي ۽ جن تي ڪنهن به مسلمان ڪي ڪنهن به قسم جي خود غرضي جو الزام هڻڻ جي جرئت نه هئي. مسٽر نور محمد جي وفات تي سڄي مسلمان برادريءَ جنهن

سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي، اها ساراهه جوڳي شاهدي آهي، جنهن سان بي لوث خدمتن کي ساراهيو وڃي ٿو.

حيدرآباد، جيڪو ڪنهن زماني ۾ اسلامي تمدن جو مرڪز هو، ان ۾ هڪ مسلم تعليمي ادارو هلائڻ جو ارادو ڪيو ويو، جيڪو مسٽر نور محمد جي عظيم ذاتي قربانيءَ کان پوءِ قائم ڪيو ويو، اهو معاملو انتهائي افسوسناڪ هو، خاص طور تي جڏهن اسان ڏسندا هئاسين ته اتي هڪ درجن کان به مٿي هندو تعليمي ادارا ۽ هڪ مڪمل آرٽس ڪاليج ان ئي مرڪز ۾ ڪاميابيءَ سان هلندو پئي آيا. هر مسلمان، ان جي حيثيت کان سواءِ، هن اداري جي حمايت ڪرڻ جو اخلاقي طور تي پابند آهي ۽ ڪو به سبب نه آهي ته اسان مسلمان برادريءَ جي لاءِ مهذب قومن ۾ هڪ باعزت مقام حاصل ڪري سگهون. اسان وٽ هڪ انمول ورثو آهي. تعصب اسان جي اکين کي انڌو نه ڪري ۽ اسان جي خواهش کي مفلوج نه ڪري. اچو ته پنهنجي دل ۽ جان کي ان مقصد لاءِ وقف ڪريون جنهن لاءِ اسان جي مرحوم اڳواڻ پنهنجي جان ڏني. اچو ته گڏجي ڪوششون منظم ڪريون ۽ انشاءَ الله اسان ڪاميابيءَ سان نه رڳو ان اسڪول کي هلائيندا سين، پر ان کي ڪاليج جي سطح تائين پهچايون، جيڪو مسٽر نور محمد جي زندگيءَ جو اولين مقصد هو.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد ۾ آيل انگريزي مضمون جو سنڌي ترجمو)

## سنڌ جي محبوب ليڊر نور محمد جي وفات

مولوي دين محمد فيروزشاهي

افسوس صد افسوس! خادم قوم فدافي التعليم عاليٰ جناب نور محمد صاحب وڪيل حيدرآباد 22 آگسٽ 1937ع برابر 14 جمادي الآخر 1356هه جو 5 بجي شام ڌاري ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو. انا لله و انا اليہ راجعون.

مرحوم کي گڙدي جو عارضو هو. جنهن ڪان ڪيتري قدر بهتر ٿي ويو هو، مگر جڏهن تہ سندس سرشت ۾ قومي تعليم جي الفت يوم ازل کان پيوست ٿي وئي هئي باوجود ڊاڪٽر جي ممانعت جي اسڪول جي بهتري لاءِ ڪراچي هليو ويو جتي سندس طبيعت برخلاف اميد جي زياده ناساز ٿي پئي ۽ اتي ڊاڪٽرن جو علاج ڪرائيندو رهيو مگر تقدير جي مشيت نہ هئي جنهن ڪري طبيعت درست ٿي نہ سگهي ۽ جناب مولانا مولوي ضياءُ الدين احمد صاحب جي آغوش عيادت ۾ داعي اجل کي لبيڪ چوندي جان بحق تسليم ڪيو ۽ ساڻس ڪراچي جا معزز تمام همدردي ڪري رهيا هئا.

ڪراچي جي عمائرن جي مرضي هئي تہ سندس محبوب قالب يا جسم سان ڪراچي جي قبرستان کي مشرف ڪجي، مگر جڏهن تہ سندس دلي رابطہ ۽ ازلي جذبو پنهنجي محبوب مسلم هاسٽل سان هو ۽ سندس خمير بہ هاسٽل جي خاڪ پاڪ مان ورتل هو انهي ڪري مرڻ کان پوءِ بہ هاسٽل کان جدا رهڻ گوارا نہ ڪيائين ۽ اتصالي ڪشش ڪري گهڻيءَ ڪشا ڪشيءَ بعد حيدرآباد ۾ اچي ويو يعني ڪيس ڪراچي ۾ غسل ۽ ڪفن ڏنو ويو ۽ صندوق ۾ لاش محفوظ ڪري رات واري مڪسڊ ٽرين ۾ سوار ڪري ساڍي 6 بجي فجر جو حيدرآباد ۾ ڪراچي مان معزز مسلمان ڪٺي آيا.

مولوي ضياءُ الدين جو فرزند ۽ سندس اهليه به جنازي سان شامل هئا. استيشن کان دولت خاني تي آڻڻ تائين جنازي ۾ اٽڪل هزار کن ماڻهو شامل هئا ۽ جنازي کي ڪنڌ ڏيڻ ۾ عام توڙي خاص ماڻهو شامل هئا ۽ تمام شوق سان هڪ ٻئي کان سبقت يا اڳرائي ڪري رهيا هئا. جنازو ڪجهه وقت ترسائي پوءِ 9 بجي ڌاري جنازو دفن لاءِ کنيو ويو ۽ صدر جي بوري بازار مان گذاريو ويو. پوءِ الهندي ڪچي کان ڦيرائيندي قلعي کان شاهي بازار ۾ آندو ويو. شاهي بازار ختم ٿيڻ کان پوءِ مارڪيٽ ۽ سلاوٽ محلي مان گهمائيندي مسلم هاسٽل ۾ 11 بجي ڌاري آندو ويو. رستي تي گل افشاني، اشڪباري ۽ آهه و زاري جو محير العقول نظارو ڏسڻ وٽان هو.

جنازي کي ڪنڌ ڏيڻ ۾ تمام اعليٰ بزرگن بار بار وارو پئي ورتو ۽ انهن جي سڪ پوري ئي ڪونه ٿي ٿئي، جنهن ڪري جنازو اڪثر جنبش ۾ هو. ڪشادن رستن هوندي به ماڻهن جي قطار اٽڪل ٻن فرلانگن ۾ هئي گهٽن هنڌن تي ڪيميرا وارن جلوس جي تصوير ڪشي ڪئي. جلوس ۾ ماڻهو اٽڪل 4 هزار کن هئا. جنازي نماز هاسٽل جي وسيع ايوان ۾ پڙهي وئي ۽ نماز صوفي صافي حضرت سيد علي اڪبر شاهه صاحب ميهڙ واري پڙهائي جو خوش قسمتيءَ سان اتي آيل هو. مرحوم جو مقبره ڪليڪٽر صاحب جي اجازت سان مسلم هاسٽل ۾ وٽن جي هيٺان ڪيو ويو، جنهن لاءِ مسلمان خاص طرح مشڪور آهن ۽ جتي روز مره تمام ذوق شوق سان شاگرد قرآن شريف جي تلاوت ڪري مرحوم جي روح کي ثواب بخشين ٿا. مرحوم جي جنازي سان عام ماڻهن کان سواءِ سيني طبقن جا معزز ماڻهو به شامل هئا. سندس غم ۾ ڪيترائي عاقل ۽ متين ۽ سنجيدا شخص روئندي نظر آيا ۽ ڪلمي جي صدا سان روحاني لذت ۽ رقت سيني جي دلين تي طاري هئي. غم جي اظهار لاءِ سڀ اسڪول ۽ سولِ ڪورٽون بند ڪيون ويون. گوشت مارڪيٽ شهر ۽ صدر ۾ مسلمانن جا سڀ دڪان بند ٿي ويا.

هن جي ساري حياتي قومي خدمت ۾ صرف ٿي وئي. بمبئي ڪائونسل ۾ ميمبر ٿيڻ کان پوءِ قومي ڪمن جي ڪثرت ڪري وڪالت جو

ڏنڏو بہ چڙهي ڏنائين ۽ 1925ع ۾ موجوده مسلم هاسٽل گورنمينٽ کان ورتائين ۽ جتي 5_6 سالن کان پوءِ اي. وي اسڪول قائم ڪيائين ۽ ٻن ٽن سالن کان پوءِ گورنمينٽ حيدرآباد هاءِ اسڪول وٺي اتي گران مايہ رقم سان وڏي درسگاهہ تعمير ڪرايائين جنهن جي قرض ۾ اجا تائين سندس ذاتي بنگلو گروي آهي.

اسڪول جي سرمايہ جي ترقي سان گڏ سندس طرز تعليم جي واڌاري تي غور ۽ فڪر ڪندو رهندو هو ۽ تعليم جي بهتريءَ لاءِ مختلف صوبن مان بهترين ۽ چيدا چيدا استاد آڻيندو رهيو نہ رڳو ايترو، پر بذات خود اهم ڪلاسن مثلن ميٽرڪ ۽ اسڪالرشپ امتحان وارن کي بعض اوقات پاڻ بہ پڙهائيندو هو.

الغرض تہ هن مرد خدا مسلمانن جي تعليم جي ترقي لاءِ تن من ڌن سڀ قربان ڪري ڇڏيو. ڏينهن رات اسڪول جي ترقي جي سبب مهيا ڪرڻ ۾ محو ۽ مشغول رهندو هو. ان کان سواءِ ٻين سرڪاري ڪمن جي مشڪلاتن ۾ بہ غريب توڙي شاهوڪار ماڻهن جي پنهنجي اثر رسوخ سان مدد ڪندو هو ۽ مدد ڪندي خوشي ٿيندي هيس.

سندس منتهاءِ نظر هي هئي تہ هن هاءِ اسڪول کي ڦيرائي ڪاليج ڪريان. عين انهيءَ بمياريءَ ۾ يعني ڏيڍ هفتي کان بمبئيءَ مان هڪ ميم گهرايائين تہ ننڍن ڪلاسن کي تعليم ڏئي تہ هنن جا اچار درست ٿين ۽ 1938 جي شروعات ۾ وري ميم صاحب کي ڇوڪرين جي ماسترياڻي ڪري ها ۽ ڪيس زناني اسڪول جو ايندڙ سال کان عزم بالجزم يا پڪو خيال هو. مگر انهن سيني ارادن ۽ تمنائن کي اجل پورو ڪرڻ نہ ڏنو.

مطلب تہ قوم جي فرزندن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڏينهن رات سوداءَ ۾ رهندو هو. جنهن جي ڪري زميندار جو ڪم (جنهن تي سندس گذر اوقات هو) بہ ڪونہ ڪري سگهندو هو. مرندي دم بہ پنهنجي رفيقن ۽ بزرگن کي اسڪول جي حفاظت جي وصيت ۽ پارت ڪندو رهيو. جهڙوڪ جناب مولوي ضياءُ الدين

صاحب، جناب شيخ عبدالمجيد صاحب ۽ اعليٰ جناب سر غلام حسين صاحب وغيره.

ارمان! اسان جي قوم ۾ اڳيئي اهڙن سچن خادمن جو قحط آهي ويتر هن مرد مولا جي موت کان ناقابل تلافي صدمو پهتو.

آهي ڪو مرد مولا، مجاهد اهو جو مرحوم نور محمد وانگر پنهنجي گهران ماني کائي هن مسلم قوم جي ٻيڙي جو ناخدا ٿئي ۽ حڪمت عملي بلاغت قلمي شجاعت قلبي ۽ سخاوت درمي سان قوم جي دستگيري ڪري. مگر افسوس:

تيري صورت سي نہ ملتي هي ڪسي ڪي صورت،

هم جهان مين تيري تصوير لئي پهرتي هين.

اسڪول ۽ هاسٽل جو حقيقي حافظ خدا تعاليٰ آهي. انهيءَ کي التجا آهي تہ غيب مان ڪو مرد مخلص خلوص مجسم پيدا ڪري جو لاطمع ٿي الاه في الاه هي قومي ڪم پنهنجي سر تي کڻي آمين. اين دعا از من وازجمل جهان آمين.

نور محمد صاحب حيدرآباد دکن مان هڪ اعليٰ طبقہ جي معزز ترين مغليہ خاندان مان شادي ڪئي هئي. سندس عزيز هي آهن: هڪ اهليہ ٻہ نياڻيون، هڪ همشيره ۽ ٻہ سوٽ، پويان ٿي عزيز سندس اصل ڳوٺ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ رهن ٿا. افسوس جو ويچاري مرحوم کي نرينہ اولاد ڪونهي. الله العالمين جي بارگاهہ ۾ دعا آهي تہ شل مرحوم کي ڪامل نجات عطا ڪري ۽ طفيلي خاتم النبيا سرور ڪائنات صلي الله علي وسلم جي فردوس برين ۾ داخل ڪريس.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## مسٽر نور محمد جي قومي بصيرت

پير غلام مجدد سرهندي

دل گهري ٿي ته نور محمد صاحب جي زندگي نسبت ڪجهه لکان، مگر افسوس جو آءٌ هن جي ابتدائي حالتن جي زماني کان وفات تائين عبور نه ٿو رکان، انهي ڪري زندگي جي ساري احوال لکڻ کان مجبور آهيان. تاهم ڪي تعلقات جي مون ۽ مرحوم جي وابستگيءَ جا ڪارڻ رهيا آهن ۽ جن ۾ سندس دلي جذبات جو مون تي ڪافي اثر پيو آهي پيش ڪريان ٿو.

**مذهبي اثر:**

جڏهن خلافت تحريڪ پنهنجي ابتدائي نشو نما جي زماني ۾ قدم رکي رهي هئي، تڏهن مولوي عبدالعزيز حيدرآبادي ۽ ڪن ٻين صاحبن جي صلاح سان خلافت جي برخلاف هڪ ڪتاب شايع ڪيو ويو هو. انهي ڪتاب تي مونکي صحيح ڪرڻ لاءِ آمادو ڪري صحيح ورتائون. مون تي هنن صاحبن جو ڪافي اثر هو بلڪ ڪنهن حد تائين ته مون ڪليءَ طرح انهي جي ڳچ خيالن تي غور ڪرڻ پاڻ لاءِ جائز سمجهو. الله پاڪ مرحوم نور محمد صاحب کي جوار رحمت ۾ جڳهه ڏئي، جنهن کي منهنجي مذبذت هئڻ جي خبر پئجي وئي، اگرچه هو صاحب انهيءَ وقت تائين منهنجو اڻ وقاف هو اوچتو ڊاڪ بنگلي ۾ (جتي آءٌ اچي رهيو هوس) صاحب موصوف آيو ۽ في الفور قرآن شريف جو ساڻس هو. (انگريزي ترجمي سان) مون وٽ ميز طرح پيش ڪيائين ۽ چيائين ته خدارا اوهان تڏي دل سان هن معاملي تي غور ڪري پوءِ ڪو طرف وٺو. هن جي اکين ۾ آب جاري هو، جنهن جو مون تي بلڪل اثر ٿيو بظاهر قدري جوش آيو مگر هن جي چوڻ جي نوع مون تي اهڙي حالت طاري ڪئي جو مناسب سمجهيم ته غور ڪري پوءِ اعلان ڪريان. ايتري ۾ مسٽر محمود وڪيل مون وٽ آيو جنهن

مونکي چيو تہ نور محمد اسلامي جذبن سان ڀريل آهي، هن کي خلافت ساڻ سخت پيار ۽ دلچسپي آهي، انهي ڪري پاڻ روڪي نٿو سگهي.

جڏهن مون ڪافي غور ڪيو تڏهن في الفور بنا خوف خلافت تحريڪ جي معاونت لاءِ پنهنجي ناچيز خدمت پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيم. يقين آهي تہ جي نور محمد صاحب منهنجي دل تي پنهنجي جذباتن جي اثر وهارڻ جو ڪم نہ وٺي ها تہ شايد آءٌ گمراهہ ٿيان ها ۽ حياتي تائين انهي تلافي جو موقعو نہ ملي ها. پوءِ ڪيئي دفعا مونکي خواهہ قاضي اسدالله شاهہ صاحب جن کي خلافت تحريڪ ۾ ڪا بہ تحريري مدد يا مشورت وٺڻي پيئي تہ اڪثر ڪري مسٽر نور محمد اسان جو انهي ۾ صلاحڪار رهندو هو.

**قابليت جو اثر:**

جڏهن ميرٺ ۾ خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي ۽ سنڌ جي بزرگن مان انهي وقت ڪوبہ صاحب تشريف فرما نہ ٿيو هو، مون ميرٺ ۾ سنڌ جي پاران حاضر ٿي ڪراچي ۾ خلافت ڪانفرنس جي دعوت پيش ڪئي. رئيس لاحرار مرحوم مولانا محمد علي صاحب، الحاج مولانا شوڪت علي صاحب ۽ امام الاحرار مولانا ابوالڪلام صاحب آزاد ۽ مرحوم ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ موجود هئا. سنڌ مان فقط شيخ مرحوم عبدالسلام صاحب جو پوءِ اٿارا هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو موجود هو. تنهن وقت عليڳڙهہ ڪاليج جي اخبار جي ايڊيٽر بنسبت بحث هليو تہ هڪ قابل، ذهين فهيم ۽ بي خوف شخص جي ضرورت آهي انهي وقت مون کي چڱي ريت ياد آهي تہ سيني صاحبن بي اختيار پنهنجي خانگي مجلس ۾ ظاهر ڪيو تہ مسٽر نور محمد صاحب سنڌي نهايت موزون ۽ قابل ايڊيٽر ٿيندو،بشرطيڪ هو صاحب پنهنجي خدمت عليڳڙهہ جي حوالي ڪري. (اڳي مسٽر نور محمد صاحب عليڳڙهہ ڪاليج ۾ معلم ٿي رهيو هو) مون انهي وقت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو تہ:

"حال نڪوست از بهارش پيدا ست"

غائبانہ هن شخص جي صفت اهڙن لاثاني مدبرن جي مجلس ۾ منهنجي گوش گذار ٿئي ضرور هي بہ ڪامل هستي آهي.

**خدا جي خوف جو اثر:**

هڪ ڏينهن مرحوم سان خلاصي طرح سندس بنگلي ۾ دنيا جو ذڪر پي هليو تڏهن اوچتو چوڻ لڳو تہ پير صاحب اسان نالائق آهيون. الله اسان تي رحم ڪري. نماز ۾ آءٌ سست آهيان، پر ڪيئي دفعا رات جو مونکي خيال ٿيو آهي تہ جيڪي نماز پڙهندا آهن انهن کي تہ الله تعاليٰ بهشت عطا فرمائيندو، پر اسان گنهگارن جو ڪهڙو حال ٿيندو جو ڏينهن جو پنج دفعا لاڳيتو نماز پڙهڻ ۾ اسين تمام ڪوتاهي ٿا ڪريون. رات مونکي تمام خوف رهيو هو پلا جيڪو نماز ۾ پنهنجي سستي جي قصور جو قائل هجي ۽ خطا قبول ڪندو رهي ان لاءِ ڪو پاڪ ڪتابن ۾ ذڪر آهي. مون جواب ڏنو تہ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ارشاد فرمايو آهي ”ڪنهن سائل سوال پڇيو آهي تہ هڪ شخص عبادت تي غرور اٿس ۽ ٻيو عبادت ۾ قصور ٿو ڪري مگر پنهنجي قصور جو معترف آهي، ڪهڙو انهن ۾ چڱو آهي. حضرت مجدد صاحب جن فرمايو تہ جيڪو عابد آهي ۽ عبادت تي مغرور آهي، انهي کان جيڪو پنهنجي عبادت گهٽ ٿو ڪري ۽ الله جي درٻار ۾ ورجائي ٿو سو سوءِ بار بهتر آهي. منهنجي ايتري چوڻ تي مرحوم جي اکين مان پاڻي زارو و زار جاري ٿيڻ لڳو. مونکي يقين ٿيو تہ هن شخص ۾ ايماني جذبو برابر موجود آهي.

تازو جڏهن سنڌ جدائي جي ڪانفرنس حيدرآباد ۾ منعقد ٿي، تڏهن چيئرمين استقباليہ ڪاميٽيءَ جي حيثيت ۾ جيڪو خطبو منهنجو شايع ٿيل آهي ۽ انهي ۾ جيڪا سنڌ جي مڪاني واقعات تي خواه ٻين مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي (جنهن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي) اها ساري عرق ريزي مرحوم نور محمد صاحب جي دماغي معاونت جي مرهون منت آهي.

شل اسان مان هر ڪو جڏهن دنيا مان لڏي ته ڪونه ڪو ڪارنامو ۽ يادگار مرحوم نور محمد وانگر ڇڏي ٻين لاءِ اسوه حسنه جو سبب ٿئي.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

# مسٽر نور محمد وڪيل

## پير علي محمد راشدي

جيرامداس جو جواب اسان وٽ محض ميان نور محمد وڪيل هو. قد ۾ ٿورو ڪم، پر مزاج خواهہ منهنجي گهنڊ ۽ پيشانيءَ جي گهنجن ۾ بہ رَتيون سرس. عليگڙهہ مان ايل. ايل. بي. پاس ڪري اچي حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي هئائين. اصل ڄم دادو ضلعي جي خيرپور ناٿن شاهہ جو هوس، پر سندس سياست خواهہ خيالات مان دادو سان سندس پريت جو ڪو پتو ڪونہ پيو. جيڪو پال پلايائين سو حيدرآباد سان.

خانبهادر سيد محمد ڪامل شاهہ جي سرپرستيءَ هيٺ مسٽر نور محمد سياست ۾ گهڙيو. حيدرآباد مان ٽي ٽرم بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. چوٿين ٽرم ۾ سائين ميران محمد شاهہ ڪيرائي وڌس، ان وچ ۾ سائين ڪامل شاهہ بہ رحلت ڪري ويل هو.

مزاجاً خواهہ ملبوساً ساري عمر عليگڙهہ جي رنگ ۾ رنڱيو رهيو. مٿي تي گل سان ڳاڙهي ترڪي ٽوپي، هيٺ تي پتلون يا سوڙهو اچو پاجامو. بدن تي ڪاري شيرواني، مسلمانن جي ڪاز سان اٿاهہ الفت. نہ انگريز جي مجال، نہ هندوءَ کي همت، تہ ڪيس ان راهہ تان هٽائي سگهي. انهن ڏينهن ۾ ٻن ٽن پڙهيلن ماڻهن کان سواءِ سنڌ طرفان بمبئي ڪائونسل ۾، باقي گهڻو ڪري ڏور ڏڳا ويندا هئا. سندن شڪليون ڏسي ٻاهرين کي بہ هن علائقي تي رحم پيو ايندو هو. ايتري مهرباني ضرور ڪندا هئا جو ڪائونسل ۾ ماٺ ڪيو ويٺا هوندا هئا، نہ پاڻ وات کولڻ جي زحمت ڪندا هئا نہ ٻاهرين کي پنهنجن ٻولن ٻڌڻ جي تڪليف ڏيندا هئا. نظر سرڪاري ميمبرن تي کُتل هوندي هون. هو اٿن تہ هي بہ ڪڙا ٿي بيهن، هو ويهن تہ هي بہ ڪرسيءَ ۾ ڪِريو پون. خود انگريزي پڙهيل پتلون پوشن کي بہ ڪانہ ڪا ذاتي لنجهڻ لڳل هوندي هئي. وزير ٿيڻ جي، لقبن وٺڻ جي، مهربانين پنڻ جي، ڪاميٽين جي ميمبرين ماڻڻ جي، ۽ انگريز تي هن اثر پيدا

ڪرڻ جي ته سنڌ جي مسلمان ميمبرن جي ووٽن جي چاٻي "مون وٽ آهي، نه فلاڻي وٽ" بمبئي ايندي ويندي اڪثر حضرت اجميري رحمة الله جي زيارت ڪندا ويندا هئا. ان نيت سان ته سندس غريب نوازي ڪين انگريز وٽان ڪنهن خطاب يا وزارت وٺي ڏيڻ جو باعث بنجي، شال نه ڪو هيورڊ صاحب يا هاٽسن صاحب لاٻيءَ مان لنگهي، ڇڻ جهرڪين باز ڏٺوا اهي نظارا مون پنهنجين اکين سان ڏٺا.

البت ميان نور محمد مرحوم انهن ڳالهين کان بي نياز رهيو. غريب هو، پر اصولن تي بيٺل غربت جو شان ۽ مڪان چاڻندو هو.

حيدرآباد ۾ پهريون پير رکيائين ته ڪهڙو نظارو ڏٺائين؟ هندو سجاڳ، مسلمان اگهور ننڊ ۾. هندو ليڊر تعليم، تنظيم ۽ تعمير ۾ مشغول، ڪيترا مالدار مسلمان اهڙن مشغلن ۾ محو جن جو تفصيل ڏيندي اڄ به ڏک پيو ٿئي.

هندن جو ڪم ترتيب سان پئي هليو.

هڪڙا: سوچڻ ۽ ويچارڻ تي،

ٻيا: تعليم ۽ هندو تهذيب ڦهلائڻ تي،

ٽيان: سماجي اصلاح تي،

چوٿان: نوڪرين ذريعي انگريزجي گهر ۾ گهڙڻ تي

پنجان: سياست سان منهن ڏيڻ تي،

ڇهان: لٽريچر لکڻ، اخبارن هلائڻ ۽ فڪري انقلاب آڻڻ تي،

ستان : مسلمان مٿان اک رکڻ تي،

اٺان: پيسن پهچائڻ تي.

هر ڪم لاءِ ماڻهو مخصوص، پروگرام تيار، ادارا قائم دولت موجود. مجموعي مقصد هيءُ ته پيڙه کان وٺي چوٽيءَ تائين هندو معاشري کي نئين سر وقت جي خاص تقاضائن موجب گهڙي ٺاهي تيار ڪجي.

ساڳئي پَٽ ۾ پيرن، اميرن، رئيسن ۽ مالدار مسلمانن جي بہ کوٽ ڪانہ هئي ۽ منجهان انفرادي ليول تي، گهڻن جي دل ۾ تہ قومي درد بہ موجزن رهيو([1]) پر بحيثيت ڪلاس جي مجموعي طرح سندن توجہ زياده تر پنهنجي مخصوص اميراڻي ڪلچر جي پذيرائي ۽ شخصي توانائي ۽ تونگري ۾ تشهير تي رهيو. اُٺ، گهوڙا، ڪتا، ڪجربون، ڪبوتريون، ميلا، ملاکڙا، سرود سماع، ڳائڻ وڄائڻ، شيل شڪار، بندوقون، سينڌيون، سريتون، شيدي، ٽاپرو، مسخرا، ميلا موالي، مولائي. غرض هڪ پوتار سو جوابداريون، هڪ خاندان سوين مصروفيتون، ڪٿا تا قومي ڪمن لاءِ وقت يا ڏوڪڙ بچين؟

ان وچ ۾ خاص طرح سان موسيقيءَ جي فن جو چرچو چالو ٿيو هو. گهڻا ئي "خان صاحب" ۽ "استاد" موقعي تي پهچي ويا هئا. قدرت جو قانون آهي تہ قومن جي انحطاط واري دؤر ۾ (بقول مولانا شبلي مرحوم) موسيقي ۽ عروض جو خاص اوج ايندو آهي، هتي بہ ساڳيو حال ٿيو. "خانصاحب" ورهائجي سنڌ کي وڪوڙي ويا، هر خاندان کي خيال ٿيو تہ ڇو نہ پاڻ تانسين بنجي. پر تانسين بڻجڻ آسان ڪونہ هو. اجايو وقت ۽ دولت وڃائيندا رهيا.

مسٽر نور محمد اهي تقابلي تماشا پنهنجن پراون جا ڏسندو رهيو. محسوس ڪيائين تہ اهڙي طوفان ۾ گهڻو ڪجهہ تہ ٿي ڪونہ سگهندو، پر جيترو ڪجهہ ٿي سگهي سو ضرور ڪري گذرجي. اتفاقاً مرحوم سائين محمد ڪامل شاهہ جهڙو مرد ڪامل ملي ويس. جنهن جي رفاقت ۾، ورهين جي متاڪت بعد، حڪومت بمبئي جي مهربانيءَ سان حيدرآباد جي مسلمانن لاءِ هڪڙو، (صرف هڪڙو) هاءِ اسڪول کولرائي سگهيو. جنهن جي صحن ۾ پاڻ بہ ابدي ننڊ سمهي رهيو. دادوءَ مان آيل هڪ پرديسي وڏيڪ ڇا ڪري سگهيو ٿي؟

[1]. مثلاً خانبهادر مير غلام محمد خان مرحوم ٽنڊي باگي وارو جو پنهنجي خرچ تي هاءِ اسڪول تي هلايو.

ڪاش سندس قائم ڪيل اسڪول مان ڪڏهن ڪو هڪ نئون نور محمد نڪري نروار ٿئي. معمول ته هيءُ رهيو آهي ته ويلن جي جاءِ ڪو ڪونه ٿو پري .
(پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي جلد ٽئين تان ورتل)

## نور محمد لاکير (وڪيل)

محمد امين مگسي

محترم نور محمد به سنڌ جي انهن مسلمان رهنمائن مان هڪ آهي، جن سنڌي مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.
نور محمد لاکير صاحب ڳوٺ جمع لاکير (جنهن کي عرف عام ۾ ڪنيارا سڏيو وڃي ٿو) تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيا. سندس والد بزرگوار استاد هيو. نور محمد صاحب پنج درجا مقامي اسڪول مان پاس ڪري، ميٽرڪ ڪرڻ لاءِ ڪراچي سنڌ مدرسة السلام ۾ داخل ٿيو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ بي. اي. جي لاءِ ڪيس عليگڙهه ويٺو پيو. اتي بي. اي ۽ ايل. ايل. بي. جون ڊگريون حاصل ڪيائين. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي هڪ دوست ۽ ساٿي محمود بيگ سان گڏ حيدرآباد دکن آيو ۽ اتي ئي وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪيائون. سندس پهرين شادي عليگڙهه جي پڙهڻ دوران ٿي هئي. جيڪا گهرواري جلد وفات ڪري ويئي. ان کانپوءِ ٻي شادي محمود بيگ صاحب جي گهراڻي مان ٿي. انهن سان دوستي ۽ قربت ته اڳي ئي هين نيٺ اها دوستي رشتيداري ۾ تبديلي ٿي ويئي، محترم نور محمد صاحب جلد سنڌ واپس آيو ۽ سردار محمد ابراهيم جي معرفت سندس تقرر ريزيڊنٽ ميجسٽريٽ جي حيثيت سان ٿيو. هن نوڪري سان نباهه گهڻو عرصو نه رکي سگهيو. تقريباً ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي حيدرآباد واپس آيو ان وقت جناب غلام محمد

وڪيلن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي هئي، نور محمد صاحب به ان ۾ شامل ٿي ويو. نور محمد صاحب ٿوري عرصي ۾ پاڻ کي هڪ محنتي هوشيار وڪيل ثابت ڪيو. ان ڪري رئيس مرحوم به هن کي پنهنجي سماجي، معاشرتي ۽ قومي تحريڪن ۾ خاص مددگار طور شامل ڪيو.

1933ع ۾ هو بمبئي اسيمبليءَ جو ميمبر پڻ چونڊيو ۽ مسلمانن جي پستہ حالي، غربت، جهالت کي ڏسي نور محمد صاحب جي حساس طبيعت کان صبر نہ ٿيو. فيصلو ڪيائين تہ هو باقي زندگي مسلمانن جي تعليمي ترقي لاءِ استعمال ڪندو. ڇاڪاڻ تہ مسلمانن جي پٺتي پوڻ جو خاص سبب جهالت ۽ تعليم جي گهٽتائي آهي. انهيءَ مقصد خاطر سڀ کان پهرين نور محمد وڪيل حيدرآباد سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس جي نالي سان 1924ع ۾ حيدرآباد ۾ منعقد ڪرڻ جي تجويز رکي. وڏي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي ويئي. مهينن تائين ان ڪانفرنس جا انتظام ٿيندا رهيا. ڪانفرنس ۾ برصغير جي چوٽيءَ جي تعليمي ماهرن، اسڪالرن، دانشورن، پروفيسرن شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس جي صدارت عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شهزاده آفتاب احمد ڪئي. ان ڪانفرنس کي سنڌ جي نمائنده ڪانفرس ثابت ڪرڻ لاءِ نور محمد صاحب سنڌ جي هر طبقي ۽ هر فرد سان رابطو ڪيو ان ۾ وڏا جاگيردار، جديد ۽ قديم تعليم يافتہ ماڻهو سرڪاري ملازم، اديب، اسڪالر صحافي وغيره شامل هئا ۽ انهن جي سٺل جذبن کي جاڳايو.

انهيءَ ڪانفرنس ۾ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون. الوحيد اخبار ۽ ان زماني جي مسلمان اخبارن ڪانفرنس جي خبرن کي نهايت شاندار نموني لڳايو ۽ ان کي وڏي اهميت ڏني. ڪانفرنس ۾ تمام گهڻيون ضروري ڳالهيون پيش ٿيون خاص طور تي تعليم ۽ نوڪرين جا انگ اکر سنڌ کان ٻاهر جي دانشورن جي اڳيان ظاهر ٿيا تہ انهن نهايت افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو تہ پوري هندستان ۾ ڪنهن بہ مسلم اڪثريت واري صوبي ۾ اهڙي حالت ڪانهي جهڙي سنڌ ۾ آهي.

اها ڪانفرنس حقيقت ۾ نور محمد لاکير صاحب جو سنڌي مسلمانن جي لاءِ هڪ وڏو ڪارنامو هئي ۽ اها بہ سڌ پيئي آهي تہ نور محمد صاحب ڪهڙين پيچيده ۽ ڏکين حالتن ۾ مسلمانن جي تعليمي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪيو. ڪانفرنس ۾ ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا ويا. ان ۾ خاص ڳالهہ اها ڪئي ويئي تہ سموري سنڌ جي سنڌي مسلمان شاگردن لاءِ مسلم هاسٽل جوڙي وڃي ۽ هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو وڃي. ان سلسلي ۾ نور محمد صاحب ڪن معزز مسلمانن تي مشتمل هڪ "ايجوڪيشنل سوسائٽي" قائم ڪئي. انهيءَ بورڊ جو سيڪريٽري ڪيس چونڊيو ويو. ان ڪان پوءِ وڪالت جو ڪم ڇڏي ڏينائين رات ڏينهن اسڪول ۽ هاسٽل جي ڪمن کي هٿن ۾ ڪنيائون ۽ انهيءَ کي ئي زندگيءَ جو مقصد ۽ نصب العين بنائي ڇڏيائين ۽ نيٺ زبردست مشڪلن ۽ تڪليفن ڪان پوءِ اسڪول قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻيائين. اسڪول جي عمارت جنهن شاندار نموني سان جوڙي هئائون. اها اڄ بہ سندس عظمت جو اهڃاڻ آهي، ان سلسلي ۾ ڪين پنهنجو بنگلو پڻ گروي رکڻو پيو.

افسوس جو اڄ سنڌي ماڻهن ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ ڪافي خوشحالي آهي ۽ ڪيترائي صاحب ثروت ۽ مالدار ماڻهو هن جاءِ تي موجود آهن، پر هو نور محمد لاکير صاحب جيان ڪنهن بہ اداري کي وجود ۾ آڻڻ يا ان جي سرپرستي ڪرڻ ڪان قاصر آهن. اهو اسان جي قوم جو وڏو الميو ۽ بي حسي جو وڏو ثبوت آهي.نور محمد صاحب جي هن عظيم ڪارنامي کي ساراهيندي ان وقت جي اخبار "طيرا ابابيل" لکي ٿي: "نور محمد وڪيل جون خدمتون هڪ اهڙو سونهري ڪارنامو آهي جيڪو تاريخ جي ورقن تي قيامت تائين چٽيل رهندو ۽ هن جي نالي کي روشن رکڻ جو ڪارڻ بڻبو. نور محمد وڪيل جنهن گرم جوشيءَ ۽ مڙسيءَ سان ڪم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. بيشڪ اهو هن جوئي وڙ آهي. هن مسلمان شاگردن جي لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي. اهو ساراهہ جو محتاج نہ آهي.
"

هفتيوار طيرا ابابيل 18 نومبر 1933ع سندس ڪوشش جي نتيجي ۾ اسڪول سندس حوالي ٿيو ته ان وقت الوحيد اخبار لکي ٿي: ”حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن جو سيڪريٽري اسان جو برگزيده مسٽر نور محمد وڪيل آهي. هن اخبار ”اسڪول جي بائيڪاٽ ڪريو“ مهم ان ڪري هلائي آهي جو هي اسڪول هڪ مسلم سوسائٽي جي چو حوالي ڪيو ويو آهي؟ ٻن مهينن کان هندن جي منظم پروپيگنڊه جاري آهي. جيڪا نهايت افسوسناڪ آهي. (روزنامه الوحيد 27 آگسٽ 1937ع)

نور محمد وڪيل کي مسلمانن ۾ تعليم عام ڪرڻ جي جنون جي حد تائين نه رڳو دلچسپي هئي، پر عشق هو. سندن هاسٽل ۾ شاگردن کي رهائش ۽ تعليم ڏيارڻ جو طريقي ڪار اهو هو ته نور محمد صاحب هر ضلعي لاءِ هاسٽل ۾ مخصوص سيٽون رکندو هو. ان کان پوءِ پاڻ ذاتي طور تي سڄي سنڌ جو دورو ڪندو هو ۽ جڏهن اها خبر پوندي هيس ته فلاڻن فلاڻن ڳوٺن ۾ هن شاگردن پوزيشن حاصل ڪئي آهي ته انهن ڳوٺن ۾ وڃي انهن شاگردن جي والدين کي راضي ڪندو هو ته پنهنجن ٻارن کي اجازت ڏين ۽ ڪين اهو به چوندو هو ته سندن تعليم ۽ ٻيو سمورو خرچ هو پاڻ برداشت ڪندو ۽ اهڙي طرح نور محمد صاحب انهن پوزيشن کڻندڙ شاگردن کي پنهنجي اسڪول ۾ اچي داخل ڪندو هو. هاسٽل ۾ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت اٿڻ ويهڻ جي پنهنجي سر پڻ نگراني ڪندو هو.

اسڪول جي لاءِ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اعليٰ قابليت رکندڙ استادن جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. استادن جي پڻ نگراني پنهنجي سر پاڻ نور محمد ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو ٻين اسڪولن جي ڀيٽ ۾، انهيءَ اسڪول جو امتحاني نتيجو سٺو ۽ بهتر نڪرندو هو. ان جي شاهدي الوحيد اخبار 9 جون 1936ع مان ملي ٿي. جنهن ۾ نور محمد صاحب جي اسڪول جي امتحاني رزلٽ جي تعريف ڪئي ويئي آهي. جناب نور محمد صاحب جي

ذهانت، قابليت ۽ علمي صلاحيت جو اندازو پير غلام مجدد سرهندي جي هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو، جڏهن ميرٺ ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي ته سنڌ مان مون کي ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻو پيو. ان ڪانفرنس ۾ مولانا محمد علي جوهر، مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم، ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا بزرگ موجود هئا. انهيءَ وقت هڪ نشست ۾ عليڳڙهه ڪاليج جي اخبار جي ايڊيٽنگ جي متعلق بحث ڇڙيو، مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا آزاد به حصو ورتو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ته اتي گڏيل راءِ سان اها ڳالهه سامهون آئي ته اخبار جي ايڊيٽنگ لاءِ مسٽر نور محمد سنڌي ئي موزون ثابت ٿيندو. پر شرط اهو آهي ته هو پنهنجون خدمتون عليڳڙهه جي حوالي ڪري ڇڏي. مون انهيءَ وقت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو ته "حال نکوست از بهارش پيدا ست"

غائبانه طور تي انهن مدبرن جي مجلس ۾ نور محمد جي ساراهه ٻڌي مون کي محسوس ٿيو ته هي به ڪامل هستي آهي." (رسالو الڪمال 12 سيپٽمبر 1937ع)

اها هڪ مسلم حقيقت آهي ته نور محمد وڪيل صاحب دل ۾ سنڌي مسلمانن جي لاءِ درد رکندڙ هو ۽ انهن جي تعليمي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيو. اهو قابل تعريف آهي. مٿين ڳالهين مان ثابت ٿيو ته ان وقت ۾ سندس صلاحيت جو سڪو هر خاص ۽ عام جي دل تي ويٺل هيو ۽ سنڌ جي جديد تعليمي تاريخ جو ذڪر جڏهن به ڇڙندو ته نور محمد صاحب جي تذڪري کانسواءِ اها تاريخ نامڪمل هوندي.

(جوڳيئڙا جهان ۾ (مشاهير دادو) (محمد امين مگسي، علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ 1997ع تان ورتل)

## نور محمد – سنڌ ۾ مسلم تعليم جو علمبردار

قاضي محمد اڪبر

مون کي حيدرآباد ۾ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي باني محترم نور محمد صاحب سان واقفيت ۽ ڪم ڪرڻ جو شرف حاصل آهي. هو دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ مان آيو هو ۽ هڪ پرائمري اسڪول جي استاد جو پٽ هو. ان ڪري ڪيس غريب سنڌي مسلمان شاگردن جي حال احوال جي پلي پت واقفيت هئي ۽ تعليم جي ميدان ۾ سندن پسماندگيءَ جي سببن کان بہ واقف هو. سندس والد مالي تنگدستيءَ جي باوجود هن پنهنجي سلجهيل پٽ کي پنهنجي تعليمي ميدان ۾ اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ڪيس سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي موڪليو، جتان هن مئٽرڪ پاس ڪئي. جناب نور محمد عليگڙهہ ويو، جتي انهن ڏينهن ۾ مسلمانن جي تعليم لاءِ تمام سازگار ماحول هو. عليگڙهہ يونيورسٽي نہ رڳو هڪ تعليمي ڪيمپس هئي، پر مسلمانن جي زندگي، ثقافت ۽ روايتن جي ارتقا جو هڪ وڏو مرڪز هو. عليگڙهہ جا شاگرد مجموعي طور اسلامي پائيچاري جو جذبو سمائي رهيا هئا ۽ هند-پاڪ برصغير جي مسلمانن جي آزاديءَ لاءِ مشنري طور دنيا ۾ داخل ٿيا.

عليگڙهہ جي پروڊڪشن جو هڪ بهترين مثال مسٽر نور محمد هو، جيڪو قانون جي ڊگري هجڻ جي باوجود وڪيل کان وڌيڪ هڪ سياسي ۽ سماجي ورڪر جي حيثيت ۾ حيدرآباد آيو ۽ اچي آباد ٿيو. ان وقت حيدرآباد شهر ۾ مسلم قيادت جو هڪ خال موجود هو. جيڪو ڪميونٽي کي تعميري ڪمن لاءِ منظم ڪرڻ جي قابل هو ۽ هن هتي خال پُربو.

مسٽر نور محمد بہ پيرا بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊبو ويو ۽ ان فورم تي مسلمانن جي جدوجهد جي چيمپئن جي حيثيت سان پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏنو. هن ڪڏهن بہ همت نہ هاري ۽ ٽئين مدي واري

اليڪشن ۾ پنهنجي هار کي عظيم اخلاقي فتح ۾ بدلائي پنهنجي زندگي سماج جي تعليمي ترقيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

ان کان پوءِ هو مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول جيڪو هاڻي نور محمد هاءِ اسڪول جي نالي سان مشهور آهي، هن ان بمبئي گورنمينٽ جي طاقتور هندن جي سخت مخالفت جي ڪري محفوظ ڪيو. مسلم هاسٽل ۽ نور محمد هاءِ اسڪول جون عمارتون هندو عامل برادريءَ جي وچ ۾ قائم ڪيل واقع هئا. جن جو سنڌ جي سرڪاري ۽ سياسي زندگيءَ تي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو هو. اها مجيل حقيقت آهي ته نور محمد کي پنهنجو رهائشي گهر گروي رکڻو پيو ته جيئن حڪومت وٽ جمع ڪرايل رقم جي خساري کي پورو ڪري سگهجي. قربانيءَ جو اهو مثالي جذبو اڄ جي دور ۾ به مسلمانن جي خوشحال طبقي ۾ تمام گهٽ آهي. مون کي ياد آهي ته حيدرآباد ۾ ٿيل مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۽ سنڌ علحدگيءَ واري ڪانفرنس ۾ نوجوان پرجوش ورڪر جي حيثيت ۾ محترم نور محمد سان منهنجي وابستگي هئي. اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي قابل آهي ته انهن ڏينهن ۾ سياسي اختلاف ڪڏهن به هڪ نقطي کان ٻاهر نه وڌيا هئا. جڏهن به ڪو گڏيل اجتماعي سبب پيدا ٿيو ته ذاتي ۽ سياسي اختلافن کي منهن ڏئي گڏيل دشمنن جي چيلنج کي منهن ڏنو ويو. مون کي ياد آهي ته ميران محمد شاهه ۽ نور محمد کي هڪ ئي پليٽ فارم تي جهيڙيندي ڏٺو هو. اهو اسان جي اڄ جي سياستدانن لاءِ هڪ سبق هئڻ گهرجي، جيڪي اڪثر پنهنجي ذاتي دشمنيءَ جي ڪري قومي ۽ اجتماعي مفادن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سنڌ ۾ ڪيترائي وڏا ۽ امير ماڻهو هئا جن جا نالا وقت گذرڻ سان وسري ويا آهن. پر جن قوم جي خدمت ڪئي انهن کي هميشه ياد رکيو ويندو. محترم نور محمد صاحب جي لازوال قربانين سان سنڌ جي

مسلمانن جي تعليم ۽ تعليمي ادارا هميشہ لاءِ زنده آهن ۽ سندس بي لوث خدمتن لاءِ سدائين يادگار.

(سنڌ مسلم ڪاليج جي 1960ع واري مخزن ۾ آيل انگريزي مضمون جو سنڌي ترجمو)

## مسٽر نور محمد وڪيل جون تعليمي خدمتون

شيخ علي محمد

واديءَ سنڌ وقت بہ وقت اهڙين شخصيتن کي پيدا ڪيو آهي، جن قومي خدمت خاطر تن من ۽ ڌن جي بازي لڳائي آهي. مسٽر نور محمد بہ اهڙن بي لوث خدمتگارن مان هڪ هو. اڄ 22 آگسٽ 1963 تي نور محمد جو يوم وفات آهي. مرحوم ذات جو لاکير، ڳوٺ چڪرو، تعلقي ڏوڪري جو وينل هو. سندس والد ميان محمد سجاول سنڌي اسڪول ماستر هو. مرحوم ابتدائي تعليم جا چار درجا پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو ۽ انگريزيءَ ۾ ميٽرڪ تائين سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. تنهن کان پوءِ مرحوم سردار محمد يعقوب جي ڪوشش سان علي مراد اسڪالرشپ وٺي، عليڳڙهہ مان بي. اي، ايل. ايل. بي پاس ڪري پنهنجي دوست محمود علي بيگ سان گڏ حيدرآباد دکن ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. مرحوم بہ شاديون ڪيون هيون. پهرين شادي پنهنجي مائٽن ۾ ڪيائين، جنهن مان هڪ نياڻي ڄايس ۽ پوئين شادي محمود علي بيگ وارن مان ڪيائين جنهن مان پڻ هڪ نياڻي ڄايس. مرحوم کي حيدرآباد دکن جي آب هوا راس نہ آئي. تنهن ڪري جلد وطن وري آيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ خيرپور ميرس ۾ جج مقرر ٿيو. بہ سال هتي رهڻ کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي، حيدرآباد سنڌ ۾ آيو. جتي وڪالت ۾ چڱو نالو ڪڍيائين. هن وڪالت ڪندي، هي وقت قوم جي تعليم لاءِ سوچيندو رهيو. انهيءَ ڏس ۾ غلام محمد پرڳڙي جو هڪ قوم جو سچو هڏ ڏوکي هو، سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

نور محمد جون سنڌي مسلمانن ۾ تعليم ڦهلائڻ لاءِ ڪوششون آخر سال 1924ع ۾ "سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس" جي شڪل ۾ ظاهر ٿيون. انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر آفتاب احمد ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ لاءِ ٻين

ٺهرائڻ سان گڏ هڪ هي بہ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ حيدرآباد سنڌ ۾ ٻهراڙي جي مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ هڪ بورڊنگ هائوس ۽ هڪ جدا هاءِ اسڪول قائم ڪيو وڃي.

تنهن ڪانپوءِ نور محمد انهن ٺهرائن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪوشان رهيو. آخرڪار سرڪار ضروري پڇا ڳاڇا بعد ٽريننگ ڪاليج جو حصو (موجوده مسلم هاسٽل نور محمد هاءِ اسڪول) جو ان وقت خالي پيل هو، انهيءَ شرط تي ڏيڻ قبول ڪيو تہ مسلمان هاسٽل کي هلائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهيندا. مئي 1925ع ۾ سرڪار مسلمانن جي ٺاهيل ڪاميٽيءَ "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي" جي نالي سان، جنهن جو پهريون اعزازي سيڪريٽري نور محمد ٿيو.

سيپٽمبر 1925ع ۾ عمارت جو قبضو مسلمانن کي مليو. هاسٽل ملڻ ڪانپوءِ مرحوم نور محمد جي ڪوشش سان مسلمانن جي هڪ جدا اسڪول لاءِ مسلمانن جو هڪ وفد بمبئي سرڪار سان مليو. جنهن (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول) جو انتظام سال 1924ع ۾ "مسلم ايجو ڪيشن سوسائٽي" جي حوالي ڪيو ۽ حيدرآباد هاءِ اسڪول جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

محترم نور محمد جي مرضي هئي تہ حيدرآباد سنڌ ۾ "مسلم يونيورسٽي" قائم ڪريان. مگر افسوس جو هو پنهنجي مرضي جي تڪميل کان اڳ 22 آگسٽ 1937ع ۾ ڪراچيءَ ۾ رحلت ڪري ويو. سندس وصيت موجب سندس خاڪي جسم حيدرآباد سنڌ ۾ مسلم هاسٽل جي حدن اندر سپرد خاڪ ڪيو ويو. مرحوم جي وفات بعد سندس نالي جي يادگيريءَ لاءِ اسڪول جو نالو نور محمد هاءِ اسڪول رکيو ويو. نور محمد جي برپا ڪيل "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي" هن وقت نور محمد هاءِ اسڪول ڪانسواءِ هڪ سنڌي ۽ هڪ اردو پرائمري اسڪول، هڪ مڊل اسڪول ۾ انٽرميڊيئيٽ آرٽس ۽ سائنس ڪاليج پڻ هلائي رهي آهي.

(عبرت اخبار، 22 آگسٽ 1963ع تان ورتل)

## نور محمد وڪيل سنڌ جو سر سيد

غلام محمد پنهور

مسٽر نور محمد هڪ اهڙي شخصيت هئي جنهن کي مسلم قوم جي مرض جي پوري پوري ڄاڻ هئي. هن انهيءَ روحاني مرض جو بي نظير علاج ڳولي ڪڍيو. هو رات ڏينهن ڪو شان رهندو هو ۽ دل ۾ اهو ئي خيال هوندو هوس ته ڀهراڙيءَ وارن غريب مسلمان ٻچن کي ڪيئن تعليم جي شمع سان منور ڪريان جو هو شهرين سان گڏجي، هم رفيق ٿي ساڳئي خيال ۽ مقصد سان ترقيءَ جي راهه تي هلن. سنڌ جي تعليمي ترقيءَ لاءِ جيڪي ڪجهه ميان حسن علي افندي، سردار قادر داد خان، ميان الهندي شاهه ۽ ديوان نولراءِ ۽ ٻين ڪم ڪيو. مسٽر نور محمد جون خدمتون به انهن کان گهٽ ڪونهن. مسٽر نور محمد پنهنجا ذاتي ڏنڊا ڌاڙي سڀ ڦٽا ڪري مجنونءَ وانگر تعليم جي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو پنهنجي مال ملڪيت ۽ جدائداد وغيره قوم جي اپارڻ ۾ قربان ڪري ڇڏيائين. سندس سوانح پڙهائي ٿي ته ڪيئن هن پاڻ کي ترقي وٺائي پوءِ پنهنجي ٻين ڀائرن جي خدمت ۾ پنهنجي حياتي صرف ڪئي. وڪالت جو ڏنڌو به ڪندو رهندو هو ته مسلم قوم جي تعليم لاءِ به سوچيندو رهندو هو. ڏهن ٻارهن سالن تائين سوچيندو رهيو آخرڪار سندس سوچ ۽ فڪر هٽي وچي هنڌ ڪيو.

تاريخ 10 ڊسمبر 1924ع تي حيدرآباد شهر جي مشهور عمارت هومسٽيڊ هال ۾ "سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس" ٿي هئي جنهن جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر هز ايڪسيلنسي سر ليسلي ولسن ڪيو هو ۽ صدارت وري عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شهزادي آفتاب احمد صاحب ڪئي هئي. گورنر صاحب پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ چيو ته "اگرچه مون کي گشت ۾ ڪم تمام گهڻو هو ته به مون ڪانفرنس جي دعوت خوشيءِ سان قبول ڪئي جيئن اوهان چيو آهي ته منهنجي هتي ملاقات ڏيڻ جي معنيٰ آهي ته منهنجي

توهان سان همدردي آهي سا ڳالهہ بلڪل صحيح آهي. آءٌ ڏسي گھڻو خوش ٿيو آهيان جو صاحبزادو آفتاب احمد خان جو عليگڙهہ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر آهي سو اوهان سان شريڪ ٿيو آهي. مونکي يقين آهي تہ سندس صلاح مصلحت اوهان لاءِ گھڻو مفيد ٿيندي. مونکي ڏسي گھڻي خوشي ٿي آهي تہ توهين منتظر آهيو تہ ٻين قومن سان ڪلهو هڻي اوهين بہ پنهنجي منهن ۾ مان مٿي رکو. اسين اوهان کي صلاح ٿا ڏيون تہ توهين پنهنجون ڪاميٽيون ٺاهيو جي اوهان جي رٿن کي هميشہ هستيءَ جي صورت ۾ آڻين ۽ اهڙين ڪاميٽين جو ويچار ڪيل ٺهراءُ سرڪار لاءِ مفيد ٿيندا ۽ انهن تي آءٌ ۽ اسان جا وزير غور ڪنداسون. انهيءَ جي باري ۾ اسان پوني ۾ گھڻو ڪجهہ چيو آهي، جنهن جي اپٽار هتي ٻيهر ڪرڻ مناسب نٿي سمجهجي ۽ اسين گھڻي خوشي سان هن ڪانفرنس کي کوليون ٿا". (نوٽ مٿئين تقرير جو فقط ٽڪرو ڏنو ويو آهي.)

هن ڪانفرنس ۾ جيڪي بہ سنڌ جي مسلمانن جي سٺي تعليم ترقيءَ ۽ سڌاري لاءِ ٺهراءَ پاس ٿيا هئا انهن مان مکيہ ٺهراءُ هي بہ هو تہ حيدرآباد شهر ۾ هڪ مسلم هاسٽل ۽ هڪ هاءِ اسڪول قائم ڪيو وڃي.

انهيءَ ڪانپوءِ مسٽر نور محمد تعليمي ڪانفرنس جي مٿئين ٺهراءَ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪندو رهيو ۽ انهي جي سرانجامي جو سهرو بہ سندس سر تي سونهين ٿو جو گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان نالو ڦيرائي "حيدرآباد هاءِ اسڪول" ڪيو ويو. موجوده نور محمد هاءِ اسڪول ۾ جيڪو انهيءَ زماني جو فرنيچر رکيل آهي اڄ بہ انهيءَ تي اهو نالو "حيدرآباد هاءِ اسڪول" نظر اچي ٿو.

حيدرآباد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ معزز مسلمانن جو بورڊ مقرر ٿيو جنهن جو نالو "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي رکيو ويو ۽ جنهن جو جنرل سيڪريٽري مرحوم نور محمد ٿيو. تنهن کان پوءِ تہ وڪالت جو ڌنڌو ترڪ ڪري رات ڏينهن مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي ترقي لاءِ مسلمان

شاگردن کي وڏيک اسڪالرشپون وٺي ڏيڻ ۾ ۽ اسڪول کي گرانٽ وٺي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو.

محترم نور محمد پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي ترقي متعلق جيڪي به رپورٽون ڇپائي شايع ڪرايون آهن تن جي مطالعي مان صاف نظر ايندو ته هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل هر پهلوءَ کان ترقيءَ تي هئا. مسلم هاسٽل جي انتظام ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ متعلق جيڪي ڪجهه اخبار تعليم ڊسمبر 1932ع ۾ ايڊيٽوريل ۾ لکيو ويو آهي ان مان فقط ٽڪرو هتي ڏجي ٿو:

"هتي حيدرآباد ۾ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي زير نگران هڪ عاليشان بورڊنگ هائوس بمع اي. وي اسڪول جي آهي (جنهن کي عام طرح مسلم هاسٽل چيو وڃي ٿو) جو اٺن نون سالن کان نهايت پسنديءَ جهڙو ڪم ڪري رهيو آهي. ٻهراڙيءَ مان جيڪي شاگرد اسڪالرشپ کڻي وڏيک تعليم لاءِ ڪوشان رهن ٿا تن کي هتي رهايو وڃي ٿو. تعليم تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو ۽ اها ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته جن ڇوڪرن اسڪالرشپون ڪنيون آهن سي انٽرميڊئٽ امتحان کان پوءِ وڃائي نه ويهن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي بانيڪارن خاص ڪري مسٽر نور محمد وڪيل پنهنجو سمورو وقت مسلم قوم جي ٻچن جي سڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي."

ياد رکڻ گهرجي ته ڪافي لکپڙهه بعد جڏهن اسڪول جون واڳون مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي سپرد ٿيون تڏهن نئين بلڊنگ جي تعمير لاءِ سوسائٽي سر غلام حسين هدايت الله کي عرض ڪيو ته اچي نئين بلڊنگ جو سنگ بنياد رکي. انهي سلسلي متعلق جيڪي دعوت نامي جا ڪارڊ ڇپيا ويا هئا تن مان خوش قسمتيءَ سان هڪ هٿ لڳي ويو آهي جنهن ۾ خان بهادر حاجي محمد احسان چيئرمين مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي طرفان دعوت ڏنل آهي ته 30 آڪٽوبر 1934ع تي سومر ڏينهن صبح جو ساڍي اٺين وڳي مهل

اسڪول جي احاطي اندر سر غلام حسين هدايت الله سنگ بنياد رکڻ قبول فرمايو آهي. اخبار تعليم نومبر 1933ع ۾ لکي ٿي ته:

"سنگ بنياد کان اڳ ۾ سر غلام حسين صاحب ڪليڪٽر صاحب مسٽر جي ڪي جوشي، آءِ. سي. ايس. سان گڏ تشريف فرما ٿيو تنهن کي سوسائٽي جي پاران بلڪل گهڻي مرحبا سان حاضرين مجلس جن ۾ ڪيترا معتبر مرد ۽ ڪيتريون معزز عورتون ڪيترن اسڪولن جا ماسترن ۽ شاگرد حاضر هئا تن جي اڳيان سر صاحب کي ائڊريس پيش ڪئي ويئي. مسلم هاسٽل جي بئنڊ سرن سان حاضرين مجلس کي وندرايو. ان موقعي تي مسٽر نور محمد اعزازي سيڪريٽري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي ايڊريس پڙهي جنهن جو جواب سر صاحب هيٺين لفظن ۾ ڏيڻ فرمايو ۽ سر صاحب جي جواب ۾ هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بمبئي ڪاتي جو پيغام پڻ هو." سر غلام حسين هدايت الله صاحب جيڪا تقرير ڪرڻ فرمائي سا ڪافي لمبي آهي جنهن ڪري ان مان اقباسات ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. سر صاحب فرمايو ته "هن نئين اسڪول جي جڳهه جي سنگ بنياد رکڻ لاءِ جو مونکي چيو ويو آهي تنهن مان جا خوشي مونکي حاصل ٿي آهي تنهن جي بيان ڪرڻ جي ايتري ضرورت محسوس نٿو ڪريان... "

شڪرنا ڏٺيءَ جا جو مسلمانن هاڻي اک کولي آهي ۽ تمام گهڻي تعداد ۾ تعليم پرائڻ جي ڪم کي لڳي ويا آهن. هن لاءِ توهان جي سوسائٽيون ۽ توهان ميمبرن جهڙا قومي ۽ ملڪي حب وارا اهي ماڻهو مبارڪ جا مستحق آهن جن هھڙن ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. انهيءَ چوڻ ۾ مبالغو نه ٿيندو جي آءٌ توهان کي ٻڌايان ته هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بهادر کي ڪابه ڳالهه اهڙو خوش نه ڪري جهڙو صاحب ممدوح هن اسڪول جي سنگ بنياد رکڻ ۾ خوشي ٿئي ها. سوسائٽيءَ کي اسڪول جون واڳون دير سان مليون تنهن ڪري اهڙو خوشي جو ڪم هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بهادر کان سر انجام ٿي نه سگهيو آهي. هن موقعي تي پنهنجي حاضر هجڻ جي عيوض مهرباني ڪري

هيٺيون پيغام اوهان ڏانهن موڪليو آهي جو آءٌ اوهان کي پڙهي ٻڌايان ۽ جو مونکي پڪ آهي تہ توهان جي هن وڏي ڪم ۾ همت افزائي جو باعث ٿيندو. مهرباني ڪري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي ۽ حيدرآباد سنڌ جي مسلمانن کي منهنجي پاران مسلم ايجوڪيشن هاءِ اسڪول لاءِ جنهن جو توهان هن وقت سنگ بنياد رکون ٿا، مبارڪون ڏيندا.

نو سال کن اڳي جنهن مسلم هاسٽل جي جاءِ سرڪار مسلمانن کي ڏني هئي تنهنجو بندوبست جنهن پيرايہ تي سوسائٽي رکيو آهي سو مونکي اها اميد ٿو ڏيکاري تہ اهي اسڪول جي انتظام رکڻ ۾ بيشڪ ڪامياب ٿيندا. منهنجي تمام گهڻي همدردي سوسائٽي جي انهي وڏي ڪم سان آهي. جنهن جو بار هوءَ مسلمان ٻارن جي تعليم جي ترقي ۽ خوشنودي لاءِ پنهنجي ڪلهن تي رکي ٿي.“

مطلب تہ سائين نور محمد انهي تعليمي اداري جو باني آهي جنهن کي توهان سڀ اڄ هر لحاظ کان اوچ تي ڏسي رهيا آهيو ۽ جنهن مان بيشمار افراد فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. اللہ تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس عطا ڪري آمين.

(عبرت اخبار 23 آگسٽ 1966ع تان ورتل)

## نور محمد ۽ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم

اڄ هن علائقي جي مايہ ناز فرزند ۽ هڪ وڏي محسن محترم نور محمد جي ورسي آهي. هن علائقي ۾ اهو ڪير آهي جو سندس نام نامي اسم گرامي کان واقف نہ هجي هن علائقي جي مسلمانن ۾ تعليمي بيداري آڻڻ جو سهرو جن شخصيتن جي سر آهي مسٽر نور محمد انهن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. خانبهادر حسن علي آفندي، نور محمد، مير غلام محمد ۽ سيد الهندو شاهہ چند اهڙيون هستيون آهن جن هن علائقي ۾ اهڙي وقت تي مسلمانن جي تعليم ڏانهن توجہ ڏنو ۽ مسلمان ٻارن جي پڙهائي لاءِ اسڪول قائم ڪيا جڏهن ان ڏس ۾ جتي ڪٿي غير مسلمن جو تسلط هو.

اڄ هن علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ٿيل آهي ۽ هزارين مسلمان پنهنجي تعليم حاصل ڪري سٺن مرتبن تي پهچي ويا آهن. حقيقت ۾ اهو سڀ محترم نور محمد ۽ ٻين علم دوستن جي محنتن جو نتيجو آهي جنهن جو ڦل اڄ اسان سڀ ڪائي رهيا آهيون.

حيدرآباد جهڙي شهر ۾ جتي غير وطنن جو پورو پورو قبضو هو، اتي مسلم هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ ۽ ٻهراڙي مان ايندڙ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽل حاصل ڪرڻ ڪو آسان ڪم نہ هو. جيترو اڄ ڪلهہ سمجهي سگهجي ٿو. محترم نور محمد ڪي انهي ادارن قائم ڪرڻ لاءِ زبردست جدوجهد ڪرڻي پيئي ۽ سالن جي محنت ۽ لڙائي بعد هو پنهنجي دلي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو.

محترم نور محمد هڪ هوشيار ۽ ڪامياب وڪيل هو. هو جي گهري ها تہ ان وقت لکن جي جائداد بنائي وٺي ها. مگر سندس ڏور رس نگاهن ڏسي ورتو تہ جي مسلم ٻارن لاءِ تعليم جو موزون انتظام نہ ڪيو ويو تہ هن علائقي ۾ اڪثريت جي باوجود سندن مستقبل تاريڪ رهندو ۽ هو اقليتن جي رحم ۽ ڪرم

تي رهجي ويندا. اهڙي احساس هن کي بي آرام ۽ بيقرار ڪري ڇڏيو پاڻ پنهنجي ڪامياب وڪالت کي خيرباد چئي اسڪول کولڻ جي جدوجهد ۾ لڳي ويو چند سالن جي جدوجهد بعد هن صاحب اهو اسڪول قائم ڪيو، جنهن جي تعمير تي لکين روپيہ خرچ آيو جو هن چندن ۽ امداد ذريعي پورو ڪيو. انهي ڏس ۾ هن کي پنهنجو رهائشي بنگلو بہ گروي رکڻو پيو جو مرڻ گهڙي تائين آزاد نہ ٿي سگهيو ۽ نہ وري بعد ۾ ٿي اهو ڪنهن آزا د ڪرايو.

محترم نور محمد کي مسلم ٻارن جي پڙهائي جو ايترو تہ اونو هوندو هو جو پنهنجي سر والدين سان ملي انهن کي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ تي زور ڏيندو هو. اسڪول ۾ روزانہ اچڻ جي باوجود پاڻ هاسٽل ۾ بہ روز ايندو هو. پڙهائي جي علاوه هو ٻارن جي جسماني صحت ۽ اخلاق تي بہ زور ڏيندا هئا. سندن حياتي ۾ بعض فوجي ماهر ٻارن کي اچي ڊرل ۽ پريڊ ڪرائيندا هئا.

هن کي اسڪول ۽ ٻارن سان نهايت گهڻو پيار هوندو. بظاهر هو نهايت سخت نظر ايندا هئا، مگر سندس اندر ٻارن لاءِ نهايت گهڻو پيار هوندو هو. سندن رهڻي ڪرڻي خوراڪ پوشاڪ ۽ صحت وغيره جو خاص خيال رکندا هئا. وفات بعد سندن لحد بہ هاسٽل ۾ تعمير ڪئي ويئي. سندن انتقال تي ڪنهن کهڙو نہ چڱو چيو هو. لحد بہ منهنجي ٻچن ۾ رهي، حياتي ۾ جن جو نگهدار هئس.

مرحوم کي اسڪول کي وڏائي ڪاليج ڪرڻ ۽ ڇوڪرين جو اسڪول قائم ڪرڻ جو بہ گهڻو خيال هوندو هو. عمر وفا ڪريس ها تہ پاڻ انهن پروگرامن کي بہ پايہ تڪميل تي پهچائي وجن ها.

خوشي جي ڳالهہ آهي تہ نور محمد هاءِ اسڪول جو موجوده سيڪريٽري مسٽر الله بخش نظاماڻي ڏينهن رات جي ڪوشش سان محترم نور محمد جي انهن خوابن جي عملي تعمير ڪري رهيو آهي. نظاماڻي صاحب چند سال ٿيا تہ نور محمد هاءِ اسڪول جي پرنسيپال ۽ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي سيڪريٽري جو عهدو سنڀاليو. انهن چند سالن اندر اسڪول جي مٿان ماڙي تعمير ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري شاگردن کي منجهند واري نشست کان

نجات ملي ۽ قريبن ڏيڍ هزار شاگرد هڪ ئي نشست ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

مسٽر نظاماڻي جي ڪوشش سان مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي زير اهتمام آرٽس، سائنس ۽ ڪامرس ڪاليج قائم ٿي چڪا آهن ،جي تيزي سان ترقي ڪري رهيا آهن ۽ انهن جا سالانہ نتيجا نهايت حوصلہ افزا آهن.

اسان کي اميد آهي تہ مسٽر نظاماڻي طرفان ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ويندي، جيئن تعليم نسوان متعلق بہ مرحوم جي خواهش پوري ٿي سگهي.

اڄ هن علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ محترم نور محمد کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو. مگر ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو اهو ئي بهتر طريقو آهي تہ سندس قائم ڪيل ادارن کي زور وٺايو وڃي ۽ هن علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسڪول ۽ ڪاليج کوليا وڃن جيئن اسان جو هر ننڍو وڏو پوري طرح تعليم يافتہ هجي ۽ مادر وطن جي گهٽي گهٽي ۾ خدمت ڪري سگهي. اسان آخر ۾ مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪندي اها ئي دعا ڪنداسين تہ پاڻ جنهن مقصد خاطر اسڪول کوليو هو، اهو پوري طور حاصل ٿئي ۽ علائقو سندس خواهش موجب علم جي روشني سان منور ٿي وڃي.

(عبرت اخبار 23 آگسٽ 1966ع تان ورتل)

## نور محمد وڪيل

**محمد موسیٰ پيٽو**

سنڌي مسلمانن ۾ جديد تعليم جي وڌاءَ ۽ فروغ ۽ تعليم جي ذريعي زندگي جي جاکوڙ ۽ خوشحالي جي دور ۾ هندن سان مسلمانن کي وک وک ۾ وجهي هلائڻ جي خواهش جي پورائي ڪارڻ، جن شخصيتن اڻ مٽ ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن ۾ نور محمد وڪيل جو نانءُ اُپ وانگر اونچو نظر اچي ٿو. اڄ اسان جا سنڌي نوجوان مسٽر نور محمد جي نالي ۽ ڪارنامن مان بنهه اڻواقف آهن. نصاب جي ڪتابن يا شخصيتن جي سوانح عمرين ۾ پڻ نور محمد جو نالو ڳولهيو نه ٿو لڀي، پر سچ اهو آهي ته تعليم جي حوالي سان سنڌين جي نسلن تي نور محمد وڪيل جا انيڪ احسان ۽ مٺين مهربانيون آهن. سنڌ جي تعليمي تاريخ هن جي نانءَ بنان نامڪمل ۽ اڻپوري آهي.

اڄ کان سٺ ستر سال اڳ، جڏهن سنڌي مسلمانن ۾ جديد تعليم نالي ماتر هئي ۽ ٿورڙائي واري قوم هندو، تعليم ۾ برتريءَ ڪري زندگيءَ جي هر شيءِ ۾ ڇانئنجندي پئي ويئي انهيءَ ويل نور محمد وڪيل ڪيئن پنهنجي صلاحيتن ۽ توانائين سان ان ميدان ۾ مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ ڪاهي پيو؟ هن مضمون ۾ ان بابت ڪي حقيقتون ۽ ويچار بيان ڪبا، پر سڀ کان پهرين نور محمد وڪيل جي زندگيءَ جي حالتن تي هڪ مٿاڇري نظر وجهندا هلون.

مسٽر نور محمد جي پيدائش جي ورهيه جي پروڙ ڪانه ٿي پوي. گهٽو ڪري ته هو 1880ع ۾ ڄائو سندس والد صاحب ميان محمد سجاول، پرائمري اسڪول ۾ استاد هو. سندس ڳوٺ چڪرو لب درياهه هو. پرائمري اسڪول جي نوڪريءَ دوران ئي ميان محمد سجاول جي بدلي ڳوٺ جمعو لاکير تعلقو ڪڪڙ ۾ ٿي. جنهن ڪارڻ هو سدائين رهڻ لاءِ انهيءَ ڳوٺ ۾ آباد ٿي ويو. مسٽر نور محمد ابتدائي ڇئن درجن تائين جي تعليم ڳوٺ ۾ ئي پنهنجي پيءُ کان حاصل

ڪئي. سندس والد صاحب، هن جي تربيت اسلامي طرز تي ڪرڻ ۾ ڳوڙهي دلچسپي ورتي.

پرائمري جي چوٿين درجي پڄائڻ کان پوءِ مسٽر نور محمد انگريزي تعليم جي لاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخلا ورتي. مئٽرڪ تائين هن سنڌ مدرسي ۾ تعليم پرائي. انهيءَ کانپوءِ وڌيڪ تعليم جي لاءِ هو عليڳڙهه يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو. اتان هن بي. اي ۽ ايل. ايل. بي. جون ڊگريون حاصل ڪيون. انهيءَ کان پوءِ هو پنهنجي دوست ۽ ساٿي مسٽر محمود علي بيگ سان گڏ حيدرآباد دکن آيو ۽ اتي ئي وڪالت جي پرئڪٽس شروع ڪري ڏنائين.

عليڳڙهه ۾ تعليم جي دوران ئي نور محمد جي پنهنجي مائٽن منجهان ئي شادي ٿي ويئي هئي، پر سندس اها گهر واري جلد ئي گذاري ويئي. انهيءَ کان پوءِ حيدرآباد دکن ۾ رهائش جي دوران محمود علي بيگ جي گهراڻي مان سندس ٻي شادي ٿي، شاديءَ کان پوءِ هو سنڌ واپس هليو آيو ۽ سردار محمد ابراهيم جي رسائي سان هن جو خيرپور رياست ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي حيثيت سان تقرر ٿيو، پر انهيءَ عهدي تي هو گهڻي مدي تائين ڪم نہ ڪري سگهيو. ٻن سالن کان پوءِ هو اها نوڪري ڇڏي حيدرآباد اچي ويو. انهيءَ وقت حيدرآباد ۾ مسٽر غلام محمد ڀرڳڙيءَ، وڪيلن جي هڪ ڪميٽي قائم ڪئي هئي. نور محمد صاحب بہ انهيءَ ڪميٽي ۾ شامل ٿي ويو. نور محمد ڪجهہ مهينن ۾ ئي پاڻ کي لائق ۽ محنتي وڪيل ثابت ڪيو ۽ رئيس جي سماجي، معاشرتي ۽ قومي تحريڪن جي ڪم ۾ هن جو ساڄو هٿ بڻجي ويو. 1923ع ۾ هو بمبئي اسيمبلي جو ميمبر بہ نامزد ٿيو. رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي صحبت، پنهنجي حساس طبيعت، هندن جي بالادستي ۽ مسلمانن جي تباهہ حالي کي ڏسي، نور محمد وڪيل اهو فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجي باقي زندگي مسلمانن ۾ تعليم جي وڌاءَ لاءِ کپائيندو. ڇاڪاڻ تہ جهالت ۽ تعليم جي گهٽتائي ئي، مسلمانن جي زبون حالت، پٺتي رهجي وڃڻ ۽ هندن جي تسلط جو

اصلي ڪارڻ آهي. انهيءَ مقصد جي لاءِ سڀ کان پهرين نور محمد وڪيل حيدرآباد ۾ سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس جي نالي سان 1924ع ۾ هڪ ٽي روزا ڪانفرنس تجويز ڪئي. ڪيترن ئي مهينن تائين انهيءَ ڪانفرنس جا انتظام پورا ٿيندا رهيا. ڪانفرنس ۾ هندستان جي انهيءَ زماني جي چوٽيءَ جي تعليمي ماهرن، پروفيسرن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي، جنهن جي صدارت عليڳڙهه يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شهزاده آفتاب احمد ڪئي.

انهيءَ ڪانفرنس کي سنڌ جي نمائنده ڪانفرنس ثابت ڪرڻ لاءِ نور محمد وڪيل سنڌ جي هر هڪ شعبي ۽ طبقي جي ماڻهن سان رابطو رکيو. وڏيرن، جاگيردارن، جديد ۽ قديم تعليم يافته ماڻهن، سرڪاري ملازمن، اسڪالرن، صحافين وغيره مطلب ته سيني جي ستل جذبن کي جاڳايو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون. الوحيد ۽ ٻين مسلم اخبارن انهيءَ ڪانفرنس جي خبرن کي چڱي اهميت ڏني. ڪانفرنس ۾ تمام گهڻيون ڪم جون ڳالهيون پيش ٿيون. تعليم ۽ نوڪرين جا جيڪي انگ اکر آڏو آيا انهيءَ تي سنڌ کان ٻاهر جي دانشورن ۽ تعليمي اسڪالرن گهوڙهي ڏک ۽ جوڳي عجب جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سموري هندستان ۾، ڪنهن به مسلم اڪثريت واري صوبي ۾ اهڙي ڪريل حالت بنهه ڪونهي. ڪانفرنس جي مرحبائي تقرير ۾ جيڪي انگ اکر پيش ڪيا ويا. انهن وچورن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته 25 سيڪڙو هندو آبادي ڪيئن نه تيز رفتاريءَ سان 75 سيڪڙو مسلمانن تي ڇانئجي ٿي ويئي. حالانڪ 1843ع تائين حڪومت جي تمام عهدن تي مسلمان فائز هئا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ پنجاهه سٺ سالن ۾ ايڏي تبديلي اچي ويئي هئي. ڪانفرنس جي موقعي تي پيش ڪيل انگن اکرن مان اها انهيءَ لاءِ پيش ڪيا ويا آهن. جيئن اها پروڙ چڱي پر پئجي سگهي ٿي ته نور محمد وڪيل ڪهڙين حالتن ۾ مسلمانن جي تعليمي سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪيڏو وڏو احسان ڪيو هو.

ڪانفرنس سنڌي مسلمانن جي تعليمي ترقي ۽ سڌاري ڪارڻ ڪيئي فيصلا ڪيا. انهن مان هڪ اهم فيصلو اهو هو ته حيدرآباد ۾ سموري سنڌ جي سوين مسلمان ٻارن جي رهڻ لاءِ مسلم هاسٽل جوڙي وڃي، اهڙي طرح هاءِ اسڪول جو ڪم پڻ هٿ ۾ ڪنيو وڃي. نيٺ نور محمد وڪيل ڪجهه معزز مسلمانن تي مشتمل هڪ ايجوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪئي. انهيءَ جي بورڊ جو سيڪريٽري ڪيس چونڊيو ويو. جنهن ڪانپوءِ هن وڪالت کي ڇڏڻ سان گڏ سماجي ۽ معاشرتي قسم جي ٻين ڪمن کي به ڇڏي ڏنو ۽ اسڪول ۽ هاسٽل جي ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو ۽ انهيءَ کي ئي زندگيءَ جو مقصد ڪري ڇڏيو.

اهو هاءِ اسڪول اصل ۾ سرڪاري اسڪول هو. جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان شاگرد پڙهندا هئا. نور محمد وڪيل انهيءَ کي مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هندن اسڪول جي عمارت ۽ هاسٽل کي ايجوڪيشنل سوسائٽي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي. انهيءَ مخالفت ۾ هندو پريس، تعليم کاتي جي هندو آفيسرن کان وٺي دانشورن تائين سڀ شامل هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻي کان وٺي ڊاڪٽر ڏيارام جهڙا ماڻهو پڻ مخالفت ۾ اڳيان اڳيان هئا.

نور محمد وڪيل سڀ کان پهرين سرڪار کان هاسٽل جي عمارت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. سخت جاکوڙ کان پوءِ 1925ع ۾ سرڪار کان ان هاسٽل وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انهيءَ هاسٽل جي عمارت ۾ هن اَي. وِي اسڪول قائم ڪيو. بعد ۾ هن سرڪار کان گورنمينٽ هاءِ اسڪول وٺي، اتي هڪ شاندار عمارت جوڙائي. هن کي انهيءَ ڪم خاطر پنهنجي بنگلي کي گروي رکڻو پيو. انهيءَ زماني جي هفتيوار اخبار ”طيرا ابابيل“ هن کي ساراهيندي لکي ٿي: ”نور محمد وڪيل جون تعليمي خدمتون هڪ اهڙو سونهري ڪارنامو آهي جيڪو تاريخ جي ورقن تي قيامت تائين چٽيل رهندو ۽ هن جي نانءُ کي روشن رکڻ جو ڪارڻ بڻبو. نور محمد وڪيل جنهن گرم جوشيءَ ۽ مڙسيءَ سان ڪم کي اڳتي

وڏائي رهيو آهي بي شڪ اهو هن جو ٿي وڙ آهي. هن مسلمان شاگردن لاءِ جيڪي ڪجھ ڪيو آهي اهو ساراهه جو محتاج نہ آهي“. (هفتيوار طيراً ابابيل 18 نومبر 1933ع حيدرآباد)

گورنمينٽ اسڪول ۾ انهيءَ وقت هندو ۽ مسلمان شاگرد پڙهندا هئا. هيڊ ماستر ۽ ڪيئي استاد هندو هئا. نور محمد جو مؤقف اهو هو تہ جيئن تہ هندن وٽ پنهنجا ڪيئي اسڪول موجود آهن، انهن وٽ تعليم جو مسئلو ڏکيو يا اڙانگو ڪونهي، انهيءَ ڪري گورنمينٽ اسڪول مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي، اهو مسئلو جيتوڻيڪ حڪومت سان ڳانڍاپو رکندڙ هو، پر روايتي دشمنيءَ جو ثبوت ڏيندي هندو پريس ۽ مجموعي طور سموري هندو قوم ان جي مخالفت ڪئي ۽ انهيءَ مسئلي کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي ڇڏيائون. انهيءَ ڏس ۾ ”طيراً ابابيل“ حيدرآباد هندو پروپيگنڊا جو جواب ڏيندي لکي ٿي: ”اسان جا هندو دوست هميشہ الزام لڳائيندا آهن تہ مسلمان ساڙ سڙيا آهن، بي وفا ۽ دوکيباز آهن، اهي دل جي صفائي ۽ سچائي کان وانجهيل آهن، مطلب تہ سڄي دنيا جهان جون بڇڙايون مسلمانن ۾ موجود آهن. انهيءَ جي ابتڙ دنيا ۾ جيڪي بہ خوبيون آهن اهي هندن ۾ آهن. اهڙي دعويداري ۽ بهتان بازي ڪرڻ سولي ڳالهہ آهي، پر اصل حقيقت ڪنهن کان لڪل نہ ٿي رهي. جڏهن کان مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي حيدرآباد مسلمانن جي تعليم جو ڪم پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي تڏهن کان هندن جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن. مسلم هاسٽل جي باري ۾ هنن جيڪو سلوڪ اختيار ڪيو اها ڪلهہ جي ئي ڳالهہ آهي. هاڻي جڏهن گورنمينٽ هاءِ اسڪول مسلمانن جي هٿن ۾ اچڻ وارو آهي تہ هندن جا حواس خطا ٿي ويا آهن پين کي ڇڏيو، پروفيسر اين. ڊي. گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر ڏيارام جهڙا ڪدر پوش، هندو مسلم اتحاد جا ديوتا ۽ مهاتما گانڌيءَ جا خاص پيروڪار بہ پاڻ تي ضبط ڪري نہ سگهيا ۽ کلي طرح مخالفت ۾ سامهون اچي

ويا ۽ پنهنجي قوم کي اپيل ڪرڻ لڳا تہ هندن کي گهرجي تہ اسڪول جي حوصلي شڪني ڪن. (طيراً ابابيل 17 جولائي 1933ع)

بهرحال نور محمد وڪيل جون ڪوششون نيٺ ساپ پيون ۽ اهو اسڪول مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي جي حوالي ٿيو. ان سلسلي ۾ الوحيد لکي ٿي: "حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول، سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن جو سيڪريٽري اسان جو بزرگ دوست مسٽر نور محمدوڪيل آهي. هندو اخبارن "اسڪول جو بائيڪاٽ ڪريو" جي مهم صرف انهيءَ ڪري هلائي آهي جو هي اسڪول هڪ مسلم سوسائٽي جي حوالي ڇو ڪيو ويو آهي؟ ٻن مهينن کان هندن جي منظم پروپئگنڊا جاري آهي جيڪا نهايت ئي افسوسناڪ آهي." (روزنامہ الوحيد 27 آگسٽ 1937ع)

اسڪول جي ڪاميابي تي حيدرآباد مان انهيءَ زماني ۾ نڪرندڙ هفتيوار اخبار "الڪمال" نور محمد وڪيل جي خدمتن کي ساراهيندي لکيو: "تعليم کاتي جي پڪڙ، هندن جهڙي منظم ۽ حڪومت جي اچي ۽ ڪاري تي قابض قوم جي روڪ ٽوڪ ۽ هندو پريس جي پروپئگنڊا جي باوجود حيدرآباد گورنمينٽ هاءِ اسڪول، مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جي حوالي ڪري نور محمد چڱ تہ شينهن جي وات مان شڪار ڇڏائي ورتو آهي." (هفتيوار الڪمال حيدرآباد 12 سيپٽمبر 1937ع)

نور محمد وڪيل کي مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ سان جنون جي حد تائين نہ رڳو دلچسپي هئي، پر بنهہ عشق هو. شروعات ۾ وسيلن جي گهٽتائي ڪارڻ مسلم هاسٽل ۾ هر ضلعي لاءِ مخصوص جايون رکيون ويون هيون ۽ ذهين شاگردن جي وٺي اچڻ خاطر نور محمد سموري سنڌ جو دورو ڪندو هو. هن کي جڏهن بہ اها خبر پوندي هئي تہ فلاڻي فلاڻي شاگردن فلاڻي شهرن ۾ ڳوٺن ۾ امتيازي پوزيشن حاصل ڪئي آهي تہ انهن شاگردن جي پنهنجي اسڪول ۾ داخلا ۽ هاسٽل ۾ رهائش لاءِ، پاڻ ڪهي انهن جي ڳوٺ ويندو هو ۽ سندن پيءُ ماءُ

کي انهيءَ ڳالهہ تي راضي ڪندو هو تہ. هو پنهنجن ٻارن کي اهڙي اجازت ڏين ۽ کين اهو بہ چوندو هو تہ سندن کل ٺي خرچ ۽ بار هو پنهنجي سر سهندو. 1930ع تائين بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ شاگردن جو انگ ٻن سون تائين پهتل هو. هو بورڊنگ هائوس ۾ شاگردن جي تربيت ۽ اٿڻ ويهڻ جي پنهنجي سر پاڻ نگراني ۽ رکوالي ڪندو هو. هاءِ اسڪول ۾ هن اردو ۽ فارسيءَ سان گڏ عربي ٻولي جي تعليم کي پڻ لازمي مضمون جي حيثيت ڏني هئي. هن اسڪول جي لاءِ هندستان جي مختلف خطن مان اعليٰ قابليت رکندڙ استادن جون خدمتون حاصل ڪيون هيون. استادن جي تعليم جي پڻ هو پنهنجي سر پاڻ نگراني ڪندو هو. انهيءَ جو ئي نتيجو هو جو، سنڌ جي ٻين هاءِ اسڪولن جي مقابلي ۾، انهيءَ اسڪول جو امتحاني نتيجو سڀني کان سٺو ۽ بهتر هوندو هو. انهيءَ جو اندازو الوحيد جي هيٺينءَ رپورٽ منجهان لڳائي سگهجي ٿو: ”هن سال ميٽرڪ جو نتيجو ڏاڍو مايوس ڪندڙ نڪتو آهي جنهن تي هر طرف کان واويلا ڪئي وئي. پر حيدرآباد (نور محمد) هاءِ اسڪول جي ميٽرڪ جي رزلٽ اهڙي شاندار آهي جنهن جي ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. سنڌ جي ٽئن هزار شاگردن مان رڳو 15 سئو شاگرد ڪامياب ٿيا آهن. ڪامياب شاگردن جو 49 سيڪڙو حيدرآباد هاءِ اسڪول سان لاڳو آهي. هن اسڪول جي ٻن شاگردن کي لارڊ سنڌرسٽ ۽ جيبرا جياڻي اسڪالرشپون مليون آهن، جيڪو اسڪول جو وڏو ڪارنامو آهي. ڏٺو وڃي تہ پوري يونيورسٽي (بمبئي يونيورسٽي) ۾ نتيجن جي لحاظ کان حيدرآباد جو اسڪول پهرين نمبر تي آهي. اصل ۾ اها ڪاميابي نور محمد جي ذاتي ڪوشش ۽ استادن جي محنتن جو نتيجو آهي. مسٽر نور محمد جي هاءِ اسڪول جي باري ۾ پاليسي بابت اعتراض ٿيندا رهندا آهن، پر اها پاليسي نهايت مفيد ۽ ڪارائتي رهي آهي. اميد آهي تہ اڳتي ڪوبہ نور محمد جي خدمتن جو اعتراف ڪرڻ کان سواءِ نہ رهي سگهندو.“ (روزنامہ الوحيد 9 جون 1936ع)

نور محمد وڪيل جو صرف اهو ئي ڪردار ڪونهي تہ هن مسلمانن جي تعليمي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو، پر مرحوم 1919ع ۾ ”سنڌ مسلم“ جي نالي سان حيدرآباد منجهان انگريزي ۾ هڪ هفتيوار رسالو جاري ڪيو، جنهن جو مقصد اهو هو تہ انهيءَ رسالي جي ذريعي خلافت جي مخالفن جي حرڪتن ۽ رٿابندين کي ناڪام ڪيو وڃي ۽ تعليم يافتہ مسلمانن جي آڏو خلافت جي مسئلي جي حقيقت واضح ڪئي وڃي. اهو رسالو اٽڪل هڪ سال تائين جاري رهيو. انهيءَ رسالي جو سمورو ڪم پڻ نور محمد پاڻ ئي ڪندو هو. وري جڏهن 1919ع ۾ ئي هندستان منجهہ، سڀ کان پهرين خلافت ڪميٽي سنڌ ۾ ٺهي ۽ انهيءَ ڪميٽيءَ جي پاران خلافت جي حفاظت ۽ بقاء جي لاءِ روزانہ ”الوحيد“ جي ڪڍڻ جي تجويز سامهون آئي تہ ”الوحيد“ جي جاري ڪرائڻ ۾ پڻ نور محمد بہ ڀرپور حصو ورتو. انهيءَ ڏس ۾ هفتيوار ”الڪمال“ جي 12 سيپٽمبر 1937ع واري ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو مضمون چڱيرڙي معلومات ڏئي ٿو: ”مسٽر نور محمد جي ذهانت ۽ هن جي مقبوليت جو اندازو پير غلام مجدد سرهندي جي هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو، جڏهن ميرٺ ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي وئي تہ سنڌ مان مون کي انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻو پيو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مرحوم ڊاڪٽر انصاري ۽ ٻيا بزرگ موجود هئا. انهيءَ وقت هڪ نشست ۾ عليڳڙهہ ڪاليج جي اخبار جي ايڊيٽنگ جي متعلق بحث ڇڙيو. مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد وغيره بہ حصو ورتو. مون کي چڱي ريت ياد آهي تہ اتي گڏيل راءِ سان اها ڳالهہ سامهون آئي تہ اخبار جي ايڊيٽنگ لاءِ مسٽر نور محمد سنڌي ئي موزون ثابت ٿيندو، پر شرط اهو آهي تہ هو پنهنجون خدمتون عليڳڙهہ جي حوالي ڪري ڇڏي. مون انهيءَ وقت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو تہ: ”حال نڪوست از بهارش پيداست“

غائبانہ طور تي انهن مدبرن جي مجلس ۾ نور محمد جي ساراهہ ڀڏي مون کي محسوس ٿيو تہ هيءُ (نور محمد) بہ ڪامل هستي آهي.”

(متين رسالي جو حوالو)

مسٽر نور محمد وڪيل جي وفات تي ”الوحيد“ هيٺيون ايڊيٽوريل لکيو: ”سنڌ جو ناميارو وڪيل، مسلمانن جي تعليم جو سچو عاشق ۽ شيدائي نور محمد وڪيل اوچتو اسان کان هميشہ لاءِ ڌار ٿي ويو. انا لله و انا اليہ راجعون. مرحوم عليگڙهہ ڪاليج جي پراڻن شاگردن مان هو ۽ عليگڙهہ جي روايتي قوم پروري ۽ قوم نوازي جو مجسمو هو. هن جي دل ۾ هميشہ مسلم قوم جي تعليمي ترقي ۽ مجبوري جو درد رهندو هو. خلافت تحريڪ جي مهڙ ۾ 1920ع ۾ هن خاموشيءَ سان وڏي جاکوڙ ڪئي. سالن تائين هو رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جو ساڄو هٿ رهيو. آخري دور ۾ هن وڪالت جو ڌنڌو ڇڏي، پاڻ کي مسلمانن جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس کان وٺي اسڪول جي حاصل ڪرڻ تائين هن جون خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن. هو اسڪول جي ڪمن ۾ ڏينهن رات اهڙي طرح جنبيل رهيو جو هن جي صحت جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ نيٺ تعليمي خدمت جي مصروفيت ئي هن جي موت جو ڪارڻ بڻي.

مرحوم نور محمد نہ صرف مدرسي هاءِ اسڪول جي خدمت ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏني، پر هاءِ اسڪول جي عمارت جي تعمير لاءِ هن پنهنجي بنگلي کي گروي پڻ رکيو ۽ هزارين روپيا قرض کڻي مسلم قوم جي تعليم لاءِ پاڻ کي ڏکي آزمائش ۾ وڌو. سنڌ جي مسلمانن ۾ قومي ڪم ڪرڻ وارن جي کوٽ آهي. خاص ڪري اهڙن نوجوانن جي کوٽ آهي جيڪي اعليٰ تعليم يافتہ هجن ۽ پنهنجون صلاحيتون قوم جي خدمت لاءِ ڪپائين. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي پڙهيل ڪڙهيل نوجوانن جي تاريخ ۾ اهو مسٽر نور محمد ئي هو جنهن

پاڻ کي قوم جي تعليمي شعبي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هاڻي هو اسان کان ڌار ٿي ويو.” (روزنامہ ”الوحيد“ 24 آگسٽ 1937ع)

(پرين جي پچار، سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد ، 1982ع تان ورتل)

# نور محمد لاکير جون سياسي ۽ سماجي خدمتون

عبدالستار پيرزادو

سنڌ جو سچو سپوت ۽ خادم، قوم جو همدرد ۽ ڀلو چاهيندڙ، قوم مان جهالت جي اونداهي کي ختم ڪرڻ لاءِ علم جا ڏيئا ٻاريندڙ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جو باني نور محمد ولد ميان محمد سجاول لاکير، تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ چڪرو ۾ تاريخ 16 سيپٽمبر 1845ع تي جنم ورتو. سندس والد ماجد پرائمري استاد هو جيڪو ملازمت دوران ڳوٺ جعو لاکير ۾ لڏو لاهي وڃي آباد ٿيو. پاڻ نهايت باوقار ۽ سچو سنڌي مسلمان هو. پينشن تي پهچڻ بعد زمين جو ٽڪرو وٺي باقي حياتي اتي گذاريائين. ميان محمد سجاول لاکير کي اولاد ۾ ٽي پٽ هئا جن مان نور محمد اورچ ۽ ذهين هو، تنهن ڪري کيس پڙهائڻ لاءِ ڀرپائين پنهنجي نظر هيٺ آنديائين. سنڌي جا چار درجا پڙهائڻ بعد پٽ کي سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ داخل ڪرايائين جتان ميان نور محمد مئٽرڪ جو امتحان سٺن مارڪن سان پاس ڪيو. ان کان پوءِ سردار محمد يعقوب جي ذاتي دلچسپي سان مير علي مراد اسڪالرشپ وٺي عليگڙهه يونيورسٽي مان بي. اي پاس ڪيائين، هتي ئي گريجوئيش کان پوءِ ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪري وڪالت جي سند ماڻيائين.

هندستان ۾ ئي حيدرآباد دکن شهر ۾ پنهنجي دوست محمود علي بيگ سان گڏجي وڪالت شروع ڪيائين. ميان نور محمد لاکير کي دکني آب هوا ڀانءِ نه پئي جنهن ڪري ڪجهه وقت بعد وطن واپس موٽيو. هتي خيرپور رياست ۾ جج جي اعليٰ منصب تي ملازمت مليس، پر سندس مزاج ۾ سرڪاري نوڪري جا عنصر ئي موجود ڪونه هيا. اهڙي طرح ملازمت ۾ طبيعت نه لڳڻ ڪري استعيفا ڏئي حيدرآباد ۾ مستقل طور اچي رهيو ۽ وڪالت کي پنهنجو پيشو بڻايائين. پنهنجي ذهانت محنت ۽ اورچائيءَ سان خوب نالو ڪڍيائين.

سندس شمار ان وقت جي قابل ۽ مشهور قانوندانن ۾ ٿيندو هو. سندس نالو ئي نور محمد وڪيل مشهور ٿي ويو. ميان نور محمد هڪ طرف ان وقت سنڌ جو ماهر قانوندان هو ته وري انتهائي خوشحال حيثيت جو مالڪ به. طبيعت انتهائي سادو ۽ سخي مرد انسان هو. هر وقت سندس آفيس غريب سنڌي ماڻهن لاءِ چڻ ته خدمت جو مرڪز هوندي هئي. هن جي دل غريبن جي هر طرح واهر ڪرڻ ۽ مسلمان ٻارن جي تعليم لاءِ آتي هوندي هئي. ويتر وري ان دور جي مشهور سياسي سماجي شخصيت بئريسٽر رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي سان ساڻ ۽ دوستي ٿيڻ ڪري به گهڻو اثر پيو. رئيس ڀرڳڙي جو درجو سنڌ ۾ اعليٰ اصولن جي بنياد تي سياست هلائڻ جي بانيڪار اڳواڻن ۾ ٿيندو هو ۽ رئيس ڀرڳڙي سنڌ جو اهو مسلمان ليڊر هو جنهن جي سياست ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي جي اصول تي ٻڌل هئي. سندس ئي ڪوشش سان سنڌ ۾ 1918ع ڌاري مسلم ليگ جو بنياد پيو هو. بئريسٽر ڀرڳڙي جي صحبت ۾ نور محمد لاکير جو سياست ڏانهن لاڙو ٿيو.

سنڌ ۾ سال 1919ع ۾ خلافت تحريڪ بنياد پيو. هي برصغير جي مسلمانن جي انگريز سرڪار خلاف هڪ عالمي تحريڪ هئي جنهن ۾ مولانا محمد علي جوهر، شوڪت علي جوهر، جواهر لعل نهرو، بئريسٽر جان محمد جوڻيجو، پير تراب علي شاهه راشدي جهڙن اڳواڻن حصو ورتو. نور محمد وڪيل پڻ خلافت تحريڪ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌ ۾ خلافت تحريڪ لاءِ خلافت ڪميٽي جو اجلاس سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو. جيڪو تاريخ 22 مئي 1920ع کان 23 مئي تائين جاري رهيو. هتي ئي خلافت تحريڪ کي سنڌ ۾ وڌيڪ فعال بنائڻ، سنڌ ۾ خلافت ڪميٽين جون شاخون قائم ڪرڻ، ديسي هنرن کي زور وٺائڻ، انگريزي شين کي نه واپرائڻ، انگريز سرڪار خلاف پروپيگنڊه مهم کي تيز ڪرڻ جا فيصلا ٿيا ۽ پاڻ سڀني سنڌ خلافت ڪميٽي جي اڳواڻن جي حيدرآباد ۾ ميزباني ڪيائين. بحيثيت قانوندان تحريڪ کي هڙئون وڙئون مدد

ڪيائين، پر جيئن ته افضان حاڪم انگريز سرڪار سان پنهنجي مفادن خاطر صلح ڪري ۽ مسلمانن سان غداري ڪئي ته هيءَ تحريڪ ناڪام ٿي ۽ انگريز حاڪم جو مسلمان مٿان قبضو مضبوط ٿيو.

خلافت تحريڪ جي ناڪاميءَ سبب خاص طرح سنڌ جي سياستدانن ۾ گهڻي مايوسي پيدا ٿي، پر سنڌي مسلمان سياستدانن هن تحريڪ کي سامهون رکندي آئنده صرف سنڌ جي مسلمانن جي سياست ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پوءِ سنڌ ۾ ٻه سياسي قوتون اڀريون جن پر امن نموني قانوني آئيني جمهوري طريقي سان انگريز سرڪار کان سنڌي مسلمانن جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ وڃي اسيمبليءَ پليٽ فارم تان آواز اٿاريو. هڪ گروپ سر شاهنواز خان ڀٽو صاحب ۽ ٻيو سر غلام حسين هدايت الله جو هوندو هو. مسٽر نور محمد سر غلام حسين هدايت الله سان بحيثيت اهم رڪن سياست ۾ ڪم ڪندو رهيو، پر مختلف موقعن تي سر شاهنواز ڀٽو صاحب سان به گڏجي ڪم ڪيائين. ڪيس پهريون دفعو سال 1920ع ۾ حيدرآباد مان بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي ٽن سالن لاءِ ميمبر چونڊيو ويو جڏهن ته ٻيهر وري سال 1923ع ۾ به سندس ڪيل قومي خدمتن جي بدلي ۾ حيدرآباد جي عوام بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. هن صاحب اٽڪل ڇهه سال اسيمبلي ۾ سنڌي عوام جي نمائندگي ڪئي. هو صاحب سنڌ بمبئي کان ڌار صوبو ٿيڻ بعد سال 1927ع واري اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبلي جو اميدوار هيو، پر ڪيس سيد ميران محمد شاهه هٿان شڪست ملي.

نور محمد وڪيل صاحب ڪي بنيادي طرح سان بحيثيت قانوندان حيدرآباد ۾ رهي قوم جي خدمت ڪرڻ ۾ گهڻو سڪون ملندو هو تنهنڪري هن سياست کان وڌيڪ توجهه قومي خدمت تي ڏني. هن محسوس ڪيو ته جيسين سنڌي مسلمان انگريزي تعليم نه حاصل ڪندا تيسين هو ترقي ڪري نه

سگهندا. ملازمت ۾ حق نہ وٺي سگهندا. پوءِ تہ هن صاحب حيدرآباد ۾ هڪ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ کي پنهنجو نصب العين بڻائي ڇڏيو ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري حيدرآباد ۾ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪيائين. هتي حيدرآباد شهر ۾ سال 1888 ۾ گورنمينٽ اي وي اسڪول قائم ٿيل هيو، جنهن کي نور محمد وڪيل جي ذاتي ڪوشش سان سال 1924ع ۾ هاءِ اسڪول جو درجو ڏئي مٿس نور محمد هاءِ اسڪول نالو رکيو ويو. در اصل تاريخ 5 آڪٽوبر 1924ع تي رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جي حيدرآباد واري بنگلي تي سنڌ ايجوڪيشن ڪانفرنس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن جو مقصد بمبئي جي گورنر سر ليسلي ولسن کي حيدرآباد ۾ دعوت ڏيڻ هو. سنڌ جي خاص وڏيرن، قانوني ماهرن ۽ سياستدانن کان علاوه اسيمبلي ڪائونسل جي چونڊيل سنڌي ميمبرن جهڙوڪ سر شاهنواز خان ڀٽو صدر بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل مسلم ميمبرس، خانبهادر محمد ايوب کهڙو ميمبر بمبئي ڪائونسل، سيد ميران محمد شاهہ،بئريسٽر عبدالرحمان شرڪت ڪئي. نور محمد وڪيل هن ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي. آخر سنڌ تعليمي ڪانفرنس تاريخ 16 ۽ 17 ڊسمبر 1924ع تي حيدرآباد جي هوم اسٽيڊ هال ۾ منعقد ٿي. جنهن جي صدارت سر ابراهيم رحمت الله صدر اسماعيلي خواجہ بمبئي ڪائونسل ڪئي. هن ڪانفرنس جو افتتاح سر ليسلي ولسن گورنر بمبئي پريزيڊنسي ڪيو. هن ٻہ روزه ڪانفرنس ۾ سڄي سنڌ مان چونڊ اهم شخصيتن کي ڪوٺ ڏني وئي ۽ هندستان مان بہ ڪيترا مسلمان تعليمي ماهر شريڪ ٿيا. هن اجلاس ۾ پڙ اي. وي اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيڻ لاءِ تمام مندوبين نور محمد وڪيل MLA جي مطالبي جي تائيد ڪئي. خاص طرح سان عليڳڙهہ يونيورسٽي جي اڳوٽي وائيس چانسلر صاحبزادي آفتاب احمد صاحب جي حمايت ۽ ڪوشش سان نور محمد هاءِ اسڪول قائم ٿيو. هن ٻہ روزه سنڌ تعليمي ڪانفرنس جي استقباليہ ڪميٽي جو چيئرمين سر شاهنواز

خان ڀٽو هو. جڏهن ته مسٽر نور محمد لاڪير وڪيل سيڪريٽري هيو ۽ سيد ميران محمد شاهه کان علاوهه نانا نور الدين غلام علي جوائنٽ سيڪريٽري هئا. مسٽر نور محمد لاڪير ايم. ايل. اي. جي ڪوششن کي ساڀيان ملي. خواب جو هڪ مرحلو مڪمل ٿيو ته هن صاحب پنهنجي اسيمبلي سياست ۽ ٻين ذاتي ڪمن ڪارين کي هڪ پاسي ڪري هن خير جي ڪم ۾ راتيان ڏيهان رڌل رهيو ۽ نور محمد هاءِ اسڪول کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان تي نڪتو. ڪيترن ئي سنڌي مسلمان شاگردن کي سرنديءَ وارن کان اسڪالرشپ ڏياريائين. هن ڏس ۾ لاڪير صاحب لاءِ مشهور آهي ته ضرورت پوڻ وقت پاڻ شهرين کان ٽوپي لاهي پنهنجي ٽوپي ۾ چندو گڏ ڪندو هو. تنهن کان علاوهه حيدرآباد شهر کان ٻاهرين شاگردن لاءِ رهائش جي خاطر هن صاحب مئي 1925ع ۾ عمارت تيار ڪرائي ۽ جيڪا پهرين آڪٽوبر 1925ع کان استعمال ۾ آئي جنهن جو افتتاح پڻ تڏهوڪي گورنر سر ليسلي ولسن ڪيو هو.

مسٽر نور محمد لاڪير سنڌ جي بمبئي کان عليحده صوبي واري جدوجهد ۾ پڻ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن تاريخ 15 نومبر 1932ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس منعقد ٿي ته ان موقعي تي سر شاهنواز خان ڀٽو صاحب کي صدر، خانبهادر محمد ايوب کهڙو صاحب نائب صدر، سيد ميران محمد شاهه کي سيڪريٽري ۽ مسٽر نور محمد لاڪير وڪيل کي ان جو هڪ سال لاءِ جوائنٽ سيڪريٽري جڏهن ته سيد محمد ڪامل ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي پبلسٽي سيڪريٽري، سر عبدالله هارون خزانچي چونڊيو ويو. سنڌ آزاد ڪانفرنس جي استقباليه ڪميٽي جو چيئرمين سر شاهنواز ڀٽو هيو. هن موقعي تي خانبهادر محمد ايوب کهڙي سنڌ جي بمبئي کان ڌار صوبي جي قرار داد پيش ڪئي ته ان جي تائيد ڪندڙ سيد ميران محمد شاهه، مسٽر نور محمد وڪيل، خانبهادر ولي محمد حسن علي ۽ مسٽر مير محمد بلوچ ايم. ايل. اي هئا.

تاريخ 2 آگسٽ 1932ع تي سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جو اجلاس تنظيم جي سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد حسن علي جي گهر منعقد ٿيو. جنهن جي صدارت تنظيم جي چيئرمين سر شاهنواز ڀٽو صاحب ڪئي ۽ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته تاريخ 16 سيپٽمبر 1932ع تي سڄي سنڌ ۾ "سنڌ آزاد" ڏهاڙو ملهائيو ويندو. هن مقصد لاءِ باقائدي پروپيگنڊه مهم هلائڻ خاطر سيد ميران محمد شاهه کي محرڪ ته مسٽر نور محمد لاکير کي مويد مقرر ڪيو ويو.

سنڌي قوم جي هن خادم پنهنجي عمل سان پاڻ کي سنڌ جو سچو سپوت ثابت ڪيو ۽ اڄ به سنڌ صوبي خاص طرح حيدرآباد ضلعي ۾ نور محمد هاءِ اسڪول جي حوالي سان کيس ياد ڪيو وڃي ٿو. هن سڀاجهڙي نيڪ انسان جي اها آخري تمنا هئي ته حيدرآباد سنڌ ۾ مسلم يونيورسٽي قائم ٿئي مگر افسوس جو حياتي ساٿس بقا نه ڪئي. هن پنهنجي زندگي ۾ به شاديون ڪيون پر ڪيس پٽ جي اولاد ڪونه ٿي. سندس ڌيءُ آپا مهر النساء نور محمد جيڪا زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۽ گورنمينٽ گرلس ڪاليج لاڙڪاڻو جي اڳوڻي پرنسيپال رهي آهي.

هن عظيم ۽ امر انسان تاريخ 22 آگسٽ 1937ع تي وفات ڪئي ڪيس سندس وصيت مطابق مسلم هاسٽل حيدرآباد جي احاطي ۾ دفنايو ويو.

(لاڙڪاڻو امر شخصيتون، لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي، 2000ع تان ورتل)

## نور محمد لاکير هڪ تعليمي سڌارڪ

پروفيسر مهر نور محمد

جناب نور محمد لاکير ولد محمد سجاول لاکير 19 صدي عيسويءَ جي آخر ۾ هڪ ڳوٺ چڪرو، تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي تعليم پنهنجي والد محترم محمد سجاول جي رهنمائيءَ هيٺ ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جيڪو ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو. جڏهن سنڌو درياهه ڏوڪريءَ ڏانهن پنهنجو رخ موڙيو ته هو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ، ضلعي دادو ۾ لڏي اچي آباد ٿيو، جتي هن کي سيد نورمحمد ناٿن شاهه جي رهنمائيءَ ۾ پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. مسٽر محمد سجاول ريٽائرمينٽ تي ڪجهه زمين خريد ڪري ڳوٺ جمعي لاکير ، تعلقي خيرپور ناٿن شاهه، ضلعي دادو ۾ اچي آباد ٿيو. جناب نور محمد لاکير ثانوي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان حاصل ڪئي. بعد ۾ عليڳڙهه هليو ويو ۽ الله آباد يونيورسٽي مان قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين. سائين نور محمد لاکير عليگڙهه ڪاليج ۾ به پڙهايو ۽ سنڌ واپسيءَ تي ڪيس خيرپور ميرس جي ڪورٽ ۾ سيشن جج مقرر ڪيو ويو. سرڪاري نوڪري سندس مزاج جي خلاف هئي، تنهن ڪري حيدرآباد سنڌ اچي، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، بار_ايٽ_لا وٽ قانون جي پريڪٽس ڪرڻ لڳو.

جناب نور محمد لاکير هڪ سٺو ليڊر هو ۽ هڪ مضبوط معاشي ۽ سٺي حيثيت جو مالڪ هو، ڇاڪاڻ ته هو هڪ زميندار جو اڪيلو پٽ هو، پنهنجي لاءِ مضبوط استحڪام ۽ اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ جي باوجود انهن ڳالهين سندس شخصيت تي ڪو ٿورڙو به اثر نه هو. هو نهايت ساده مزاج ۽ هڪ اهڙو ماڻهو هو، جنهن جون گهرجون تمام گهٽ هونديون هيون. هو دل جو مهربان هو، ۽ جيڪو ڪجهه هن پنهنجي والد ڪان حاصل ڪيو هو، اهو سڀ سنڌ جي عام

ماڻهن جي خدمت ۾ هوندو هو. سندس گهر ۽ آفيس سنڌ جي عوام جي خدمت ۽ سنڌي ٻارن ۽ نوجوانن جي تعليم جو مرڪز هوندا هئا.

1918ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد رکيو ويو ۽ ان جو پهريون اجلاس محترم نور محمد لاکيرجي رهائشگاهه تي ٿيو هو. 1919ع ۾ سنڌ ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي، جنهن ۾ محترم نور محمد لاکير اهم ڪردار ادا ڪيو. سياست ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سندس وڏي دلچسپي عوام جي ڀلائي لاءِ اقتدار حاصل ڪرڻ هو، جنهن جي هن نمائندگي ڪئي. مسٽر نور محمد پهريون ڀيرو 1920ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ٽن سالن لاءِ ميمبر ٿيو، حيدرآباد جي عوام لاءِ هن جي ڪيل خدمت جي ڪري ماڻهن کي سندس هميشه ياد رهندي.

محترم نور محمد کي سنڌ جي عام ماڻهن جي سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ بيحد خوشي حاصل ٿيندي هئي . هن کي يقين هو ته سنڌ جا مسلمان جيستائين انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل نه ڪندا تيستائين ترقي ڪري نه سگهندا ۽ نه ئي سرڪاري يا خانگي نوڪريون حاصل ڪري سگهندا. هن پنهنجا سمورا وسيلا هن اسڪول جي قيام تي خرچ ڪيا. 1888ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ انگلش ميڊيم اسڪول قائم ڪيو ويو هو ، جيڪو محترم نور محمد جي ذاتي ڪوشش سان 1924ع ۾ انگريز سرڪار کان حاصل ڪيو ويو، جيڪو حيدرآباد هاءِ اسڪول سڏجڻ لڳو. اهو اسڪول ۽ عمارت نور محمد لاکير کي ان شرط تي ڏنو ويو هو ته هو اسڪول جي نئين عمارت جوڙائيندو. هن اسڪول ۾ سڄي سنڌ جا شاگرد ايندا هئا، ٻهراڙي جي شاگردن لاءِ بورڊنگ ۽ رهائش جون سهولتون گهربل هيون. سر هارٽگ جي سربراهيءَ ۾ 1923ـ24ع ۾ ”سر هارٽگ ڪميشن“ نالي هڪ ڪميشن جڙي هئي، جنهن ۾ مسٽر نور محمد سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالتن جو مطالعو ڪري هڪ رپورٽ هن ڪميشن آڏو پيش ڪري ثابت ڪيو هو ته سنڌي مسلمانن وٽ تمام

صلاحيتون ۽ قابليتون آهن، پر انهن وٽ تعليم يا معاشي ترقيءَ لاءِ معاشي ذريعا نہ آهن. حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ سڄي سنڌ مان آيل شاگردن جي هاسٽل لاءِ ضلعي لوڪل بورڊ طرفان هڪ عمارت ڏني وئي هئي، اها هاسٽل جيڪا سول اسپتال حيدرآباد جي پرسان آهي، ان کي مسلم هاسٽل چيو ويندو هو .هن هاسٽل جو افتتاح سر ليسلي ولسن ڪيو هو. ولسن سنڌ جو گورنر هو. سر ليسلي ولسن جو چوڻ هو تہ ”مسلم هاسٽل سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي ترقيءَ ۾ هڪ وڏو ڪم آهي“. محترم نور محمد لاڪير پنهنجي پاڻ کي سنڌ ۽ سنڌين جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، هر پليٽ فارم تان جيڪو ٿي سگهيو.

اڄوڪو ڏينهن اسان کي 1923۔24ع جي ياد ڏياري ٿو، جڏهن هڪ ننڍڙو ٻج پوکيو ويو هو. جنهن کي محترم نور محمد لاڪير صاحب پنهنجي همعصرن ساٿين جي سهڪار سان وڏي چاهہ، پيار ۽ فخر سان پوکيو هو. تہ اڄ اهو ٻج ڦٽي کهڙو نہ مضبوط سنڌ جي تعليمي ادارن جي ڪائونسل يعني گورنمينٽ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي نالي سان سنڌ ۾ هڪ خوبصورت وڻ جي روپ ۾ وڏو ٿي چڪو آهي. جنهن جي خوشبوءِ هر هڪ جي نظر کي وڻندڙ آهي.

محترم نور محمد لاڪير 22 آگسٽ 1937ع تي وفات ڪري ويو، پنهنجي پويان ٻہ ڏيئرون، هڪ گهرواري (مرحوم) ڇڏيون. سندس وڏي ڌيءُ زبيده خاتون هئي ۽ ننڍي ڌيءَ پروفيسر مهر نور محمد آهي، جيڪا 1993ع ۾ پرنسيپال گورنمينٽ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد جي عهدي تان رٽائر ٿي آهي ۽ هن وقت ”نور محمد لاڪير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي“ جي چيئرپرسن طور ڪم ڪري رهيو آهي. هوءَ حيدرآباد ۾ رهي ٿي.

ضروري بنيادي تعليم جي صورت ۾ انساني سرمائي جي سرمائيداري کي نظرانداز يا ملتوي نٿو ڪري سگهجي. سنڌ جون تعليمي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون پيون وڃن. ”نور محمد لاڪير ايجوڪيشن

اينڊ ويلفيئر سوسائٽي" جو مقصد محترم نور محمد لاکير جي علم جي روشنيءَ کي پوري طرح روشن رکڻ آهي ته جيئن سنڌ جي هر اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻار کي معياري تعليم ملي سگهي، جن کي ٻي صورت ۾ شايد اهڙو موقعو ملي نه سگهندو هجي ۽ کين ڪلاس روم جي اندر کي ڏسڻ، ڪتاب جو صفحو ڦيرائڻ يا ڪاغذن تي قلم رکڻ جو موقعو حاصل نه ملندو هجي.

"نور محمد لاکير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي" جو مقصد گهٽ امتيازي سلوڪ رکندڙ ٻارن کي علم، فني مهارتن سان آراسته ڪرڻ آهي ته جيئن اهي اعليٰ اخلاقي ۽ سماجي قدرن جي پرورش ڪن ۽ انهن ۾ اعتماد پيدا ڪن ته جيئن اهي عام طور تي سڄي سماج ۾ حق ۽ سچ سان گڏ بيهڻ ۽ خاص طور تي انهن جي ذاتي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪن.

اسان جي دعا آهي ته الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي مقصد کي سچائيءَ سان حاصل ڪرڻ جو وسيلو ۽ هدايت عطا فرمائي. ان سلسلي ۾ اسان کي توهان جي تعاون جي ضرورت آهي ۽ اسان مان هر هڪ جي هن عظيم مقصد تي همدردي سان غور ڪيو وڃي.

چيئرپرسن

پروفيسر مهر نور محمد

ڌيءَ نور محمد لاکير

اڳوڻي پرنسيپال حڪومت زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد.

فون نمبر # 0321_5188172

جنرل سيڪريٽري

محمد فريد احمد

ڏوهٽو: نور محمد لاکير

فون نمبر: 0300_2185148

(نور محمد لاکير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽيءَ جي ڇپيل بروشر جو سنڌي ترجمو. بروشر نور محمد هاءِ اسڪول لائبريريءَ مان حاصل ٿيو.)

## نور محمد لاکير بحيثيت قانون ساز

عامر مغيري

**بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندگيءَ جي مختصر تاريخ:**

برصغير ۾ انگريزن جي آمد وقت پارليامينٽ يا اسيمبليءَ جو ڪو خاص تصور يا ڍانچو موجود نہ هيو. هندستان ۾ آئيني سڌارن طرف پهرين وک وڌائيندي 1861 ع ۾ برطانوي پارليامينٽ "انڊين ڪائونسل ايڪٽ 1861" پاس ڪيو،جنهن تحت مرڪز ۾ گورنر جنرل جي ڪائونسل ۽ بمبئي،ڪلڪتہ ۽ مدراس پريزيڊنسين ۾ قانون ساز ڪائونسلن جو وجود عمل ۾ آندو ويو. اهڙي ريت پهريون ڀيرو بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل وجود ۾ آئي. هن قانون تحت پهريون ڀيرو مقامي ماڻهن کي قانون ساز ڪائونسل ۾ نمائندگي مِلي، ۽ گورنر کي چار غير سرڪاري (مقامي ماڻهن) کي ڪائونسل ميمبر مقرر ڪرڻ جو اختيار هيو. هِنن ليجسليٽو ڪائونسلن کي ڪي خاص اختيار ڪونہ هيا. ڪائونسل جي ميمبرن کي صرف بِل متعارف ڪرائڻ ۽ متعارف ڪرايل بِلن تي ووٽنگ جو اختيار هيو. ان کان سواءِ انهن وٽ مالي معاملن بابت پڇا ڳاڇا، سوال پڇڻ ۽ ٺهراءُ پيش ڪرڻ جو اختيار بہ نہ هيو

”انڊين ڪائونسل ايڪٽ 1892“ تحت ڪائونسل کي ڪجهہ وڌيڪ اختيار ڏيندي ميمبرن جو انگ بہ وڌايو ويو. هن ايڪٽ تحت ڪراچي چيمبر آف ڪامرس ۽ سنڌ جي زميندارن لاءِ الڳ سيٽون مختص ڪيون ويون. ان موقعي سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن لاءِ هڪ سيٽ مختص ڪئي وئي. منٽو_مارلي سڌارن جي نتيجي ۾ انڊين ڪائونسل ايڪٽ 1909 پاس ڪيو ويو. انهن سڌارن جي نتيجي ۾ سنڌ جي سيٽن جو انگ وڌائي چار ڪيو ويو. ڏهن سالن کان پوءِ مونٽيگو_چيلمسفورڊ سڌارن جي نتيجي ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي سيٽن جو تعداد چار مان وڌائي اٺوبهہ ڪيو ويو. جن مان 15 مسلمان، ٽي هندو ۽ هڪ يورپين لاءِ مختص ڪيون ويو.

گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1919 ع تحت پهريون چونڊون 1920 ع ۾ ٿيون. 1920 ع ۾ منعقد ٿيندڙ پهرين چونڊن جو تقريبن سيني وڏين پارٽين بائيڪاٽ ڪيو. ڪانگريس ۽ آل انڊيا خلافت ڪميٽي جو به موقف هو ته 1919 ع وارن سڌارن ڪي متحده هندستان ڪي اُهي سياسي حق نه مليا آهن. جن لاءِ اهي جدوجهد ڪري رهيا هئا. مگر 1923 ع وارين چونڊن ۾ سيني پارٽين ڀرپور حصو ورتو.

1923ع وارين چونڊن برصغير جي سياسي ماحول ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. هڪ ته تقريبن سڀ سياسي جماعتون اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيون هيون ٻيو ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورتن ڪي ووٽ ڏيڻ جو حق مليو. هِنن چونڊن ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي 86 سيٽن مان فقط 11 سيٽن تي اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته 75 سيٽن تي 212 اميدوارن حصو ورتو. جن مان 54 اميدوارن جون ضمانتون ضبط ٿي ويون. (جيڪي به اميدوار ڪل ڪاسٽ ٿيل ووٽن جو اٺون حصو ووٽ نه کڻي سگهندا هئا، انهن جي ضمانت ضبط ٿيندي هئي). سنڌ جي 19 سيٽن تي ٻه ڄڻا بنامقابلي ڪامياب ٿي ويا ،جڏهن ته بقايا 17 سيٽن تي 50 اميدوارن حصو ورتو. اهڙي ريت ووٽ ڪاسٽ ٿيڻ جي شرح 48.2 سيڪڙو رهي. جڏهن ته ان کان اڳ 1920 ع وارين چونڊن ۾ سياسي پارٽين جي بائڪاٽ سبب ووٽ ڪاسٽ ٿيڻ جي شرح صرف 34.9 سيڪڙو هئي. اهڙي ريت انڊيا جي مرڪزي اسيمبلي ۾ اُن ڪروڙن جي آبادي رکندڙ متحده هندستان جي صرف 990،979 ماڻهن ڪي ووٽ جو حق حاصل هو، جنهن مان صرف 343،501 ماڻهن ووٽ جو حق استعمال ڪيو.

اُن وقت چونڊن ۾ هر تَڪَ تي جدا جدا اليڪشن نه ٿيندي هئي،مگر اليڪٽوريل ڪاليج تحت چونڊون ٿينديون هيون. مثال طور تي اگر لاڙڪاڻي ضلع جي لاءِ ٽي سيٽون مختص هيون ۽ ڏهه اميدوار اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيا هوندا ته پوءِ مجموعي طور تي سڀ کان وڌيڪ ووٽ کڻندڙ پهرين ٽن اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويندو هو. 1923 ع وارين چونڊن ۾ سنڌ جي بمبئي ڪائونسل ۾ اٺويهه سيٽن جا چونڊ نتيجا هيٺ ڏجن ٿا.

1923ع وارن چونڊن ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي سنڌ مان چونڊيل ميمبرن جي جدول

| تڪ جو نالو | سيٽن جو تعداد | اميدوارن جو تعداد | مرد ووٽرن جو تعداد | عورت ووٽرن جو تعداد | مرد ووٽرن پاران ڪاسٽ ڪيل ووٽ | عورت ووٽرن پاران ڪاسٽ ڪيل ووٽ | ڪَٽيل اميدوارن جا نالا | ڪَٽيل اميدوار جي اڳين اميدوار ڪان ووٽن جي برتري جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي شهر (غير مسلم۔ شهري) | 1 | 4 | 11،285 | 138 | 5،661 | 83 | مسٽر درگا داس يوج راج آڏواڻي | 1،782 |
| اوپر سنڌ (غير۔ مسلم ٻهراڙي) | 1 | 4 | 14،561 | 428 | 7،527 | 23 | مکي جيٺانند پريتم داس | 2،168 |
| اولهه سنڌ (غير۔ مسلم ٻهراڙي) | 1 | 2 | 22،636 | 122 | 9،095 | 00 | يوج سنگهه گرڏنو مل پهلجاڻي | 5،690 |
| ڪراچي شهر | 1 | 3 | 5،70 | 98 | 3،625 | 33 | حاجي عبدالله هارون | 1،466 |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| (مسلم_شهري) | | | 7 | | | | | |
| حيدرآباد ضلع (مسلم_ ٻهراڙي) | 2 | 4 | 10،140 | 257 | 4،450 | 12 | 1.. خانبهادرغلام حسين هدايت الله<br>2. مسٽر نور محمد | 193<br>1،073 |
| ڪراچي ضلع (مسلم_ ٻهراڙي) | 2 | 5 | 3،516 | 44 | 1،660 | 00 | 1.. حاجي فضل محمد خان<br>2.. حاجي خميسو ولد گل محمد | 512<br>12 |
| لاڙڪاڻو ضلع (مسلم_ ٻهراڙي) | 3 | 7 | 9،796 | 311 | 16،003* | 21* | 1.. خان بهادر شاهنواز خان ڀٽو<br>2.. خان صاحب ڪريم بخش خان جتوئي<br>3.. جناب محمد ايوب کهڙو | 4،582<br>4،220<br>1،016 |
| سکر ضلع (مسلم_ ٻهراڙي) | 2 | 8 | 8،216 | 89 | 5،159 | 03 | 1.. پير رسول بخش شاه ولد محمد بخش شاه<br>2.. خان بهادر جان محمد خان | 05<br>51 |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | ولد خان بهادر شاه پسند خان | |
| ترپارڪرضلع (مسلم _ ڀهراڙي) | 2 | 7 | 4،256 | 146 | 4،827 ❊ | 10❊ | 1.. جناب غلام نبي شاه ولد موج علي شاه<br>2.. جناب جان محمد ولد ولي محمد پيرڳڙي | 290<br>66 |
| نوابشاه ضلع (مسلم _ ڀهراڙي) | 1 | 2 | 5،895 | 155 | 3،011 | 04 | خان صاحب حاجي امام بخش ولد خان بهادر غلام رسول خان جتوئي | 68 |
| اپر سنڌ فرنٽيئر (مسلم _ ڀهراڙي) | 1 | 1 | 3،855 | 72 | _____ | _______ | خان بهادر هزار خان ولد رحيم خان کوسو | بنا مقابلي |
| سنڌ جاگيردار ۽ زميندار | 1 | 2 | 979 | 7 | 330 | 00 | جناب سيد محمد ڪامل شاهه | 319 |
| ڪراچي چيمبر آف ڪامرس | 1 | 1 | 59 | 00 | ____ | ____ | مسترايف. ڪليٽن | بنامقابلي |

✽هنن ووٽن ۾ اُهي ووٽ بہ شامل آهن، جن کي هڪ کان وڌيڪ ووٽ ڏيڻ جو اختيار هو. اندازن ووٽن جو اصل تعداد ڄاڻڻ لاءِ حاصل ڪيل ووٽن کي تَڪَ ۾ موجود سيٽن جي تعداد سان ونڊ ڪريو.

## نور محمد لاکير بطور پارليامينٽيرين

اسين مٿي برصغير ۾ پارليامينٽ يا قانون ساز ادارن جي ارتقا جو سرسري ذڪري ڪري چڪا آهيون. بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ حيدرآباد ضلع جي مسلم ٻهراڙي جون بہ سيٽون هيون. 1923 وارين چونڊن ۾ هڪ سيٽ تي سر غلام حسين هدايت الله جڏهن تہ ٻئي تي نورمحمد لاکير چونڊجي آيا.

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ نورمحمد لاکير انتهائي متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. پاڻ سنڌ سان متعلق ٻين جي پڇيل سوالن تي ضمني سوال ضرور پڇندو هو. ٽن سالن جي عرصي ۾ پاڻ 86 سوال پڇيايون. (ضميمو ٻهريون). ياد رهي تہ انهن سوالن ۾ ضمني سوال شامل نہ آهن. جيڪي بہ تقريبن ايترا ئي سوال ٿين ٿا. اهڙي ريت مختلف موقعن تي 36 دفعا تقريرون ڪيائون. جن مان چند منتخب تقريرن جو اختصار هيٺ پيش ڪيون وينديون. ان کان علاوه پاڻ اهم قانون سازي ۾ بہ ڀرپور حصو وٺندا هئا ۽ بلن ۾ ترميمون پڻ پيش ڪندا هئا، مگر جيئن تہ اڪثر ترميمون حڪومت جي موقف جي خلاف هونديون هيون، جنهن ڪري اهي ترميمون رد ٿي وينديون هيون. مگر هو پنهنجو پورو موقف پيش ڪندا هئا.

ليجسليٽو ڪائونسل ۾ تعليم، عدالتون ۽ قانون سندس پسنديده شعبا هئا، جنهن بابت اڪثر ڪري ڪو بحث ٿيندو هو. يا ڪا قانون سازي ٿيندي هئي تہ ان ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. اهڙي ريت سندس سوالن جي اڪثريت مٿين کاتن/شعبن بابت هئي.

1923 ع جي چونڊن ۾ چونڊجي آيل ميمبرن کان 18 فيبروري، 1924 ع تي ٽائون هال بمبئي ۾ ڪائونسل جي صدر ابراهيم رحمت الله حلف ورتو. حلف کڻڻ واري ٻهرين ڏينهن بمبئي جي گورنر سر ليسلي ولسن خطاب پڻ

ڪيو. گورنر جي خطاب کان پوءِ اسيمبليءَ جي نائب صدر جي چونڊ ٿي. تنهن کان پوءِ اجلاس کي اڳيئين ڏينهن تي ملتوي ڪيو. جو تہ مجموعي طور تي پهرين ڏينهن تي ايجنڊا تي ٻيا اسم نہ رکيا ويندا آهن. 19 فيبروري، 1924 ع واري اجلاس ۾ نورمحمد لاکير پاران ووٽر لسٽن ۽ سکر بئراج جي چيف انجنئير جي هيڊڪوارٽر بابت بہ ضمني سوال پڇيا. ساڳئي ڏينهن تي سرڪار پاران متعارف ڪرايل "بمبئي چلڊرين بل" جي مخالفت ڪندي چيائين تہ

"هن بل ۾ پنهنجي ٻارن کي پنڻ لاءَ موڪليندڙ والدين کي ذميواري ٺهرائي، عدالتن ۾ ثبوت ڏيڻ جي ذميواري بہ سرڪاري پراسيڪوشن بدران والدين تي لاڳو ڪئي وئي آهي. سنڌ ۾ تہ گهٽين ۾ ڳائڻ وڄائڻ وارا ٻيا ۽ ٻارگلوڪاري ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندا آهن. ڇا هن قانون وسيلي ڪو سب انسپيڪٽر انهن کي بہ پڪڙي جيل حوالي ڪندو؟ ٻيو اهم نڪتو اهو آهي تہ ٻارن کي ڪفالت جي لاءِ ٻين مذهبن جي ماڻهن حوالي ڪيو ويندو. مونکي ان ڪري هن بل تي تمام گهڻا خدشا آهن. بهتر آهي تہ هِن بل کي عام ماڻهن جي راءِ وٺڻ لاءِ فلحال ملتوي ڪيو وڃي."

اجلاس جي آخر ۾ نورمحمد لاکير پاران رٿ پيش ڪئي وئي تہ هي انتهائي اهم بل آهي، تنهن ڪري هن کي فلحال ملتوي ڪيو وڃي. ووٽنگ ڪرڻ کان پوءِ دلچسپ صورتحال پئدا ٿي وئي. جو تہ 47 ميمبرن رٿ جي حمايت ۽ 47 ميمبرن رٿ جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. آخر ۾ ڪائونسل جي صدر ابراهيم رحمت الله پنهنجو فيصلاڪن ووٽ رٿ جي حمايت ۾ ڏنو. اهڙي ريت نورمحمد لاکير جي رٿ وسيلي بمبئي ڪائونسل ۾ وقت جي حڪومت کي شڪست ملي. ايتري قدر جو سنڌ سان تعلق رکندڙ اڪثر ميمبرن بہ سندس مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. (حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 11، صفحو 91)

نورمحمد لاکير پنهنجي پهرين بجيٽ تقرير 22 فيبروري، 1924 ع ۾ ڪئي. جنهن ۾ هُن ڳالهائيندي چيو تہ

”هِن بجيٽ پيش ڪرڻ تي مان سرڪار کي ڪابه مبارڪباد پيش نه ڪندس. اسان جي صوبي (سنڌ) جا ماڻهو غريب آهن. انهن بجيٽ جي ڪتابن ۾ اسان لاءِ ڪجهه به نه رکيو ويو آهي. هر حڪومت اسان سان انتهائي بدترين سلوڪ روا رکيو آهي. مونکي تعجب ٿيو جڏهن تعليم واري سيڪريٽري چيو ته هو سنڌ جي تعليم جي حالتن کان واقف ناهي. منهنجي لاءِ اها انتهائي تعجب جي ڳالهه آهي ته حڪومتي ميمبر تعليم جي حالتن کان باخبر ناهن. سرڪار وٽ ننڍن وڏن آفيسرن لاءِ بنگلا ٺهرائڻ لاءِ پئسا آهن، مگر تعليم لاءِ نه آهن؟

هاڻي (سکر) بئراج جي سوال تي اچون ٿا. بئراج بابت هن هائوس ۾ مليل جليل رد عمل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪجهه بئراج جي حمايت ۾ آهن ته ڪجهه بئراج جا مخالف آهن. مخالفت جو وڏو سبب اهو آهي ته بئراج ٺهڻ سبب صوبي کي ته فائدو تي سگهي ٿو، مگر شايد سنڌين کي ڪو فائدو نه رسي. جنهن نموني سان زمينن جي نيلامي ڪئي وڃي پئي، مونکي ان تي تحفظات آهن. مان اميد ڪريان ٿو ته اهي زمينون سنڌين کي وڪرو ڪيون وينديون.

سائين هن بجيٽ ۾ مسلمانن جي تعليم لاءِ صرف 45000 روپيا رکيا ويا آهن. جيڪي تمام گهٽ آهن. ويجهڙائي ۾ هڪ تمام وڏي زميندار مير غلام محمد خان ٽالپر هڪ لک سٺ هزار روپين سان پنهنجي مدد پاڻ تحت هڪ اسڪول ۽ هاسٽل شروع ڪئي آهي. هُن پاران سرڪاري مدد لاءِ درخواست به ڏني وئي. مگر سندس مدد نه ڪئي وئي. ان کان پوءِ سائين اسان وٽ سنڌي لکت فارسي ۽ عربي رسم الخط ۾ ڪئي ويندي آهي، مگر ايجوڪيشن ڪميٽي پاران اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته هائير ڪلاسز ۾ فارسي نه پڙهائي ويندي.

ڇا حڪومت اسان جي اعتماد تي پوري لٿي آهي؟ مان انتهائي ايمانداري سان چوان ٿو ته حڪومت اسان سان گڏ بيٺل نظر نه ٿي اچي. حڪومت کي اها پاليسي جاري نه ڪرڻ کپي، جيڪا اسان لاءِ تباهي جو سامان مهيا ڪري ڪري. مان سمجهان ٿو ته موجوده بجيٽ انتهائي تباهه ڪن

آهي. ”(حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 11، صفحو 239_241)

23 فيبروري، 1924 ع تي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي ناٽي ڪاتي واري اسٽينڊنگ ڪميٽي جون چونڊون ٿيو. 12 ميمبرن جي ڪميٽي لاءِ 22 ميمبرن چونڊن ۾ حصو ورتو. جنهن ۾ نور محمد لاکير 49 ووٽ کٽي ناٽي ڪاتي واري ڪميٽي جو ميمبر چونڊجي ويو. (حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 11، صفحو285)

25 فيبروري، 1924 ع تي ايوان ۾ ضلعي ميونسپل ايڪٽ ۾ ترميم جو بل پيش ٿيو. ان بل کي سليڪٽ ڪميٽي حوالي ڪيو ويو. نورمحمد لاکير ان سليڪٽ ڪاميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو. (حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 11، صفحو 384)

4 مارچ 1924 تي تعليم، شولاپور ضلعي سان تعلق رکندڙ ميمبر مسٽر وي. آر. ڪوٺاري تعليم کاتي جي بجيٽ مان هڪ روپئي جي ڪٽر جي رٽ پيش ڪئي،ان موقعي لاکير صاحب سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم تي انتهائي جامع تقرير ڪئي. جنهن جو اختصار هيٺ پيش ڪجي ٿو.

”سنڌ جا مسلمان تعليم جي معاملي ۾ سڄي بمبئي پريزيڊنسي کان پٺتي پيل آهن. ان سلسلي ۾ حڪومت اسان تي تمام ٿورا پئسا خرچ ڪري پئي. بمبئي پريزيڊنسي ۾ مسلمانن جي آبادي تقريبن 83 لک آهي. جنهن مان اڪثريت سنڌ ۾ رهي ٿي. مگر تازين رپورٽن مان خبر پوي ٿي ته 4829 ٻارَ آرٽس ڪاليجن ۾ زير تعليم آهن، جن مان مسلمانن جو تعداد صرف233 آهي. جڏهن 233 مان سنڌي مسلمان ٻارن جو تعداد فقط73 آهي. جڏهن ته قانون، طب، زراعت، ڪامرس ۽ ٻيلي کاتي جي پروفيشنل تعليم ۾ پڻ اسان جي ڪميونٽي جا فقط 91 ٻار پڙهي رهيا آهن.

سنڌ جي سيڪنڊري اسڪولن ۾ 5833 شاگرد زيرتعليم آهن. جن مان مسلمان شاگردن جو تعداد صرف 1675 آهي. سنڌ جي 80 سيڪڙو آبادي

مسلمانن تي مشتمل آهي. تنهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ اهو انگ چار هزار هجڻ کپي ها. سنڌ ۾ جن جي آبادي 20 سيڪڙو آهي، انهن جا تعليمي ادارن ۾ 80 سيڪڙو ٻار زير تعليم آهن ۽ جن جي آبادي 80 سيڪڙو آهي، انهن جا 20 سيڪڙو پڙهن پيا.

1915ع ۾ هند سرڪار هڪ سرڪيولر جاري ڪري مسلمانن جي تعليم لاءِ همٿائڻ بابت ڪميٽيون ٺهرايون. هڪ ڪميٽي سنڌ ۾ به ٺهي. جنهن جا پرڳڙي صاحب ۽ ڪجهه ٻيا ميمبر هيا. ان ڪميٽي رپورٽ ڏني ته تعليم ڪي وڌائڻ لاءِ سنڌ ۾ سرڪاري هاسٽلون جوڙيون وڃن، وڌيڪ مسلمان استاد ڀرتي ڪيا وڃن، اسڪولن ۾ فارسي پڙهائي وڃي، مستحق شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وڃي. مگر ان ڪميٽي جي فيصلي جي باوجود هڪ به هاسٽل نه ٺاهي وئي. لڳي ٿو ته ان معاملي ۾ حڪومت انتهائي غير سنجيده آهي.

سنڌ جي مسلمانن جي ٻارن جو سڄو دارومدار ڪراچي جي سنڌ مدرسته الاسلام تي آهي. هاڻي نوشهروفيروز مدرسي جو ڪنٽرول به ايجوڪيشنل انسپيڪر حوالي وڃڻ تي رهيو آهي. خدا ڄاڻي ته ان جو ڇا حال ٿيندو.

مٿين مثالن کي سامهون رکي مان عزت ماب ميمبر جي ڪٽ موشن جي حمايت ڪريان ٿو. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل، جلد 11، صفحو694_697)

19 مارچ، 1924بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ مولانا حسرت موهاني جي آزادي لاءِ هڪ قرارداد پيش ڪئي وئي. تنهن موقعي تي ميمبر نور محمد لاکير تقرير ڪندي مولانا جي آزادي جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي مولانا پاران ڪيل مڪمل تقرير جو متن پيش ڪجي ٿو :

**جناب نور محمد لاکير (ضلع حيدرآباد)**: صدر صاحب، هر جدوجهد ڪندڙ قوم جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو وقت ايندو آهي، جڏهن اقتدار يافته طبقو انهن ماڻهن سان دهشت ۽ سختيءَ سان پيش ايندو آهي، جيڪي پنهنجي قوم جي اڳڀرائي لاءِ جاکوڙيندا آهن. اها انگلستان جي تاريخ آهي ۽ اها هر آزاد ملڪ جي

تاريخ پڻ آهي. شايد، اگر جيڪڏهن هندستان پنهنجي آزادي لاءِ قربانيون نه ڏئي ته اهو غير فطري عمل هوندو. سائين جيڪي پنهنجي وطن جي خاطر جيلن ۾ بند ٿيل آهن، اهو انهن جو مَرڪ آهي، مگر اسان هي ٺهراءُ پاس نه ڪري سگهياسين ته اها اسان جي لاءِ بي عزتيءَ جي ڳالهه هوندي. تنهن ڪري مان هن معزز ايوان جي هرهڪ ميمبر، هر هڪ هندستاني کي، هن حقيقت کي سمجهڻ جي اپيل ڪريان ٿو ته اسين هِن وقت هن ايوان ۾ ويٺا آهيون، اهو ماضي جي وڏن ماڻهن ۽ موجوده وقت جي شاندار ڪردار جي مالڪ انهن شخصيتن جي ڪري، جيڪي هن وقت پابند سلاسل آهن. ماضيءَ ۾ انهن عظيم ماڻهن جي قربانين جي ڪري ئي اسان هن ايوان ۾ چونڊيل ۽ نامزد ميمبر آهيون. انهن جي قربانين جي ڪري اسان کي هي سڌارا مليا آهن. اگر اسان کي اهي سڌارا نه ملن هان ته هِن وقت ڪوبه برهمڻ، ڪير به شودر ۽ ڪير به مسلمان هن ايوان جو ميمبر نه هجي ها. ايتري قدر جو اهي وزير به نه هجن ها. تنهن ڪري مونکي ڪامل يقين آهي ته جڏهن هِن قرارداد تي ووٽنگ ٿيندي ته هِن ايوان ۾ موجود هر هندستاني، چاهي اهو وزير هجي، چاهي اهو نامزد ٿيل ميمبر، يا وري اهو چونڊيل نمائندو هجي، اهو پنهنجي پنهنجي قومي غيرت جو مظاهرو ڪري هن قرارداد جي حق ۾ ووٽ ڏيندو. مون کي ذاتي طور تي تمام گهڻي خوشي ٿئي ها، جيڪڏهن هن قرارداد ۾ سيني سياسي قيدين کي شامل ڪيو وڃي ها. بهرحال هي قرارداد جنهن به صورت ۾ موجوده ڪائونسل جي سامهون پيش ڪئي وئي آهي، اسان کي اهو ڏيکارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اڄ اسان سڀ گڏ ٿي، اسين خاص طور تي مولانا حسرت موهاني جي آزادي جو مطالبو سندس انهن خدمتن جي ڪري ڪري رهيا آهيون، جيڪي هُن هن وطن لاءِ سرانجام ڏنيون آهن. هُو مسلم ليگ جو صدر هو. جيڪا مسلمانن جي هڪ مقتدره سياسي تنظيم آهي. هو پنهنجي تنظيم جي مهندار جي حيثيت ۾ احمد آباد ۾ هڪ پاليسي ڪٺي آيو. اها پاليسي غلط به ٿي سگهي ٿي. مگر بحيثيت صدر هُن کي پنهنجي ڪميونٽي آڏو پنهنجو پروگرام پيش ڪرڻو هو، اهو هُن جي فرضن ۾ شامل هيو، اُن پنهنجو

فرض ادا ڪيو. سائين، جيئن ته هاءِ ڪورٽ جي معزز ججن جي فيصلي مان پڻ معلوم ٿئي ٿو ته تقريرن ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه نه هئي، جنهن کي جنگ جي حوصلا افزائي جي مترادف سمجهي سگهجي. مولانا حسرت موهاني پنهنجا آزاد خيال رکڻ وارو شخص آهي. ايتري قدر جو هُن جي پنهنجي برادري به اهو نه پئي سوچي جيڪا سوچ هو رکي ٿو. ان جي باوجود هو پنهنجي خيالن ۽ سوچ تي اٽل بيٺو رهيو. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس اهو موقف ان وقت صحرا ۾ تنها رڙيون ڪندڙ شخص جي مترادف هيو، مگر هاڻي هُن جي پوئلڳن ۾ اضافو ٿي چڪو آهي. ڇا توهان منهنجي ڳالهه تي يقين ڪندا، سائين، جڏهن مان چوان ٿو ته مسلمانن جي ڪنهن به فرد پنهنجي ملڪ جي خاطر هن ماڻهوءَ جيترا اڏ برابر به صدما برداشت ڪيا آهن؟

شايد هاڻي وري اهو چيو ويندو ته مولانا اڪثر ڪري جيل جي ضابطن کي ٽوڙيندو رهيو آهي، يا وري اهو ته هن اهو رويو نه ڏيکاريو آهي، جيڪو هندستان جي عظيم بزرگ، مهاتما گانڌي، جيل ۾ ڏيکاريو هو. پر مهاتما گانڌي ۽ مولانا حسرت موهاني ۾ هڪ بنيادي فرق آهي. فرق اهو آهي ته گانڌيءَ پنهنجي سزا کي قبول ڪيو جڏهن ته حسرت موهاني اُن سزا کي مڃڻ کان لاچاري آهي. تنهن ڪري ئي مولانا جيل ۾ هلندڙ مختلف ڪيسن ۾ پيش ٿيڻ کي درست نه ٿو سمجهي. سائين، جيئن توهان کي خبر آهي ۽ جيئن ته منهنجي دوستن ٻڌايو ته ته مولانا هڪ اعليٰ درجي جو شاعر آهي، پر اهڙي ماڻهوءَ کي ڪاغذ ۽ پينسل ڏيڻ کان به انڪار ڪيو وڃي ٿو. اُن کان علاوه هو اخبار پڙهڻ جي حڪمن جي بجاواري ڪرڻ کان ان ڪري انڪاري آهي ، جو هو سمجهي ٿو ته هو هڪ جنگي قيدي آهي. ان ڪري هن کي جڏهن به اخبارون ملن ٿيون ته هو پڙهندو آهي ته ملڪ ۾ ڇا وهي واپرائجي رهيو آهي؟. جنگ دوران ڪجهه انگريزن کي ترڪن قيد ڪري ورتو. انهن انگريز قيدين ترڪ اختيارين کي زبان ڏني ته اسين ڪڏهن به فرار نه ٿينداسين، هاڻي اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته زبان ڏيڻ جي باوجود هو ڀڄي ويا.

**مسٽر اي. مونٽگومري**: بادشله سلامت جي فوجين تي اهو وڏو ٻهتان هنيو وڃي پيو ته هو زبان ڏيڻ جي باوجود فرار ٿي ويا.

**نور محمد: **معاف ڪجو، اهي منهجا لفظ ناهن، مان اخبار جي هڪ رپورٽ ۾ پڙهيم.

**مسٽر اي مونٽگومري**: ڪهڙين اخبارن ۾ ؟

**محترم نور محمد**: بهرحال، سائين، مونکي لڳي ٿو ته منهنجي ڳالهه اوهان کي نه وڻي؟

**مسٽر اي. مونٽگومري**: پنهجا لفظ واپس وٺو.

**عزت مآب صدر**: بادشله سلامت جي آفيسرن جي خلاف اهو هڪ سنگين الزام آهي. اگر معزز ميمبر پنهنجن الزامن کي ثابت ڪندو ته کيس وقت ڏنو ويندو. مان هن کي الزام ثابت ڪرڻ جو موقعو ڏيندس

**محترم نور محمد**: سائين جنهن انداز ۾ اوهان ڳالهه کي پيش ڪري رهيا آهيو، ايئن نه آهي.

**عزت مآب صدر**: توهان ان کي واپس وٺي ڇڏيو.

مسٽر نور محمود: مان واپس وٺندس. پر، سائين، جيڪو نقطو مان ٻڌائڻ چاهيان ٿو، اهو اهو آهي ته جنگي قيدي پنهنجي ملڪ جي مفادن مطابق جيڪو بهتر سمجهي ٿو، اهو حاصل ڪرڻ لاءِ هر شيءِ کي پنهنجي اختيار استعمال ڪرڻ درست سمجهي ٿو. مولانا حسرت موهاني پاڻ کي جنگي قيديءَ جي لحاظ کان سياسي قيدي سمجهندو آهي، تنهن ڪري کيس هڪ جيل کان ٻئي جيل منتقل ڪندا رهن ٿا. سائين چيو پيو وڃي ته هُن هڪ جيل وارڊن کي ڪجهه پئسا رشوت طور ڏنا. پر سائين، اها ڳالهه واضح آهي ته هي وارڊن هڪ سياسي ڪارڪن هو، مولانا جو اهو چوڻ آهي ته اهو وارڊن جيل ويو ئي اُن جذبي تحت ويو هو ته جيئن پنهنجي ليڊرن جي خدمت چاڪري ڪري سگهي. هاڻي اگر حقيقت تي غور ڪيون ته مولانا کيس هڪ روپيو ڏنو ته وڃي اُن جا ٽُڪليا وٺي اچي، ان کي اُن جا 16 آنا ٽُڪليا سِڪا مليا ته ڇا اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته مولانا اگر

ڏيندو ۽ وارڊن هڪ آنا يا ٻه آنن جي رشوت وٺندا؟ سائين، مان بلڪل صاف چئي سگهان ٿو ته جيل ۾ مولانا سان تمام بدتر سلوڪ ڪيو ويو آهي. مولانا هڪ مضبوط ارادو رکندڙ ماڻهو آهي، ۽ جيل جي ضابطن ڪي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جي ڪري هو احمد آباد جيل ۾ ڇهن مهينن تائين قيد بامشقت ۾ ۾ رهيو؟

**خان صاحب اي ايم منصوري:** نه

**جناب نور محمد:** احمد آباد جيل رڪارڊ ۾ مولانا بابت رڪارڊ ۾ هي انٽري ٿيل آهي ته

” هُو ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي بضد آهي. مون پنهنجي پوري طاقت سان ڪيس جيل جي ضابطن جي تعميل لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ائين ئي وزٽنگ مئجسٽريٽ ۽ ايڊيشنل سيشن جج به ڪيو آهي، تنهن هوندي به قيدي ڪنهن جي نه ٻڌي. هاڻي جيل قاعدن جي مطابق فيصلو ڪيو ويندو. '

جيل مينوئل موجب هڪ ڏينهن کان وڌيڪ قيدبامشقت يا قيد تنهائي جي سزا هيٺ نه ٿو رکي سگهجي، مگر حقيقت اها آهي ته هو گذريل ڇهن مهينن کان قيدبامشقت جي سزا ڪاٽي رهيو آهي. رڪارڊ ۾ هڪ ٻئي اِنٽري ٿيل آهي ته

”هو ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. هدايتن موجب مان هن ڪي هڪ ڏينهن جي قيد تنهائي جي سزا ڏيان ٿو، مگر اها سزا تيسيتائين برقرار رهندي، جيسيتائين هو جيل قائدن تي عمل درآمد ڪرڻ شروع نه ٿو ڪري. “

تنهن ڪري سائين، جيل جي اها سزا ڏينهن مان ڦري هاڻي مهينن ۽ سالن ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي.مگر مولانا جيل جي قائدن ۽ قانونن ڪي مڃڻ کان انڪاري آهي. جيتوڻيڪ ضابطن موجب ڪيس 14 ڏينهن کان وڌيڪ قيد بامشقت ۾ ۽ 7 ڏينهن کان وڌيڪ قيد تنهائي ۾ نٿو رکي سگهجي. اهو هڪڙو نقطو آهي، جنهن تي گهرو ڪاتي جي معزز ميمبر ڪي گهڻو وقت اڳ ڌيان ڏيڻ گهرجي ها. جيتوڻيڪ سندس ڌيان ان طرف ڪڏهن به نه ويو. پر مون ڪي معلوم ٿيو ته مولانا خاص طور تي ان بابت حڪومت ڪي لکيو هو، پر ان جي باوجود

حڪومت جيل جي سزا جي هن سنگين غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي. جڏهن اسان ڏسون ٿا ته مولانا حسرت موهاني جهڙو عظيم ليڊر، پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ماڻهن جو اعتماد وارو رهنما جيل ۾ آهي ، تڏهن مان سمجهان ٿو ته حڪومت اسان جي هِن ملڪ جو اهو اعتماد حاصل نه ڪري رهي آهي. مان سمجهان ٿو ته اگر مولانا کي وڌيڪ قيد ۾ رکيو ويو ته حڪومت ماڻهن جو اعتماد وڃائي ويهندي. تنهن ڪري مان عرض ڪيان ٿو ته حڪومت اگر عوام جو وڃايل اعتماد بحال ڪرڻ گهري ٿي ته پوءِ مولانا حسرت موهاني جي رَهيل سزا معاف ڪئي وڃي. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 11، صفحو 1453_1456)

21 جولاءِ، 1924 تي شروع ٿيندڙ گرمين واري اجلاس ۾ پاڻ قرارداد پيش ڪيائون ته

”هي ايوان عزت ماب گورنر کي گذارش ڪري ته هن ايوان جي ميمبرن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي وڃي، جيڪا سنڌ جي غير آباد زمينن جي رولز کي ڏسي ڪري ڇهن مهينن اندر رپورٽ ايوان کي پيش ڪري. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 12، صفحو 14)

20 فيبروري، 1925 کان شروع ٿيندڙ نئين سال جي اجلاس جي پهرين ڏينهن تي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي صدر جي چونڊ ٿيڻي هئي. ان لاءِ نورمحمد لاکير پاران ابراهيم رحمت الله جو نالو ڪائونسل جي صدر لاءِ تجويز ڪيو. جڏهن ته صدر لاءِ ڪو ٻيو اميدوار سامهون نه آيو، ان ڪري ابراهيم رحمت الله بنا مقابلي ڪائونسل جو صدر چونڊجي ويو. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 14، صفحو25)

اهڙي ريت صدر ۽ نائب صدر جي غير موجودگي ۾ ڪائونسل جي ڪاروائي چيئرمين آف پينل هلائيندا هئا. اها روايت اڄ به برقرار آهي ته اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي غيرموجودگي ۾ اسيمبلي جي ڪاروائي چيئرمين آف پينل هلائيندا آهن. اڪثر ڪري چيئرمين آف پينل ڪنهن تجربيڪار يا سينئر

پارليامينٽيرين ڪي مقرر ڪيو ويندو. 21 آڪٽوبر 1925 کان شروع ٿيندڙ ڪائونسل جي اجلاس لاءِ نور محمد لاڪير کي چيئرمين آف پينل نامزد ڪيو ويو. جيڪا هڪ اعزاز جي ڳالهه هئي. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 16، صفحو38)

24 آڪٽوبر 1925 ع تي ميجر ميونسپالٽيز ايڪٽ تي بحث ڪيو ويو. پاڻ ان ۾ ڪافي ترميمون پيش ڪيائين. جيڪي سنڌ متعلق هيون.

2 نومبر 1925 ع تي متعارف ٿيندڙ رائج آفيسن بابت ترميمي بل جي سليڪٽ ڪميٽي جا ميمبر چونڊجي ويا. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 16، صفحو627)

2 نومبر 1925 ع تي پاڻ هڪ بمبئي لوڪل بورڊس ايڪٽ ۾ ترميم جو بل پيش ڪيائون. جنهن موجب سنڌ ۾ جنم يا فوت ٿيڻ جي رجسٽريشن اگر لوڪل گورنمينٽ ڪري ٿي ته پوءِ شادي جي رجسٽريشن جو ڪم به مقاني ڪاتي کي ڪرڻ گهرجي. پاڻ ان بل جي حمايت ۾ مفصل تقرير ڪيائون. هن بل جي هندو ميمبرن طرفان ڀرپور مخالفت ڪئي وئي. سندس تقرير مان پتو پوي ٿو ته سنڌ هندو مهاسڀا هن بل خلاف قرارداد پاس ڪئي. هن بل جي متعارف ٿيڻ جي حق ۾ 33 جڏهن ته مخالفت ۾ 11 ووٽ پيا. اهڙي ريت هي بل متعارف ٿي ويو. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 16، صفحو629_631)

4 مارچ 1926 واري سيشن ۾ پاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي ابتر تعليم بابت هڪ مفصل تقرير ڪيائون. جنهن ۾ سنڌ ۾ مسلمانن جي تعليم جي ميدان ۾ پسماندگي ۽ پٺتي هجڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي انگ اکرن سان سنڌ جي تعليم جو ڀرپور ڪيس پيش ڪيائون. حوالو:پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 17، صفحو697_699)

15 مارچ 1926 ع تي ڪٽ موشن (ڪتر واري رٽ) پيش ڪيائون ته ڦليلي ڪئنال جي حالت کي بهتر ڪرڻ لاءِ رکيل 95000 رپين جي رقم

بجيٽ بڪ مان خارج ڪئي وڃي. ان جي حمايت ۾ اهو دليل ڏنائون ايريگيشن ڪاتي جو پويون ٽريڪ رڪارڊ ڏسي اسان کي پتو پوي ٿو تہ هُنن جڏهن بہ بهتري لاءِ بجيٽ رکي آهي تڏهن هنن تباهي آندي آهي. هو بهتري جي نالي ۾ بجيٽ ڪاٽڻ لاءِ پئسا رکي ان شيءَ جو خانو خراب ڪري ڇڏين ٿا. حوالو: پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 17، صفحو 1240)

نورمحمد لاکير شادين جي رجسٽريشن واري قانون پاس ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪئي. تمام گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اهو قانون 2 نومبر 1925 ع تي متعارف ٿي سليڪٽ ڪميٽي جي حوالي ٿيو هو. مگر جڏهن 28 جولاءِ 1926 ع تي اهو بل پاس ٿيڻ لاءِ ايوان ۾ پيش ٿيو تہ پاڻ اهو انهن لفظن سان واپس ورتائون تہ

” مان هي بل انتهائي سٺي نيت سان ايوان ۾ پيش ڪيو هو، مگر هن وقت ٻنهي ڪميونٽين (هند_مسلمان) ۾ هن بل تي اختلاف عروج تي آهن. مان نہ ٿو چاهيان تہ ان موقعي تي مان هي بل پيش ڪيان. ان ڪري مان هن بل تان هٿ ڪڻان ٿو. “.

حوالو: پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 18، صفحو 198_ 199)

4 آگسٽ، 1926 ع پرائمري استادن جي پگهار وڌائڻ بابت قرارداد تي تقرير ڪندي، انهن جي پگهار وڌائڻ جي مطالبي جي حمايت ڪئي.

حوالو: پروسيڊنگس آف بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ، جلد 18، صفحو621)

## ضميمون پهريون نورمحمد لاکير پاران بحيثيت ميمبر بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل پڇيل سوال

(نوٽ: لاکير صاحب پنهنجي دور ۾ ڪل 86 سوال پڇيا. جڏهن تہ 12 سوال اهڙا آهن، جن جو حڪومت ان ڏينهن جواب نہ ڏنو، تنهن ڪري انهن جو ورجاءُ ٿيو)

| SR. NO | QUESTION TITLE | DATE |
|---|---|---|

| | | |
|---|---|---|
| **1.** | DISTRICT DEPUTY EDUCATIONAL INSPECTORS | 25-02-1924 |
| **2.** | AMOUNTS FOR PROVINCIAL ROADS IN SIND | 25-02-1924 |
| **3.** | CIVIL HOSPITAL AHMEDNAGAR | 25-02-1924 |
| **4.** | NATIVE GENERAL LIBRARY AT AHMEDNAGAR | 25-02-1924 |
| **5.** | PRIVATE AIDED EDUCATIONAL INSTITUTIONS IN SIND PRESIDED OVER BY REVENUE OFFICERS | 25-02-1924 |
| **6.** | SUKKUR BARRAGE CANAL | 05-03-1924 |
| **7.** | POLICE STRENGTH FOR THE TOWN OF KARACHI | 05-03-1924 |
| **8.** | CIVIL HOSPITAL AT KARACHI | 05-03-1924 |
| **9.** | SUPPLY OF JAIL MANUAL TO PRISONERS | 05-03-1924 |
| **10.** | SIND MADRASSEH, KARACHI | 12-03-1924 |
| **11.** | POLITICAL PRISONERS | 12-03-1924 |
| **12.** | PUBLIC WORKS DEPARTMENTS BUNGALOWS, THAR AND PARKAR | 17-03-1924 |
| **13.** | HUZOOR DEPUTY COLLECTOR'S OFFICE AHMEDNAGAR | 17-03-1924 |
| **14.** | TANDO ADAM MUNICIPALITY | 17-03-1924 |
| **15.** | RESTORATION OF FALLOW FORFEITED LAND | 17-03-1924 |
| **16.** | DISTRICT DEPUTY EDUCATIONAL INSPECTORS | 20-03-1924 |
| **17.** | TRACK THROUGH HYDERABAD (SIND) CANTONMENT MAIDAN | 20-03-1924 |
| **18.** | POLICE OFFICERS IN SIND | 20-03-1924 |
| **19.** | CEMETERY OF NAWAB MAHOMED TAKI | 20-03-1924 |
| **20.** | BRIDGE OF THE INDUS AT GUDU IN SIND | 20-03-1924 |
| **21.** | NORTH WESTERN RAILWAY CROSSING | 20-03-1924 |

| | | |
|---|---|---|
| **22.** | REPORT OF SPECIAL SETTLEMENT OFFICER, SIND | 20-03-1924 |
| **23.** | ACTING SUB-INSPECTORS OF POLICE, SIND | 20-03-1924 |
| **24.** | RECRUITS FOR TRAINING AT NASIK POLICE SCHOOL | 20-03-1924 |
| **25.** | REPORT OF SPECIAL SETTLEMENT OFFICER, SIND | 22-07-1924 |
| **26.** | MALE TEACHERS INCHARGE OF TRAINING COLLEGE FOR WOMEN AT HYDERABAD | 22-07-1924 |
| **27.** | AMOUNTS FOR PROVINCIAL ROADS IN SIND | 22-07-1924 |
| **28.** | RESIDENTIAL ENGLISH SCHOOL AT TANDO BAGO | 22-07-1924 |
| **29.** | NATIVE GENERAL LIBRARY AT AHMEDNAGAR | 22-07-1924 |
| **30.** | SINDHI BOOKS | 22-07-1924 |
| **31.** | PRIVATE AIDED EDUCATIONAL INSTITUTIONS IN SIND PRESIDED OVER BY REVENUE OFFICERS | 22-07-1924 |
| **32.** | POLICE IN SIND | 22-07-1924 |
| **33.** | TANDO ADAM MUNICIPALITY | 22-07-1924 |
| **34.** | REPRESENTATION OF MAHOMEDANS OF TANDO ALLAHYAR MUNICIPALITY | 24-07-1924 |
| **35.** | SUKKUR BARRAGE ESTABLISHMENT | 29-07-1924 |
| **36.** | REPRESENTATION OF MAHOMEDANS OF TANDO ALLAHYAR MUNICIPALITY | 30-07-1924 |
| **37.** | CLOSING OF A TRACK PASSING THROUGH HYDERABAD (SIND) CANTONMENT MAIDAN | 31-07-1924 |
| **38.** | INTERCEPTION OF THE PRIVATE CORRESPONDENCE BY C.I.D IN KARACHI | 31-07-1924 |

| | | |
|---|---|---|
| 39. | ASSISTANT SURGEONS IN BOMBAY PRESIDENCY | 01-08-1924 |
| 40. | CIVIL APPEALS AT HYDERABAD | 01-08-1924 |
| 41. | CEMETERY OF NAWAB MAHOMED TAKI | 01-08-1924 |
| 42. | APPLICATION OF WAQF PROPERTY ACT, 1924, IN BOMBAY PRESIDENCY | 01-08-1924 |
| 43. | FINE FOR UNAUTHORIZED CULTIVATION IN HYDERABAD | 13-10-1924 |
| 44. | SUKKUR BARRAGE ESTABLISHMENT | 15-10-1924 |
| 45. | DISTRICT COURT HYDERABAD | 15-10-1924 |
| 46. | ASSISTANT SURGEONS IN BOMBAY PRESIDENCY | 15-10-1924 |
| 47. | NORTH WESTERN RAILWAY CROSSING | 15-10-1924 |
| 48. | PUBLICATION OF GOVERNMENT ADVERTISEMENTS IN NEWSPAPERS | 20-10-1924 |
| 49. | ASSISTANT DEPUTY EDUCATIONAL INSPECTORS IN SIND | 25-10-1924 |
| 50. | HEADMASTERS AND ASSISTANT MASTERS IN SIND | 25-10-1924 |
| 51. | TEACHERS IN SIND | 25-10-1924 |
| 52. | CLASSIFICATION OF NON-OFFICIALS IN SIND | 25-10-1924 |
| 53. | TRANSFERS OF PROVINCIAL SERVICE OFFICERS | 25-10-1924 |
| 54. | SPECIAL POWERS OF THE COMMISSIONER IN SIND | 25-10-1924 |
| 55. | NEW LIQUOR SHOP IN HYDERABAD | 25-10-1924 |
| 56. | EXCISE INCOME FROM HYDERABAD | 25-10-1924 |
| 57. | DISTRIBUTION OF QUININE | 26-02-1925 |

| | | |
|---|---|---|
| **58.** | NEW LIQUOR SHOP IN HYDERABAD | 26-02-1925 |
| **59.** | BRIDGE ON INDUS AT GUDU IN SIND | 26-02-1925 |
| **60.** | TEACHERS IN SIND | 19-03-1925 |
| **61.** | CLASSIFICATION OF NON-OFFICIALS IN SIND | 19-03-1925 |
| **62.** | HEADMASTERS AND ASSISTANT MASTERS IN SIND | 20-07-1925 |
| **63.** | PRIVATE WATER COURSES IN SIND | 05-03-1926 |
| **64.** | CRIMINAL CASE: CROWN VS THANWARDAS | 20-03-1926 |
| **65.** | LLOYD BARRAGE: ROHRI CANAL CIRCLE WORKS ESTIMATE | 30-07-1926 |
| **66.** | LLOYD BARRAGE: KANDIARO BRICK FIELDS | 30-07-1926 |
| **67.** | LLOYD BARRAGE OFFICERS | 02-08-1926 |
| **68.** | HEADQUARTERS OF SUPERINTENDING ENGINEER, EASTERN NARA CIRCLE | 02-08-1926 |
| **69.** | LLOYD BARRAGE MUSULMAN OFFICERS | 02-08-1926 |
| **70.** | LLOYD BARRAGE: CONTRACTORS IN THE JURISDICTION OF MR. DIDEE | 03-08-1926 |
| **71.** | LLOYD BARRAGE: DRAGLINE EXCAVATOR | 04-08-1926 |
| **72.** | LLOYD BARRAGE: SUBORDINATE SERVICES STAFF | 05-08-1926 |
| **73.** | LLOYD BARRAGE: MR. RAM DIDEE, ASSISTANT ENGINEER | 05-08-1926 |
| **74.** | LLOYD BARRAGE: TOURS OF SUPERINTENDING ENGINEERS | 05-08-1926 |
| **75.** | CRIMINAL CASE: CROWN VS THANWARDAS | 06-08-1926 |
| **76.** | CROWN VS THANWARDAS | 06-08-1926 |

| | | |
|---|---|---|
| 77. | LLOYD BARRAGE: CLERICAL STAFF | 06-08-1926 |
| 78. | LLOYD BARRAGE: ROHRI CANAL CIRCLE :POSTS FILLED | 06-08-1926 |
| 79. | LLOYD BARRAGE: ROHRI CANAL CIRCLE ESTIMATES | 06-08-1926 |
| 80. | HEADQUARTERS OF SUPERINTENDING ENGINEER, ROHRI CANAL CIRCLE | 06-08-1926 |
| 81. | SUB-DIVISIONAL MAGISTRATE’S COURT ROHRI: TRANSFER OF CASES | 11-03-1927 |
| 82. | CRIMINAL PROCEDURE CODE : CASES UNDER SECTION 110 IN ROHRI | 11-03-1927 |
| 83. | SIND FORESTES LEAF MANURE | 14-03-1927 |
| 84. | SIND CRIMINAL INVESTIGATION DEPARTMENT: EXPENDITURE | 14-03-1927 |
| 85. | MUSULMAN PUPILS IN GOVERNMENT HIGH SCHOOL, KARACHI | 14-03-1927 |
| 86. | VERNACULARS IN KARACHI HIGH SCHOOL | 14-03-1927 |
| 87. | SIND FORESTS: GRAZING CHARGES | 16-03-1927 |
| 88. | LLOYD BARRAGE: CHIEF ENGINEER | 16-03-1927 |
| 89. | POLICE TRAINING SCHOOL: SELECTION OF CANDIDATES | 16-03-1927 |
| 90. | BARRAGE CONFERENCE PROCEEDINGS | 16-03-1927 |
| 91. | LLOYD BARRAGE: S.S JHELUM | 16-03-1927 |
| 92. | BOARDING HOUSES FOR BACKWARD CLASSES | 16-03-1927 |
| 93. | SAHIBDINO VS FAKIRO AND OTHERS: CASES PAPERS | 17-03-1927 |
| 94. | SAHIBDINO VS FAKIRO AND OTHERS: SECOND POLICE | 17-03-1927 |

| | | |
|---|---|---|
| | COMPLAINT | |
| **95.** | FOREST CASES IN SIND | 17-03-1927 |
| **96.** | LIQUOR LICENCES: HYDERABAD | 17-03-1927 |
| **97.** | TOLLS ON KOTRI GUDU BRIDGE: INCOME | 17-03-1927 |
| **98.** | LLOYD BARRAGE: DRAGLINE MACHINE | 17-03-1927 |

# ناميارو نور محمد

محمد اسلم پٺي

انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ هر دور ۾ ڪي نہ ڪي نيڪ مرد کوھ کٽائڻ، وڻ پوکائڻ، اسپتالون ۽ مسافر خانہ ٺهرائڻ جهڙا چڱا ڪم ڪندا پئي رهيا آهن. انهن سيني ڀلائي ۽ نيڪي جي ڪمن مان، علم جو نور ڦهلائڻ لاءِ علمي ادارن قائم ڪرڻ جو ڪم، سڀ کان اعليٰ ۽ اتم ڪم سمجهيو ويو آهي. اونداهي دور ۾ سرزمين سنڌ جي هن هاڪاري شهر حيدرآباد جي حالت اها هئي، جو مسلمان صوبي اندر گهڻي اڪثريت ۾ هوندي سوندي بہ تعليم ۾ تمام پٺتي رهجي ويل هئا. شهر جي گهڻو ڪري سمورن تعليمي ادارن، ۽ خاص ڪري انگريزي اسڪولن جا دروازا انهن اهل وطن تي بند هئا انهن کي ڇٽ سڏيو ويندو هو. اهڙين حالتن هيٺ امت محمديہ تي علم جديد، حرام ڪري ڇڏيو ويو هو. انهي صورتحال ۾ نور محمد جي هڪ شمع روشن ٿي. ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ جمعي لاکير ۾ رهندڙ هڪ لائق استاد ميان محمد سجاول جي گهر ۾ هڪ نونهال جي ولادت ٿي، جو انوقت حيدرآباد جو هڪ ناميارو ۽ باوقار وڪيل، ميان نور محمد ڪري ڪوٺيو ويندو هو ۽ وقت جي معروف قومي خدمتگار خانبهادر رئيس غلام محمد ڀرڳڙي بار ايت لا سان شريڪ ۽ هم ڪار هو.

سنڌ جي هن جليل القدر هستيءَ، خانبهادر حسن علي آفندي جي قائم ڪيل سنڌ مدرستہ الاسلام ۾ پنجين درجي کان انگريزي پڙهي، مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. مدرسي جي باني جو سندس زندگي تي نهايت گهرو ۽ ڏور رس اثر ثابت ٿيو. ان ڪانپوءِ هن کي پنهنجي تعليمي لياقت ۽ مسلسل محنت جي صلي طور مير علي مراد اسڪالرشپ حاصل ٿي، ۽ پاڻ سر سيد احمد طرفان عليڳڙھ ۾ قائم ڪيل مسلم يونيورسٽي ڏانهن قدم وڌايائين. اتي هو سر سيد جي شخصيت کان نهايت متاثر ٿيو. مسلم يونيورسٽي مان عزت ۽ فضيلت

سان بي. اي ۽ ايل. ايل. بي. جا امتحان پاس ڪرڻ بعد سندس خيالن ۾ وڌيڪ وسعت آئي. دراصل اهو ئي عرصو هو جنهن اندر هن صاحب جي ذهن ۾ اهل سنڌ لاءِ هڪ اهڙو ئي اعليٰ تعليمي ادارو قائم ڪرڻ جو خاڪو مرتب ٿيڻ شروع ٿيو. انهيءَ شوق جنون جي صورت اختيار ڪئي جنهن سنڌي مسلمانن جي ستل ضمير کي جهنجهوڙي اٿاريو ۽ سنڌن غيرت کي بيدار ڪيو.

1924ع ۾ سنڌ جي سمورن بااثر مسلمانن جي گڏيل ڪوشش سان هڪ عظيم الشان تعليمي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن جي صدارت عليگڙهه يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر شهزادي آفتاب احمد ڪان ڪرائي وئي، ته جيئن هتي جي مسلمانن ۾ پڻ جديد علم لاءِ اهڙو عشق جاڳي، جنهن جو جلوو اسان جو هي هيرو عليگڙهه ۾ پاڻ پسي آيو هو. انهي ڪانفرنس ۾ ڪيترن مفيد ٺهراءُ پيش ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي ٻهراڙي وارن سادن سنڌي مسلمانن جي ٻچن جي رهائش لاءِ شهر حيدرآباد اندر هڪ هاسٽل ۽ علحده هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ جو تاريخي ٺهراءُ پاس ڪيو. ان قرارداد جي حيثيت، زور آور هندن ۽ حاڪم انگريزن جي مڪمل طور چنبي ۾ اچي ويل، حيدرآباد ۾ هڪ "ننڍڙي پاڪستان" قائم ڪرڻ جهڙي هئي. هندو هڪ ٿي اٿيا انهيءَ مان مسلمانن جي سجاڳي اچڻ جو امڪان هو. هندن انهي ٺهراءَ کي عملي صورت ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو.

ميان نور محمد به اورچ ٿي لڳو ۽ هڪ سال جي لڳاتار محنت سان سال 1925ع جي مئي مهيني ۾ ئي بمبئي سرڪار کان پراڻي ٽريننگ ڪاليج واري عمارت ۾ هاسٽل قائم ڪرڻ جي منظوري حاصل ڪري ورتائين. بورڊنگ هائوس طور مليل هن هاسٽل جي انتظام جي لاءِ نور محمد صاحب مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ اعزازي سيڪريٽري ٿي رهيو. سيپٽمبر 1925ع ۾ عمارت جو قبضو وٺڻ شرط، نور محمد صاحب سڄي سنڌ جي مسلمانن جي ٻچن کي دعوت ڏني ته هو هاڻي شهر حيدرآباد ۾،

اقامت پذير ٿي، اعليٰ تعليم سان آراسته ٿي سگهن ٿا. هاسٽل لاءِ گهربل سموريون بنيادي ضرورتون فوري طور پوريون ڪري، آڪٽوبر 1925ع کان داخلا شروع ڪري ڏني وئي. هاسٽل ۾ رهندڙ مسلم شاگرد، حصول تعليم لاءِ شهر جي ان وقت موجود ٽن هاءِ اسڪولن ۾ موڪليا ويندا هئا. هڪ نو وديالہ (سنڌ يونيورسٽي جي اولڊ ڪئمپس) ۽ ٻيو ايچ اڪيڊمي (موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول) جي شهر جي ڏاکڻين ڇيڙي تي هجڻ ڪري تمام پري ٿي پيا. ٽيون هاءِ اسڪول، جيڪو ان وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڏيو ويندو هو، البته ويجهو هو. ٽنهي اسڪولن ۾ انهي وقت مسلمانن لاءِ قدم قدم تي تڪليفون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون. انهن ڪي ڪي بہ جائز سهولتون نہ ڏنيون ويندڙيون هيون. ورتاءُ بہ اهڙو، جو غيرت مند ۽ خوددار مسلم شاگردن جي لاءِ ناقابل برداشت ٿيندو ويو.

حڪومت هند کي انهي مسئلي کان آگاهہ ڪرڻ ۽ مسلمانن لاءِ هڪ الڳ هاءِ اسڪول جي مطالبي لاءِ سوسائٽي جو هڪ وفد بمبئي ويو. 1923ع ۾ سنڌ طرفان بمبئي سرڪار ۾ ميمبر سر غلام حسين هدايت الله جڏهن حيدرآباد آيو، تڏهن ڪيس سنڌي مسلم شاگردن جي تعليمي مسئلن جو شدت سان احساس ڏياريو ويو ۽ نتيجي طور انگريزن ۽ هندن جي مشترڪ مخالفت جي باوجود، ٻئي سال 1932ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول، "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي" جي حوالي ڪيو ويو. اسڪول لاءِ نئين عمارت جو سنگ بنياد بہ سر غلام حسين کان ئي رکايو ويو ۽ ان جو نئون نالو "حيدرآباد هاءِ اسڪول" رکيو ويو. هن اسڪول جي وڌيڪ تعمير ۽ ترقي لاءِ ميان نور محمد پنهنجو سڀ ڪجهہ وقف ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح ناميارِي نور محمد جي اڌوري خواب جو تعبير مڪمل ٿيو، پر ڪيس اجا هن اداري کي وڌائي عليگڙهہ واري مسلم يونيورسٽي جي معيار تي پهچائڻو ۽ هڪ مثالي يونيورسٽي بنائڻو هو. ٽن سالن جي لاڳيتار محنت ۽ ڏينهن رات جي جفاڪشي، لازمي طور سندس صحت تي اثر ڪيو، ليڪن ايترو

ٿيو. جو سندس لڳاپيل تعليمي وڻ جون پاڙون، وڃي پاتال پهتيون ۽ 22 آگسٽ 1937ع تي جڏهين مالڪ حقيقي جي رضا تي راضي رهي، هن پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪئي. ان وقت اسڪول پڪي پائي تي هميشہ هميشہ لاءِ قائم ٿي چڪو هو. پاڻ پنهنجي جسم جي خاڪ پاڪ هاسٽل جي مبارڪ مٽي ۾ مدفن ڪرڻ جي وصيت ڪيائون.

**شخصيت:**

مرحوم جي خوبين ۽ خصلتن جو ڪهڙو ذڪر ڪجي. ڪيس اخلاق محمدي جو مجسمو سڏجي تہ صحيح ٿيندو. پنهنجي بردبار ۽ بااخلاق والد جي علمي ۽ اخلاقي اثر هيٺ، ننڍپڻ کان ئي هن جي پرورش نهايت نيڪ ماحول ۾ ٿي. نهنو ۽ نماڻو نور محمد، سين سان سدائين هڪ جهڙو هلندو هو. ساڳئي وقت ڪفايت شعار، سچار، محنتي ۽ سادگي پسند پڻ جهڙڪ ورلي ملندو. سندس غريب پروري ۽ مسڪين نوازي جا مثال ڪيترا ڏئي ڪيترا ڏجن! قومي ڪمن لاءِ ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ اهڙا همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان ئي پنهنجو تن، من ۽ تن قربان ڪري مثال ڪندا آهن.

مرحوم پڻ پنهنجي آخري جائداد. اسڪول تان گهوري ڇڏي، جنهن شمع مان علم جو نور پرائي، اڄڪلهہ جا اڪثر اعليٰ تعليم يافتہ سنڌي مسلمان ملڪ جي مکيہ عهدن تي سرفراز ۽ سربلند آهن.

مرحوم نور محمد بيشڪ سنڌ جو سر سيد آهي، جنهن هڪ غريب ماستر جي گهر ۾ پيدا ٿي، سنڌي مسلمانن جي دلين ۾ پاڻ لاءِ خانبهادر حسن علي آفندي، خانبهادر قادر داد خان، مير غلام محمد خان ٽالپر ۽ سيد الهندو شاهہ جهڙو قابل احترام مقام حاصل ڪيو آهي.

(سنڌ مسلم ڪاليج ، حيدرآباد جي مخزن ، 1960ع تان ورتل)

## شمع تعليم جو پروانو باني اسڪول و مسلم هاسٽل نور محمد

### غلام رباني بلوچ

هيءَ دنيا هڪ مهمان سراءِ آهي، جنهن ۾ ڪي مسافر اچن ٿا ته ڪي وڃن ٿا. مسافرن جي ياد ڪنهن کي به نه ٿي رهي، پر جيئن ته چوندا آهن ته پنج ئي آڱريون هڪ جهڙيون نه آهن ته ماڻهو به هڪ جهڙا نه آهن. ڪي ته صفا وسري وڃن، پر ڪن ڪن ماڻهن جي يادگيري هر ڪنهن مهل تازي رهي ٿي ۽ انهن کي ساريو انسان ويچارو هنجون هاري ٿو. پوئين قسم جي ماڻهن مان مسٽر نور محمد بي. اي، ايل. ايل. بي، وڪيل جنهن حيدرآباد سنڌ ۾ رهي پاڻ مسلم قوم جو اورچ سچو خادم ثابت ڪيو. هو ميان محمد سجاول جو فرزند هو. ميان محمد سجاول هڪڙو نهايت ڪفايت شعار ۽ سانگ سرفي سان هلندڙ سفيد پوش سنڌي اسڪول ماستر هو. جڏهن ميان محمد سجاول جي بدلي ڪڪڙ تعلقي ۾ ٿي، تڏهن اُتي جي ڳوٺ جمعي لاکير ۾ گهر ٻار ڪري ويهي رهيو، ڇاڪاڻ جو اتي سندس هم قوم لاکيرن جو وڏو راڄ رهندڙ هو ۽ ويجهي عزارت به هيس. اتي ڳچ جيتري زرعي زمين به خريد ڪيائين جنهن جو ڪاتو ڪانئس پوءِ سندس فرزند مسٽر نور محمد نالي قائم ٿيو.

مسٽر نور محمد ابتدائي تعليم جا چارئي درجا پنهنجي والد وٽ پڙهيو هو. اهو سارو وقت پنهنجي والد جي علمي اخلاقي اثر هيٺ ئي گذاريو هئائين. مسٽر نور محمد تي ننڍپڻ واري تربيت جو ايڏو اثر ويٺل هوس جو جڏهن پاڻ حيدرآباد ۾ نامور وڪيل ۽ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو ۽ پيرسن محمد سجاول ڳوٺان وٽس ايندو هو، تڏهن پنهنجي والد جي جا تعظيم، ادب بجاءِ آڻيندو هو تنهن جو مثال اڄ ڪلهه جي تعليم يافته نوجوانن ۾ ڳوليو لڀندو. نور محمد جڏهن سنڌي اسڪول مان چوٿون درجو پاس ڪيو، تڏهن ميان محمد

سجاول ان کي ڪراچي جي سنڌي مدرسة الاسلام ۾ انگريزي تعليم ڏيارڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڪن همدرد معزز مسلمانن سندس ارادي جي پٺڀرائي ڪئي.

محترم نور محمد اچي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو. نور محمد پنهنجي هوشياري ۽ غريبي ڪري مدرسہ ۾ فري بورڊر ٿي داخل ٿيو. پهرئين درجي کان وٺي مئٽرڪ ڪلاس تائين نہ رڳو پاڻ کي ڪامياب ۽ هوشيار شاگرد ثابت ڪيو، بلڪہ انهي علمي ذوق شوق ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ عليگڙهہ سنبريو. عليگڙهہ ۾ بي. اي، ايل .ايل. بي ڊگري حاصل ڪرڻ تائين نهايت برجستائي ۽ فضيلت ۽ علميت جي روشني سان هم سبقن ۾ اهڙو هر دلعزيز بنايائين جو انهن جا ناتا مرڻ گهڙي تائين قائم هئا.

عليگڙهہ ڇڏڻ ڪانپوءِ نور محمد پنهنجي هڪڙي هم سبق ڪلاسي مسٽر محمود علي بيگ سان گڏجي حيدرآباد دکن ويو. اتي وڃي وڪالت شروع ڪيائين. عليگڙهہ ۾ تعليم وٺڻ واري شروعاتي زماني ۾ ماستر ميان محمد سجاول پنهنجي ذات مان مسٽر نو رمحمد جي شادي ڪرائي هئي. پر سندس اهليہ هڪڙي معصوم نياڻي ڇڏي جلد گذاري ويئي. مسٽر محمود علي بيگ پنهنجي ڪٽنب مان مرحوم نور محمد کي شادي ڪرائي. سندس اها اهليہ معصومہ نياڻين سميت وفات جي دم تائين سندس با وفا رفيق رهي. شادي ڪرڻ ڪانپوءِ مسٽر نور محمد کي وطن جي آب و خاڪ ڪشش ڪئي ۽ هو عيال سميت اچي حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ۽ ترت ئي قوم جي سچي خادم مرحوم سردار محمد ابراهيم جي معرفت سان خيرپور ميرس ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ۽ جج ٿيو. ٻہ سال کن اُتي رهڻ ڪانپوءِ سندس آزادي پسند طبيعت ڪري کيس خيرپور ميرس ڇڏڻ ۽ حيدرآباد سنڌ ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو. مسٽر نور محمد جڏهن حيدرآباد ۾ آيو تڏهن سنڌ مسلم قوم جو سچو فخر ۽ صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڏوکي ليڊر خانبهادر غلام محمد ڀرڳڙي موجود هو، جو مسٽر نور محمد جهڙن باهمت تعليم يافتہ نوجوانن همراهن کي آسمان ۾ پيو ڳوليندو هو، تنهن

هڪدم ڪٽي ڪيس پنهنجي فرم ۾ همراهه ڪيو ۽ مٿس قرب جو هٿ رکيائين. مرحوم نور محمد ٿورن ڏينهن ۾ پاڻ کي قابل ۽ جفاڪش وڪيل ثابت ڪيو. مسٽر نور محمد غور ۽ صلاح جي ڊوڙڻ، ڊڪن ۽ سخت ڪوشش جي صورت اختيار ڪئي، جنهن جي نتيجو حيدرآباد سنڌ جي سال 1924ع واري سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس جي شڪل ورتي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ عليگڙهه يونيورسٽي جي وائيس چانسلر شهزاده آفتاب احمد صاحب صدارت جي ڪرسي کي زينت بخشي هئي. ٻيا به عليگڙهه يونيورسٽي جا ڪي پروفيسر ۽ هندستان جا مسلم ليڊر اچي رونق افروز ٿيا هئا. سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ترقي ۽ سڌاري لاءِ انهيءَ ڪانفرنس ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، تن مان مکيه ٺهراءُ هو، حيدرآباد سنڌ ۾ مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ. ڪانفرنس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مسٽر نور محمد تعليمي ڪانفرنس جي ٺهراءُ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڊوڙڻ، ڊڪڻ ۽ جاکوڙ ڪرڻ ۾ جنبي ويو. حيدرآباد جهڙي روشني ڀريل شهر ۾ مسلم هاسٽل ۽ هاءِ اسڪول قائم ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ان هئي. انهيءَ ڪم جي برصوابي لاءِ جهڙي جفاڪش جي ضرورت هئي تهڙو ئي مسٽر نور محمد پاڻ کي ثابت ڪيو. خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ڏينهون ڏينهن اتڪاءَ ۽ مشڪلاتون ويون دفعي ٿينديون، جنهن ڪري اڄ حيدرآباد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل مان ڇوڪرا هزارن جي تعداد ۾ علم پرائي رهيا آهن. نور محمد پنهنجو ڀيو سڀ ڪم ڪار ڇڏي ڏنو، رات توڙي ڏينهن مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ڊوڙون ڊڪون پائيندو رهيو. انهيءَ تعليمي عشق ۽ قومي خدمت ۾ پنهنجو تن ۽ من ئي قربان ڪري چڪو. پر پنهنجي بنگلي قربان ڪندي به ڪين گڏو، پر افسوس جو اجل مهلت نه ڏنيس. تاريخ 22 آگسٽ 1937ع شام جو ڪراچي ۾ وفات ڪيائين. 23 تاريخ صبح جو سندس لاش حيدرآباد سنڌ ۾ آندائون، 9 بجي مهل صبح جو جنازو ڏولي ۾ ڪنيو ويو. سڄي ڏولي گلن جي هارن سان ڀرجي ويئي. سڄو شهر ان ماتمي جلوس

سان گڏ هو. چڱا چڱا مسلمان آفيسر سيشن جج سميت جنازه نماز ۾ شريڪ هئا. اهو ماتمي جلوس مرحوم جي بنگلي مان 9 بجي مهل نڪتو. صدر مان ٿيندو قلعي واري چاڙهي چڙهي سربزار ڏيئي سيلاوٽن وٽان لنگهي "مسلم هاسٽل" ۾ سوائين يارهين بجي مهل پهتو. واٽ تي اسان جا قومي نونهال پيائر اهڙو ته رنا ٿي جو انهن ٻچن کي ڏسي هر قومي درد مند کي اکين مان پاڻي سڪو ئي نٿي. حيدرآباد ۾ سومر ڏينهن ڪورٽون، اسڪول بند ٿيا هئا ۽ مسلمانن جو سمورو ڪاربار بند رهيو. جنازي جي نماز هاسٽل جي وسيع ايوان ۾ پڙهي ويئي ۽ نماز صوفي حضرت سيد علي اکبر شاهه صاحب ميهڙ واري پڙهائي جو خوش قسمتيءَ سان اتي آيل هو. مسلمان خاص طرح مشڪور آهن. جتي روز مره تمام ذوق شوق سان شاگرد قرآن شريف جي تلاوت ڪري مرحوم جي روح کي ثواب بخشين ٿا.

مرحوم نور محمد جا آخري الفاظ:

منهنجو هيءُ خاڪي پتلو مسلم هاسٽل کي سپرد ڪجو. من منهنجو روح طالب علمن جو طوطلو تنوارون ٻڌي، قرار پائي. منهنجي مسلم هاسٽل ۽ اسڪول جي پارت اٿو. آمين ثم آمين.

(نور محمد هاءِ اسڪول جي ڪنهن مخزن تان ڪنيل، سال نامعلوم، مضمون جو ليکڪ غلام رباني بلوچ، مئٽرڪ جو شاگرد آهي)

## الهه تله وکڻي اسڪول جو بنياد وجهندڙ شخص!

ڊاڪٽر خادم لاکير

اج نور محمد هاءِ اسڪول جي باني نور محمد لاکير جو جنم ڏينهن آهي. نور محمد لاکير تعلقي ڏوکري، ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ "چکرو" ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ميان محمد سجاول پرائمري استاد هو، جيکو نوکري دوران تعلقي ککڙ (هاڻي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه) جي ڳوٺ "جمع لاکير" لڏي اچي ويٺو. پينشن تي پهچڻ بعد اتي ئي ساڳي ڳوٺ ۾ زمين جو ٽکرو وٺي. باقي حياتي اتي گذاريائين کيس 3 پٽ هئا. جن مان نور محمد لاکير ذهين هو، جنهن کري کيس پڙهڻ لاءِ پهريان پنهنجي نظر هيٺ رکيائين. جتان 4 درجا سنڌي پاس کرائي سنڌ مدرسته السلام کراچي مان مئٽرڪ پڙهيائين ان کانپوءِ سردار محمود يعقوب جي ذاتي دلچسپي سان مير علي مراد اسڪالرشپ وٺي عليگڙهه مان بي. اي ۽ پوءِ قانون جي سند ايل. ايل. بي وٺي حيدرآباد دکن انڊيا ۾ پنهنجي دوست محمد علي بيگ سان گڏجي وڪالت شروع ڪيائين. ٻه شاديون ڪيائين هڪ پنهنجي ڳوٺ مان ۽ هڪ حيدرآباد دکن مان، پر افسوس جو پٽ جو اولاد نه ٿي سگهيس. کيس دکن جي آبهوا پاڻ نه پئي جنهن کري ڪجهه وقت کانپوءِ سنڌ واپس آيو ۽ خيرپور رياست ۾ جج مقرر ٿيو عهدو ته وڏو مليس، پر سندس طبيعت سرڪاري ملازمت ۾ نه لڳي سگهي. ان کري حيدرآباد سنڌ ۾ اچي وڪالت شروع ڪيائين سندس طبيعت غريبن جي واهر ڪرڻ مسلمان ٻارن جي تعليم لاءِ اتي هئي. جيتوڻيڪ وڪالت ۾ به وڏو نالو ڪمايائين ۽ پنهنجي محنت ۽ اوچائي ڪري خوب ترقي ڪيائين. رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي جهڙي مخلص جي سات سان تعليمي خدمتن ۾ به نمايان ڪاميابي حاصل ڪيائين، نتيجي ۾ هن حيدرآباد سنڌ جهڙي مرڪزي شهر ۾ 1924ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۽ 1925ع ۾ هاسٽل قائم ڪري ورتائين

پوءِ نہ پنهنجي ذاتي مفادن کي پاسيرو رکي هو خير جي ڪم ۾ رات ڏينهن رڌل رهيو. مسلمان شاگردن کي سرندي وارن کان اسڪالرشپ بہ وٺي ڏيندو رهيو. ان وقت مسلمانن جي تعليمي پستي ۽ اڻ پڙهيل نوجوانن لاءِ هن خاص سڄي سنڌ ۾ دورا ڪيا ۽ هر ضلعي مان نهايت ذهين ۽ هوشيار شاگردن جي ان ضلعي جي تعليم ماهرن جي مدد سان چونڊ ڪئي. انهن کي نور محمد هاءِ اسڪول هير آباد حيدرآباد ۾ مفت داخلا ڏئي ڪين مفت هاسٽل بہ مهيا ڪري ڏنائين. نہ رڳو ڪاڌ خوراڪ، پر سندن تعليمي خرچ ۽ رهائش بہ مهيا ڪري هنن انتهائي غريب ۽ هوشيار شاگردن کي اهو موقعو فراهم ڪيو تہ جيئن مسلمان غريب شاگرد وڏيڪ تعليم وٺن ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو آئيندو بهتر ڪري سگهن. ان وقت نور محمد هاءِ اسڪول جو معيار ۽ هاسٽل جي ايتري تہ شهرت ۽ مشهوري ٿي جو سندس موت کانپوءِ بہ هي اسڪول ۽ هاسٽل ڇڻ تہ غريبن جو سهارو ٿيندا رهيا. هن وقت بہ جيڪڏهن هن اسڪول ۽ هاسٽل تي نظر وجهجي ٿي تہ عاليشان عمارت ۽ هڪ عظيم اداري جو ڏيک ڏئي ٿي. جيتوڻيڪ هن وقت هاسٽل ۽ اسڪول جي وچ ۾ ايل. ايم. سي جي هڪ عظيم عمارت بہ اڇي وئي آهي، پر حيدرآباد شهر جي هيرآباد واري چمڪندڙ علائقي ۾ هيءُ اسڪول ۽ هاسٽل جي عمارت ڪنهن عجوبي کان گهٽ ناهي. هن وقت سموري هاسٽل رينجرس جي تحويل ۾ ڏنل آهي ۽ هن عاليشان عمارت جي مک دروازي تي پهريدار مقرر ٿيل آهن. اندر بلڪل گيٽ جي سامهون مرحوم سائين نور محمد لاکير باني نور محمد اسڪول جي قبر هڪ ننڍي چبوتري وچ ۾ موجود آهي. جيڪا اڄ بہ پيغام آهي انهن سيني سنڌين لاءِ تہ تعليم حاصل ڪيو پاڻ جتي تعليم جي ميدان ۾ ايتري قدر سرگرم نظر پئي آيو. اتي سياسي لحاظ قومي خدمتن کي بہ اوليت ڏيندو آيو. انهيءَ سلسلي ۾ 1923 ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بہ چونڊجي ويو. سندس اها آخري اميد يا مرضي هئي تہ حيدرآباد شهر ۾ مسلم يونيورسٽي قائم ڪريان، پر افسوس جو حياتي ساٿ نہ ڏنو جنهن سبب 3 ذوالقعد 1356ھ مطابق 22 آگسٽ 1937 ع تي حيدرآباد ۾ ئي

وفات ڪيائين. وصيت موجب ڪيس سندس ئي ٺاهيل نور محمد هاءِ اسڪول هاسٽل (سامهون آيل ايم سي اسپتال هير آباد حيدرآباد ) جي احاطي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. نور محمد هاءِ اسڪول کولڻ ۽ ان لاءِ شاندار بلڊنگ ٺهرائڻ لاءِ هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتل پنهنجي والد سجاول خان لاکير جي زمين به گروي رکي ۽ پنهنجو سمورو سرمايو ۽ دوستن جي مدد سان هي بلڊنگ ۽ هاسٽل جي بلڊنگ جوڙيائين. هن وقت ان اسڪول ۾ مسلم ڪاليج به شروع ڪيل آهي ۽ هاسٽل وري ڪافي سالن کان رينجرس حوالي ڪيل آهي. سندس قبر تي قل پڙهڻ لاءِ به رينجرس کان پهريان اجازت وٺڻي پئي ٿي. نور محمد لاکير پنهنجي سموري زمين گروي رکي جيڪا هاسٽل ٺهرائي سا رينجرس کان واپس وٺي سنڌ حڪومت جا صاحب سنڌ جي ٻهراڙي جي غريب شاگردن کي مفت رهائش ڏين ته سندس روح ضرور خوش ٿيندو. ڪيڏي نه افسوس جهڙي حقيقت آهي ته ان وقت جڏهن سنڌي مسلمان بنهه تعليم کان پري ۽ سندن اولاد اڻپڙهيل هجي. ان وقت هڪ وڪيل پنهنجي سموري ملڪيت، زمينون ۽ الهه تلهه ختم ڪري هي اسڪول ۽ هاسٽل کولي ۽ هڪ عظيم درسگاهه وجود ۾ آڻي ۽ ان هاسٽل کي تعليم کان جدا ڪري رينجرس حوالي ڪري ڇڏين.

(روزانو ڪاوش، آچر سيپٽمبر 2018ع تان ورتل)

# ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي تياريءَ جي رپورٽ

گذريل مهيني جي اوائل ۾ ڪراچي جي مشهور تاجر سيٺ غلام علي چاڳلاجي زير صدارت هڪ مجلس وڏن زميندارن ۽ معزز مسلمان جي حيدرآباد سنڌ جي مشهور وڪيل مسٽر نور محمد ايم ايل سي جي آفيس ۾ ٿي. هن مجلس ۾ مٿين ٻن صاحبن کان سواءِ سيد ميان محمد ڪامل شاهه صاحب ايم ايل سي، مير عبدالله خان صاحب، خان صاحب ارباب جمع ۽ ٻيا بہ شريڪ هئا. ميٽنگ ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو تہ حيدرآباد سنڌ ۾ مسلمان ايجوڪيشنل ڪانفرنس گڏ ڪجي. جيڪا وقتي رسيپشن ڪميٽي ٺاهي وئي، ان جو چيئرمين سيد محمد ڪامل شاهه صاحب ۽ سيڪريٽري مسٽر نور محمد صاحب وڪيل ۽ سيد ميران محمد شاه بي اي، ايل ايل بي مقرر ڪيا ويا. مسلماني تعليم سنڌ ۾ پٺ تي پيل آهي، تنهنجي ڄاڻ لاءِ ڪا خاص ثابتي ڪانہ گهرجي. جنهن جنهن محڪمي ۾ ڏسبو تہ مسلمانن جو تعداد آدمشماريءَ جي لحاظ ڪري گهٽو گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو. آخري ۽ ٻين اهڙين نوڪرين ۾، جنهن ڪاليجي اعليٰ تعليم جي ضرورت آهي، جهڙو انجنيئري، فاريسٽ، ڊاڪٽري ۽ عدالتي ڪاتن ۾ مسلمان ائين ڏسبا جيئن اٽي ۾ لوڻ. انهي ڪري ضرور آهي تہ اسان جي ملڪ جا مدبر پاڻ ۾ گڏجي ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ جيتري ڪوشش ڪن اوترو چڱو ۽ اسين اميد ڪريون ٿا تہ نہ رڳو اسان جا مسلمان پاڻ ۾ هم صلاح ٿي انهي ڪم ۾ ڪوشان ٿيندا. پر اسان جا هندو ڀائر بہ ڪين هن نيڪ ڪم ۾ دل وجان سان مدد ڪندا، جنهن ۾ ملڪ جو عام ۽ مسلمان قوم جو خاص ڀلو آهي.

اسان کي هن احوال لکندي ياد ٿو اچي تہ اڄ کان برابر 22 ورهيہ اڳي يعني سال 1902ع ۾ هتي حيدرآباد ۾ هڪ وڏي مسلماني ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي هئي، جنهن جو مير مجلس ان وقت جو ڪمشنر رابرٽ جائيلس صاحب هو. سندس ڀاءُ مسٽر اي جائيلس صاحب ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن، مرحوم خانبهادر قادر خان سي آءِ اي وزير خيرپور رياست، سردار محمد يعقوب خان سي آءِ اي، مرحوم شيخ محمد سليمان (سکر وارو) ۽ شمس العلما مرزا قليچ بيگ صاحب ڪانفرنس

۾ حاضر هئا. انهي موقعي تي تقرير ڪندي جناب ڪمشنر صاحب حاضر مجلس کي اهو انجام ڏنو هو ته جيڪڏهن ڀهراڙيءَ جي مسلمان شاگردن جي سهوليت لاءِ اوهين رتيل بورڊنگ هائوس مختلف شهرن ۾ ٺهرائيندا ته آءٌ معمولي گرانٽ ان ايڊ ڪانسواءِ عمارتن جي خرچ جو اڌ سرڪار کان وٺي ڏيندس. ٻن ڏينهن جي تقريرن ۽ بحث مباحثو کان پوءِ اٽڪل 11 ريزوليوشن پاس ٿيا، جن مان ڪي مکيه هيٺ ڏيکارجن ٿا.

1. هڪ مرڪزي ڪاميٽي ۽ ٻيون سب ڪاميٽيون ٺاهيون وڃن، جن کي تعليمي آفيسر ۽ روينيو عملدار تسليم ڪن ۽ انهن ڪاميٽين جو اهو ڪم رهي ته مسلمانن ۾ تعليم ڏانهن دلچسپي پيدا ڪرائن ۽ مسلمانن ۾ تعليم وڌائن.
2. اُهي ڪم جيڪي زميندارن ۽ هارين کي سندن ڏنڌي وغيره ۾ ڪمائتا ٿين، سي لوڪل بورڊ ۽ خاص اسڪولن ۾ سيکاريا وڃن.
3. زميندارن جي اولاد لاءِ هيٺين شهرن ۾ بورڊنگ هائوس برپا ڪجن. (1) ميرپور خاص، (2) ٽنڊو محمد خان، (3) هالا يا ٽنڊو آدم، (4) نوشهرو، (5) سجاول، (6) ٺٽه، (7) سيوهڻ، (8 ميهڙ، (9) گهوٽڪي، (10) جيڪب آباد.
4. مٿئين مقصد لاءِ جيتري صوبائي رقم سرڪار کان ملي سگهي، سا انهي ڪم ۾ لڳائجي.
5. جيڪڏهن پوري لياقت جا ماڻهو ملي سگهن ته هاءِ اسڪولن ۾ فارسي ٽيچر ضرور مسلمان هئڻ گهرجن.

مٿين ريزوليشن پڙهڻ مان ظاهر ٿيندو ته گذريل ڪانفرنس ۾ هيترين تقريرن ۽ هيڏن وڏن قوم جي برگزيدن جي موجودگيءَ هوندي به 22 ورهين ۾ قوم پنهنجو هڪ ننڍو پروگرام پورو ڪري نه سگهي آهي ۽ سندس پهريون ۽ ڪارائتو ريزوليوشن جو حقيقتاً قوم کي جاڳائي ڇڏي ها، سو ته ڪنهن به ريت عمل ۾ آندو به ڪين ويو. اسين اميد رکون ٿا ته آئينده ڪانفرنس ۾ اسان جا مسلمان پائر زماني جي حالتن کي جاچي پاڻ ۾ متعلق ۽ متحد ٿي قوم جي ڀلي لاءِ ڪجهه چڱو ۽ ڀر اثر ڪم ڪندا.

(اخبار تعليم، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ، 1924ع تان ورتل)

## صوبہ سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ڪانفرنس

تاريخ 15 ڊسمبر 1924ع تي هز ايڪسلينسي سر ليسلي ولسن صاحب بمبئي جو گورنر حيدرآباد ۾ وارد ٿيو ۽ گشت سان تعلق رکندڙ امورات سان گڏ سنڌ پراونشنل ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي کولڻ جي رسم بہ پنهنجي سر تشريف آڻي ادا ڪئي. باوجود گهڻي ڪم ۽ بين مصروفيتن جي سندن هن موقعي تي حاضر ٿيڻ سنڌ جي سيني مسلمانن کي شڪر گذار بنايو.

ڪانفرنس حيدرآباد جي مشهور عمارت هومسٽيڊ هال ۾ منعقد ڪئي ويئي هئي. هال تمام چڱي پيماني تي سينگاريل هو ۽ گورنر صاحب جو استقبال گهڻي ڪروفر سان ڪيو ويو. سندس اچڻ تي خيرپور رياست جي ڪئڊيٽ ڪور (شاگردن بي پلٽڻ) جي سلامي ورتي ويئي ۽ صاحب ممدوح جي هال داخل ٿيڻ وقت حاضرين اٿي سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. قرآن مجيد ۾ رڪوع جي تلاوت بعد خانبهادر نبي بخش محمد حسين استقباليہ ڪاميٽيءَ جي طرفان ۽ سنڌ جي مسلمانن پاران مرحبا ڪئي ۽ پنهنجي مرحبا تقرير ۾ چيو تہ "گورنر صاحب جو ڪيترن ڪمن هوندي بہ تڪليف وٺي اسان سان هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ سندن همدردي مسلمان قوم سان آهي. سنڌ علائقي جي آدمشماري گهڻي قدر مسلمانن جي آهي، تنهن لاءِ مسلمانن جي تعليمي بهبودي گويا ڀاڱي جي تعليمي بهبودي آهي. اڳتي وڏندي خان بهادر چيو تہ جيسين فارسي سرڪاري دفترن ۾ مروج هئي، تيسين مسلمانن کي نوڪرين جو حصو ملندو آيو، پر پوءِ جڏهن انگريزيءَ جو رواج پيو تہ مسلمان الڳ ٿي ويا. سندن قومي مغروري، سندن اڳئين رواج ۽ ضرورتن هن نئين دستور کان کين منع ڪيو. مثال ڏنائين تہ سر وليم هنٽر چيو آهي تہ نئين مغربي تعليم هندن کي صدين جي ننڊ مان جاڳايو ۽ جلد سندن جذبات تازا ڪري هڪ زنده قوم بنايو. ليڪن اها مغربي تعليم مسلمانن وٽ

ناپسند هئي. آخر خان بهادر حسن عليءَ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسه جاري ڪيو ۽ هز هائينس والي خيرپور جي امداد. رياست ۾ انگريزي تعليم کي زور ورتايو. ان کان پوءِ هز ايڪسلينسي گورنر صاحب ڪانفرنس کي بڌائيندي چيو ته اگرچه مون کي گشت ۾ ڪم تمام گهڻو هو ته به مون ڪانفرنس جي دعوت خوشيءَ سان قبول ڪئي. جيئن اوهان چيو آهي ته منهنجي هتي ملاقات ڏيڻ جي معنیٰ آهي ته منهنجي توهان سان همدردي آهي، سا ڳالهه بلڪل صحيح آهي آءٌ ڏسي گهڻو خوش ٿيو آهيان، جو صاحبزادو آفتاب احمد خان جو عليگڙهه يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر آهي، سو اوهان سان شريڪ ٿيو آهي. مونکي يقين آهي ته سندس صلاح مصلحت اوهان لاءِ گهڻو مفيد ٿيندي. مون کي ڏسي گهڻي خوشي ٿي آهي ته توهين منتظر آهيو ته ٻين قومن سان ڪلهو هڻي اوهين پنهنجو منهن ۾ مان مٿي رکو. سرڪاري نوڪرين نسبت ذڪر ڪيل آهي، پر آءٌ ڀانيان ٿو ته انهي ۾ سرڪار جو ڪو ڏوهه ئي ڪونهي، جو جنهن قسم جو دستور اڳيئي رواج ۾ هو، تنهن کي هو قائم رکندا آيا. اڳيئين وقت ۾ اگرچه ملڪ جا حاڪم مسلمان هئا ته به حڪومت جو ڪاروبار سڄو هندن جي هٿ ۾ هوندو هو ۽ خود اکر "عامل" ڏيکاري ٿو ته هو ڪاراوا ماڻهو هئا. اڪثر ڪري خط و ڪتابت سڀ فارسيءَ زبان ۾ هلندڙ هئي ۽ هندو ماڻهو اها چڱيءَ طرح سکي چڱا چڱا عهدا حاصل ڪندا هئا. ممڪن آهي ته مسلمان وڏن گهراڻن ۾ ڪتابن پڙهڻ ڏانهن چاهه ڪونه هو. نوجوانن کي انهيءَ وقت شڪاربازي ۽ گهوڙي سواري ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ کان وڌيڪ وڻندڙ هئي، ليڪن هينئر حالتون ڦري پيون آهن ۽ علم حاصل ڪرڻ هڪ اشد ضرورت ٿي پئي آهي. اهو به ياد رکجو ته جو ٻار راندين ۾ تکو هوندو، سو ڪم ۾ به وڌيڪ ذهين نڪرندو. ابتدائي تعليم لاءِ گورنر صاحب چيو ته اسان ملان اسڪولن لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي آهي ۽ اسين انهيءَ ڪميٽيءَ جي رپورٽ جا منتظر آهيون. اسين اوهان کي صلاح ٿا ڏيون ته توهين پنهنجيون ڪميٽيون ٺاهيو، جي اوهان جي

رٿن کي هميشھ هستيءَ جي صورت ۾ آڻين ۽ اهڙين ڪميٽين جا ويچار ڪيل ٺهراءُ سرڪار لاءِ مفيد ٿيندا ۽ انهن تي اسين ۽ اسان جو تعليمي وزير پورو پورو غور ڪنداسون. انهي باري ۾ اسان پوني ۾ گهڻو ڪجھ چيو آهي، جنهن جي اپٽار هتي ٻيهر ڪرڻ مناسب نٿو سمجهجي ۽ اسين گهڻي خوشيءَ سان هن ڪانفرنس کي کوليون ٿا.“

ان ڪان پوءِ خان بهادر شاھ نواز خان ڀٽي، گورنر صاحب جي شڪر گذاري ادا ڪندي چيو تہ گورنر صاحب هينئر فرمايو آهي تہ اگرچ حڪومت مسلمانن جي هٿ تہ بہ حڪمران گهڻو ڪري هندو هئا، پر حقيقت ائين نہ آهي. مسلمان حڪومت جو ڪم سپ پاڻ ڪند اهئا. فقط منشين ۽ محررن جو ڪم هندن جي هٿ ۾ ڏنل هو. وڌيڪ چيائين تہ هي گهڻي افسوس جي ڳالھ آهي تہ جيڪي زمينون اڳي مسلمانن جي هٿ ۾ هيون، تنهن جو 80 سيڪڙو يا تہ هندن خريد ڪري ڇڏي آهي يا تہ هندن وٽ گروي آهي. روينيو ۽ پوليس ڊپارٽمينٽ ڪان سواءِ سيني ڪاتن ۾ پٽيواليون ۽ اهڙيون گهٽ پگهار واريون نوڪريون مسلمانن کي ملن ٿيون.

خان بهادر، گورنر صاحب جا احسان مڃيا، جو پاڻ زميندارن جي گهرن جو گهڻي قدر همدردي جي نگاھ سان فيصلو ڪيو آهي ۽ ڪين استدعا ڪئي تہ جڏهن ڪانفرنس جون رٿون وٽن پيش ٿين، تڏهن بہ اهڙي همدرديءَ جي نگاھ رکن. بعد ان جي ڪانفرنس جي طرفان گورنر صاحب لاءِ شڪريہ جي رٿ پيش ڪئي، جا گهڻي صدق سان پاس ڪئي ويئي.

گورنر صاحب جي وداعي بعد سر ابراهيم رحمت الله صاحب پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ٻن ڏينهن جي گهڻي بحث مباحثي بعد جدا جدا رٿون پاس ٿيون. ڪانفرنس ۾ جيڪي ٺهراءُ پاس ڪيا ويا، جن مان مکيہ هيٺئين ريت آهن:

1. هي ڪانفرنس مرحوم غلام محمد خان ڀرڳڙي جي سنڌ جي خدمتن جو اعتراف ڪندي هي تجويز ٿي ڪري تہ مرحوم جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ

سندس نالي تي گهرج وارن مسلمانن کي اسڪالرشپون ڏنيون وڃن ۽ اهو مقصد مد نظر رکي هي ڪانفرنس ملڪ کي استدعا ٿي ڪري ته مرحوم جي نالي کي زنده رکڻ لاءِ هڪ لک روپيه گڏ ڪجي.

2. هي ڪانفرنس افسوس ظاهر ٿي ڪري ته مسلم ڪاميٽي جا 1913ع ۾ سرڪار ڏاهي هئي ۽ جنهن سرڪار کي مسلمانن جي تعليم واسطي ڪي سفارشون ڪيون هيون، تنهن جي سفارشن کي يا ته قبول نه ڪيو ويو آهي يا جيڪڏهن کي قبول ٿيون آهن ته انهن کي عمل ۾ نه آندو ويو آهي. تنهنڪري زور سان هيٺيون گهرون ٿي ڪري:

الف: سيني لوڪل بورڊ ۽ ميونسپل اسڪول ۾ مسلمان ٻارن کي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ جو انتظام ڪيو وڃي.

ب: ابتدائي اسڪولن ۾ مسلمانن جي آدم شماري کي لحاظ ۾ رکي مسلمان ماسترن جو تعداد وڌايو وڃي.

ت: ابتدائي اسڪولن ۾ مسلمان ٻارن لاءِ ٽن ٽن روپين وارين اسڪالرشپن جو انداز گهٽ وڌايو وڃي ۽ ٻاهر جي شاگردن واسطي 5 کان 7 روپين تائين نيون اسڪالرشپون برپا ڪيون وڃن.

ث: حيدرآباد جي مردن واري ٽريننگ ڪاليج ۾ مسجد ٺهرائي وڃي.

3. هي ڪانفرنس ٽريننگ ڪاليج مان فارسي زبان کي ڪڍي ڇڏڻ کي سخت ناپسندي جي نظر سان ڏسي ٿي، جنهن جي ڪڍڻ سان سنڌي علم ادب جي واڌاري کي نقصان ٿو رسي ۽ گورنمينٽ کان طلب ٿي ڪري ته وري فارسي جاري ڪرڻ جو انتظام جلد ڪيو وڃي.

4. زميندار هاءِ اسڪول بابت هي ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته "انهي لحاظ سان ته سنڌ ۾ تعليم وڌڻ ضروري آهي. زميندارن ۽ ٻين لاءِ ثانوي تعليم جو پورو انتظام ڪيو وڃي ۽ جيڪا تعليم اتي ڏني وڃي، سا انٽرميڊيٽ تائين

هجي ۽ اهڙي ڪاليج سان هڪ بورڊنگ هائوس بہ قائم ڪيو وڃي. انهي ڪي پورو ڪرڻ لاءِ زميندارن کي گھرجي تہ ڪافي امداد ڏين.”

5. جيڪي ڪتاب تعليم کاتي پرائمري اسڪولن لاءِ مقرر ڪيا آهن، اهي مسلمان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ بلڪل غير موزون آهن، تنهنڪري هي ڪانفرنس تاليف ڪميٽي کي استدعا ٿي ڪري تہ انهي لاءِ جوڳو قدم کڻي.
6. هن ڪانفرنس جي راءِ آهي تہ ملان اسڪولن جي متعلق جيڪا اسڪيم آهي، سا اطمينان بخش نہ آهي، هيٺين ريت ان ۾ سڌارن ڪرڻ جي ضرورت آهي.
7. اها سڄي اسڪيم هڪ مسلمان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي ماتحت رکي وڃي.
8. اسڪولن کي آئنده مسلم اسڪولن جي نالي سان ڪوٺيو وڃي. جڏهن جبري تعليم جو قاعدو لاڳو ڪيو وڃي تہ جتي ملان اسڪول آهن، اتي انهن کي پرائمري اسڪولن جي درجي تائين پهچايو وڃي ۽ انهن ۾ مذهبي تعليم بہ رهي.
9. هي ڪانفرنس بمبئي يونيورسٽي جي چانسلر کي استدعا ٿي ڪري تہ سينيٽ ۾ وڌيڪ تعداد مسلمانن جو مقرر ڪري.
10. هي ڪانفرنس بمبئيءَ يونيورسٽي کي سفارش ٿي ڪري تہ بي. اي ۽ ايم اي امتحان لاءِ اسلامي تاريخ بطور آپشنل (مرضي تي ڇڏيل مضمون) رکي.
11. ڪانفرنس پنهنجي مرڪزي ڪميٽي تي هي ڪم رکي ٿي تہ سنڌ ۾ مختلف خاندانن ۾ قلمي ڪتاب آهن، تن کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪي ملي نہ سگهن، تن کي نقل ڪرائڻ جو انتظام ڪري.
12. موجوده عربي ماسترن لاءِ ٺهراءُ پيش ٿيو تہ هنن کي بمبئي يونيورسٽي کي سهوليتون پهچائي ۽ سرڪار کي وظيفن لاءِ چيو وڃي.

13. تعليم کاتي ۾ مسلمانن کي 70 فيصد جايون ملن ۽ مسلمان شاگردن لاءِ خاص وظيفا انهي لاءِ ڏنا وڃن، جو هو تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪري سگهن. انهن عهدن لاءِ چڱا تنخواه ڏيڻ ۾ اچن، جو هنن ۾ چاهه پيدا ٿئي اهڙي طرح مسلمان هيڊ ماسترن ۽ نائب ماسترن جو تعداد وڌايو وڃي.

14. جيڪي عربي مدرسا آهن، جن ۾ مذهبي تعليم ڏني وڃي ٿي، تن جي زميندارن ۽ جاگيردارن کي مدد ڪرڻ گهرجي.

15. ڪراچي ميونسپالٽي جي نئين قاعدي موجب اسڪول بورڊ ۾ مسلمانن جو تعداد اڌو اڌ رکيو وڃي.

16. مير صاحب کي استدعا ڪجي ته پاڻ جيڪا مدرسي کي امداد ڏئي ٿو، تنهن لاءِ اهو شرط نه وجهي ته مدرسي جو پرنسيپال يوروپي هجي.

17. ٿرپارڪر ضلعي وارو مدرسي هاءِ اسڪول ڪيو وڃي ۽ نوشهره مدرسي بورڊنگ هائوس کي ڪافي امداد ڏني وڃي.

18. هر هڪ ضلعي ۾ هڪ هاءِ اسڪول کوليو وڃي ۽ هر اسڪول سان مسلمان شاگردن لاءِ هڪ بورڊنگ هائوس مسجد سان گڏ ٺهرايو وڃي ۽ مسلمان شاگردن کي ڪافي وظيفا ڏنا وڃن.

19. ڪاليج ۽ اسڪول جي مسلمان شاگردن لاءِ 50 فيصد جايون رکيون وڃن.

20. سنڌ ۾ مفت زوري تعليم وارو قاعده يڪدم لڳايو وڃي.

21. ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جو پرسنل اسسٽنٽ هڪ مسلمان ٿيڻ گهرجي ۽ ڪمشنر سان گڏ جيڪو مسلمان اسسٽنٽ ڪمشنر آهي، تنهن کي سنڌ جي مسلمانن جي تعليم سپرد ڪئي وڃي.

(اخبار تعليم، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ، فيبروري، 1925ع تان ورتل)

# اسڪول جي عمارت جي افتتاح جي موقعي تي سر غلام حسين جي تقرير

تاريخ 29 ۽ 30 نومبر 1933 ع سر غلام حسين هدايت الله بمبئي گورنمينٽ جو رونيو ۽ مالي ميمبر حيدرآباد ۾ تشريف فرما ٿيو.

سر غلام حسين جنهن کي سنڌ جو پڇو پڇو سڃاڻي ٿو، سو اتر سنڌ جي مشهور تجارتي شهر شڪارپور ۾ تولد ٿيو. اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ بعد ايل. ايل. بي جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد سنڌ ۾ ڪيترن سالن تائين وڪالت ڪندو رهيو. سال 1912ع ۾ هي صاحب بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. پنهنجي قومي ۽ وطني حب ۽ ٻين خداداد لياقتن سبب 1921 ع تائين وري وري حيدرآباد ضلعي جي ماڻهن جي طرفان سندن عيوضي تي موڪليو تي ويو. سال 1921ع ۾ هي نون سڌارن موجب نئين طرز تي ٺهيل ليجسليٽو ڪائونسل ۾ وزير مقرر ڪيو ويو. هن اهو پنهنجو نئون عهدو اهڙي هوشياري ۽ چالاڪي سان هلايو جو ٽي دفعا 1928 ع تائين سانده ساڳي عهدي تي ممتاز ڪيو ويو.

وزيري واري عرصي ۾ هن جون خدمتون ۽ جان فشانيون اهڙيون بي بها ثابت ٿيون جو نہ رڳو هي اٺ سال وري وري وزير مقرر ڪيو ويو. پر سائين جي خطاب سان معمور ڪيو ويو ۽ هن جي گهرج بمبئي گورنمينٽ کي ايتري قدر محسوس ٿي جو جون 1928 ع ۾ هي ايگزيڪيوٽوِ (ڪاروباري) ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

آفيسري عهدي جي واڳن وٺڻ کان اڳ جي خدمتون سر صاحب حيدرآباد شهر جون خصوصاً ۽ سنڌ جون عموماً ڪيون آهن سي اظهر من الشمس آهن. سال 1921 ع کان اڳ ڪائونسل جي ميمبريءَ جي ايامڪاريءَ ۾ (جيستائين هو صاحب حيدرآباد کي ڇڏي بمبئي کي پنهنجو وطن ڪري

وچي ويٺو تيستائين) جيڪي هن صاحب حيدرآباد شهر جون خدمتون ڪيون آهن، سي وسرڻ جهڙيون نه آهن.

هي صاحب پهرين پهرين ڊسڪٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو ۽ ڪيترو وقت حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. تنهن کان سواءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ سنڌ مدرسته الاسلام جي بورڊ جو سالن جا سال ميمبر ٿي رهيو هو. ان کان سواءِ سنڌ ملڪ جي باري ۾ ماڻهن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ وقت بوقت جيڪي به ڪاميٽيون پئي ٿهيون آهن، تن ۾ هن جو نالو هو. هن تمام گهڻي قدر ڀرو وٺي انهن ڪاميٽين جون مرادون برصواب ڪرائي پنهنجي ناموري حاصل ڪئي.

انهن سڌاري ۽ واڌاري وارن ڪمن مان ڪيترا ٿي چڪا آهن ۽ اجا به هي صاحب اهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ هر دم تيار آهي. تازو جڏهن هو حيدرآباد ۾ تشريف فرما ٿيو تڏهن "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي" ڪيس عرض ڪيو ته گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد جنهنجون واڳون جلد بدلي ٿي سوسائٽي کي ملڻيون آهن، انهيءَ جي احاطي اندر اسڪول جي نئين جڳهه جو سنگ بنياد پنهنجي مبارڪ هٿن سان رکڻ فرمائي. ناظرين تعليم اخبار کي ذهن نشين ٿو ڪجي ته اهو اسڪول جو سرڪار مالي حالتن جي مد نظر تي صفا بند ڪرڻ تي گهريو سو ڪن شرطن تي سوسائٽي کي سندس گرما گرم ڪوشش ڪرڻ تي ڏيڻو ڪيو.

**غلام حسين صاحب جن کي مرحبا جي ائڊريس**

سنگ بنياد رکڻ کان اڳ ۾ سر غلام حسين صاحب، ڪليڪٽر صاحب مسٽر جي، ڪي، جوشي آءِ سي. ايس. سان گڏ تشريف فرما ٿيو، تنهن کي سوسائٽي جي پاران بلڪل گهڻي مرحبا سان حاضرين مجلس جن ۾ ڪيترا معتبر مرد ۽ ڪيتريون معزز عورتون، ڪيترن اسڪولن جا ماستر ۽ شاگرد حاضر هئا تن جي اڳيان سر صاحب کي ايڊريس پيش ڪئي.

مسلم هاسٽل جي بئند چيدن ۽ سهڻن سرن سان حاضرين مجلس کي وندرائيو.

خدا عزوجل جي ثنا خوانيءَ بعد سر صاحب جي تڪليف وٺي اچڻ جي شڪريہ ادائي ڪان پوءِ مسٽر نور محمد آنرري سيڪريٽري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي ايڊريس پڙهي، جنهن جو جواب سر صاحب هيٺين لفظن ۾ ڏيڻ فرمايو:

سر صاحب جي جواب ۾ هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بمبئي ڪاتي جو پيغام پڙهو.

مسٽر چيئرمين ۽ ڪارپرداز ميمبر مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي، هن نئين اسڪول جي جڳهہ جي سنگ بنياد رکڻ لاءِ جو مونکي چيو ويو آهي تنهن مان جا خوشي مونکي حاصل ٿي آهي، تنهنجي بيان ڪرڻ جي ايتري ضرورت محسوس نٿو ڪريان. تعليم اهو ڪم آهي جو منهنجي دل کي ڏاڍو پيارو آهي ۽ جڏهن بہ مان تعليم سان لاڳو ڪنهن ڪم ۾ بهرو وٺندو آهيان تڏهن تمام بيحد خوش ٿيندو آهيان.

تعليم جو قدر: توهان کي بخوبي معلوم هوندو تہ تعليم دنيوي، مذهبي، تمدني ۽ معاشرتي ڳالهين جي ترقيءَ جو سرچشمو آهي. تعليم معلومات وڌائي ٿي ۽ معلومات هڪ قسم جي زبردست طاقت آهي. هر ڪنهن ڳالهہ جي وسيع ۽ اونهي معلومات جنهن جو انسان جي ترقيءَ تي وڏو اثر آهي سو سچي سڌاري ۽ واڌاري جو مکيہ جزو آهي. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري اسڪول ۽ ڪاليج اسان جي حياتيءَ جو مکيہ پايو تصور ڪيا ٿا وڃن.

سنڌ جا مسلمان اڃا تعليم ۾ پوئتي پيل آهن ۽ جيستائين اهي پنهنجي وڏيڪ ترقي پذير همسايہ پائرن سان ساڳيءَ ڪڙيءَ تي اچن، تيستائين گهٽو ڪم ڪرڻو اٿن. انهن کي ياد ڪرڻ گهرجي تہ سندن ترقي سچي انسان ذات جي ترقي آهي ڇاڪاڻ تہ اهي سياسي حالت جي مدنظر تي سچي انسان ذات جو هڪ جزو آهن. سچيءَ انسان ذات جي ڪماليت جي درجي تي پهچڻ لاءِ اهو

ضروري آهي تہ سندس هر هڪ جزو مڪمل ٿئي. ڪا بہ قوم جا پنهنجن ٽنگن تي نٿي بيهي سگهي سا نہ رڳو پنهنجي دشمن آهي، پر اها ملڪ جي انهن سيني قومن لاءِ جي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن آهن تن سيني لاءِ هڪ قسم جي رنڊڪ آهي.

**مسلمانن جي تعليم**

شڪرانا ڏٽيءَ جا، جو مسلمانن هاڻي اک کولي آهي ۽ تمام گهٽي تعداد ۾ تعليم پرائڻ جي ڪم ڪي لڳي ويا آهن. هن لاءِ توهان جي سوسائٽين جهڙيون سوسائٽيون ۽ توهان ميمبرن جهڙا قومي ۽ ملڪي حب وارا اهي ماڻهو مبارڪن جا مستحق آهن، جي هھڙن ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. اهڙيون جماعتون ۽ اهڙا ماڻهو نہ رڳو قومي خدمت ٿا ڪن، پر اهي سڀ کان متاهين درجي جي ملڪي خدمت ادا ٿا ڪن. ههڙي وڏي ڪم جي پورائي لاءِ خود مطلبي کان آزاد روءِ جي ماڻهو ڪوشان آهن سي نہ رڳو پنهنجي قوم وٽان، پر سڄي ملڪ جي ماڻهن وٽان داد ملڻ جي لائق آهن.

اهي پنهنجي پوکيل وڻ جي ميوي جو مزو تمام گهڻو تڏهين وٺندا جڏهين ڪجهہ وقت ڪانپوءِ سندن محنتن ۽ مشقتن جو وڻ ڦولارجي ڦر ڪندو. هڪ داناءُ جو قول آهي تہ "ماڻهو ڪجهہ بہ نہ آهي مگر ڪم سڀ ڪجهہ آهي." مون کي اها خاطري آهي تہ اهڙا قومي حب وارا ماڻهو ۽ جماعتون اهڙا ڪم حب وچان ڪن ٿا ۽ نہ ڪنهن اجوري يا عيوضي ملڻ ڪاڻ.

انهيءَ چوڻ ۾ مبالغو نہ ٿيندو جي آءٌ توهان کي ٻڌايان تہ هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بهادر کي ڪابہ ڳالهہ اهڙو خوش نہ ڪري ها جهڙو صاحب ممدوح هن اسڪول جي جاءِ جي سنگ بنياد رکڻ ۾ خوش ٿئي ها. چاڪاڻ تہ هز ايڪسيلنسي انهن ڳالهين ۾ تمام گهڻو چاهہ وٺندو آهي جي پريزيڊنسي جي ماڻهن جي ڀلي جي مد نظر تي رکيون ويندي‌ون آهن.

**خاص واسطيداري**

سڄي بمبئي ڪاتي جي تعليم لاءِ عموماً ۽ مسلمانن جي تعليم لاءِ خصوصاً هز ايڪسيلنسي جو هڏ تمام گهڻو ڪرڪندو آهي. تنهن ڪري هز ايڪسيلنسي هن وڏي ڪم جي شروع ڪرائڻ ۽ بهري وٺڻ ۾ تمام گهڻو خوش ٿئي ها. سوسائٽي ڪي اسڪول جون واڳون دير سان مليون تنهنڪري اهڙو خوشيءَ جو ڪم هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بهادر ڪان سر انجام ٿي نہ سگهيو آهي. هن موقعي تي پنهنجي حاضر هجڻ جي عيوض مهرباني ڪري هيٺيون پيغام اوهان ڏانهن موڪليو آهي جو آءٌ اوهان کي پڙهي ٻڌايان ۽ جو مون کي پڪ آهي تہ توهان کي توهان جي هن وڏي ڪم ۾ همت افزائي جو باعث ٿيندو. جيڪي هز ايڪسيلنسي اڄوڪي سنگ بنياد رکڻ بنسبت مون ڏانهن لکيو آهي سو هيءُ آهي:

**هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بهادر جو پيغام**

مهرباني ڪري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ ۽ حيدرآباد سنڌ جي مسلمانن کي منهنجي پاران مسلم ايجوڪيشن هاءِ اسڪول لاءِ جنهن جو توهان هن وقت سنگ بنياد رکو ٿا مبارڪون ڏيندا. اهو ڪم جنهن جي پوري ڪرڻ لاءِ توهان ۽ سر رفيع الدين احمد ڪوشش ورتي هئي، تنهنجي تبديل ڪري ڏيڻ جي شروعات ڪرڻ ۾ اوهان کي نهايت خوشي حاصل ٿيندي هوندي.

9 سال کن اڳي جنهن مسلم هاسٽل جي جاءِ سرڪار مسلمانن کي ڏني هئي، تنهنجو بندوبست جنهن پيرايہ تي سوسائٽيءَ رکيو آهي سو مونکي اها اميد ٿو ڏياري تہ اهي اسڪول جي انتظام رکڻ ۾ بيشڪ ڪامياب ٿيندا. منهنجي تمام گهڻي همدردي سوسائٽيءَ جي انهيءَ وڏي ڪم سان آهي، جنهن جو بار هوءَ مسلمان ٻارن جي تعليم، ترقيءَ ۽ خوشنوديءَ لاءِ پنهنجي ڪلهن تي رکي ٿي. مان اهڙن اسڪولن جي بنيادي پٿر رکڻ ۾ پاڻ کي نهايت خوش نصيب سمجهندو آهيان. چاڪاڻ تہ اهو وڏو ڪم جنهن جي پوري ڪرڻ لاءِ اوهان جي سوسائٽي قدم کنيو آهي سو هميشہ لاءِ چاهہ ڏياريندڙ ثابت ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو.

## سيني ذاتين لاءِ کليل اسڪول:

ڪي ڳالهيون جن جو هن اسڪول سان لاڳاپو آهي سي مونکي گهڻو خوش ٿيون ڪن. پهرين ۽ سڀ کان مکيه ڳالهه جا آهي سا هي آهي ته هي اسڪول سيني ذاتين لاءِ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ ۽ روڪ کان سواءِ کليل آهي. اهڙن اسڪولن جي خاص ڪري هن وقت ملڪ ۾ تمام گهڻي گهرج آهي.هن وقت هندوستان جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ ضروري ڳالهه جا آهي سا اها آهي ته سندس ڌار ڌار ذاتيون ۽ قومون هڪ ٻئي کي چڱي طرح سمجهي سگهن. انهيءَ مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ فقط اهڙا ئي اسڪول ڪارائتا ٿي سگهندا، جي سيني قومن لاءِ پنهنجا دروازا کليل رکندا.

ٻي چڱي ڳالهه جا مان ڏسان ٿو سا هي آهي ته هي اسڪول هنري تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪري ڏي ٿو. اهوئي هن وقت دنيا جي ترقي جو راز آهي ۽ آئينده اهو تمام گهڻي قدر محسوس ڪيو ويندو. فقط ڪتابي علم هينئر نڪمو ۽ صرف وقت ۽ مغز جي طاقت لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيو آهي. جنهن ڳالهه جي هن وقت گهرج آهي ۽ جنهن جي ايندڙ زماني ۾ وڌيڪ ۾ وڌيڪ گهرج ٿيندي ويندي سا اها آهي ته اسڪول ۽ ڪاليج جي شاگردن کي تعليم اهڙي ڏجي جا اسڪول ۽ ڪاليج جي ڇڏڻ بعد ڪين سندن پيرن تي بيهاري سگهي.

سرڪار يا واپاري مرڪز هن وقت انهن سيني ماڻهن کي جي اسڪول يا ڪاليج مان تعليم پوري ڪري ٿا نڪرن، مشغولي ڏيئي نٿا سگهن ۽ نڪي اهو نوجوان ماڻهن جي حياتيءَ جو مقصد هجي ته هو تعليم صرف سرڪاري يا خانگي نوڪري ملڻ لاءِ حاصل ڪن. دنيا ۾ ٻيا به رستا آهن جن لاءِ نوجوان پنهنجي دلي خواهش رکي سگهن ٿا ۽ هنري تعليم ئي هن وقت دنيا جي ضرورت آهي ۽ آئينده زماني ۾ پڻ هميشه لاءِ رهندي.

### چوڏهن هزارن روپين جي امداد

مونکي اهو شڪر ادائي جو وڏو فرض لاهڻ وسارڻ نہ گهرجي جو ڪن قومي حب وارن ماڻهن هن تعليم گاهہ تي چاڙهيو آهي. انهن ماڻهن ۾ آءٌ پنهنجو وڏو ۽ باعزت دوست حاجي عبدالله هارون ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر سي تمام خوش ٿيو آهيان. سيٺ صاحب چوڏهن هزار روپيہ هن اسڪول کي امداد ڪيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هي پهريون ئي ماڻهو آهي جو ايڏي رقم سان هن اسڪول جي مدد لاءِ ميدان ۾ آيو آهي. امداد ڪندڙن ۾ پنهنجن هيٺين دوستن جا نالا ڏسي مان وڏيڪ خوش ٿيو آهيان:

1. خان بهادر حاجي مير الهداد خان
2. مير حاجي حسين بخش خان

سوسائٽي جناب هز هائينس بهاولپور جي نواب صاحب جي زيرمنت آهي، جنهن 25 هزار ورپين جو گرانٽ قدر شاهي عطيہ جاءِ جي گرانٽ طور هن اسڪول کي عطا ڪري پنهنجي سخاوت جو ثبوت پيش ڪيو آهي. هن باري ۾ سوسائٽي، خانبهادر ميان نبي بخش خان سي آءِ اي جي پڻ نهايت شڪرگذار آهي.

تنهن ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترا ماڻهو آهن جن جي هيءُ سوسائٽي شڪر ادائي ظاهر ٿي ڪري. انهن مان مسٽر مينسي ڦليلي ڪئنال جو ايگزيڪيوٽو انجنيئر صاحب آهي، جنهن مهرباني ڪري ڪنهن بہ اجوري وٺڻ ڪانسواءِ هن اسڪول جي جاين جي تپاسڻ جي ڪم جو بار پنهنجي سر تي هموار ڪرڻ فرمايو آهي.

**مسٽر نور محمد وڪيل جي شڪر گذاري**

آخر ۾ اهو مونکي چوڻ ضروري آهي تہ هن سوسائٽيءَ جي چيئرمين ۽ ميمبرن صاحبن ڪم کي ڪامياب بنائڻ ۾ ڪوشش ورتي آهي، تن جي جيتري ساراهہ ڪجي اوتري ٿوري آهي. هن سوسائٽي جي هن ڪم ۾ ۽ سندس ٻين ڳالهين ۾ ڪاميابيءَ جو سبب سندس جفاڪش ۽ پرجوش آنرري سيڪريٽري مسٽر نور محمد آهي جو سڄي ڪم جو روح روان آهي.

مسلمان قوم جي گردن تي جو ٿورو هنن ماڻهن جي همت، جان فشاني ۽ محڪم ارادي جو آهي تنهنجو نہ رڳو قدر ڪرڻ مشڪل آهي، پر ان جو خيال ڪرڻ بہ محال آهي. اهو انهن جي اڻ ٿڪ ڪوشش جو نتيجو آهي، جن جي مدد سان سوسائٽي انهن مشڪلاتن مان جن مان هن کي لنگهڻ لازمي هو ڪاميابيءَ سان نڪري آئي آهي. آءٌ فقط هيترو چوان تہ هنن انهن ماڻهن کي جن جي لاءِ هنن هيڏو سخت ڪم ڪيو آهي حياتيءَ تائين احسان منديءَ جي بار هيٺ آندو آهي ۽ اهي جيستائين جيئرا رهندا تيستائين انهن جا گڻ ڳائيندا رهندا.

آءٌ اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ گورنمينٽ تمام گهڻي همدردي سان اوهان جي سوسائٽيءَ جي هن ڪم کي ڏسندي ۽ ان ۾ چاهہ وٺندي. آءٌ خدا تعاليٰ جي درگاهہ ۾ دعاگو آهيان تہ هو هن تعليم گاهہ کي پنهنجن خاص نعمت سان مالا مال ڪري مون کي خاطري آهي تہ اهي نعمتون هن تعليم گاهہ تي برسات جان تمام گهڻي انداز ۾ وسنديون. شل هي تعليم گاه جنهن مقصد لاءِ کولي ٿي وڃي انهيءَ مقصد موجب مسلمان قوم ۽ ٻين قومن جي لاءِ چڱائيءَ جو چشمو ثابت ٿئي.

انهن لفظن سان آءٌ هن اسڪول جي نئين جڳهہ جي بنيادي پٿر رکڻ لاءِ وڌان ٿو.

سنگ بنياد خير خوبيءَ سان رکيو ويو ۽ اهو اظهار ڪيو ويو تہ سر غلام حسين هدايت الله هڪ هزار روپيہ بلڊنگ فنڊ ۾ ڏيڻا ڪيا آهن.

(اخبار تعليم، ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد ، نومبر 1933ع تان ورتل)

## ترقي جو راز_سنڌ مسلم هاسٽل

نور الدين احمد غلام علي
پرنسيپال ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد

انسان جي ترقيءَ جو دارو مدار تعليم تي آهي، جنهن قوم جي تعليم سان دلچسپي آهي، تنهن سان ڪاميابي هم رڪاب رهي ٿي. ڪنهن زماني ۾ مسلمان دنيا جي وڏي حصي تي جاهه و جلال سان حڪومت ڪندا هئا، تنهن جو سبب فقط تعليم هو. دنيا جي ڏار ڏار ملڪن ۾ وڏا وڏا مدرسه هوندا هئا، جتي پري پري جا طالب العلم دور دراز مسافريون ڪري، نهايت تڪليفون سهي علم پرائيندا هئا. حالانڪ انهيءَ وقت ۾ نه اڄ وانگر ريل گاڏيون هيون ۽ نه وري ڪي مسافريءَ جا ٻيا سهنج هئا. برعڪس ان جي اڄ سڄي ملڪ ۾ آمد رفت لاءِ سڀ سهولتون ميسر آهن، جا مسافري اڳي مهينن ۾ ڪبي هئي، سا اڄ ڪلاڪن ۾ ڪجي ٿي، پر تنهن هوندي به سنڌ جا مسلمان ڪا تعليم سان دلچسپي رکن سا خير. برابر ملڪ جي هاڻوڪي حالت نهايت دلخراش آهي. پئسي جي قلت ۽ روزگار جي تنگهي سبب ڪيترا مائٽ پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعيم ڏياري نه ٿا سگهن، پر جيڪڏهن ڪن کي موقعا هٿ اچن ٿا ته اهي انهن مان پورو فائدو نه ٿا وٺن. هي ياد رکڻ گهرجي ته موجوده وقت ۾ اعليٰ تعليم جو ذريعه معاش اسڪالرشپون ئي آهن. هر سال سيني ضلعن ۾ گورنمنيٽ مقرر تعداد اسڪالرشپن جو ڏئي ٿي، جنهن لاءِ فيبروري مهيني ۾ پيٽ جو امتحان ٿئي ٿو. انهيءَ امتحان ۾ ڪٽينڊڙن شاگردن کي در ماهه ڏهه روپيه اسڪالرشپ ملي ٿي، پر اسان کي نهايت ارمان آهي جو 90 سيڪڙو ڪٽينڊڙ انهن اسڪالرشپين جو ڪو به فائدو نه ٿا وٺن. اسڪالرشپ ڪٽڻ بعد وڃي ڪنهن پرواري ننڍڙي اي. وي. اسڪول ۾ داخل ٿين ٿا، جتي سندن ترقي ۽ تعليم تي ڪو به ڌيان ڏيڻ جو ڪو نه ٿو اچي، ڇوڪرا ڏينهن جو ٻه ٻه چار ڪلاڪ پڙهي، باقي سڄو وقت گلي ڏڪر

راند ڪرڻ، لغڙن اڏائڻ ۽ گولين راند رهڻ ۾ صرف ڪن ٿا. سندن مائٽ اسڪالرشپ ڪي پگهار ۽ روزگار جو ذريعو تصور ڪن ٿا ۽ ائين ٿا سمجهن ته الحمدالله اسان جو پٽ ننڍي کان ئي سياڻو ٿيو ۽ ڪمائڻ لڳو آهي. ٽن سالن گذرڻ بعد وري جڏهن انٽر ميڊيٽ (هاءِ اسڪول اسڪالرشپ) جو امتحان ٿئي ٿو، تڏهن ان ۾، اسڪالرشپ هارائي وڃي ڳوٺ سڪي ٿين ٿا. ان سان گڏ سندن تعليم جو چراغ به هميشه لاءِ گل ٿي وڃي ٿو. اها آهي مٿئين حالت جا اڄ ڪلهه اسان جي سنڌ ۾ ٿي رهي آهي.

هتي حيدرآباد ۾ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي زير نگراني هڪ عاليشان بورڊنگ هائوس بمعه اي. وي. اسڪول جي آهي (جنهن کي عام طرح مسلم هاسٽل چيو وڃي ٿو) جو اٺن، نون سالن کان نهايت پسنديءَ جهڙو ڪم ڪري رهيو آهي. ٻهراڙي ۾ جيڪي شاگرد اسڪالرشپ کٽي وڏيڪ تعليم لاءِ ڪوشان رهن ٿا، تن کي هتي رهايو وڃي ٿو. رهڻ لاءِ جايون سٺيون ۽ هوادار آهن. شاگردن جي راند لاءِ ميدان ۽ تفريح لاءِ باغ وغيره سڀ اندر آهن. ديني تعليم لاءِ خاص سند يافته مولوي مقرر ٿيل آهي، جو هر روز باقاعده تعليم ڏيندو رهي ٿو. سڄي هاسٽل لاءِ هڪ ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهي جو وقت به وقت شاگردن کي تپاسيندو رهي ٿو. ڪاڌي پيتي جي به چڱي طرح سنڀال ورتي وڃي ٿي. وقت به وقت وڏن وڏن آفيسرن جهڙوڪ گورنر صاحب، وزير، ڪمشنر صاحب، تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر صاحب ۽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب وغيره هاسٽل جو معائنو ڪري ڪم جي ساراهه ڪئي آهي.

شاگردن جي شهر ۾ رلڻ جي خيال کان خلاصو ڌوٻي رکيل آهي جو شاگردن جي مفت ڪپڙا ڌوئي ڏئي ٿو اهڙيءَ طرح حجام به رکيل آهي، جو انين انين ڏينهن سيني جي سنوارت بنا پئسي ٺاهيندو رهي ٿو. اسان جي خيال ۾ سڄي سنڌ ۾ هن جهڙا ڪي ٿورا بورڊنگ هوندا، جتي اهڙيءَ طرح جو بندوبست هوندو.

تعليم تي خاص ڌيان ڏنو ويجي ٿو ۽ اها ڪوشش ورتي وڃي ٿي تہ جن ڇوڪرن اسڪالرشپون کٽيون آهن، سي انٽر ميڊيٽ امتحان بعد وڃائي نہ ويهن، ان لاءِ رات جو بہ ٻہ ڪلاڪ هر روز ماستر ڪين ٽيوشن ڏيندو رهي ٿو.

گذريل سال 31 ـ 1932ع ۾ هاءِ اسڪول اسڪالرشپ جي امتحان تي مسلم هاسٽل جي اي. وي اسڪول جا 8 ڇوڪرا ويا، جن مان ستن ڇهن اسڪالرشپون کٽيون ۽ سڄي ضلعي ۾ پهريون نمبر بہ انهيءَ اسڪول جو شاگرد آيو. وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي بانيڪارن خاص ڪري مسٽر نور محمد صاحب، بي.اي، ايل. ايل. بي وڪيل پنهنجو سمورو وقت مسلم قوم جي ٻچن جي سڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. مسلم هاسٽل بمع اي. وي اسڪول سندس زير نگراني هلي ٿو. تنهن ڪري اسين سنڌ جي هر هڪ ماستر صاحب کي عرض ڪنداسين تہ هو هر سال اسڪالرشپ امتحان ڏيارڻ لاءِ ڇوڪرا تيار ڪري موڪلين ۽ جيڪي انهيءَ مان اسڪالرشپون کٽي اچن تن کي بروقت مسلم هاسٽل حيدرآباد ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ موڪلين، جتي سندن آئينده حياتي ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ورتي وڃي ٿي. اسين پنهنجي آزمودي مان چئي سگهون ٿا تہ مسلم قوم جي ٻارن جي ترقيءَ ڪرڻ لاءِ هتي کان وڌيڪ سٺو ٻيو ڪٽي بہ بندوبست ٿي نہ سگهندو.

(اخبار تعليم، ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد، ڊسمبر 1933ع تان ورتل)

## نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد

### الهه بخش نظاماڻي پرنسيپال

سائين نور محمد جو قائم ڪيل اسڪول "نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد " ترقي جون منزلون طئي ڪندو اڄ اهم مقام تي پهچي ويو آهي ۽ اسڪولن جي دنيا ۾ هن ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي. جيتوڻيڪ هن جي افاديت ۽ اهميت ان وقت بہ ڏاڍي هئي جڏهن هي قائم ٿيو. ائين ڪٿي چئجي تہ اڄوڪي اهميت کان بہ زياده هئي ڇو تہ ان وقت هي اسڪول هندن جي هيترن قائم ڪيل اسڪولن ۾ اڪيلو اسڪول هو. هندو عامل تعليم پنهنجن ٻارڙن تائين محدود رکڻ جي خيال ۾ هئا ۽ مسلمانن ڪي تعليم جي زيور سان آراستہ ٿيڻ جي هر ڪوشش کان پري رکڻ جي لاءِ پيا مٿا مونا هڻندا هئا.

هندو حيدرآباد جي سيني اسڪولن تي قبضو ڪيون ويٺا هئا ۽ مسلمان ٻارڙن جي لاءِ تعليم جا دروازا بند هئا. ظاهر آهي تہ ان وقت مسلمانن ڪي اسڪول جي ڪيڏي نہ ضرورت هئي چنانچہ مرحوم نور محمد بيشمار مشڪلاتن تي قابو پائي نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جو بنياد رکيو ۽ هن اسڪول ۽ هاسٽل سنڌ جي تعليمي زندگي ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو.

هن علائقي جا ڪيترا دانشور، اديب، صحافي، وڪيل ۽ وڏا آفيسر هتان تعليم حاصل ڪري ويا آهن ۽ 1947ع ۾ جڏهن اسان جا پائر ڏتڙجي هتي آيا تڏهن انهن جي ٻچن ڪي بہ هن اداري ۾ تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو ويو.

مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جنهن جي زير انتظام اسڪول ۽ هاسٽل هلن ٿا. 1956ع ۾ مسلم ڪاليج جو بنياد وڌو. نور محمد هاءِ اسڪول ۽ مسلم هاسٽل جي ترقي سائين نور محمد جي انتقال بعد روڪجي ويئي آهي ،پر 1961ع ۾ هن جي نئين دور جو آغاز ٿيو جڏهن مسٽر اي. ايم. نظاماڻي مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي چارج ورتي.

مسٽر نظاماڻي چارج وٺندي ئي اسڪول جي ترقي ڏانهن توجهہ ڏنو. 1961ع تائين اسڪول گرمي جي موسم هوندي بہ ٻن شفٽن ۾ هلندو هو جنهن سبب شاگردن ڪي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي جڏهن تہ اسڪول ۾ پورا پڪا بہ نہ

هوندا هئا. نيٺ 65 هزار روپين جي خرچ سان نئين عمارت ۽ 30 هزارن جي خرچ سان پکن ۽ فرنيچر وغيره جو انتظام ڪيو ويو. ان کان سواءِ 50 هزار روپين جي خرچ سان ٻه ماڙ جاءِ ٺهرائي ويئي جنهن ۾ اسڪول جو انتظاميہ عملو ڪم ڪري ٿو. اهڙي طرح اسڪول جي ترقي تي 3 لک 63 هزار 5 سو روپيا خرچ آيو.

ڪاليج جي وڌندڙ ضرورتن ڏانهن پڻ توج ڏنو ويو ۽ ڪامرس بلاڪ جو اضافو ڪيو ويو جنهن تي 2 لک 42 هزار روپيہ خرچ آيو ۽ پري انجنيئرنگ جا ڪلاس 1960ع ۾ شروع ڪيا ويا. 1960 ۾ ڪاليج جي ليبارٽري لاءِ 45 هزار روپين جي خرچ سان سائنسي آلات گهرايا ويا ۽ اهڙي طرح ڪاليج تي 2 لک 87 هزار روپيہ خرچ ٿيا جڏهن گرانٽ هڪ لک 30 هزار ملي ٿي جا ضرورت کان بلڪل گهٽ آهي. اسڪول جي گرانٽ ٻہ تمام گهٽ آهي. يعني 94 هزار روپيا جنهن مان 35 هزار ورڪشاپ گرانٽ آهي.

اسڪول ۽ ڪاليج جي لئبريرن ۾ علم جا ڪتاب موجود آهن. اسڪول ۾ 1850 ۽ ڪاليج ۾ 1100 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. نور محمد هاءِ اسڪول پنهنجي رزلٽ جي سلسلي ۾ نهايت مشهور آهي، فرسٽ ڪلاس، سيڪنڊ ڪلاس پاس ڪندڙ شاگردن جو تعداد هن اسڪول جو ئي زياده هوندو آهي. هر سال هن اسڪول مان اٽڪل300 شاگرد ميٽرڪ پاس ڪندا آهن ۽ هن اسڪول جي سائنس جي رزلٽ 70 سيڪڙو آهي. ان کان سواءِ ڪاليج جا نتيجا ٻہ ڏاڍا سٺا آهن ۽ نتيجن جو سيڪڙو 80 رهندو آيو آهي. راندين جي ميدان ۾ هي اسڪول انفراديت برقرار رکندو آيو آهي ۽ انٽر ڊسٽرڪٽ ٽورناميٽ ۾ هن پيري پوزيشن حاصل ڪئي آهي. پوري ريجن جي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ صرف هن اسڪول جا 9 رانديگر آهن ان کانسواءِ هاڪي، فوٽبال، والي بال، ٽيبل ٽينس، باڊي بلڊنگ ۽ بيڊ منٽن ۾ ٻہ اسڪول جا شاگرد دلچسپي رکن ٿا.

ڪاليج، اسڪول ۽ هاسٽل جي سلسلي ۾ ڪيترين ئي اسڪيمون آهن جن تي جلدي عمل ٿيندو جنهن بعد هن اداري جي حيثيت ملڪ جي اهم تعليمي ادارن جهڙي ٿي ويندي. مسلم ايجوڪيشن جا سيئي ميمبر هڪ ٽيم جيان ڪم

ڪري رهيا آهن ۽ اهو انهن جو گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ تعاون ئي آهي جنهن سبب ايترا تعميري ڪم ٿيا آهن.

(عبرت اخبار، 22 آگسٽ 1963ع تان ورتل)

## نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سندس باني

محمد حسن بوزدار

سنڌ ۾، انگريزن جي فتح ڪانپوءِ ڪيترائي سال شهري نظام بگڙيل هو ۽ تعليم لاءِ ڪو به بندوبست نه هو. آخرڪار سنڌ جي تعليم کاتي جي انسپيڪٽر مسٽر گولڊ سمڊ جي ڪوشش سان سال 1858ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ گورنمينٽ اي. وي اسڪول (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول جي پراڻي عمارت ۾) قائم ٿيو. اهو اسڪول، زميندارن ۽ آبادگارن کان ورتل، لوڪل فنڊ جي آمدني مان هلايو ٿي ويو. 1864ع ۾ اسڪول کي هاءِ اسڪول جي درجي تائين وڌايو ويو. ٻهراڙيءَ جا مسلمان جي لوڪل فنڊ ڀريندڙ هئا، سي انهيءَ اسڪول مان فائدو نه وٺي سگهيا، ڇاڪاڻ جو هو شهر کان گهڻو پري رهندا هئا ۽ شهر ۾ سندن رهائش جو ڪو انتظام ڪونه هو.

اهڙيءَ طرح 1923ع تائين لوڪل فنڊ جا پئسا مقامي هندن جي پرائمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجئيٽ تعليم تي خرچ پئي، ٿيا. تنهن ڪانسواءِ 1861ع ۾ "سنڌ اسڪالر شپ فنڊ" کنو ڪيو ويو. جيئن سنڌي بمبئي مان مئٽرڪ پاس ڪري اتي جي ايلفنٽس ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهن. انهيءَ فنڊ مان به رڳو هندو عالمن فائدو ورتو ۽ ڪنهن به مسلمان کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جو موقعو نه مليو.

مسٽر جينڪسن جو انهيءَ وقت سابق سنڌ جو ڪمشنر هو. ان جي هي رپورٽ آهي: "افسوس آهي ته سنڌ جا مسلمان تعليم ۾ تمام پٺتي پيل آهن. هن وقت ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ (جو انهيءَ سال کليو هو) فقط ٽي

مسلمان شاگرد پڙهي رهيا آهن ۽ گورنمينٽ جا هاءِ اسڪول مسلمانن کي تعليم مهيا ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام رهيا آهن.” انهيءَ رپورٽ ڪانپوءِ البت مسلمانن ۾ ڪجهه سجاڳي آئي. سال 1886ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي ڪراچي ۾ هڪ مڊل اسڪول کوليو، جو هينئر سنڌ مدرسته السلام جي نالي سان مشهور آهي.

سال 1908ع ۾ مسٽر دهلوي بار ائٽ لا حيدرآباد ، بمبئي سرڪار کي سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پستي کان واقف ڪيو ۽ انهيءَ جي تلافي لاءِ سرڪار جو ڌيان ڇڪايو. سال 1915ع سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ايچ لارينس ۽ تنهن ڪانپوءِ 1924ع ۾ بمبئي سرڪار جي وزير تعليم مسٽر بي. وي. جاڌا جي ڪوشش سان مسلمانن لاءِ داخلا لاءِ جايون مخصوص رکيو ويون ۽ اسڪالرشپن جو تعداد پڻ وڌايو ويو. جنهنڪري گهڻن مسلمانن کي مقامي هاءِ اسڪولن ۾ داخلا وٺڻ جو موقعو مليو.

ان وقت سائين نور محمد جون مسلم تعليم جي ڦهلائڻ لاءِ ڪوششون به گل ڪيڻ لڳيون جي سندس حيدرآباد جي سال 1924ع واري ”سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس“ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيون. اها ڪانفرنس عليڳڙهه يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسلر صاحبزادي آفتاب احمد صاحب جي زير صدارت ٿي هئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي ترقي لاءِ ٻين ٺهرائن، سان گڏ اهو به هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو هو ته حيدرآباد ۾، ٻهراڙي جي مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ، هڪ بورڊنگ هائوس ۽ هڪ جدا هاءِ اسڪول قائم ڪيو وڃي. ان ڪانپوءِ نور محمد ڪانفرنس جي ٺهراءَ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. آخرڪار نور محمد ۽ ٻيا قومي درد رکندڙ مسلمان مرحوم غلام محمد ڀرڳڙي بار ايٽ لا. (جو ان وقت بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو ۽ حيدرآباد نيشنل ڪاليج جي مئنيجنگ بورڊ جو پريزيڊنٽ پڻ هو) سان مليا ته هو سرڪار سان لهه وچڙ ۾ اچي ٽريننگ ڪاليج جي

عمارت جو حصو (موجوده مسلم هاسٽل نور محمد هاءِ اسڪول) جو ان وقت خالي پيل هو، مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ حاصل ڪري.

ان وقت جي نيشنل ڪاليج جي پرنسيپال مسٽر حشمتراءِ چبلاڻي ايم.اي سرڪار کي پيش ڪرڻ لاءِ درخواست جو مسودو تيار ڪيو. سال 1924ع جي شروعات ۾ مرحوم پرڳڙي صاحب سخت بيمار ٿي پيو، تنهن ڪري اهو ڪم سندس دوستن پاڻ تي کنيو. نيٺ اها درخواست 1924ع مارچ مهيني ۾ مرحوم پرڳڙي صاحب جي وفات کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي سرڪار کي پيش ڪئي ويئي. سرڪار ضروري لکپڙهه ۽ پڇا ڳاڇا کان پوءِ اها عمارت ماهياني معمولي مسواڙ تي مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ انهيءَ شرط تي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ته مسلمان هاسٽل کي هلائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهيندا. مئي 1925ع ۾ سرڪار مسلمانن جي ٺاهيل ڪاميٽي (مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي نالي سان)، جنهن جو پهريون آنريري سيڪريٽري مسٽر نور محمد هو، تسليم ڪئي. سيپٽمبر 1925ع ۾ بلڊنگ جو قبضو مسلمانن کي مليو پهرئين آڪٽوبر 1925ع کان عمارت باقاعدي ڪم ۾ اچڻ لڳي. ٻهراڙي کان گهٽيئي شاگرد داخلا لاءِ اچي ويا، جنهنڪري مسلمانن جي تعليم کي ڪافي هٿي اچي ويئي. هن هاسٽل ۾ هن وقت 200 شاگرد جي رهائش جي گنجائش آهي.

1925ع ۾ پهريون ڀيرو بمبئي جي گورنر ليسلي ولسن هاسٽل جو معائنو ڪيو، سندس ريمارڪ آهي ته: "انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته بورڊنگ هائوس جنهن ڪانسواءِ مسلمانن جو تعليم مان فائدو وٺڻ مشڪل آهي. مسلمان ٻارن جي هڪ وڏي ضرورت پوري ڪري رهيو آهي. آءٌ سوسائٽيءَ کي سندس سٺي ڪم تي مبارڪ باد ڏيان ٿو." سندس ٻئي دفعي 1927ع جو ريمارڪ آهي: "مونکي ٻيهر هن اداري کي ڏسڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. آئون هاسٽل جي ٿوري وقت ۾ بيحد ترقي ڏسي دنگ رهجي ويو آهيان. هاسٽل تمام وڏي

ضرورت پوري ڪري رهي آهي. ڇوڪرا تمام خوش نظر اچي رهيا آهن. سندن نظرداري تمام سهڻي ۽ خاطر خواهه نموني ڪئي وڃي ٿي. مونکي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ هاسٽل جا سڀ شاگرد اسڪائوٽ آهن. آءٌ اسڪائوٽ ٻئنڊ جي ڪاميابي تي سيني واسطيدار ماڻهن ۽ ٻئنڊ ماسترن کي مبارڪباد ڏيان ٿو".

انهيءَ وقت حيدرآباد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول) ڪانسواءِ بہ ٻيا هاءِ اسڪول، اين ايچ اڪيڊمي (هاڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول) نو وديالیہ هاءِ اسڪول (جتي هاڻي سنڌ يونيورسٽي آهي). اهي ٻئي اسڪول هندن جي سرپرستي هيٺ هلي رهيا هئا.

هاسٽل ۾ رهندڙ ڇوڪرا مذڪوره ٽنهي اسڪولن ۾ داخل ڪرايا ويندا هئا. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪانسواءِ ٻيا ٻئي اسڪول، هاسٽل کان تمام گهڻو پري هئا جنهن ڪري شاگردن کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. ٽنهن ڪانسواءِ هندو اسڪولن ۾ مسلمانن کي نڪي ڪي سهولتون ڏنيون وينديون هيون ۽ نہ وري ڪو ورتاءُ سٺو ڪيو ويندو هو. انهيءَ ڪري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي اهو محسوس ڪيو تہ حيدرآباد ۾ مسلمانن لاءِ هڪ جدا هاءِ اسڪول جو هئڻ نهايت ضروري آهي. نور محمد جي ڪوشش سان هڪ دفعو وري بہ مسلمانن جو وفد بمبئي سرڪار سان مليو. آخر ڪار سرڪار گورنمينٽ هاءِ اسڪول (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول) جو انتظام مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي حوالي ڪرڻ تي رضامند ٿي. حيدرآباد جي هندن خاص ڪري حيدرآباد جي عاملن انهيءَ تجويز جي ننهن چوٽيءَ سان مخالفت ڪئي، پر سائين جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان سرڪار کان 1934 ع ۾ اسڪول جو قبضو مسلمانن کي ڏياريو. انهيءَ ساڳئي سال اسڪول جي نئين عمارت جو بنياد شيخ غلام حسين هدايت الله رکيو ۽ اسڪول هاڻي حيدرآباد هاءِ اسڪول سڏجڻ لڳو. 1937 ع ۾ مرحوم نور محمد جي وفات کانپوءِ سندس خدمتن جي يادگيري ۾ اسڪول جو نالو "نور

محمد هاءِ اسڪول” رکيو ويو. مرحوم نور محمد جي وفات کانپوءِ مرحوم خانصاحب محمد اسلم اسڪول جو آنريري سيڪريٽري ٿيو.

هاڻي اسڪول ۾ شاگرد به وڌڻ لڳا. سال 1946ع ۾ 600 شاگرد هئا. اسڪول جي بهترين انتظام، تجربيڪار ۽ تربيت يافته عملي ۽ امتحان ۾ سٺن نتيجن ڪري شاگردن جو تعداد هر سال وڌندڙ آهي. هن وقت اسڪول ۾ 1800 شاگرد پڙهي رهيا آهن. ڪلاسن جي گهٽتائي ڪري اسڪول ٻن شفٽن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، پر ٽنهن هوندي به جڳهه جي تنگي جو مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سرڪار سان لکپڙهه هلي رهي آهي. اميد ڪئي پئي وڃي ته اسڪول جي نئين عمارت لاءِ سرڪار دل کولي گرانٽ ڏيندي.

نور محمد هاءِ اسڪول خير خوبي سان 25 سال پورا ڪيا آهن، ڊسمبر 1959ع ۾ سندس شايان شان سلور جبلي ملهائي ويئي هئي. اسڪول جي موجوده ترقي ۽ شهريت، خانصاحب محمد اسلم آنرري سيڪريٽري (وفات سيپٽمبر 1958ع) رئيس غلام رسول خان پرڳڙي، موجوده آنرري سيڪريٽري ۽ مسٽر غلام حسين سومرو (جنهن مئي 1960ع ۾ هيڊ ماسترجي عهدي تان رٽائر ڪيو) جي ڪوشش ۽ دلچسپي جو نتيجو آهي.

مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي، نور محمد هاءِ اسڪول کان سواءِ هڪ پرائمري اسڪول، هڪ مدل ۽ هڪ ڊگري ڪاليج مسلم آرٽس ڪاليج جي نالي سان هلائي رهي آهي. مئي 1960ع ۾ مسٽر غلام حسين سومرو جي هيڊ ماسٽريءَ جي عهدي تان سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ مسٽر اي ايم نظاماڻي، (رٽائر ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن) نور محمد هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر (هاڻي پرنسيپال) جو عهدو سنڀاليو آهي.

اسڪول جي باني مرحوم نور محمد سنڌ جي مسلمانن لاءِ اهو ڪم ڪيو جيڪي حسن علي آفندي، الهندو شاهه، قادر داد خان، مير غلام محمد خان ٽالپر ۽ سردار محمد يعقوب ڪيو. نور محمد مسلمانن جي تعليمي خدمت

ڪرڻ هميشه پنهنجو فرض سمجهندو هو ۽ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هن پنهنجو تن، من ڏن وقف ڪري ڇڏيو هو. مسلمانن جي تعليمي حالت سڌارڻ ۽ انهن ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن پيو پاڻ پتوڙيندو هو. ڪيس اهو خيال جنون جي حد تائين هو، ته ڪيئن به ڪري ٻهراڙي جي ماڻهن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري جيئن هو شهرين سان گڏوگڏ ترقي ڪري سگهن.

سائين نور محمد، ذات جو لاکير، ڳوٺ چڪرو تعلقي ڏوڪري جو ويٺل هو. سندس والد ميان محمد سجاول سنڌي اسڪول ماستر هو. جڏهن سندس بدلي ڪڪڙ ٿي، تڏهن اصلي ڳوٺ ڇڏي، وڃي جمعي لاکير جي ڳوٺ ويٺو، جتي اڳيئي سندس مائٽ مقيم هئا. پينشن وٺڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي سڄي حياتي اتي گذاري، ڪجھ جيتري زمين هٿ ڪيائين جنهن جو ڪاتو، ڪانئس پوءِ سائين نور محمد جي نالي ٿيو. مرحوم ابتدائي تعليم جا ٽي چار درجا پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو ۽ انگريزي ميٽرڪ تائين سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ پڙهيائين. تنهن ڪانپوءِ مرحوم سردار محمد يعقوب جي ڪوشش سان، مير علي مراد اسڪالرشپ وٺي عليگڙھ مان بي. اي، ايل. ايل. بي ڪري پنهنجي دوست محمود علي بيگ سان گڏ حيدرآباد دکن ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

مرحوم ٻه شاديون ڪيون هيون. پهرئين شادي پنهنجي مائٽن مان ڪيائين، جنهن مان هڪ نياڻي ڄايس ۽ پوئين شادي محمود علي بيگ وري پنهنجن مائٽن مان ڪرايس، جنهن مان پڻ هڪ نياڻي ڄايس. واديءَ سنڌ جو مشهور ماهر تعليم ڊاڪٽر غلام حسين خان جعفري رٽائرڊ ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن مرحوم نور محمد جو ناٺي آهي ۽ ڊاڪٽر موصوف جي فقط هڪ نياڻي ئي مرحوم جو آخري يادگار آهي.

مرحوم کي حيدرآباد دکن جي آب هوا موافق نه پيئي. تنهنڪري جلدي وطن وري آيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ خيرپور ميرس ۾ جج مقرر ٿيو. ٻه سال اتي رهڻ ڪانپوءِ، اها نوڪري ڇڏي، حيدرآباد ۾ آيو، جتي وڪالت ۾ چڱو نالو

ڪيائين. وڪالت ڪندي قوم جي تعليمي خدمت لاءِ سوچيندو رهيو. انهيءَ ڏس ۾ مرحوم غلام محمد ڀرڳڙي، جو قوم جو سچو هڏ ڏوکي هو، تنهن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. نيت پنهنجن ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيو. جنهن جو لازوال يادگار نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سندس هاسٽل حيدرآباد ۾ موجود آهن.

مرحوم پچاڙي ۾ پنهنجا ڏنڏا ڏاڙي ڇڏي، رات ڏينهن اسڪول ۽ هاسٽل جي ترقي ۽ مسلمان شاگردن کي وڏيڪ اسڪالرشپون وٺي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. مرحوم 1923ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو، جتي مدلل تقريرون ڪري پنهنجو نالو ڪيائين ۽ نڪاحن جي تڪرارن کان متاثر ٿي شادين جي داخلا لاءِ بل پيش ڪيائين.

مرحوم جي رٿ هئي ته: "حيدرآباد ۾ مسلم يونيورسٽي قائم ڪريان" مگر افسوس جو ملڪ الموت زياده مهلت نه ڏنس ۽ 22 آگسٽ 1937ع ۾ ڪراچي ۾ رحلت ڪيائين سندس وصيت موجب سندس لاش حيدرآباد ۾ مسلم هاسٽل حيدرآباد جي حد اندر دفن ڪيو ويو. مرحوم جا آخري الفاظ آهن: "منهنجو هي خاڪي پتلو مسلم هاسٽل جي مٽيءَ جي سپرد ڪجو، جيئن منهنجو قلب طالبعلمن جون ٻاتيون ٻوليون ۽ معصوم دلين جون دعائون ٻڌي من قرار پائي! منهنجي اسڪول ۽ هاسٽل جي پارت اٿو، خدا حافظ!"

(ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر 1960ع تان ورتل)

# مسلم سائنس ڪاليج تاريخ جي روشنيءَ ۾

شاهه محمد بلوچ

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ صوبي جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد ۾ تقريباً سمورا تعليمي ادارا هندن طرفان خانگي طور هلايا ويندا هئا. جنهن ڪري مسلمانن کي تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا تمام گهٽ ميسر هئا، خصوصاً ٻهراڙيءَ جي مسلمان شاگردن لاءِ نه هئڻ جي برابر هئا. ٻيو ته ان وقت تعليم به مهانگي هئي، جيڪا غريب مسلمانن جي پهچ کان ٻاهر هئي. انهيءَ اهم قومي ضرورت کي محسوس ڪندي حيدرآباد جي باشعور مسلمانن جهڙوڪ: نور محمد لاکير، غلام رسول پرڳڙي، غلام حسين هدايت الله، مير غلام علي ٽالپر، خان صاحب محمد اسلم، رئيس خير محمد خان چانڊيو، مير اعجاز علي خان ٽالپر، قاضي محمد اڪبر، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، قاضي عبدالمجيد عابد، محمد قاسم، مير مراد علي خان، حنيف صديقي، ظفر حسين مرزا، اي. نظاماڻي، جن مسلمانن جي ٻارن لاءِ هڪ سوسائٽي "مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي" نالي سان مئي 1925ع ۾ قائم ڪئي، جنهن جي سرپرستي جو اعزاز محترم نور محمد کي حاصل ٿيو، جيڪو ان وقت حيدرآباد جو هڪ مشهور ۽ ناميارو وڪيل هئڻ سان گڏوگڏ مسلمانن جو سچو همدرد ڏوکي ۽ دل ۾ قومي درد رکندڙ هو.

تعليمي ۽ معاشرتي، اخلاقي، ادبي ۽ اصلاحي ڪارنامن جو اهو عظيم سلسلو جو برصغير ۾ سر سيد احمد ۽ سندس رفيقن ذريعي تڪميل ۽ عروج تي پهتو، اهو سلسلو صوبي سنڌ ۾ جناب نور محمد صاحب جي بي لوث جدوجهد ۽ اڻ ٿڪ محنت جي طفيل تعليمي ترقين جي صورت ۾ ظهور پذير ٿيو. نور محمد کي سنڌ صوبي جو سر سيد احمد چوڻ وڏيڪ مناسب ٿيندو. چو ته جيڪي ڪارناما عليڳڙهه ڪاليج برصغير ۾ هن انجام ڏنا، اهڙا ئي ڪارناما مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي نور محمد جي اڳواڻي ۾ علائقي ۾ سر انجام ڏنا

آهن. ان سوسائٽي جي ڀرپور ڪوشش جي نتيجي ۾ موجوده مسلم هاسٽل (اڳوڻو ٽريننگ ڪاليج) جي عمارت جو ماهوار معمولي مسواڙ تي ڀاڙيءَ جي مسلمان شاگردن جي رهائش لاءِ سيپٽمبر 1925ع ۾ قبضو حاصل ڪيو ويو.

ان وقت حيدرآباد ۾حڪومت طرفان صرف هڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول (موجوده نور محمد هاءِ اسڪول) هوندو هو. باقي ٻيا به هاءِ اسڪول هڪ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي (هاڻوڪو گورنمينٽ هاءِ اسڪول) ۽ ٻيو نوونديالہ هاءِ اسڪول (جتي اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ هاڻي ماڊل اسڪول آهي) هئا. اهي ٻئي ادارا هندن جي سرپرستي هيٺ هلي رهيا هئا. جيئن ته اهي ٻئي اسڪول مسلم هاسٽل ڪان گهڻو پري هئا، ٻيو ته مسلمان شاگردن سا ڪو سٺو ورتاءُ نه ڪيو ويندو هو ۽ نه وري ڪو ڪين پوريون سهولتون ميسر هيون. انهن تڪليفن کي ڏسندي مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي، مسلمان شاگردن لاءِ هڪ جدا هاءِ اسڪول هئڻ جي لاءِ بمبئي سرڪار ڪان گهر ڪئي. جنهن جي هندن سخت مخالفت ڪئي. آخر ضروري لکپڙهه ڪانپوءِ حڪومت، گورنمينٽ هاءِ اسڪول (هاڻوڪو نور محمد هاءِ اسڪول) جو قبضو سال 1934ع ۾ سوسائٽي جي حوالي ڪيو. ان ڪان پوءِ هي اسڪول "حيدرآباد هاءِ اسڪول" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. ان ساڳئي سال اسڪول جي موجوده عمارت جو سنگ بنياد شيخ غلام حسين هدايت الله رکيو. سال 1937ع ۾ نور محمد جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ سندس ڪيل خدمتن جي اعتراف ۾ يادگار طور اسڪول جو نالو بدلائي "نور محمد هاءِ اسڪول" رکيو ويو.

ان ڪان سواءِ مرحوم نور محمد وٽ حيدرآباد ۾ هڪ "مسلم يونيورسٽي" قائم ڪرڻ جي به رٿ هئي. مگر افسوس جو ملڪ الموت وڌيڪ مهلت نه ڏسن 27 آگسٽ 1937ع ۾ ڪراچي ۾ رحلت ڪري ويو. سندس وصيت موجب ڪيس مسلم هاسٽل ۾ دفنايو ويو. سندس قبر هاسٽل جي مسجد جي ڀرسان ٻڙ جي وڻ وٽ واقع آهي.

مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي نور محمد هاءِ اسڪول کان سواءِ هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ مڊل اسڪول پڻ هلائي رهي هئي.

سال 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ڊي. جي. نيشنل ڪاليج (موجوده قليلي ڪاليج) سان گڏ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ طرفان قائم ڪيل ادارن کي بند ڪري، اتي مهاجرن لاءِ امداد ڪئمپ قائم ڪئي وئي. ان وقت مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ محسوس ڪيو ته اعليٰ تعليم لاءِ ڪو ڪاليج قائم ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ هن سوسائٽيءَ نور محمد هاءِ اسڪول جي بلڊنگ ۾ سال 1947ع جي پڇاڙيءَ ڌاري "مسلم آرٽس ڪاليج" جي نالي هڪ ڪاليج قائم ڪيو. ۽ نور محمد هاءِ اسڪول جي ان وقت جي هيڊماستر غلام محمد شاهواڻي کي ڪاليج جو پارٽ ٽائيم پرنسيپل مقرر ڪيو ويو. هي ڪاليج سال 1949ع تائين مٿين پوزيشن ۾ هلندو رهيو. انهيءَ دوران ڊي.جي. نيشنل ڪاليج حيدرآباد واري عمارت مهاجرن کان خالي ڪرائي ويئي ۽ ان وقت جي سنڌ گورنمينٽ، حيدرآباد ۾ سائنس ۽ آرٽس ۾ ڊگري ڪاليج قائم ڪرڻ جا احڪامات جاري ڪيا. جڏهن هن ڪاليج ۾ روز بروز شاگردن جو اضافو ٿيندو رهيو تڏهن هڪ ٻئي ڪاليج جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ۽ اهڙيءَ طرح سال 1958ع ۾ مسلم ڪاليج کي ٻيهر باقاعد کولڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هن ڪاليج ۾ سائنس، ڪامرس ۽ آرٽس ٽنهي شعبن جي تعليم ڏني ويندي هئي. اهڙيءَ طرح هيءُ ڪاليج "مسلم آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج" جي نالي سان سڃاڻ لڳو . ڪاليج پنهنجين خصوصيتن ۽ ناماچار سان ترقيءَ جي منزل ڏانهن وڌندو رهيو.

25 سيپٽمبر 1972ع ۾ حڪومت جي قومي پاليسي تحت ٻين تعليمي ادارن سان گڏ هن ڪاليج کي پڻ قومي تحويل ۾ ورتو ويو. قومي ملڪيت ۾ وٺڻ کان پوءِ انتظاميه ڪجھ تبديليون آنديون. حيدرآباد جا ٻه مک ڪاليج (مسلم ڪاليج ۽ سچل سرمست ڪاليج) رهيا. هنن ٻنهي ڪاليجن ۾ هڪ ئي وقت شاگردن کي آرٽس، سائنس ۽ ڪامرس ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.

مسلم ڪاليج مان آرٽس جو سيڪشن ڪڍي سچل سرمست ڪاليج ۾ آندو ويو ۽ اتان وري سائنس جو سيڪشن جدا ڪري هن ڪاليج ۾ آندو ويو. ۽ مسلم ڪاليج جي ڪامرس سيڪشن کي سچل سرمست ڪاليج جي ڪامرس سيڪشن ۾ ضم ڪري، ٻه جدا ڪاليج هڪ گورنمينٽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج ۽ ٻيو گورنمينٽ سچل سرمست ڪامرس ڪاليج هيرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح هيءُ ڪاليج نج سائنس ڪاليج ڪيو ويو. جيڪو ”گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج“ جي نالي سان سڃاڻجڻ ۾ اچي ٿو.

مسلم سائنس ڪاليج، حيدرآباد شهر جي مرڪزي علائقي ۾ قائم ٿيل آهي يا ائين ڪٺي چئجي تہ هي ڪاليج حيدرآباد شهر جي دل جي دنيا ۾ پنهنجو وجود قائم رکيو اوچي ڳاٽ بيٺل آهي. هن ڪاليج جي اتر ۾ نور محمد هاءِ اسڪول آهي، جنهن جي پٺيان سول اسپتال آهي. هن ڪاليج جي اولهہ طرف هڪ شاهي روڊ آهي، جنهن جو هڪ حصو اولهہ ۾ سرفراز چاڙهي سان ڳنڍيل آهي ۽ ٻيو حصو سول اسپتال ڏانهن وڃي ٿو. ۽ ٻي واٽ جيڪا ڏکڻ ۾ نڪري ٿي، شهر جي اهم ۽ مصروف ترين علائقي تلڪ چاڙهي سان وڃي ڳنڍجي ٿي، اهو ساڳيو رستو اوڀر طرف ايندي هڪ چوسول ۾ اچي پوي ٿو. ان چوُ سول جي اوڀر ۾ چند قدمن تي الائيٽ سئنيما وٽ وڃي ٻين رستن سان ملي ٿو. چوسول کان اتر طرف ايندي هن ڪاليج جو مهانئون حصو ۽ شاهي گيٽ آهي. ساڄس وٽيرڪو نور محمد هاءِ اسڪول جو پڻ صدر دروازو آهي. ڪاليج جي اوڀر ۾ اڳتي هلي ڪيترين ئي هوٽلن جي رونق پڻ نظر ايندي.

هن ڪاليج جي عمارت ٻہ منزلہ آهي. هن ڪاليج جي پهرين منزل سان 1963ع ۾ ۽ ٻي منزل سال 1964ع ۾ 2,42,000,00 ڪثير رقم سان جڙي راس ٿيون. ڪاليج جي هيٺئين بلاڪ ۾ اولهہ طرف وارو حصو ائڊمنسٽريٽو بلاڪ آهي، جنهن ۾ پرنسيپال صاحب جي آفيس، ڪاليج اسٽاف روم، ڪاليج آفيس ۽ وائيس پرنسيپال صاحب جي آفيس پڻ آهي، ۽ اوڀر طرف واري بلاڪ ۾ ڪاليج لائبريري، اسٽوڊنٽ يونين آفيس (هاڻي ڊائريڪٽر فزيڪل

ايجوڪيشن جي آفيس)، ڪامن روم (هاڻي انگريزي شعبو)، ڪيمسٽري شعبي جو اسٽور روم (هاڻي سنڌي شعبو) ۽ شاگردن جي پاڻي پيئڻ لاءِ ٽانڪي پڻ آهي. سامهون واري حصي ۾ ڪيمسٽري جون ٻه ليبارٽيون مڪمل ڪيميڪلس ۽ سامان سان آراسته آهن ۽ انهن ليبارٽرين جي سامهون هڪ خوبصورت باغيچو پڻ آهي. عمارت جي ٻي منزل ۾ فزڪس، زولاجي ۽ باٽني جون ليبارٽريون پڻ ساڳيءَ طرح پنهنجي مڪمل سامان سان سينگاريل آهن.

شاگردن جي روز بروز وڌنڌڙ اضافي جي پيش نظر، ڪاليج جي بلڪل سامهون اتر طرف هڪ ٻه منزلا حصو پنج لک روپيا لاڳت سان سال 1986ع ۾ جوڙايو ويو آهي. عمارت جي ان حصي جي هيٺين بلاڪ ۾ هڪ وڏو هال آهي، ان هال کي في الحال ٽيبل ٽينس راند لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ۽ ان جي مٿان ڪلاسن لاءِ ڪمرا ٺهيل آهن. ان نئين ٺهيل حصي جي بلڪل اولهه طرف هڪ سهڻو ۽ مڪمل فرنيچر سان آراسته آڊيٽوريم پڻ آهي، هي آڊيٽوريم هندن جي وقت ۾ سال 1894ع ۾ ٺهيو هو ۽ ان وقت "مينارام هال" جي نالي سان مشهور هوندو هو.

هن اداري کي هڪ ڊگهي عرصي بعد جناب اي. ايم نظاماڻي صاحب جهڙو تعليمي سربراهه ميسر ٿيو ۽ سندس اڳواڻي هيٺ مسلم ڪاليج جو نئون آغاز ۽ نئون وجود عمل ۾ آيو، جنهن ۾ آرٽس کان سواءِ سائنس ۽ ڪامرس ڪلاسن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو.

جولاءِ 1960ع ۾ سائنس سيڪشن ۾ انٽرميڊيئيٽ حد تائين هيٺين مضمونن جهڙوڪ: رياضي، فزڪس ۽ ڪيمسٽري ۾ تعليم ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويو. ڪاليج جي عمارت ان وقت ناڪافي هئڻ ڪري Pre Engineer Group لاءِ ڪاليج هاسٽل جي وڏن هالن ۾ فزڪس ۽ ڪيمسٽري جون ليباريٽريون قائم ڪيون ويون، جن کي بعد ۾ ڪاليج جي مکيه عمارت ۾ سال 1963ع ۾ منتقل ڪيو ويو.

آگسٽ 1965 ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ هن ڪاليج ۾ آرٽس ۾ ڊگري سطح تائين مختلف مضمونن ۾ ڪلاسن وٺڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ان ڪان علاوه ڪاليج طرفان هر سال باقاعدگي سان ميگزين پڻ نڪرندي هئي، ليڪن ڪاليج جي قومي ملڪيت ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪاليج طرفان ڪابه ميگزين شايع ڪانه ٿي آهي. البت سال 1983 ع ۾ اڳوڻي پرنسيپال جناب الطاف احمد شيخ صاحب جي نگراني هيٺ "رحمت العالمين" جي نالي سان رسالو جاري ڪيو ويو. جيڪو سنڌي ۽ اردو زبان ۾ هو. ان ڪان سواءِ ساڳئي سال ۾ ڪاليج طرفان پورو هفتو جشن ملهايو ويو. جنهن ۾ سيرت النبي جو جلسو ڪوئز مقابلو، موسيقي جو مقابلو ۽ والي بال ٽورناميِنٽ جا مقابلا آل سنڌ سطح تي ڪرايا ويا. ان ڪان سواءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ڊبيٽ جو مقابلو ڪرايو ويو، جنهن ۾ حيدرآباد ريجن جي ڪاليجن جي شاگردن بهرو ورتو ۽ ڪين ڪاليج طرفان انعام پڻ ڏنا ويا. آخر ۾ جشن لطيف جو پروگرام رٿيو ويو ۽ اهو پروگرام ڪاليج هاسٽل جي وسيع ميدان ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ مختلف اديبن شاهه سائين جي زندگي ۽ ڪلام تي روشني وڌي. ان ڪان پوءِ ڪاليج جي شاگردن مومل راڻو جو ٽيبلو پيش ڪيو ۽ آخر ۾ موسيقي جو پروگرام شروع ڪيو ويو، جيڪو اٽڪل صبح جو چئين بجي تائين هليو ۽ اهڙيءَ طرح اهو جشن جو هفتو پورو ٿيو.

ان روايت کي قائم رکندي موجوده پرنسيپال صاحب جناب ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ جي سربراهي ۾ هر سال ڪاليج ۾ سيرت النبي جو جلسو، ڊبيٽس ۽ ڪوئز مقابلا ڪرايا وڃن ٿا. ان ڪان سواءِ سال 1986 ع ۾ جشن لطيف ساڳيءَ طرح ڪاليج هاسٽل جي ڪشادي ميدان ۾ ملهايو ويو، جنهن جي وڊيو ڪيسٽ پڻ ٺهي وئي. هن اداري جي وڌيڪ تعليمي سرگرمين جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن ڪاليج جو قيام عمل ۾ آيو ته ان وقت شاگرد جو تعداد صرف سٺ هو ۽ هن وقت شاگردن جو تعداد ساڍا يارنهن سئو جي قريب آهي.

( سنڌ مسلم ڪاليج حيدرآباد ، مخزن، 1986 ع تان ورتل)

## نور محمد هاءِ اسڪول ۽ سنڌ مسلم هاسٽل تاريخ جي روشنيءَ ۾

مختيار احمد ملاح

حيدرآباد، پنهنجي اوائلي دور ۾ نيرون ڪوٽ جي نالي سان مشهور هو. هيءُ شهر ڪلهوڙن جي دور حڪومت کان سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. هتي مدرسن ۽ مڪتبن جو تمام وڏو تعداد هوندو هو. 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ هنن حيدرآباد جي جاءِ تي ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ بنايو. هنن شروع ۾ سنڌ کي ٽن ڪليڪٽوريٽ: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ورهايو. حيدرآباد جون اڪثر پڪيون ۽ خوبصورت عمارتون برطانوي دور ۾ جڙيون. انگريزن پهريون دفعو، حيدرآباد ۾ اسڪول کولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ڪاميابي ملي نہ سگهي ۽ پوءِ پهريون اسڪول ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيو.

**حيدرآباد ۾ اسڪولن جو قيام**

1853ع ۾ ”الف ـ بي“ جي مقرر ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر رٽ ڏني تہ آئيندي سرڪاري نوڪري ۾ ترقي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن سرڪاري ملازم کي سنڌي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ ايندي. هڪدم اسڪولن جو قيام شروع ٿي ويو. 1854ع ۾ حيدرآباد ۾ پهريون هاءِ اسڪول قائم ٿيو. اهڙي طرح اسڪولن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو جن مان هيٺئر اڪثر هين نالن سان سڃاڻجن ٿا: ”ميونسپل آر. ايس بولچند (هاڻي سيٺ ڪمال الدين سنڌي اسڪول)، آر. ايس. ڊاڪٽر تاراچند (هاڻي قاضي محمد اڪبر هاءِ اسڪول)، نمبر ٽيون، فيض محمد سلاوٽ، ٽيڪچند هاسوسنگهہ (هاڻي سيٺ غلام علي ميمڻ اردو اسڪول)، قاضي عبدالقيوم اسڪول، روچيرام ٽانورداس (هاڻي ڊُر محمد ميمڻ اردو اسڪول)، رامچند عالمچند (هاڻي سيد قُطب شاهہ سنڌي ۽ اردو اسڪول)، خان محمد اسڪول (هاڻي سيٺ حاجي احمد سنڌي اسڪول)، سوڀراج شيوارام اسڪول (هاڻي ڪمال الدين هاءِ اسڪول)، ٽانورداس بصرمل ويسٽ ڪڇا (هاڻي گجراتي اسڪول)، ڪوتومل هارپينڊاڻي (ايسٽ ڪڇا) (هاڻي جڙيل خان غلام

حسين اردو اسڪول).عالم گوپالداس گرلس اسڪول (هاڻي نانا غلام علي گرلس اسڪول هيرآباد)، قاضي عبدالقيوم (ميمڻ پاڙو)، پشوري پاڙو، سرسوتي ٻائي گرلس اسڪول (هاڻي آغا سيد لطف علي شاهه گرلس اسڪول، ٽنڊو آغا) ٽنڊو آغا گرلس اسڪول، مکي پوهو مل گرلس اسڪول (هاڻي ٽنڊو ٺوڙهو گرلس اسڪول)، شوقيرام چانڊومل گرلس اسڪول (هاڻي لياقت علي بوائز اسڪول)، ديوان ٽيڪيچند گلاب راءِ گرلس اسڪول (هاڻي محمد شاهه گرلس اسڪول)، هيرآباد اسڪول"، نو وديالہ اسڪول (هاڻي اولڊ ڪئمپس اسڪول)، اين. ايچ. اي اڪيڊمي (هاڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول) وغيره.

## مسلمان جي تعليم ۽ عليڳڙه تحريڪ

حيدرآباد ۾ جيڪي بہ اسڪول قائم ٿيا، انهن ۾ اڪثريت هندو ڪميونٽيءَ جي علم دوست يا انسان دوستن جي هئي، جن پنهنجي جاتيءَ لاءِ اسڪول قائم ڪيا ۽ هڪ بهترين ڪاليج قائم ڪيو. سنڌ جا مسلمان ان وقت جديد تعليم ۾ تمام گهڻو پوئتي هئا يا ٻين لفظن ۾ جديد تعليم جا مخالف هئا. حيدرآباد جا عامل، پوري هندستان جي سول سروس ۽ ڪاموراشاهيءَ تي قابض هئا. واپار ۽ ڪاروبار ۾ بہ هندو سيٺ، مسلمانن کان گهڻو اڳتي هئا. سماج جي ٻين شعبن جهڙوڪ علم، ادب، پريس، ٿيئٽر، سياست، سماجي ڀلائيءَ ۾ بہ مسلمان، هندن جي ڀيٽ ۾ پوئتي هئا. سنڌ جا هندو ۽ مسلمان بہ قومي نظرئي ۾ ورهائجي چڪا هئا ۽ مختلف ميدانن ۾ هڪ ٻئي کي الڳ قوم ڪري پيش ڪندا هئا. اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 19 صديءَ ۾ گڏيل هندستان جي تعليم جي تباهي ڏسندي سر سيد احمد خان انگريزي ۽ سائنسي تعليم جو بنياد عليڳڙهه مان شروع ڪيو. 1857ع ۾ آزاديءَ واري تحريڪ جي ناڪاميءَ کان پوءِ، سر سيد احمد خان (1817_1898ع) واحد مسلمان اڳواڻ هو، جنهن هندستان جي مسلمانن جي رهنمائي ڪئي. اها تحريڪ تعليم جي ميدان ۾ هڪ انقلابي تحريڪ هئي. عليڳڙهه تحريڪ جا هيٺيان مقصد هئا:

1. مسلمانن جي جديد علمن سان واقفيت ۽ منجهن علم پرائڻ جو جذبو جاڳائڻ.
2. مسلمانن مان اهو تاثر ختم ڪرڻ تہ مغرب جا علم مذهب سان مهاڏي ۾ آهن.
3. مغرب جي علم ۽ فن کي زندگيءَ سان سلهاڙڻ خاص ڪري سائنسي علمن مان فائدو وٺڻ.
4. مغرب جي طرز تي نوان تعلمي ادارا ٺاهڻ.

حسن علي آفندي عليگڙهہ جي نواب جي جوڙيل ”انڊين محمدن ائسوسيئيشن“ جي طرز تي ”سنڌ محمدن ائسوسيئيشن“ جوڙي. جنهن سنڌ مدرسو بہ قائم ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌي مسلمانن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪيائين. اسان جو نالي وارو اڳواڻ نور محمد لاکير پڻ ”سنڌ محمدن ائسوسيئيشن“ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن جماعت سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ ڪيترائي اسڪول قائم ڪيا. جن ۾ سنڌ مدرسۃ الاسلام اسڪول ڪراچي (1885ع)، سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ڪراچي (1940ع)، سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچي (1943ع)، سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي (1947ع، سنڌ مدرسہ اسڪول ميهڙ (1903ع)، مدرسہ اسڪول، نوشهرو فيروز (1903ع)، سنڌ مدرسۃ الاسلام اسڪول، لاڙڪاڻو (1901ع)، مدرسہ اسڪول سکر (1905ع)، مدرسہ اسڪول، پٽورو (1906ع)، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ ڪي ٻيا شامل آهن.

## نور محمد لاکير جو تعليمي ميدان ۾ قدم

نور محمد صاحب جڏهن بمبئيءَ ۾ قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر هو، تڏهن سندس هندستان جي هر برادريءَ سان ملاقات ٿيندي هئي. کيس معلوم ٿيو تہ هندستان جا مسلمان عام طور تي ۽ سنڌ جا مسلمان خاص ڪري هندستان جي ٻين جاتين کان گهڻو پوئتي آهن. هو ان نتيجي تي پهتو تہ سندن پسماندگيءَ جو سبب فقط ”جديد تعليم“ کان لاتعلقي آهي. جڏهن 1907ع

۾ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي ۾ ٿي تڏهن اتي مسٽر ٽي ايڇ مولئنس ۽ ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري مسٽرڪي. اي. دهلوي هئا. ان موقعي تي نور محمد لاکير موجود هو ۽ سندس ذهن سياست کان ٻاهر نڪري تعليمي مسئلن لاءِ سوچڻ لڳو. 1919ع ۾ مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ ”آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ جو اجلاس خيرپور جي شهر ۾ ٿيو هو، جنهن جو سمورو انتظام رياست جي طرفان ڪيو ويو هو. انهيءَ اجلاس ۾ ساري هندستان مان تعليمي شوق رکندڙ مسلمان اچي گڏ ٿيا هئا. ان کان پوءِ جڏهن بي روزگار مسلمان، نور محمد وٽ نوڪرين جي عرضي کڻي ايندا هئا ۽ بيروڪريسيءَ ۾ ويٺل عملدار کيس مايوس ڪندا هئا، تڏهن هن هر پليٽ فارم تان پاڻ کي الڳ ڪري صرف سنڌ ۽ سنڌين جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪو ضرورتمند سندس در تي ايندو هو ته ڪي دل جاءِ ڏيندي چوندو هو ته ”بابا الله تي رک“. پوءِ ان سان گڏ نڪري پوندو هو. هتي اسان، ان دور جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ قانوندان مرزا نادر بيگ ولد مرزا قليچ بيگ جي خط جو ترجمو ڏيون ٿا:

حيدرآباد سنڌ

25 جنوري 1927

منهنجا پيارا نور محمد

مان اڪيلو مسلمان درخواست ڪندڙ آهيان. منهنجي قابليت آهي: ـ

- بئريسٽر
- سٺي تعليم
- سٺو خاندان
- بار ۾ 10 سال جو تجربو
- 3 سال مئجسٽريٽ جو تجربو

مان عارضي ڪم ڪندڙ ٿيون، ۽ مستقل سنڌ جو چوٿون پبلڪ پراسڪيوٽر آهيان.

هڪ مسلمان جي مقرري جي حوالي سان هميشہ ناجائزي ڪئي وئي آهي، پر قابل غور آهي تہ ڪو بہ سفارشي ان عهدي لاءِ اهل ناهي رهيو. هاڻي منهنجي قابليت ۾ ڇا خرابي آهي؟ توهان کي خبر آهي تہ سنڌ ۾ ڪو بہ مسلمان پبلڪ پراسيڪيوٽر نہ آهي، منهنجو مطلب آهي. مان سنڌ ۾ واحد مسلمان اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر آهيان. هاڻي توهان جو موقعو آهي ڪائونسل ۾ توهان جي هجڻ کي ثابت ڪرڻ جو.

مهرباني ڪري منهنجي هڪ درخواست جي ڪاپي مسٽر کهڙي صاحب وٽ بہ داخل ڪرائجو. مون غلام حسين ۽ دهلويءَ ۽ سر ابراهيم رحمت الله کي خط لکي موڪليا آهن. توهان انهن کي منهنجي لاءِ چئي سگهو ٿا.
مهرباني ڪري مون کي آگاهہ ڪجو تہ ڇا ٿي سگهي ٿو.
خدا حافظ! سکيا رهو!

توهان جو مخلص
نادر بيگ مرزا

سنڌ جي عام ماڻهن جي سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندي ڪيس بيحد خوشي حاصل ٿي. هن پنهنجي تقريرن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي يقين ڏياريو تہ جيستائين هو انگريزي ۾ تعليم حاصل نہ ڪندا، اهي ترقي ڪري نہ سگهندا ۽ نہ سرڪاري يا نجي نوڪريون حاصل ڪري سگهندا. هو سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جو ميمبر هو، جنهن ان وقت تائين سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪجهہ مدرسا اسڪول قائم ڪيا هئا. هن سنڌ جي مسلمان شاگردن لاءِ هڪ وڏو اسڪول، لائبريري ۽ بورڊنگ هائوس قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

## آل سنڌ محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو اهتمام

نور محمد لاکير، سڀ کان اول حيدرآباد ۾ تعليمي ڪانفرنس جو ارادو ڪيو، جنهن لاءِ هن مختلف مسلم ليڊرن سان ڪيترائي مهينا صلاح مشورا شروع ڪيا. سيني سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي صلاح سان ٽن ڏينهن جي ڪانفرنس جو فيصلو ڪيو ويو، جڏهن خان بهادر ولي محمد حسن علي ان

قسم جي ڪانفرنس جي حق ۾ نہ هو. هن جو پهريون ڪم، ٽن ڏينهن جي جاءِ تي پنهنجي ذاتي خرچ تي ٻن ڏينهن واري ”آل سنڌ محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ جو بندوبست ڪيو. ان مقصد لاءِ هو ڏينهن رات ڪم ڪندو رهيو ۽ وڪيلن، اديبن، استادن، صحافين، تعليمي ماهرن، عالمن، زميندارن، سول ملازمن ۽ ٻين سان رابطو ڪندو رهيو. هن پمفليٽ شايع ڪيا، خط لکيا. هن هندستاني عالمن ۽ تعليمي ماهرن سان پڻ رابطو ڪيو. هن مختلف معاملن ۽ انتظامن کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف ڪميٽيون ٺاهيون. استقباليہ ڪميٽيءَ لاءِ هيٺيان ميمبر چونڊيا ويا:

| نمبر | نالو | عهدو |
|---|---|---|
| 1. | خانبهادر نبي بخش محمد حسين | چيئرمين |
| 2. | سيد محمد ڪامل شاهہ | نائب چيئرمين |
| 3. | مسٽر نور محمد صاحب | سيڪريٽري |
| 4. | سيد ميران محمد شاهہ | جوائنٽ سيڪريٽري |
| 5. | مسٽر نورالدين غلام علي | ميمبر |

ٻيون ڪاميٽيون بہ جوڙيون ويون، جن ۾ سر شاهہ نواز ڀٽو، خان بهادر ايوب کهڙو ۽ بئريسٽر عبدالرحمان بہ انتظامي ڪمن ۾ سندس مدد ۾ شامل هئا. سندس ڪوشش رنگ لاتو ۽ سندس ڪوشش تي حيدرآباد ۾ 16 ۽ 17 ڊسمبر 1924ع تي ٻن ڏينهن واري ”آل سنڌ محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس“، حيدرآباد جي مشهور هال هومسٽيڊ ۾ ٿي، جنهن کي ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هو. تعليمي ۽ ثقافتي رنگن سان سجايو ويو هو. ڪانفرنس ۾ معزز شهري، آفيسر، سياستدان، واپاري، تعليمدان وغيرہ موجود هئا. مهمانن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو باقاعدہ بندوبست ڪيل هو. شاگردن بئنڊ باجا آندا هئا. سندس اچڻ تي خيرپور رياست جي شاگردن جي پلٽڻ جي سلامي ورتي ويئي ۽ بمبئي جي گورنر ليسلي ولسن جي هال داخل ٿيڻ وقت حاضرين اٿي سندس آذر ڀاءُ

ڪيو. قرآن مجيد جي تلاوت بعد خانبهادر نبي بخش محمد حسين استقباليه ڪاميٽيءَ جي طرفان ۽ سنڌ جي مسلمانن پاران ڪيس پيلي ڪار ڪيو ۽ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته:

"گورنر صاحب جو ڪيترن ڪمن هوندي به تڪليف وٺي اسان سان هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته سندن همدردي مسلمان قوم سان آهي. سنڌ علائقي جي آدمشماري گهڻي قدر مسلمانن جي آهي، تنهن لاءِ مسلمانن جي تعليمي بهبودي گويا پاڱي جي تعليمي بهبودي آهي. اڳتي وڏندي خان بهادر چيو ته جيسين فارسي سرڪار دفترن ۾ مروج هئي، تيسين مسلمانن کي نوڪرين جو حصو ملندو آيو، پر پوءِ جڏهن انگريزيءَ جو رواج پيو ته مسلمان الڳ ٿي ويا. سندن قومي مغروري، سندن اڳئين رواج ۽ ضرورتن هن نئين دستور کان کين منع ڪيو."

بمبئيءَ جي گورنر مسٽر ليسلي ولسن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته:

"جيتوڻيڪ مون کي پنهنجي هن دوري دوران ڪيترائي ڪم هئا، پر مون ڪانفرنس جي دعوت خوشيءَ سان قبول ڪئي. جيئن اوهان چيو آهي ته منهنجي هتي ملاقات ڏيڻ جي معنىٰ آهي ته منهنجي توهان سان همدردي آهي، سا ڳالهه بلڪل درست آهي. آءٌ ڏسي گهڻو خوش ٿيو آهيان، جو صاحبزادو آفتاب احمد خان جو عليگڙهه يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هتي موجود آهي. مونکي يقين آهي ته سندس موجودگي ۽ سندس صلاح مصلحت توهان لاءِ گهڻو مفيد ثابت ٿيندي. مون کي ڏسي گهڻي خوشي ٿي آهي ته توهان ارادو رکو ٿا ته پين قومن سان ڪيئن ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلجي. هتي سرڪاري نوڪرين جو ذڪر ٿيو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته انهي ۾ سرڪار جو ڪو ڏوهه ئي ڪونهي، جو جنهن قسم جو دستور اڳيئي رواج ۾ هو، تنهن کي هو قائم رکندا آيا. اڳئين وقت ۾ جيتوڻيڪ ملڪ جا حاڪم مسلمان هئا ته به حڪومت جو ڪاروبار سڄو هندن جي هٿ ۾ هوندو هو ۽ خود اڪر "عامل" ڏيکاري ٿو ته هو ڪاروباري ماڻهو هئا. اڪثر ڪري خط و ڪتابت

سڀ فارسيءَ زبان ۾ هلندڙ هئي ۽ هندو ماڻهو اها چڱيءَ طرح سکي چڱا چڱا عهدا حاصل ڪندا هئا. ممڪن آهي ته مسلمان وڏن گهراڻن ۾ ڪتابن پڙهڻ ڏانهن چاهه ڪونه هو. نوجوانن ڪي انهيءَ وقت شڪاربازي ۽ گهوڙي سواري ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ کان وڌيڪ وڻندڙ هئي، ليڪن هينئر حالتون ڦري پيون آهن ۽ علم حاصل ڪرڻ هڪ اشد ضرورت ٿي پئي آهي. "

گورنر صاحب جي الوداع ڪان پوءِ اسماعيلي خواجه ڪميونٽي جي صدر سر ابراهيم رحمت الله کي ڪانفرنس جي صدارت ڏني وئي ۽ سيشن ۾ هلندڙ معاملن جي صدارت شهزاده آفتاب احمد، وائيس چانسلر عليگڙهه يونيورسٽي ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ مسلمانن جي تعليم جي مسئلن ۽ مونجهارن بابت تفصيلي رپورٽون پيش ڪيون ويون، سنڌ جي ليڊرن انگن ۽ اکرن سان تقريرون ڪيون ۽ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. ان موقعي تي، نور محمد صاحب اعلان ڪيو ته هو پنهنجي مالي وسيلن مان سنڌ جي مسلمانن لاءِ اسڪول ۽ هاسٽل قائم ڪندو. پاڻ حقيقتن ۽ انگن اکرن سان هڪ ڀرپور نهايت جامع تقرير پيش ڪئي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جي تعليم ۾ پسماندگيءَ جا سبب ڏيکاريل هئا. ڪانفرنس جي پڄاڻي مرزا قليچ بيگ جي صدارت ۾ ٿيل مشاعري سان ٿي.

**آل سنڌ محمڊن ايجوڪيشنل ڪانفرنس جا نتيجا**

ڪانفرنس جو انعقاد ڪي. بي نور محمد جي وڏي ڪاميابي هئي. ڪانفرنس ۾ مسلم تعليم جي بهتري لاءِ مختلف ٺهراءُ پڻ پاس ڪيا ويا. ڪامياب ڪانفرنس دوران، محترم نور محمد "مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي" جي قيام جي رٿ ڏني. ان ڪانفرنس جا سٺا نتيجا نڪتا، جن مان ڪي هي آهن:

- حيدرآباد ۾ اسڪول ۽ هاسٽل جي قيام لاءِ سرگرمين ۾ به تيزي اچي وئي. مسلمان شاگردن لاءِ وڌيڪ اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو ويو.

- هڪ ڀيرو ٻيهر حيدرآباد ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين جي ڪورس ۾ فارسيءَ کي شامل ڪيو ويو.
- علاوه بهاءُ الدين ڪاليج، جنهن ڳڙهه ۾ سنڌي مسلمان شاگردن جي داخلا تي پابندي هٽائي وئي.

**مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جو بنياد**

محترم نور محمد پنهنجي گهربل مقصدن لاءِ آل انڊيا مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي طرز تي جوڙڻ لاءِ حيدرآباد جي باشعور مسلمانن 3 مئي 1925ع تي نور محمد جي گهر تي گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ ڪيترائي مسلمان تعليمي ماهر، اديب ۽ پروفيسر، شهري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. 12 جون 1925ع تي حيدرآباد ۾ ”مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي“ جي قيام جو اعلان ڪيو ويو، جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا:

| نمبر | نالو | عهدو |
|---|---|---|
| 1. | خان بهادر حاجي محمد احسان | چيئرمين |
| 2. | مسٽر نور محمد صاحب | سيڪريٽري |
| 3. | خان صاحب محمد اسلم | جوائنٽ سيڪريٽري |
| 4. | غلام رسول پرڳڙي | ميمبر |
| 5. | رئيس خير محمد خان چانڊيو | ميمبر |
| 6. | مير اعجاز علي خان ٽالپر | ميمبر |
| 7. | قاضي محمد اڪبر | ميمبر |
| 8. | محمد ابراهيم خليل | ميمبر |
| 9. | محمد حنيف صديقي | ميمبر |
| 10. | سيد نظر علي | ميمبر |

نور محمد پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين سوسائٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪيترائي تعليمي

ڪم ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ بہ سن 1970ع واري ڏهاڪي تائين سوسائٽي فعال رهي. هن سوسائٽيءَ جون ڪيتريون اهم ڪاميابيون آهن، جن مان ڪي هي آهن:

**اينگلو ورنيڪيولر اسڪول کي اپنائڻ**

حيدرآباد ۾ هڪ اينگلو ورنيڪيولر (انگلش ميڊيم) اسڪول 1858ع ڌاري، ان دور جي تعليم جي سربراهہ ميجر گولڊ اسمڊ جي ڪوشش سان قائم ٿيو هو، جيڪو حيدرآباد جي سيني سرڪاري اسڪولن ۾ اهم هوندو هو. هن اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جي اڪثريت هندن جي هوندي هئي، ڪي ٿورا مسلمان شاگرد پڙهندا هئا. اهو اسڪول، زميندارن ۽ آبادگارن کان ورتل، لوڪل فنڊ جي آمدني مان هلايو ٿي ويو. 1864ع ۾ اسڪول کي هاءِ اسڪول جي درجي تائين وڌايو ويو. ٻهراڙيءَ جا مسلمان جي لوڪل فنڊ ڀريندڙ هئا، سي انهيءَ اسڪول مان فائدو نہ وٺي سگهيا، ڇاڪاڻ جو هو شهر کان گهڻو پري رهندا هئا ۽ شهر ۾ سندن رهائش جو ڪو انتظام ڪونہ هو. اسڪول جي شروعاتي هيڊ ماسترن ۾ سر رام ڪرشن گوپال ڀنڊارڪر (1837 _ 1925) هو. هو هڪ هندستاني اسڪالر، مشرقي، ۽ سماج سڌارڪ هو. ڀنڊارڪر 1862ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪندڙن ۾ شامل هو. هن ايندڙ سال ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ 1885ع ۾ گوٽنگن يونيورسٽي مان پي. ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. ڀنڊارڪر ايلفنسٽن ڪاليج (بمبئي) ۽ دڪن ڪاليج (پوني) ۾ پنهنجي شاندار تدريسي ڪيريئر دوران پڙهايو. 15 آگسٽ 1862ع تي حيدرآباد اسڪول جي هيڊ ماستر طور بدلي ڪري سنڌ ۾ مقرر ڪيو ويو. هن ڏاڍي محنت ڪئي ۽ داخلا جو وڌو تعداد وڌايو. تنهن ڪانسواءِ 1861ع ۾ "سنڌ اسڪالر شپ فنڊ" ڪنو ڪيو ويو، جيئن سنڌي بمبئي مان مئٽرڪ پاس ڪري اتي جي ايلفنٽسن ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهن. انهيءَ فنڊ مان بہ رڳو هندو عالمن فائدو ورتو ۽ ڪنهن بہ مسلمان کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ جو موقعو نہ مليو. اهڙيءَ

طرح 1923ع تائين لوڪل فنڊ جا پئسا مقامي هندن جي پرائمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجئيٽ تعليم تي خرچ پئي ٿيا.

1868ع ۾ اسڪول کي اپ گريڊ ڪيو ويو ۽ مقامي برادرين ۽ زميندارن کي صلاح ڏني وئي ته اسڪول جي مالي معاملن ۾ مدد ڪن. هن اسڪول، پنهنجي دور ۾ ڪيترائي نالي وارا شاگرد پيدا ڪيا. 1921ع ۾ ليلارام پريمچند هن اسڪول جو هيڊ ماستر هو. ان دور ۾ هندو ڪميونٽيءَ جي سربراهيءَ ۾ هيرانند اڪيڊمي ۽ نو وديالا هلندا هئا، جن ۾ هندو شاگرد ۽ استادن جي اڪثريت هئي. سندن رهائش لاءِ حيدرآباد ۾ ميتارام هاسٽل جوڙيل هئي. ساڌو هيرانند اڪيڊمي کولڻ جو مهورت ان دور جي تعليمي انسپيڪٽر مسٽر ايچ. پي جيڪب 28 آڪٽوبر 1888ع ۾ ڪيو هو.

مسلمانن جي هڪ الڳ تعليمي اداري جي ڪمي محسوس ڪندي، نور محمد لاکير سنڌ مدرسي جي طرز تي مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ پاران حيدرآباد جي مسلمانن لاءِ هڪ الڳ اسڪول جي جستجو ۾ هو. سر غلام حسين، نور محمد جي هر ڪم ۾ بهترين مددگار ۽ ساٿي هوندو هو. جولاءِ 1893ع ۾ ساڌو هيرانند جي ديهانت کان پوءِ سندس اسڪول جو نالو بدلائي رکيائون. 'هيرانند اڪيڊمي' پر اهو نالو به ٿورو وقت هليو. اڃا پنج مهينا ڪين گذريا جو 22 نومبر 1893ع تي ديوان نولراءِ جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ هيرانند اڪيڊمي ڦري 'نولراءِ هيرانند اڪيڊمي' جي نالي سان سڏجڻ لڳي.

نوءَ وديالا اسڪول ، جنهن کي پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو درجو مليو ۽ پوءِ اهو اسڪول، سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس قرار ڏنو ويو ۽ هاڻي ڊاڪٽر اين. اي بلوچ ماڊل اسڪول جي نالي سان منسوب آهي. اسڪول جي عمارت ڏاڍي خوبصورت آهي، جيڪا راءِ بهادر پريداس ولد ميشيوداس آڏواڻيءَ پنهنجي خرچ سان تعمير ڪرائي هئي، جا سن 1897ع ۾ جڙي راس ٿي. هن اسڪول کي سن 1900ع ۾ هاءِ اسڪول جو درجو مليو. هن اسڪول سان گڏوگڏ هڪ ننڍڙي هاسٽل به تيار ڪئي وئي، جا پوءِ تعليم کاتي جي نگراني ۾ ڏني وئي.

مطلب ته حيدرآباد جهڙي وڏي شهر ۾، مسلمانن جي تعليم لاءِ الڳ بندوبست ٺيل نه هو. موجود اسڪولن ۾ مسلمانن کي نه ڪي سهولتون ڏنيون وينديون هيون ۽ نه وري وڏي تعداد ۾ داخلا ملندي هئي، انهيءَ ڪري مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي اهو محسوس ڪيو ته حيدرآباد ۾ مسلمانن لاءِ هڪ جدا هاءِ اسڪول جو هئڻ نهايت ضروري آهي. محترم نور محمد، ليجسليٽو اسيمبلي، تعليم کاتي ۽ فورمن تان سنڌ سرڪار ۽ بمبئي سرڪار سان ڪيترائي سال لک پڙهه ڪئي هئي ته اينگلو ورنيڪيولر اسڪول حيدرآباد ”مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي“ جي حوالي ڪيو وڃي. ”آل سنڌ محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ دوران بمبئي جو گورنر ليسلي ولسن موجود هو، جنهن مسلمانن جي تعليمي پستيءَ بابت پاڻ خطاب ڪيو هو. نور محمد جي ڪوشش سان هڪ دفعو وري به مسلمانن جو وفد بمبئي سرڪار سان مليو. آخر ڪار سرڪار گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد جو انتظام، 1924ع ۾ ”مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي“ جي حوالي انهيءَ شرط تي ڪيو ته اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ويندي. اسڪول جو نالو ”اينگلو ونيڪيولر اسڪول“ مان بدلائي ”حيدرآباد هاءِ اسڪول“ رکيو ويو. آڪٽوبر 1925ع ۾ شاگردن لاءِ داخلا لاءِ کوليو ويو. جيئن ئي اسڪول سوسائٽي جي حوالي ڪيو ويو، هندو پريس ۽ تعليمي ماهرن جهڙوڪ پروفيسر نرملداس ڏرمداس گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر ڏيارام اسڪول جي حوالي ڪرڻ جي سخت مخالفت ڪئي. ان سلسلي ۾ الوحيد لکيو

آهي ته ”حيدرآباد جو گورنمينٽ اسڪول سوسائٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن جو سيڪريٽري اسان جو پراڻو دوست مسٽر نور محمد درخواستي آهي. هندو پريس ”اسڪول جو بائيڪاٽ“ جي ڳالهه صرف ان ڪري ڪئي آهي جو اسڪول مسلم سوسائٽي کي ڏنو ويو آهي. ٻن مهينن کان هندو پريس جي پروپيگنڊا انتهائي افسوسناڪ آهي.“

## سنڌي مسلمانن جي تعليم جي پستيءَ بابت رپورٽ

1928ع ۾ محترم نور محمد ”تعليم ۾ سنڌي مسلمانن جي پسماندگي“ جي عنوان سان تعليم جي ترقيءَ بابت جوڙيل هارٽاگ ڪميٽيءَ کي پيش ڪئي. هارٽاگ ڪميٽي 1929ع ۾ سائمن ڪميشن طرفان هڪ معاون ڪميٽي جي طور تي قائم ڪئي وئي، جنهن جي صدارت فلپ هارٽيگ ڪئي، جنهن کي تعليم بابت رپورٽ تيار ڪرڻي هئي. هن سنڌ جي تعليم جي بدحالي جا ڪيترائي سبب ڏنا. پهريون ته، نئين نظام تحت مسلمانن کي مذهبي تعليم کان پري رکيو ويو، جيڪو عمل عوامي نه هو ۽ عيسائي صحيفن کي اسڪولن جي لائبريرين ۾ شامل ڪيو ويو. ٻيو ته فارسيءَ کي اسڪولن مان نيڪالي ڏني وئي. ٽيون، درسي ڪتابن مان اسلامي علمن کي گهٽايو ويو. چوٿون ۽ وڏو سبب، ميونسپالٽين وارن شهرن ۾ هلندڙ اسڪول ۽ هاسٽل ۾ ملندڙ سهولتن جو خرچ پڪو ڳوٺن جي زراعت تي لاڳو ڍل مان پريو وڃي ٿو، جنهن سان ميونسپالٽين ۾ رهندڙ هندو برادريءَ کي وڏيڪ فائدو رسيو ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ مسلمان اسڪولي تعليم کان محروم رهجي ويا. هن اهو به مشاهدو ڪيو ته اسڪولن ۽ ڪاليجن جي وڌندڙ تعداد جي نتيجي ۾ تعليمي معيار ۾ گهٽتائي آئي آهي. هن ڪميشن آڏو ثابت ڪيو ته سنڌي مسلمانن وٽ تمام صلاحيتون آهن، پر انهن وٽ معاشي وسيلا نه آهن ته هو پاڻ کي تعليم ذريعي معاشي طور ترقي ڪري سگهن. سندس رپورٽ، هارٽاگ ڪميٽيءَ جا ڪاپاٽ کولي ڇڏيا، ڪين هندن طرفان مليل هڪ طرفي رپورٽن کان پوءِ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي اصل خبر پئي.

## مسلم هاسٽل حيدرآباد سنڌ

حيدرآباد ۾ شاگردن جي رهائش لاءِ وڏي ۾ وڏي هاسٽل مينارام هاسٽل، هوندي هئي، جتي مسلمانن شاگردن کي شايد ٿي رهائش ملندي هئي. 1924 ع ۾ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي ميمبرن بئريسٽر غلام محمد ڀرڳڙي سان ملاقات ڪئي، جيڪو ڊي. جي نئشنل ڪاليج مئنيجنگ بورڊ جو صدر به هو. ڪاليج جي مسلم شاگردن لاءِ هاسٽل تعمير ڪرڻ لاءِ پلاٽ فراهم ڪرڻ لاءِ ان وقت ڪاليج جو پرنسيپال مسٽر حشمتراءِ ڇبلاڻي سرگرم هو. ان سلسلي ۾ ٽريننگ ڪاليج جي پراڻي عمارت ڪيس مسلمان شاگردن جي هاسٽل جي حوالي ڪرڻ واسطي هڪ رپورٽ تيار ڪرڻ جي ذميواري ڀرڳڙي صاحب تي رکي وئي هئي، جيڪا نور محمد لکي هئي، پر 1924 ع مارچ مهيني ۾ ڀرڳڙي صاحب جي وفات ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي سرڪار کي پيش ڪئي ويئي.

سرڪار ضروري لکپڙهه ۽ پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ اها عمارت ماهياني معمولي مسواڙ تي مسلمانن شاگردن جي رهائش لاءِ انهيءَ شرط تي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ته مسلمان هاسٽل کي هلائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهيندا. مئي 1925 ع ۾ سرڪار مسلمانن جي ٺاهيل ڪاميٽي (مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي جي نالي سان)، جنهن جو پهريون آنريري سيڪريٽري مسٽر نور محمد هو، تسليم ڪئي. سيپٽمبر 1925 ع ۾ بلڊنگ جو قبضو"مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽي" جي حوالي ان شرط تي ڪيو ويو ته اسڪول ۽ هاسٽل جي نئين عمارت جوڙي ويندي.

هاسٽل ۽ اسڪول جي نئين عمارت جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي مسلمانن کي گذارش ڪئي وئي ته هو نئين عمارت جي تعمير لاءِ سوسائٽيءَ سان سهڪار ڪن. هن هاسٽل جي احاطي ۾ هڪ ننڍڙو اسڪول کوليو. هاسٽل جي نئين عمارت لاءِ پئسا ڪٿي پيا، محترم نورمحمد اتان اٿي، سڏو نالي واري زميندار رفيع ڪاڇيلو جي والد عبدالصمد ڪاڇيلو وٽ ويو ۽ پنهنجو بنگلو سورنهن هزار رپين ۾ گروي رکراءِ اچي ماسترن کي پگهار ڏني. ۽ پوءِ پنهنجي

وفات تائين بنگلي تي ورتل رقم واپس نہ ڪري سگهيو ۽ اهو بنگلو هميشہ لاءِ هٿن مان هليو ويو. نور محمد جي وفات کان پوءِ سندس فيملي وٽ رهڻ جي جاءِ نہ رهي. اهو بنگلو جي. پي. او حيدرآباد جي ويجهو هو، بعد ۾ اهو بنگلو اجا بہ ٽئين ڌر کي وڪرو ڪيو ويو ۽ هاڻي انهن ڏهن هزارن واري مليڪت تي ڪروڙن جو وڏو پلازا ٺهي ويو آهي. محترم نور محمد پنهنجو الهہ تلهہ وڪڻي، پهريائين فضل ميڊيڪل هال جيل روڊ واري بلڊنگ مٿان چند ڪمرا تعمير ڪرايا.جتي ابتدائي طور تي ٻهراڙيءَ جي مسلمان شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ بورڊنگ هائوس قائم ڪيائون پوءِ 1929ع ڌاري بمبئي گورنمينٽ سان لکپڙهہ ڪري معاوضو ادا ڪري موجوده مسلم هاسٽل جي بلڊنگ ورتائون. هن هاسٽل جو مڪمل قبضو ڇئن سالن ۾ هڪ هڪ بلاڪ جي صورت ۾ ڪيس مليو هو ۽ آخري بلاڪ جو قبضو جڏهين ڪيس مليو تہ هو انتهائي خوش ٿيو هو ۽ سموري فيڪلٽيءَ جي گڏجاڻي ڪري ڪين مبارڪ ڏني هئي ۽ اهو ڏهاڙو پرپور نموني ملهايو هو. نئين هاسٽل لاءِ زميندارن، ملازمن، سياستدانن ۽ سول سوسائٽي کان فنڊ گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. هير آباد واري علائقي ۾ سول اسپتال جي پويان سنڌ مسلم هاسٽل نالي هڪ هاسٽل ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جنهن جو نالو ”سنڌ مسلم هاسٽل“ رکيو ويو.

هي هاسٽل ميرن جي قبن ۽ سول اسپتالن جي وچ ۾ هير آباد حيدرآباد ۾ قائم آهي. هاسٽل ۾ 57 ڪمرا، ٻہ هال، ٻہ سپرنٽينڊنٽ هال، ست رهائشي ڪمرا، 18 باٿ روم، هڪ وسيع بورچي خانو ۽ ڊائننگ بلاڪ ۽ هڪ وڏي مسجد آهي. هاسٽل جو افتتاح سنڌ جي گورنر سر ليسلي ولسن 1933ع ۾ ڪيو. سر ليسلي اورم ولسن، (1876_1955) هڪ رائل ميرين آفيسر، قدامت پسند سياستدان، ۽ نوآبادياتي گورنر هو. سر ليسلي ولسن 1923ع کان 1926ع تائين بمبئي پريزيڊنسي جو گورنر ۽ 1932ع کان 1946ع تائين ڪوئنزلينڊ جو گورنر رهيو. سر ليسلي ولسن پهريون ڀيرو 1924ع ۾ تعليمي ڪانفرنس جي مهورت ڪرڻ لاءِ حيدرآباد آيو هو. هن حيدرآباد هاءِ

اسڪول جو دورو ڪيو هو. جڏهن هو ڪوئنزلينڊ جو گورنر هو. تڏهن وري آيو هو ۽ 2 جون 1933ع تي پهرين ليسلي ولسن مسلم هاسٽل/ جناح ڪورٽس ڪراچي ۽ 4 جون 1933ع تي سنڌ مسلم هاسٽل جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سر ليسلي ولسن چيو هو ته، ”مسلم هاسٽل. سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي ترقيءَ جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي“.

اسڪول جي هاسٽل ۾ 57 ڪمرا هئا، جڏهن ته پرنسيپال جي رهائش ۽ پيون آفيسو الڳ هيون. هن هاسٽل جي احاطي ۾ هڪ شاندار جامع مسجد آهي. جيڪا شاهپور چاڪر جي رئيس علي مراد خان سنجرائي پنهنجي شريڪ حيات جي ياد ۾ ”مسجد حاجياڻي سنجرائي“ جي نالي سان تعمير ڪرائي. مسلم هاسٽل پنهنجي اوج جا ڪيترائي سال ڏٺا. 1958ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول جي عمارت جي هڪ حصي ۾ سنڌ مسلم ڪاليج شروع ڪيو ويو ته هاسٽل جو اڌ حصو ڪاليج جي شاگردن لاءِ مختص ڪيو ويو. ان کان پوءِ اسڪول واري هاسٽل کي مسلم هاسٽل ۽ ڪاليج واري هاسٽل کي مخدوم بلاول هاسٽل سڏيو ويو.

**اسڪول جي نئين عمارت**

نور محمد هن درسگاهه کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي دوستن، رشتيدارن ۽ امير ماڻهن وٽ وڃي چنده مهم شروع ڪئي. سنڌ جي زميندارن وٽ وڃي ويهي رهندو هو ته اسڪول جي نئين عمارت لاءِ چندو ڏيو. اسڪول جي نئين عمارت 1933ع ۾ سنڌ جي مختلف زميندارن جي چندي سان ٺهي. ايتري قدر جو هڪ پيري پئسي جي کوٽ پوڻ سبب هن پنهنجي ذاتي زمين مقاطعي تي ڏئي ڇڏي. جڏهن عمارت جڙي راس ٿي تڏهن نئين عمارت جي تعمير لاءِ سوسائٽي سر غلام حسين هدايت الله کي عرض ڪيو ته اچي نئين عمارت جو سنگ بنياد رکي. انهي سلسلي ۾ جيڪو دعوت نامي جو ڪارڊ شايع ٿيو هو، اهو ڪجهه هن ريت هو:

”خان بهادر حاجي محمد احسان چيئرمين مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي طرفان دعوت ڏنل آهي تہ 30 آڪٽوبر 1934ع تي سومر ڏينهن صبح جو ساڍي اٺين وڳي مهل اسڪول جي احاطي اندر سر غلام حسين هدايت الله سنگ بنياد رکڻ قبول فرمايو آهي.“

**پرڳڙي لائبريري:** لئبرري کنهن بہ تعليمي اداري جو اهم حصو آهي. جيئن تہ غلام محمد پرڳڙي کي بي نور محمد جي تمام ويجهو هو. ان ڪري سندس نالي جي پويان هڪ وڏي لائبريري جوڙي وئي. لائبريريءَ ۾ ڪيترائي نصابي ڪتاب، ادبي ڪتاب، حوالا ڪتاب موجود آهن. ان جو هڪ مستقل اسڪول ميگزين هو، پرهاڻي رسالي جي اشاعت ڪيترن سالن کان بند ٿي وئي آهي.

**آرٽس روم:** هي حصو مير حاجي حسين بخش ٽالپر جي نالي تي آهي.

**هال پهريون:** حاجي الهداد خان ٽالپر جي نالي تي آهي.

**هال ٻيو(a):** هي حصو سنڌ جي مشهور سياستدان ۽ واپاري سيٺ حاجي عبدالله حسين هارون جي نالي تي آهي.

**هال ٻيو(b)** هي هال خان بهادر نبي بش پرڳڙي جي نالي آهي.

**هال ٽيون (c):** هي هال، رئيس غلام رسول خان پرڳڙيءَ جي نالي تي آهي.

**هال چوٿون (d):** هي هالا رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جي نالي تي آهي.

**مسجد:** اسڪول جي نئين عمارت جي موقعي تي سر غلام حسين، نور محمد، خان بهادر حاجي محمد احسان ۽ ٻين وڏيون وڏيون تقريرون ڪيون. اسڪول جا مختلف هال ۽ ڪلاس آهن جن ۾ ڪيترن ئي نامور مسلمان سياستدانن ۽ انسان دوست شخصيتن جا نالا لکيل آهن، جن اصل ۾ نئين عمارت جي تعمير ۾ محترم نور محمد صاحب جي مالي مدد ڪئي.

**اسڪول جو نالو تبديل ڪرڻ**

حيدرآباد هاءِ اسڪول جو باني ۽ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري نور محمد 22 آگسٽ 1937ع تي وفات ڪري ويو. سندس وفات کان پوءِ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ هڪ هنگامي اجلاس

سڏائي اسڪول جي باني کي خراج عقيدت پيش ڪيو. تعليم کاتي جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪش غلام نبي قاضيءَ جي منظوريءَ سان اسڪول جو نالو ” حيدرآباد هاءِ اسڪول“ مان بدلائي ”نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد“ رکيو ويو. نور محمد جي وفات کان پوءِ ڪي ايس محمد اسلم ولد ڪي بي محمد ابراهيم شيخ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. هو حيدرآباد جي مشهور مسلمانن مان هو. هن نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي انتظامن جون ذميواريون سنڀاليون. هو 10 سال حيدرآباد ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر ۽ حيدرآباد ميونسپالٽي جو ميمبر ۽ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽي حيدرآباد جو اعزازي سيڪريٽري رهيو. هو لوئر سنڌ زميداري ڪوآپريٽو بئنڪ لميٽيڊ جو چيئرمئن به رهيو. هن ڪوآپريٽو تحريڪ، حيدرآباد ۾ مسلم ايجوڪيشن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي. هن 6 سيپٽمبر 1958ع تي وفات ڪئي.

**ڇوڪرين جي تعليم**

نورمحمد لاکير صاحب، پنهنجي اسڪول ۾ڇوڪرين جي الڳ اسڪول رٿ جوڙي هئي، جيڪا سندس وفات جي ڪري اڌ ۾ رهجي وئي. ان کان اڳ ۾، هن مسلمان ڇوڪرين جي تعليم لاءِ به تمام گهڻي ڪوشش ڪئي هئي. هن سنڌ جي انسپيڪٽر گرلز اسڪول سان رابطو ڪيو ۽ ڪيس ان سلسلي ۾ خاص اسڪالر شپ ڏيڻ لاءِ چيو. سنڌ جي انسپيڪٽر گرلز اسڪول، 30 جنوري 1927ع واري پنهنجي خط ذريعي ڪيس ٻڌايو ته ”توهان جنهن اسڪالر شپ جو حوالو ڏنو آهي، اهي هندن ۽ مسلمان جي ڇوڪرين، 02 نوجوان شاگردياڻين لاءِ رکيل آهن. ۽ ان سلسلي ۾ وڏي پئماني تي اڳڀرائي ٿي چڪي آهي. مون کي مختلف ذريعن کان درخواستون مليون آهن. بشمول اسڪول بورڊ. تنهن هوندي به مان نئين نهيل اسڪول بورڊ ۽ ٻين کي ٻيهر سرڪيولر جاري ڪندس، جنهن ۾ انهن اسڪالرشپن جي اعتراضن ۽ انهن سان لاڳاپيل شرطن جي وضاحت ڪيل هوندي. جيڪڏهن ضلعي لوڪل بورڊ حيدرآباد جي اسڪول

بورڊ وٽ ڪي بہ اميدوار نظر اچن ٿا. تہ مون ڪي انھن جون درخواستون وصول ڪندي خوشي ٿيندي.

### اسڪول جا هيڊ ماستر/ پرنسيپل

1924ع کان، نور محمد هاءِ اسڪول جا ڪيترائي هيڊ ماستر يا پرنسيپل مقرر ٿي چڪا آهن. جن مان ڪي سٺا استاد، ڪي سٺا منتظم ۽ ڪي بهترين اديب ٿي گذريا آهن. اسڪول جي انڪمبيسي بورڊ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مڪمل لسٽ ۽ دورانيي ڪي صحيح نموني گڏ نہ ڪيو ويو آهي. بهرحال موجود نالا ۽ دورانيو هيٺ ڏجن ٿا:

| نمبر | نالو | کان | تائين |
|---|---|---|---|
| 1. | مسٽر ڊبليو. زيڊ احمد | 1924 | 26_6_1934 |
| 2. | مسٽر فضل احمد افضل | 26_6_1934 | 6_5_1939 |
| 3. | مسٽر غلام محمد شاهواڻي | 15_7_1939 | 14_5_1948 |
| 4. | مسٽر ڪي. اي. اين ايئر | 15_5_1948 | 14_9_1949 |
| 5. | مسٽر غلام حسين سومرو | 15_9_1949 | May 1960 |
| 6. | مسٽر الله بخش نظاماڻي | May 1960 | 1966 |
| 7. | مسٽر غلام حسين جعفري | 1966 | 1966 |
| 8. | مسٽر غلام حسين بالادي | 1966 | 26_1_1980 |
| 9. | مسٽر غياث الدين قاضي | 27_1_1980 | 4_10_1989 |
| 10. | مسٽر نظر محمد عباسي | 5_10_1989 | 7_8_1996 |
| 11. | مسٽر محمد عثمان ٽگو | 13_8_1996 | 2_10_1997 |
| 12. | مسٽر محمد فريد احمد ميمڻ | 3_10_1997 | 6_3_1998 |
| 13. | مسٽر منظور علي عيساڻي | 7_3_1998 | 8_5_1998 |
| 14. | مسٽر عامر علي. جي مرزا | 9_5_1998 | 10_3_1999 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .15 | مسٽر فريد احمد ميمڻ | 10_3_1999 | 11_11_2003 |
| .16 | مسز رحمت قاضي | 12_11_2003 | 21_7_2004 |
| .17 | مسٽر ايس.ايم. الياس انجم | 22_7_2004 | 18_8_2004 |
| .18 | مسٽر رانا شمشاد احمد | 18_8_2004 | 16_12_2004 |
| .19 | مسز صغرا شيخ | 16_12_2004 | 5_1_2005 |
| .20 | مسٽر رانا شمشاد احمد | 5_1_2005 | 12_4_2005 |
| .21 | مسٽر نادر حسين سومرو | 13_4_2005 | 16_2_2006 |
| .22 | مسز بدرالنساءِ جتوئي | 16_2_2006 | 21_8_2006 |
| .23 | مسٽر لياقت علي عطار | 21_8_2006 | 31_8_2006 |
| .24 | مسٽر عبدالوهاب ڀيلائي | 13_8_2006 | 14_11_2006 |
| .25 | مسز سعيده قاضي | 15_11_2006 | 2_11_2006 |
| .26 | مسٽر هدايت الله هنگورجو | 27_11_2006 | 7_12_2006 |
| .27 | مسٽر عطا محمد بوزدار | 8_12_2006 | 12_4_2011 |
| .28 | مسٽر نور محمد ٽالپر | 12_4_2011 | 31_10_2011 |
| .29 | مسٽر محمد اصغر پالاري | 31_10_2011 | 12_10_2012 |
| .30 | مسٽر غلام قادر ڪاڪا | 12_10_2012 | 29_1_2014 |
| .31 | مسٽر لياقت علي عطار | 29_1_2014 | 23_8_2014 |
| .32 | مسز وحيده سومرو | 23_8_2014 | 29_9_2016 |
| .33 | مسٽر لياقت علي عطار | 29_9_2016 | 9_1_2017 |
| .34 | مسٽر عبدالرسول پرڳڙي | 9_1_2017 | 30_5_2017 |
| .35 | مسٽر ديدرار حسين | 30_5_2017 | 16_11_2018 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | جلباڻي | | |
| .36 | مسٽر احمد آريسر | 17_11_ 2018 | 20_10_2019 |
| .37 | مسز امانت ميمڻ | 21_10_ 2019 | 4_10_ 2020 |
| .38 | سيد تاج علي شاهه | 5_10_ 2020 | 26_11_ 2021 |
| .39 | مسٽر اقبال احمد جمالي | 26_11_ 20121 | 10_3_2023 |
| .40 | مسٽر محمد طاهر مغل | 11_3_2023 | اڄ تائين |

**اسڪول ۽ هاسٽل جو انتظام**

اهو به اجاگر ڪرڻ ضروري آهي ته نورمحمد اسڪول فقط مسلمان شاگردن لاءِ هو، پر هتان جي ڪيترن هندو ۽ ٻين برادرين به ميٽرڪ پاس ڪئي. اسڪول ۽ هاسٽل جا معاملا سائين نور محمد پاڻ سنڀاليندو هو.ان زماني ۾ سڄي اسٽاف جو ماهوار پگهار به سو روپيا هو. محترم نورمحمد جڏهن اسڪول جو سلسلو شروع ڪيو ته هڪ دفعي ماسترن جي پگهارن جا پئسا ڪٽي پيا، ۽ ماسترن مٿس سخت دٻاءُ وڌو ڪين پگهارون جاري ڪيون وڃن. نور محمد سندن ڳالهيون ٻڌي ڪين چيو ته اسڪول جي موڪل ختم ٿيڻ تائين ڪين پگهار ملي ويندي. محترم نور محمد اتان اٿي، سڌو پنهنجي دوست خانبهادر الهداد خان ميرپور خاص واري ڪان اوڌر تي پيساوٺي آيو ۽ استادن جون پگهارون ادا ڪيائين.

اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ٻهراڙيءَ جي شاگردن جي رهائش جو هاسٽل ۾ مناسب انتظام رکيو ويو، هوشيار ۽ غريب شاگردن کي لوڪل بورڊ ڪان اسڪالر شپون ڏياريون ويون، پڙهائي جو معيار بلند رکڻ لاءِ پري پري ڪان قابل استاد گهرايا ويا. هو ذاتي طور تي شاگردن جي صحت، ڪاڌي ۽ تعليمي مسئلن جو به خيال رکندو هو. گهڻو ڪري سيئي شاگرد حيدرآباد ضلعي جي ٻهراڙين جا هوندا هئا، جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهندا آهن. هاسٽل

جو بندوبست سوسائٽيءَ جي هٿ هيٺ هو. شاگردن کي سٺو ۽ تندرستي بخشيندڙ کاڌو ڏينهن ۾ ٽي دفعا ملندو هو. جيڪي شاگرد مسلم هاسٽل ۾ رهندا هئا، تن کي مذهبي تعليم لازمي طرح ملندي هئي، دينيات جو استاد کين قرآن شريف ۽ دينيات جي تعليم باقاعده ڏيندو هو. پنجئي وقت جماعت سان نماز ٿيندي هئي. شاگردن جي صحت قائم رکڻ لاءِ بدني ورزش تي پورو ڌيان ڏنو ويندو هو. کين ڊرل، اسڪائوٽنگ، فٽ بال ۽ ڪرڪيٽ جو پورو بندوبست رکيل هو. ڊرل سيکارڻ لاءِ هڪ فوجي آفيسر مقرر ٿيل هو. بئنڊ باجي ۾ شاگردن کي پوري سکيا مليل هئي ۽ انهيءَ ۾ ترقي ڪري چڱو نالو ڪڍندا هئا. شاگردن جي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ هڪ ڌوٻي هاسٽل ۾ رهندو هو. شاگردن جي معلومات وڌائڻ ۽ انهن کي وندرائڻ لاءِ لائبريري موجود هئي، جتي انگريزي خواه سنڌي اخبارون موجود هونديون هيون. بيمار شاگردن جي دوادرمل لاءِ ڊاڪٽر مقرر ٿيل هوندو هو. مطلب ته جيڪي شاگرد مسلم هاسٽل ۾ رهندا هئا، سي گهرن کان به اتي سکيا هوندا هئا.

نور محمد اسڪول لاءِ تمام قابل استاد مقرر ڪيا. عربي، فارسي ۽ اردو جا لازمي مضمون پڻ متعارف ڪرايا. هن سنڌ جي هر ضلعي ۽ تعلقي مان شاگرد پنهنجي اسڪول ۾ داخلا لاءِ پوزيشن هولڊرز کي گهرائڻ لاءِ سڄي صوبي جو دورو پڻ ڪيو. اهو اسڪول سنڌ ۾ مسلمانن جو ٻيو نمبر وڏو اسڪول هو. اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر مسٽر ڊبليو. زيڊ احمد، ايم اي انگلش هو، جنهن عليگڙهه يونيورسٽي مان ماسٽرز ڪئي هئي. هن جو تعلق عليگڙهه سان هو. هن حيدرآباد ۾ رهي، اسڪول جي تعليم جو بهترين نموني بنياد وڌو. هن عرصي ۾ مشهور اسڪالر ۽ تعليمي ماهر سيد عطا حسين موسوي 1924ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول (بعد ۾ نور محمد اسڪول) جي بورڊنگ هائوس جي سپرنٽينڊنگ جي حيثيت سان پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون.

اسڪول جو ٻيو هيڊ ماستر محترم فضل محمد افضل، ايم. اي ايڪنامڪس ۽ ايم.اي پوليٽڪل سائنس هو. مسٽر فضل احمد افضل، بنيادي

طور تي اردو اسپيڪنگ هو ۽ عليڳڙهہ مان گهرايو ويو هو. هو تمام پڙهيل لکيل ماڻهو هو، پر سندس زندگيءَ بابت اسان وٽ ڪجهہ بہ موجود ناهي. مولوي دين محمد فيروزشاهي اسلاميات ۽ عربي جو استاد رهيو. مسٽر ڌرم داس ويراٽي مشهور رياضي جو استاد. مسٽر سليم الدين، مسٽر خورشيد، مسٽر اقبال، مسٽر صابر، مولوي محمد يوسف، مسٽر محمد امين، خان محمد ميرجت، اسماعيل بوزدار، رحيم بخش ڏيٿو، محمد علي، فدا حسين. استادن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي. مسٽر ڌرمداس ورياٽي، جيڪو انگلش ۽ فارسي ۾ مشهور هو ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا استاد هن صاحب اسڪول لاءِ خاص طور تي گهرايا. 1930ع ۾ نور محمد عليڳڙهہ کي ڪجهہ مسلمان استادن جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو. مسٽر رياض الدين، جيڪو مشهور استاد ۽ ناميار ليکڪا فهميده رياض جو والد هو. تنهن کي استاد ڪري مقرر ڪيائين. هن اسڪول لاءِ ڪجهہ انگريزي ڳالهائيندڙ استاد بہ مقرر ڪيا.

اسڪول جو ٽيون هيڊ ماستر غلام محمد شاهواڻي (1912_1950) سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ ۽ شاهہ جو رسالو مرتب پڻ ڪيترن ئي سالن تائين هتي هيڊ ماستر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جا ڪيترائي ڪتاب آهن. ان کان پوءِ محترم ڪي.اي.اين آئر (K.A.N Ayer) جو تعلق تامل نادو سان هو، جيڪو انگلش جو ماهر هو، مسٽر ڪي. اين آير جو سائنسي دنيا ۾ مئٿميٽڪس جي مهارت ۾ مشهور هو، هن غلام محمد شاهواڻيءَ کان پوءِ هيڊ ماستر جي چارج سنڀالي ورتي. هو اپلائيڊ مئٿ ۾ ايم.ايس. سي ۽ ايس. ٽي.سي هو. هن کي اسڪول ۽ ڪاليج ٻنهي جي چارج مليل هئي ان کان پوءِ، مسٽر غلام حسين سومرو (1896_1967)، جيڪو مشهور تعليمي ماهر، ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد مان آيو، هن اسڪول ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. هو حيدرآباد ۾ چائو ۽ ڊي جي ڪاليج مان گريجوئيشن ڪيائين. هن تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ پنهنجي پيشي تي بہ ڪتاب لکيا. سندس دور ۾ اسڪول وڏي ترقي ڪئي. سندس دور ۾ ڊسمبر 1959ع

۾ اسڪول پنهنجي 25 هين سالگره ملهائي ۽ اسڪول جي ماڻهن ۽ انتظاميا پاران وڏي سلور جوبلي ملهائي وئي.

مسٽر سومري جي رٽائرمينٽ کان پوءِ الله بخش نظاماڻي (1905_ 1980) اسڪول جو هيڊ ماسٽر ٿيو. سندس جنم تعلقي ماتلي، ضلعي بدين ۾ ٿيو. هن عليڳڙهه يونيورسٽي مان ايم اي ڪئي ۽ پنهنجي ڪيريئر جي شروعات هڪ استاد طور ڪئي ۽ اڳتي هلي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جي عهدي تي فائز ٿيو. رٽائرمينٽ کان اڳ هو نور محمد هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو، جنهن ۾ ڪيس ايس ايم. ڪاليج جي اضافي چارج هئي. ڪاليج. هن سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ڏاهپ تي پي ايچ ڊي ڪئي. مسٽر الله بخش نظاماڻي، تمام متحرڪ استاد هو ۽ هر سال نور محمد لاکير جي ورسي ملهائيندو هو. هن نور محمد جي 29 ورسي جي موقعي تي روزانه عبرت 23 آگسٽ 1966 ع تي رپورٽ ڪندي لکيو ته ”سنڌ جي ممتاز تعليمي محسن مرحوم نور محمد جي 29 ورسي اڄ وڏي حب ۽ عقيدت سان ملهائي ويئي. ورسي جي تقريب اڄ صبح جو نور محمد هاءِ اسڪول جي احاطي ۾ ٿي. جلسي جي صدارت مسلم ڪاليج جي پرنسيپل مسٽر الله بخش نظاماڻي ڪئي. ان موقعي تي سيد علي اڪبر شاهه، مخدوم امير احمد ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم، مرحوم جي سوانح حيات تي تقريرون ڪيون. هنن پنهنجن تقريرن ۾ مرحوم جي نمايان تعليمي خدمات تي کيس خراج عقيدت پيش ڪيو. هنن ان ڳالهه تي زور آندو ته مرحوم جي سوانح حيات ۽ سندس خدمتن تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو وڃي. آخر ۾ مسٽر الله بخش نظاماڻي مرحوم جي خدمتن تي کيس خراج عقيدت پيش ڪيو. ان بعد حاضرين هڪ جلوس جي شڪل ۾ هاسٽل اندر مرحوم جي مزار تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتح پڙهي.“

نظاماڻيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر غلام حسين جعفري اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. هو پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جو پرنسيپال پڻ رهيو. مسٽر غلام حسين بالادي، جنهن ڪافي عرصو هن اسڪول ۾ استاد ۽ هيڊ ماستر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون، جن جو جنم خيرپور ضلعي ۾ ٿيو، پر تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. هو شاگردن کي گهڻو ڪري انگريزي مضمون پڙهائيندو هو. ان وقت شاگردن کي انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ترغيب ڏيندو هو. هو غريب شاگردن جي مدد لاءِ وقف هوندو هو ۽ انهن لاءِ اسڪالرشپ جو بندوبست ڪندو هو. سندس دور کان اڳ غلام رسول خان پرڳڙي، الله بخش نظاماڻي، قاضي اڪبر، غلام حسين سومرو ۽ ٻيا مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جا سيڪريٽري شامل هئا. 1958ع ۾ سوسائٽيءَ پاران عمارت کي ورهايو ويو: هڪ حصو نور محمد هاءِ اسڪول ۽ ٻيو مسلم سائنس ڪاليج کي ڏنو ويو. مسٽر آغا قلب حيدر ان جو پهريون پرنسيپال هو ۽ ان کي ڊگري ڪاليج جو درجو ڏنو ويو. اهو آرٽس ۽ سائنس جا ڪلاس پيش ڪري ٿو ۽ ان جا ڊگري ڪلاس سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل آهن. مسٽر بالادي کان پوءِ، سائين غياث الدين قاضي آيو. سندس تعلق مٽياري جي ميمڻ گهراڻي سان هو. هن اسڪول ۾ چڱي طرح ڪم ڪيو. ان کان سواءِ اسڪول جي سٽن استادن ۽ هيڊ ماسترن جي هڪ وڏي لسٽ آهي. حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول جي سيڪنڊ شفٽ جو پهريون هيڊ ماستر ۽ تعليمي ماهر محمد حسن بوزدار هو.

**سوسائٽيءَ جون ملڪيتون**

1970ع واري ڏهاڪي تائين، سوسائٽيءَ وٽ اسڪول نور محمد هاءِ اسڪول، مسلم سائنس ڪاليج، هڪ پرائمري اسڪول، هڪ مڊل اسڪول، سنڌ مسلم هاسٽل، ڪجهه دڪان وغيره ملڪيت طور هئا. اسڪول ۽ ڪاليج کي 1972ع ۾ قومي پاليسيءَ تحت حڪومت پنهنجي تحويل وٺي ڇڏيو. مڊل اسڪول ۽ پرائمري اسڪول وقت سان گڏ بند ڪيا ويا.

هن وقت اسڪول ۾ 100 ڪان وڌيڪ استاد خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ اسڪول ۾ اٽڪل 3000 داخلائون آهن. ڪجهه وڌيڪ ڪلاس روم پڻ تعمير ڪيا ويا آهن. اسڪول جا 22 دڪان آهن، جيڪي اسڪول جي مالي مدد ڪندڙ آهن، اهي انتهائي معمولي ڪرائي تي لڳل آهن.. سنڌ مسلم سوسائٽيءَ جا پرائمري اسڪول بند ڪيا ويا، پر سنڌ مسلم ڊگري ڪاليج ۾ ماسٽر ڪلاس تائين ڊگريون ڏنيون وڃن ٿيون. هن وقت اسڪول جو هيڊ ماستر محمد طاهر مغل آهي. هو ڏاڍو محنتي ۽ اسڪول جي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندو هو. اسڪول جون تعليمي ۽ سرڪاري سرگرميون پڻ روزاني بنيادن تي سوشل ميڊيا تي اپڊيٽ ۽ اپ لوڊ ڪيون وينديون آهن.

**نور محمد اسڪول جا شاگرد**

هن اسڪول مسلمانن جي تعليم، تربيت، ادب ، ٻولي، سماج جي سڌاري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. جنهن تي پي. ايڇ. ڊي. ڪري سگهجي ٿي. سنڌ جي تعليمي تاريخ ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ڪيترائي نامور شاگرد پيدا ڪيا آهن، جن اڳتي هلي ملڪي معاملن ۾ پنهنجو نالو ڪمايو. ان لسٽ ۾ پاڪستان جو اڳوڻو وزير اعظم غلام مصطفيٰ جتوئي، جسٽس عبدالقادر هاليپوٽو، نامور سياستدان سيد قمر زمان شاهه، اڳوڻا وائيس چانسلر مظهرالحق صديقي، نظير مغل، سوين ڪامورا، نالي واري تعليمدان دادي ليلاوتي تلسي داس هرچنداڻي، سيڪريٽري، بيوروڪريسيءَ ۾ سابقه سيڪريٽري سنڌ گل محمد عمراڻي، اڳوڻو آئي. جي. سنڌ غلام حيدر جمالي، ڊي. آئي. جي خادم رند، نامور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار غلام نبي مغل، نالي وارو اديب پروفيسر ظفر حسن، نالي وارو شاعر امداد حسيني، تعليمي ماهر عبدالغفار صديقي، تعليمي ماهر عبدالرحيم ڏيٿو، مظهر بلوچ، جسٽس محمد اشرف لغاري، شاهه جو پارکو ۽ تعليمدان حيدر علي لغاري،سماجي ۽ سياسي ڪردار اي.ڊي. ناريجو، صحافي، تعليم کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري محمد جمن ٿيبو، اڳوڻو سيڪريٽري هادي بخش ڪلهوڙو، مشتاق راهو، سنڌ جي وزير اعليٰ جو

صلاحڪار، اڳوڻو ڪين ڪمشنر نوبت زرداري، ايس.ايس. پي ٽريفڪ خادم رند، نالي وارو سياستدان مولا بخش رند، سياسي ڪارڪن ۽ ترجمي نگار اسلم خواجا، نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار علي محمد پروين ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. غلام حسين بالادي صاحب جيڪو هوسٽيءَ جو ويٺل هو ۽ ان وقت يعني 1930ع ڌاري ڊي. ايس. پي جي رينڪ ۾ چونڊيو ويو هو، جيڪو اڳتي هلي سنڌ جو انچارج آءِ جي پوليس تي ريٽائر ٿيو.

**مرحوم نور محمد جي مزار**

هاسٽل جي احاطي ۾ مرحوم نور محمد جي مزار آهي. ساڻس گڏ سندس بيگم شمس النساءِ جي تربت آهي. نور محمد جي اها وصيت هئي ۽ سندن آخري الفاظ هئا ته: ”منهنجو هي خاڪي پتلو مسلم هاسٽل جي مٽيءَ جي سپرد ڪجو، جيئن منهنجو قلب طالب علمن جون ٻاتيون ٻوليون ۽ معصوم دلين جو دعائون ٻڌي من قرار پائي ۽ منهنجي اسڪول ۽ هاسٽل جي پارت اٿو. خدا حافظ“

ياد رهي ته گهڻن نيڪ استاد، شاگردن ۽ مسجد ۾ تهجد جي نماز ادا ڪندڙن رات جي وقت مرحوم نور محمد جي روح ڪي هاسٽل جي گرائونڊ ۾ گهمندي ڏٺو آهي. بقول استاد بخاري:

جو قوم جياري اهو جيئندو رهندو
جو عام اجاري، اهو جيئندو رهندو
مون ڪي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو.

**مسلم هاسٽل تي قبضو**

1980ع واري ڏهاڪي جي وچ تائين اها هاسٽل نور محمد هاءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج جي شاگردن جي گڏيل رهائش هئي. شهر ۾ نسلي فسادن ڪانپوءِ ڪجهه سياسي عهديدارن هاسٽل جي ڪمرن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ڏوهارين ڪي رهائڻ لڳا. ان ڪان پوءِ شاگردن ڪان هاسٽل

خالي ڪرائي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن قبضو ڪري ورتو. ان وقت ڪان وٺي هاسٽل جو سمورو احاطو سندن قبضي ۾ آهي. هاسٽل جي احاطي کي قاسم رينجرز جي هيڊ ڪوارٽر ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ان ڪان علاوه سول اسپتال جي انتظاميا پاران هاسٽل جي عمارت کي ٽراما ۽ ڪڊني وارڊ قائم ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون ويون. اسڪول جي عمارت ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪان سرڪاري بي ڌياني جو شڪار ٿي وئي ۽ آهستي آهستي زوال جو شڪار ٿي وئي، پر ڪجهه سال اڳ سنڌ حڪومت ان تاريخي عمارت کي ثقافتي ورثو قرار ڏنو. رينجرز لاءِ رهائش جي جاءِ ڪان علاوه، هن خوبصورت ۽ تاريخي عمارت جي احاطي ۾ مکيه دروازي تي هڪ ڪينٽين، هڪ ميڊيڪل اسٽور، هڪ سافٽ ڊرنڪ شاپ ۽ هڪ پبلڪ ڪال آفيس آهي. جڏهن ته، اسڪول شهر جي گڙي ڪمرشل زون جي وچ ۾ واقع هجڻ سبب شاگرد ٻاهران ايندڙ گاڏين جي سخت شور هوندو آهي. اسڪول وٽ 21 دڪان هئا، پر هي ادارو تمام گهٽ ماهوار ڪمائي ٿو، جيڪو اوپن مارڪيٽ جي قيمتن جي بلڪل ابتڙ آهي.

2021ع ۾، هاءِ ڪورٽ آف سنڌ، حيدرآباد سرڪٽ بينچ پنهنجي فيصلي ۾ حڪم جاري ڪيو ته ٽن مهينن اندر هاسٽل رينجرز ڪان خالي ڪرائي، اسڪول انتظاميه جي حوالي ڪئي وڃي، پر اڃ سوڌو اهو ممڪن ٿي نه سگهيو آهي. هن وقت مسلم هاسٽل جي موجوده بيڪسيءَ واري حالت ڏسي نه صرف هر اک روئي رهي آهي. پر ساڳئي وقت نور محمد جو روح به ناخوش هوندو. ڇاڪاڻ ته هن مرحوم پنهنجو الهه تلهه وڪڻي غريب ۽ مسڪين ٻارن جي لاءِ هاسٽل قائم ڪئي ان کي علم ۽ درس، امن ۽ سڪون جي بجاءِ ڪن ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. اها هن مرد ڪامل جي مقصدن سان بي نانصافي آهي.

**نور محمد لاکير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي**

محترم نور محمد کي ڪوبه پٽ نه هو، پر سندس ڌيءَ پروفيسر مهر نور محمد لطيف آباد حيدرآباد ۾ رهندي هئي. پروفيسر مهر نور محمد

1996ع ۾ زبيده ڪاليج جي پرنسيپل جي حيثيت ۾ رٽائرمينٽ تي ”نور محمد لاکير ايجوڪيشن اينڊ ويلفيئر سوسائٽي“ جو بنياد رکيو. هوءَ چيئرپرسن ۽ سندس پٽ محمد فريد احمد سوسائٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. اهو پڻ قابل ذڪر آهي ته مسلم هاسٽل جي پراڻن شاگردن ۽ رهائش گاهه 1998ع ۾ ”مسلم سائنس ڪاليج ۽ مسلم هاسٽل بوائز ويلفيئر هاسٽل“ نالي هڪ انجمن قائم ڪئي، جنهن جو سرپرست اڳوڻو ڪمشنر شفيق احمد ڪوسو کي مقرر ڪيو ويو هو ۽ هاسٽل جا ٻيا ڪيترائي پراڻا شاگرد ميمبر هئا، پر هيءَ تنظيم هلي نه سگهي.

2020ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي پراڻن شاگردن جي 1989ع کان 1994ع سال جي شاگردن جي پهرين ري يونين گڏجاڻي جي تقريب اسڪول ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. هنن چيو ته هينئر اسانجي انهن پراڻن شاگردن مان ڪو ڪٿي آهي ته ڪو ڪٿي آهي ۽ هرڪو پنهنجي زندگي جي ڪم ڪارن ۾ مصروف عمل آهن سمورا شاگرد جس لهن جو انهن اها ري يونين جي تقريب منعقد ڪري اسان کي پنهنجي خوشين ۾ شامل ڪيو آهي.

## ڪيئن وساريان ڪين وسرن

عزيزالله ڳنڀير

نور محمد هاءِ اسڪول، مسلم هاسٽل ۽ مسلم ڪاليج هڪ ٻئي اداري جا ٽي نالا آهن. مسلم هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ لازمي هو ته نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺجي. ڇو ته هاسٽل نور محمد هاءِ اسڪول جي شاگردن لاءِ ئي مخصوص هئي ۽ اسڪول جي تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ ۽ مسلم ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ لازمي هئي. منهنجي اسڪول، ڪاليج ۽ هاسٽل وارو دؤر 1963ع کان 1968ع تائين وارو آهي. ڇون ٿا ته ڪاليج ۽ هاسٽل جو اهو ئي دور شاندار ۽ جوڀن وارو هو. "سکر سيئي ڏينهن جي مون گذاريان هاسٽل ۾". هاسٽل ٻن بلڊنگن تي مشتمل آهي، هر هڪ بلڊنگ ۾ ٻه پورشن، يعني هيٺيون ۽ مٿيون بلاڪ آهن.

منهنجي وقت ۾ تقريباً 4 کان 5 سئو شاگرد هاسٽل ۾ رهندا هئا. سيني کان پراڻو شاگرد خميسو خان ناهيون ۽ سيني کان پراڻو ملازم سونهارو بورچي هئا. هن دور ۾ هاسٽل ۾ انتهائي نظم و ضبط هو. ڪنهن کي مجال نه هوندي هئي جو ڪو ڏڦيڙ وغيره ڪري، شاگردن ۾ شرافت استادن جو احترام ۽ هاسٽل جي قانونن جو خيال هوندو هو. هاسٽل حيدرآباد جي دل هيرآباد ۾ هئڻ ڪري انتهائي وڻندڙ ماحول ۾ هئي.

انهن پنجن کان ستن سالن واري دور ۾ هاسٽل انتظاميا جا سربراهه سائين احمد شاهه، سائين محمد عمر ميمڻ ۽ سائين شمس الدين سومرو هئا. هاسٽل جو پراڪٽر يعني هاسٽل ڪلارڪ خميسو خان ناهيون ۽ هاسٽل جي مسجد ۾ خطيب مولوي صاحب) جا فرائض پهرئين مولوي دين محمد اديب فيرو شاهي سرانجام ڏيندا هئا. مولوي صاحب جن جي رٽائر ٿيڻ کانپوءِ سائين حافظ عبدالرحيم جمالي صاحب جن (موجوده خزانچي ائسوسيئيشن) بطور خطيب ۽ مولوي صاحب مقرر ٿيا. نمازن جي پائبندي هوندي هئي. انڪري ڪي خوشئان

تہ ڪي زوران وجي مسجد ۾ حاضري ڀريندا هئا. ڪاليج ۽ اسڪول بلاڪ گڏيل هوندا هئا. جنهن ڪري ڪاليج جي شاگرد لاءِ بہ نماز پڙهڻ لازمي هوندي هئي. فجر جي نماز تي اٿارڻ مولوي صاحب لاءِ ۽ اٿڻ شاگردن لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻيل هوندو هو. اٿو، اٿو نماز تي، ڇورا اٿو، اٿو نماز لاءِ، جي هونگار مولوي صاحب طرفان هوندي هئي تہ سائين اٿو نہ ٿا، ڇو ٿا ننڊ ڦٽايو. بس اجهو اٿياسين جو ٿهيل ٺڪيل جواب شاگردن طرفان هوندو هو. پوءِ ڪي شاگرد پاڻ ڪي رليءَ ۾ لڪايو ستا پيا هوندا هئا تہ ڪي وري چادرين جي چار ديواري قائم ڪيو پيا هوندا هئا.

نماز ڪانپوءِ وهنجڻ جو وسڪارو لڳل هوندو هو. اٽيچ باٿ نہ هئا، بلاڪن جي ٻاهران ٿهيل باٿ رومن غسل خانن ڏانهن ٽوال، صابڻ ۽ پيسٽ هٿ ۾ کڻندي شاگردن جي ڊوڙ ڊوڙان هوندي هئي پوءِ جيڪو ڏاڍو سو ڳاڀو. ڏاڍا پوڳ لڳا پيا وندا هئا. هڪڙو پيو وهجندو هو تہ ٻيو پيو ٻاهران ٻاڪاريندو هو تہ يار جلدي ڪرا ناشتي جو ٽائيم ۽ اسڪول هلڻ لاءِ قطار جو وقت ٿي ويو آهي، ناشتي ۾ عجائب جو پچايل هڪ پراٺو ۽ چانهہ جو هڪ ڪپ ملندو هو. جن جو ذائقو اڃان نٿو وسري، ناشتي بعد ڪتاب هٿن ۾ کڻي اسڪول هلڻ لاءِ قطار ٺاهي هلڻو پوندو هو، جنهن ڪي فائيل چئبو هو، اڳيان پويان ۽ پاسي کان مانيٽر هوندا هئا تہ سڀ کان آخر ۾ هائوس ماستر ۽ مولوي صاحب نگراني ڪندا نظر پيا ايندا هئا.

منجهند جو اسڪول کان موٽڻ بعد ڪپڙا بدلائي ڊائيننگ هال ۾ مانيءَ تي مارو ٿيندو هو. سونهاري بورچيءَ جي پچايل گوشت ۽ دال ۾ اهو مزو هوندو هو جو اڄڪلهہ فائيو اسٽار هوٽلن جي مانيءَ ۾ بہ شايد اهو مزو نہ هجي. ٻوٽين تي البتہ ويڙهہ جام هوندي هئي، ڪاليج بلاڪ ۾ تہ گويا پاڻيپت جي جنگ لڳل هوندي هئي، خصوصي طور تي حاجي غلام حيدر ناهيون ۽ مير محمد پرڳڙي ان ڳالهہ کان پيٽ پوتن تان نڪري ويندا هئا. مون کي ياد آهي هڪ دفعو عبدالستار بڇاٽي، موجوده ايم. پي اي ۽ حاجي نور علي مري ڊي. ايس پي

دال واريون پليٽون اچلائيندي چيو هو ته هي دال آهي يا واٽر جو لڙاٽيل پاٽي، پر شاباس آهي، سڄي سنگت کي جو ڊائيننگ هال مان نڪرڻ کانپوءِ وري به ساڳيا يار ۽ دوست بنجي پيا پاڻ کائيندا هئا يا ڪئنٽين جي چانهه ۾ چاهه ڀريون چسڪيون وٺندا هئا. محبت جو ماحول هو. جهيڙا جهڳڙا ۽ ليڊريءَ تان لٽ ضرور لڳندي هئي، پر ڪڏهين به ذاتي جهيڙو جهڳڙو ڪونه ڪيائون. ان ئي دور ۾ سائين محمد عمر ميمڻ صاحب مسلم ڪاليج جو پرنسيپال ٿي آيو ۽ هاسٽل جو سپرنٽنڊنٽ بڻيو ۽ سندس رعب ۽ تاب دٻدٻو ڏسڻ وٽان هو. شخصيت به انتهائي پياري هوندي هيس. ڪاليج جي شاگردن تي سندس رعب هو. پر ساڳئي وقت محبت ۽ شفقت ڀريو هٿ به هر ڪنهن تي هوندو هوس. في نه ڏيڻ تي هاسٽلن ۾ اڪثر ماني بند ڪئي ويندي آهي، پر مسلم هاسٽل ۾ ڪنهن به غريب شاگرد يا فضول خرچ وڏيري شاگرد يا نمائشي ليڊر شاگرد جي ماني ڪڏهين به بند نه ڪئي ويئي هئي، سيڪنڊ ڪلاس ماني البته سٽيي ۽ سٺي هئي، پر ٿرڊ ڪلاس جي ماني به پنهنجو مٽ پاڻ هئي، سونهاري جو هڪڙو هٽ ڏوئي ۾ ته ٻيو هٽ حقي جي نڙ ۾ پاڻ ڳالهائي پاڻ سمجهي پر يار ٻوڙ اهڙو چاڙهي جو ويهي آڱريون چٽجن.

چا ته جوڀن ڏيهاڙا هئا. بي فڪري، بي پروائي ۽ الهڙ جواني هوندي هئي اسڪول توڙي ڪاليج جي شاگردن ۾ انهن ئي ڏيهاڙن ۾ ڪاليج يونين جا اليڪشن به ٿيا. مونکي هڪ ٻه اليڪشنون ياد آهن. هڪ ۾ حاجي غلام مصطفيٰ جمالي بطور جنرل سيڪريٽري، اختر چانديو صدر، عزيز الله ڳنڀير جوائنٽ سيڪريٽري اليڪشن يونين جي نه هئي ائين پيئي ڏسڻ ۾ آيو ته گويا موجوده قومي يا صوبائي اليڪشن هجي، مامي خميسي جي ته گويا ٻيگهي متل هئي، همراهه ڪي وڻ گهوڙو جهلڻ نه ڏي. نيٽ پئنل کي کترايائين. حاجي غلام مصطفيٰ جمالي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو. مامو نصرالله جکريجو، مير محمد پرڳڙي، ستار بچاڻي، ڪيبر برادران، سليم ۽ ثناءُ الله شيخ، نصرت مرزا

نواب خانزادو، حبيب غوري، منصب جکراڻي، عارف قزلباش، ربڏنو ساريجو، نور حسين نوتڪاڻي، احمد رند، عبدالرزاق ميمڻ، قيوم ميمڻ، نظر محمد ڪوسو، انور الدين جمالي ۽ ٻيا ڪيترائي شاگرد دوست چڱا مڙس ۽ داداگير سمجهيا ويند اهئا. قاضي عبدالستار صديقي صاحب ته ان وقت پنهنجي موج مستيءَ ۾ هوندو هو ٻه شاگرد سڏي انهن جا مٿا ٽڪرائي چوندو هون ته هاڻي هلو، هيڏانهن وري نه ڏسجو! ياد ڳيريون ته تمام گهڻيون آهن. نالا ٻه تمام گهڻا آهن. ڪجهه ياد اٿم، ڪجهه وسري ويو جي مصداق مطابق پنهنجي قلم کي بند ڪندي هن خوشيءَ جو اظهار ٿو ڪريان ته اڄ اهي منڙا چهرا وري مليا آهن.

هڪ ٻئي سان حال حقيقتون ڪري رهيا آهن محبتون وري موٽي مليون آهن، اهيئي محبتون آهن جيڪي زندگيءَ جو سرمايو آهن نه ته هي جهان فاني آهي، ڪيترا دوست هليا ويا، جيڪي جيئرا آهن سي هڪ ٻئي سان پاڪر پائي ملي رهيا آهن سچو ڪيل حياتيءَ جو آهي، يار زنده صحبت باقي ان نور محمد مرحوم جي نالي ۽ هاسٽل ڪاليج ۽ اسڪول جي نالي کي سلام هجي جو انهن اهي محبتي ميڙيا.

(النور ميگزين، 1994ع تان ورتل)

## نور محمد جي 41 وين ورسي

نور محمد وڪيل (باني نور محمد هاءِ اسڪول) جي ورسي ملهائڻ ۽ هن عظيم شخصيت کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ ائسوسيئيشن جي ميمبرن لاءِ تجديد عهد ڪرڻ جي سلسلي ۾ محترم انور بچاڻي صاحب جي دعوت ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مرحوم نور محمد جي ورسي انتهائي عقيدت ۽ شاندار طريقي سان ملهائي وڃي. ڇاڪاڻ ته هي ئي اها عظيم شخصيت هئي جنهن پنهنجو گهر ۽ الهه تلهه وڪڻي نور محمد هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو ۽ مسلم هاسٽل قائم ڪئي! جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين غريب شاگردن بورڊنگ هائوس ۾ قيام ڪري پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي. ان بعد مسلم ڪاليج ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري انهن عهدن ۽ مرتبن تي پهتا، جن تي اڄ هو فائز آهن. بقول محترم ادريس احمد صاحب ۽ قاضي عبدالستار صاحب جي اڄ اسان جيڪي به ڪجهه آهيون سو انهن شخصيتن جي محنتن ۽ دعائن جي ڪري آهيون، سائين نور محمد جيڪڏهين اهي ادارا قائم نه ڪري وڃي ها ته شايد اسان کي تعليم حاصل ڪرڻ جو اهڙو موقعو نه ملي ها. جيڪو نور محمد هاءِ اسڪول، مسلم هاسٽل ۽ مسلم ڪاليج جي قائم ٿيڻ ڪري مليو آهي.

ورسيءَ جي تقريبات ملهائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهي ويئي جنهن جا ان وقت ميمبر مقرر ڪيا ويا، ليڪن مختلف ميٽنگن ۾ صرف پنج يا ڇهه ميمبرن شريڪ ٿيندا رهيا ۽ باقي ميمبر پنهنجي مصروفيات جي ڪري حاضر نه ٿي پئي سگهيا.

ورسي ملاٽڻ جي سلسلي ۾ پهرين گڏجاڻي محترم انور بچاڻي صاحب جي ڊفينس واري بنگلي تي ٿي ۽ ٻي گڏجاڻي به بچاڻي صاحب طرفان جيمخانه ۾ ڏنل لنچ پارٽي ۾ ٿي. ان کان پوءِ باقي چار يا پنج گڏجاڻيون شهيد غني اسپتال ۾ ٿيون جن ۾ قاضي عبدالستار صاحب، ادريس احمد صاحب، محترم گل محمد سهتو صاحب، سليم شيخ صاحب کان علاوه اسان ٽيئي

آفيس بيئرز ۽ مستقل طور تي ائسوسيئيشن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ۽ ٽائيم ڪيندڙ خميسو خان ناهيون. صدر، عزيز الله ڳنڀير، جنرل سيڪريٽري ۽ حافظ عبدالرحيم جمالي خزانچي شريڪ ٿيندا رهياسيون.

ورسيءَ جي سلسلي ۾ اول اهو خيال هو ته گورنر سنڌ يا وڏي وزير کي گهرائي صدارت ڪرائي وڃي ۽ ورسي ملهائڻ جو پروگرام ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ رٿيو وڃي. پر پوءِ مالي مشڪلاتن ۾ ورسيءَ جي پروگرامن کي سرڪاري پروٽوڪول جو شڪار بنائڻ جي بجاءِ اهو طي ڪيو ويو ته ورسي نور محمد هاءِ اسڪول جي سينٽرل هال ۾ ملهائي وڃي جيئن ان موقعي تي پنهنجي دانش گاهه علمي مرڪز جي روح پرور نظارن کي ڏسي ڪري پنهنجيون پراڻيون يادون تازه ڪيون وڃن ۽ سامهون مسلم ڪاليج جي عمارت کي ڏسي ڪري ڪاليج واري بي فڪري ۾ انتهائي جوڀن وارن ڏينهن واريون پراڻيون يادگيريون تازه ڪجن.

ڏسي هي اسڪول ۽ ڪاليج جا نظارا
اڄن تا ياد اهي ڏينهن پيارا
جن ڏينهن ۾ هوندا هئاسين بيفرا
هئاسي ئي ڏينهن اسان جي جواني ۽ جوڀن وارا

اڄ ورسي اوهان جي سامهون ملهائجي رهي آهي اچو ته عهد ڪريون، اچو ته وچن ڪريون پنهنجي ويڙهيچن سان، سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن سان، ته پيدا ڪنداسون الفت ائسوسيئيشن سان، حاصل ڪنداسون هي هاسٽل، جتي گهڻ مقاصد تعليمي ادارا، اسڪول، ڪاليج ۽ هاسٽلون قائم ڪبيون. هاسٽل جي قبضي ملڻ ڪان پوءِ ائسوسيئيشن جي آفيس انشاء الله اتيئي قائم ڪجي ۽ غريب ڀهراڙي جي شاگردن کي اسڪالر شپون ڏنيون ويندون ۽ ٻيا ڀلائي جا ڪم ڪبا. انشاءَ الله.

(النور ميگزين، 1994ع تان ورتل)

## انصافي انصاف، تہ وري بہ ووٽ نور محمد کي

نور محمد وڪيل

دو اين دريائي بي پايان درين طوفان شور افزا

دل افگنديم بسم الله مجريها و مرسله

عرض بخدمت جميع راءِ دهند گان (ووٽر صاحبان) حلقہ 1. ضلع حيدرآباد

1. بعد سلام مسنون جي عرض تہ اوهان صاحبن جي مهرباني ۽ قدر داني تي ڀروسو رکي، آءٌ بمبئي ڪاميٽي جي ميمبريءَ لاءِ اميد وار بيٺو آهيان ۽ مونکي انهن صاحبن ۾ پوري اميد آهي تہ هن ڀيري بہ اوهان صاحب منهنجي مدد ڪري مونکي ڪامياب ڪرڻ فرمائيندا.

2 ايترو عرض ڪرڻ واجب ٿو سمجهان تہ ڪائونسل ڪانسواءِ ڪائونسل کان ٻاهر مون قومي ۽ انهي سان گڏ خاص ڪري ضلع حيدرآباد جي خدمت ڪرڻ پنهنجو وڏو فرض ۽ فخر پئي سمجهيو آهي. انهي خيال سان مون قوم جي صحيح ترجماني پئي ڪئي آهي.

**تعليم**

3. منهنجي ناقص عقل ۾ اسان جي قوم سنڌ ۾ ڪڏهن بہ ترقي جي منزل تي پهچي ڪين سگهندي، جيستائين اسين تعليم ۾ پٺتي پيل آهيون انهي ڪري ڪائونسل جي ٻاهر مون پنهنجي وقت جو وڏو حصو تعليم جي آبياريءَ لاءِ صرف پئي ڪيو آهي. جو اميد تہ اوهين ضروري ڪم سمجهندا. الله تبارڪ و تعاليٰ جا لک احسان شڪرانا آهن جو حيدرآباد ۾ مسلم بورڊنگ هائوس ۾ منظور ٿي ويو آهي ۽ انهي سان گڏ انگريزي مسلم اسڪول شهر حيدرآباد جي فائدي لاءِ جاري ڪيو اٿم. مون کي پوري اميد آهي تہ اوهان صاحبن جي همدردي سان اهو بورڊنگ هائوس پڪي پختي پايہ تي قائم ٿي ويندو ۽ انگريزي مسلم اسڪول وڏي هاءِ اسڪول جي درجي تائين انشاءَ الله تعاليٰ جلد پهچندو.

4. اڄ جيڪڏهن اوهين صاحب حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏي نظر ڪندا ته اوهان صاحب خاصو تعداد مسلمان شاگردن جو انهي اسڪول ۾ ڏسندا جو منهنجي ميمبري ڪان اڳ نه هو. اهو تعداد انهي ڪري وڌيو جو اسڪول ۾ مسلمان شاگردن جي داخلا واسطي اوهان صاحبن سان گڏ آءٌ به ڪوشش ڪريان ٿو ۽ مسلم شاگردن جي داخلا لاءِ مقرر تعداد سرڪار ڪان منظور ڪرائڻ جي ڪوشش ورتي هيم.

5. سنڌ ۾ اسان جي قوم جي ٻارن جو وڏو حصو ملن صاحبن جي مڪتبن ۾ پڙهي ٿو. جن تي نه سرڪار پئسو تي خرچ ڪري ۽ نه انهن ڪي سڌارڻ جي ڪوشش ٿي ڪري جنهن ڪري ملان اسڪولن گهٽي ترقي نه ڪئي آهي ۽ اسان جي تعليم ڪي انهي ڪري گهٽي شڪست رسي آهي. انهي ملان اسڪولن جي سڌاري لاءِ انهن تي ڪافي خرچ ڪرڻ لاءِ مون وقت بوقت ڪائونسل ۾ ڪوشش ورتي آهي. سرڪار جي ڪاميٽي انهن اسڪولن ڪي جاچڻ لاءِ مقرر ڪئي، جنهن جو آءٌ مميبر هوس اسان سرڪار ڪي ملان مڪتبن جي سڌارڻ لاءِ رپورٽ جي صورت ۾ سفارشون به موڪليون جي گهٽي وقت تائين ته سرڪار جي گوڏي هيٺ رکي ڇڏيون، پر سرڪار جي انهيءَ ڪم توجهي برخلاف مون پئي پڪاريو ۽ هينئر آخر سرڪار انهيءَ رپورٽ جي سفارش تي قدم کڻڻ لاءِ تيار ٿي آهي. مونکي خوشي آهي ته هاڻي ملان مڪتبن لاءِ سرڪار جي طرفان وڌيڪ ڪوشش ٿيندي ۽ سرڪار ڪي سڌارا عمل ۾ آڻڻ تي عمل آڻڻ واري آهي.

6. سرڪار جي طرفان هارٽاگ ڪميٽي نالي هڪ ڪميٽي هندستان ۾ تعليمي سڌارن ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ تعليم جي واڌاري ڪي جاچڻ لاءِ گذريل سال مقرر ٿي هئي انهيءَ ڪميٽيءَ ڪي مون مسلمانن جي موجوده تعليمي حالت تي پنهنجي شاهدي وٺي موڪلي جنهن ۾ انگن اکرن سان ڏيکاريو ويو ته سرڪار جي طرفان اسان جي قوم سان ڪيتري نه بي انصافي تعليم جي ڪم ۾ ٿي آهي. هي پهريون ئي دفعو آهي، جو ڪنهن سرڪاري ڪميٽيءَ قبول ڪيو

آهي تہ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ڏي سرڪار جي طرفان پورو خيال نہ ڪيو ويو هو ۽ جيڪي مون پنهنجي بيان ۾ ظاهر ڪيو. تنهنجا مکيہ حصا انهيءَ ڪاميٽي قبول ڪيا آهن. اهو بيان انگريزي زبان ۾ رسالي جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي ۽ انشاءَ الله تعاليٰ جلد انهيءَ جو ترجمو سنڌي ۾ ڪري اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس.

7. بمبئيءَ يونيورسٽي جا هن علائقي ۾ انگريزي تعليمي جو بندوبست ٿي ڪري تنهن تي مسلمان عيوضين جو پورو تعداد مقرر ٿيڻ لاءِ مون سرڪار جي تعليمي وزير سان جيڪا چٺا پيٽي ڪئي آهي ،سا سڀ ڪائونسل جي ڪتابن ۾ ڇاپيل آهي. انڌيري شهر ۾ مسلمانن لاءِ "اسماعيل ڪاليج" کولڻ جي برخلاف جا هندو ميمبرن صاحبن شورش پيدا ڪئي تنهن جي مخالفت ۾ جيڪو ڪم مون ڪيو سو بہ ڪائونسل جي ڪتابن ۾ ڏيڪاريل آهي ۽ هنن جي اها شورش ڪامياب ڪانہ ٿي ۽ ڪائونسل ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ جي رٿ پاس ٿي ويئي.

8. اهي تہ تعليمي ڪم آهن جي ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر ٻيو ڪيترو تعليمي ڪم آهي جو چپ چاپ خاموشيءَ سان ڪرڻو ٿو پوي ۽ جنهن جي نمائش نہ ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ڪري سگهجي ٿي.

**زميندار ي اهنج**

9. زميندار ي اهنجن بابت ايترو عرض ڪندس تہ جڏهن بہ مون ڪي ڪنهن اهنج ايذاءُ يا تڪليف کان واقف ڪيو ويو آهي تہ انهن جي لاهڻ لاءِ مون ڪوشش ورتي آهي. نتيجو خداوند ڪريم جي هٿ ۾ آهي، مگر ڪوشش وٺڻ منهنجو فرض آهي ۽ انهيءَ اصول تي مون پٺي ڪم ڪيو آهي.

10. مون کي پڪ آهي تہ سکر بئراج جي واهن کلڻ کان پوءِ قليلي واهہ سان نسورو ظلم ٿيندو. ماڊيول جيڪي هاڻي شاخن ۽ ڪڙين تي وڌا پيا وڃن تن مان پاڻيءَ جو واڌارو قليلي واهہ ۾ ڪونہ ٿيندو. اوهان صاحبن مان جيڪڏهن ڪن صاحبن جو اجا بہ خيال آهي تہ فقط ماڊيول پوڻ ڪري واهن جي پڇڙين کي

بئراج کلڻ کانپوءِ بہ پاڻي ملندو تہ اهي صاحب مهرباني کري اهو خيال لاهي ڇڏيو. جيڪڏهن خود پاڻي ڪونہ هوندو تہ پوءِ ماڊيول ڪٿان پاڻي پيدا ڪندا انهيءَ خيال ڪري ڇهن ورهين کان منهنجي ڪوشش ڪائونسل ۾ اها هئي تہ اول سرڪار ڦليليءَ ۾ پاڻي ميسر ڪرڻ جو بندوبست ڪري ۽ پوءِ واهن تي ماڊيول وجهي. هر سال سرڪار کي ماڊيول وجهڻ جي خيال تان پئي لاٿو سين مگر افسوس اٿم تہ اوهان صاحبن جي خيالن ۾ گذريل سال ڪجهہ اختلاف ٿيڻ ڪري سرڪار کي همت اچي ويئي ۽ ڦليلي آئنده پوري پاڻي آڻڻ جي ڳالهہ تہ اتي جو اتي رهجي ويئي ۽ اسان جي سخت محنت هوندي بہ سرڪار ماڊيولن جي رٽ پاس ڪرائي. منهنجي راءِ اجا بہ اها آهي تہ ڦليليءَ جا سڀ زميندار گڏجي اها طلب ڪن تہ بئراج جي کلڻ ڪري ڦليليءَ ۾ پاڻيءَ جي شڪست ٿيندي تنهن تي سرڪار ڦليلي واهہ ۾ پاڻي آڻڻ جو بندوبست ڪري، ڇو تہ ربيع جي موسم ۾ ڦليليءَ ۾ پاڻي اصل ڪونہ هوندو. خريف ۾ ايترو ٿورو هوندو جو هرلامس وهي سگهندا. اجا بہ وقت ڪونہ ويو آهي جيڪڏهن اوهين ڪوشش وٺندا تہ اوهان صاحب جي لاءِ انهي بابت ڪجهہ ڪم ڪرڻ آسان ٿي پوندو.

11. ماڊيول پوڻ کان پوءِ بہ جو درياهہ ۾ ايترو پاڻي هئڻ هوندي بہ ڪڙين ۽ شاخن جي پڇڙين ۾ پاڻي يا بلڪل گهٽ اچي ٿو، تنهن بابت جن زميندار مون کي احوال موڪليو هوسي لکپڙهون ۽ تار سرڪار ۾ پيش ڪيون آهن ۽ سرڪار انهن بابت جاچ ڪرائي رهي آهي. آءٌ اوهان صاحبن کي يقين ٿو ڏياران تہ اوهان صاحبن جا اهنج آءٌ پنهنجا اهنج ڪري ٿو سمجهان ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ وڌيڪ چوڻ جي شايد نہ آهي.

12. بئراج جي زمينن جي تقسيم بابت جو ڪائونسل جي ميمبرن ڪائونسل ۾ جوش پيدا ڪيو تہ سنڌ جي زميندارن کي بئراج جي زمينن ڏيڻ ۾ سرڪار ڪابہ مروت وغيره ۾ ڪانہ ڪري، بلڪ سنڌ کان ٻاهر جيڪي ملڪ ڪيرا ۽ رتنا گري ضلعا آهن، تن مان ماڻهو ڪيتي لاءِ جيڪي ملڪ ۾ آڻي هت آباد ڪري، تنهن جي مون مخالفت ڪئي آهي ۽ هنن کي انهيءَ ۾ ڪاميابي

ملي. انهيءَ ڪانسواءِ نوبت ۽ مهاڳن واري زمين ڏيڻ ۾ جا سختي سرڪار قسطن ونڻ ۾ ڪري ٿي، لهرائڻ ۾ ڪوشش پئي ورتي اٿم. ڍل جي هٽائڻ جي فائدي ۾ رهيو آهيان ۽ انهيءَ جو مثال اهو ٿنبي ڊويزن ۾ جو ڍلن جو نرخ وڌايو پئي ويو سو وڌڻ نہ ڏنو ويو.

13. زميندارن جي جيڪا زمين نوبت ۾ ويل هئي، سا موٽائي ڏيڻ ڪان سرڪار پئي نٽايو. آخر انهي تي ويچار ڪرڻ لاءِ سرڪار ڪان هڪ ڪاميٽي مقرر ڪرائيسين ، جنهن جو آءٌ بہ ميمبر هوس، سرڪار اسان جون سپ رٿون قبول نہ ڪيون، پر جيڪي بہ ٿورو گهٽو انهن نتيجو نڪتو تنهن مان اوهان صاحبن ڏٺو آهي تہ انهن کي فائدو ٿيو آهي.

14. ٻوڏين ڪري يا برساتين ڪري جڏهن بہ نقصان سنڌ ۾ ٿيو آهي، تڏهن مون بروقت ئي ڪائونسل ۾ سرڪار کي مدد لاءِ پڪاريو آهي. افسوس اٿم تہ گذايل سال سرڪار ٻوڏين جي ستايلن ماڻهن جي مدد جو ڪم ڪاميٽين کي سپرد ڪيو. جنهن ڪري منهنجي نظر ۾ حقدارن کي پورو حق نہ مليو. انهيءَ تي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو جو مون ڪائونسل ۾ انهيءَ بابت سخت پڪاريو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هن سال سرڪار اهو ڪم ورتي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو آهي ۽ ڪاميٽين کي سپرد نہ ڪيو اٿس.

**سنڌ جي بمبئيءَ ڪان جدائي**

15. سنڌ جي جدا ٿيڻ بابت آئون اهو عرض ڪندس تہ ڪائونسل ۾ ستن ورهين ڪان آئون انهيءَ بابت طلب ڪريان پيو ۽ منهنجو خيال آهي تہ سنڌ جلد ڌار ٿيندي.

16. اهو اوهان صاحبن کي ٻڌائڻ ضرور ٿو سمجهان تہ سائمن ڪميشن سان گڏ وهڻ لاءِ بمبئي ڪائونسل جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي هئي تنهن تي ميمبر ٿي رهڻ ڪان مون پاڻ انڪار ڪيو جو مون ڏٺو تہ اوهان صاحبن ساڻ گهٽن جو اهو رخ هو جيڪڏهن آئون انهيءَ ڪميٽيءَ تي وجان ها تہ اتي مان سنڌ جي جدا ٿيڻ بابت چوڻ يا لکڻ ڪان ڪو نہ روڪجان ها.

17. بئراج جي حدن ۾ جيڪي مسجدون سکر ضلعي ۾ شهيد ٿيون هيون سي مون پاڻ وجي ڏٺيون هيون ۽ حضرت مولانا مولوي تاج محمد صاحب امروٽي مرحوم مغفور جي حڪم ۽ هدايت موجب پنهنجي اسلامي عقيده موجب انهن جي تعمير لاءِ مون ئي اول اڪيلي سوال پئي وڌا ۽ هميشه ڪوشش پئي ورتي. شڪر الحمد الله جو آخر متفقه ڪوشش بعد هاڻي انهيءَ دل ڏکوئيندڙ معاملي جو خير خوبي سان فيصلو ٿي ويو آهي.

**نوڪريون**

18. نوڪرين ونڊائي ڏيڻ بابت فقط ايترو چوندس ته جڏهن به ڪنهن مسلمان مونکي پنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ چيو آهي ته مون گس گساءُ ڪونه ڪيو آهي ۽ جيڪي منهنجي وس پڄندي هن لاءِ مون کان ٿيو آهي تنهن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن ستايل سرڪاري نوڪر مون سان پنهنجو احوال ڪيو آهي ته هن سان همدرديءَ سان هلڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪئي اٿم ۽ جيڪڏهن ڪنهن مسلمان ٻار تعليم وٺڻ لاءِ چاهه ڏيکاريو آهي ته انهيءَ ٻار سان به مدد پئي ڪئي آهي.

19. افسوس اٿم ته چوندي هئڻ ڪري مٿيون بيان مونکي لکڻو پيو آهي نه ته منهنجي اصل مرضي نه هئي ته هي اظهار حال اوهان صاحبن روبرو پيش ڪريان. ڇاڪاڻ ته اوهان صاحبان مان گهڻا هاڻ مون کان واقف ٿي ويا آهن ۽ اوهان صاحب خود پنهنجو خيال ووٽن بابت ٻڌاري سگهو. پر دوستن جي صلاح ملي اٿم ته آئون پنهنجو عرض اوهان صاحبن جي روبرو پيش ڪريان تنهن ڪان هي سٽون خدمت ۾ موڪليان ٿو.

**آخر ۾ عرض**

20. جيڪڏهن اوهين صاحب "انصافي" اندر موجب سمجهو ته آئون اوهان صاحبن جي خدمت جي لائق آهيان ته پوءِ اوهان صاحبن کي عرض ڪريان ٿو ته ان ڪري پنهنجا ٻئي ووٽ مونکي ڏيڻ فرمائيندا هن سال مقابلو اڳين سالن کان به وڌيڪ آهي.

21. آئون سيني ووٽرن صاحبن وٽ حاضر ٿي نہ ٿو سگھان، تنهن ڪري از روءِ همدردي منهنجي اها سهو بہ معاف ڪرڻ فرمائيندا.

22. منهنجو نشان هن دفعي "ونڻ" جو آهي انهي ڪري مون کي مهرباني ڪري بہ منڌئيڙا ڏيڻ فرمائيندا جيئن ڏيڪاريل آهي.

23. مون جيڪي متي عرض ڪيو آهي، سو فقط انهن ڪمن بابت آهي جيڪي ٿي چڪا آهن ۽ جي بحث هيٺ آهن. باقي ٻيا سوال وغيره جي پيش ڪيا اٿم يا آئنده ڪائونسل ۾ پيش ڪرڻا اٿم، تن جو بيان ڪندس تہ هيءَ وڏي وڏو ٿيندو.

24. پڇاڙيءَ ۾ منهنجو عرض آهي تہ هيءُ عريضو پڙهڻ مهرباني ڪري تڪليف معاف ڪري ٻين ووٽرن صاحبن کي پهچائڻ فرمائيندا ۽ پڙهي ٻڌائڻ فرمائيندا تہ احسانمند رهندس.

25. منهنجي طرفان موٽر، گاڏيءَ وغيره جو بندوبست نہ آهي، تنهنڪري مهرباني ڪري تڪليف معاف ڪري ووٽ ڏيڻ جي جاءِ تي پاڻهي وجي ووٽ داخل ڪري مون کي ممنون ڪرڻ فرمائيندا. والسلام.

حيدرآباد سنڌ

آگسٽ 1930

خاڪسار نور محمد وڪيل

(خان بهادر نور محمد لاکير جي اليڪشن ۾ مهم لاءِ شايع ٿيل تقرير 1930ع)

## سنڌين جي تعليم

### نور محمد وڪيل

هن وقت پرائمري تعليم جو انتظام ڪيترن ئي لوڪل باڊيز جي اختيار هيٺ هلي رهيو آهي، جن کي "لوڪل اٿارٽيز" چيو وڃي ٿو ۽ اهو 1923ع جي پرائمري واري تعليمي قانون ۽ اُتي ٺاهيل ضابطن ان جي وڏيڪ ذيلي حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي، جن ۾ اسڪول بورڊ ۽ حڪومت جي مدد سان ملان اسڪول شامل آهن. ثانوي تعليم پڻ اعليٰ حڪومت جي سوچ جو مرڪز آهي،پر ان جي پاليسين، اصولن يا طريقن ۽ مقصدن ۾ ڪو رابطو ۽ هم آهنگي نہ آهي. سڄي نظام ۾ فني تعليم جو مڪمل فقدان آهي.

تعليم هڪ ڊگهي عرصي کان منتقليءَ جو موضوع رهيو آهي. ان جي سمورن شعبن ۾ سرگرمين کي "سنڌ ايجوڪيشن ايڪٽ" جي هدايت هيٺ "مرڪزي بورڊ آف ايجوڪيشن" جي معرفت هلائڻ گهرجي. ان ڪري ضرورت آهي تہ نئون "سنڌ ايجوڪيشن ايڪٽ" آندو وڃي ۽ نئون "سنڌ ايجوڪيشن بورڊ" قائم ڪيو وڃي. اهو بورڊ وڏين لوڪل اٿارٽيز جي نمائندن تي مشتمل هجي، جنهن ۾ تعليمي شهرت رکندڙ ڪجهہ اهم ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي. ان جي جوڙجڪ ڊگهي نہ هجڻ گهرجي. ان ۾ هڪ پگهاردار سيڪريٽري مقرر ڪيو وڃي. تجويز ڪيل بورڊ مختلف لوڪل اٿارٽيز جي وسيلن کي وڌائڻ لاءِ متفقہ پاليسي جوڙڻ جو ذميوار هجي. ان کي ڪلاس- 1 جي آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جي حوالي سان سفارشي اختيار هجڻ گهرجن. تجويز ڪيل نئون بورڊ اهڙيءَ طرح عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ مضبوط رابطا قائم ڪرڻ جو ڪردار پڻ ادا ڪري سگهندو.

مرڪزي بورڊ جي ڪمن کي ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏيڻ خاطر 12 مهينن لاءِ هڪ خاص آفيسر مقرر ڪيو وڃي، جيڪو حڪومت ۽ مرڪزي بورڊ لاءِ تعليم جي ابتدائي سروي موجوده حالتن (حقائق، انگن اکرن ۽ ماليات)

بابت جامع رپورٽ پيش ڪري ۽ ٻڌائي ته ڇا ڪرڻ ۽ ڪيئن ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان رپورٽ جي آڌار تي نصاب لاءِ ضابطن ۽ قاعدن جو حتمي مسودو جوڙيو ويو. اندازو آهي ته ان مقصد لاءِ اٽڪل 10,000/_ رپيا گهربل هوندا ۽ ان خرچ کي جائز سمجهيو ويو.

## اسڪولن جا انتظامي معاملا

موجوده ٻٽي نظام کي ختم ڪيو ويو. ان جي بدران، سڀني قسمن جي پرائمري، سيڪنڊري، اعليٰ، ٽيڪنيڪل ۽ عورتن جي تعليم لاءِ هڪ واحد ڪنٽرولنگ ايجنسي کي تسليم ڪيو ويو. جيڪڏهن اهو قبول ڪيو ويو ته سڀئي ملان اسڪول لازمي طور تي مقامي اختيارين جي خاص ڪوڊ تحت ۽ سڀني ڇوڪرين جا اسڪول عورتن جي انسپيڪشن ايجنسي جي طرفان منظم ڪيا وڃن. ان سلسلي ۾ هيٺين پوسٽن جي ضرورت ختم ٿي ويندي:

1. DPI جو ذاتي اسسٽنٽ

2. مسلمانن جي تعليم لاءِ سينيئر اسسٽنٽ ڊپٽيز جون 3 پوسٽون.

3. 9 اسسٽنٽ جون پوسٽون نمبر 2 کان مٿي.

4. D.P.I 8 لاءِ پرسنل اسسٽنٽ، ان جي بدران

(1) ڊي پي جي اسسٽنٽ جي پوسٽ. 1. مسلمانن جي تعليم لاءِ بنگال پريزيڊنسيءَ وانگر تي ٿاهي وڃي.

(2) انسپيڪٽرز آف اسڪولز جون 2 پوسٽون، هڪ اپر لاءِ ۽ هڪ لوئر سنڌ لاءِ هر هڪ لاءِ 2 اسسٽنٽ.

(3) پوسٽن نمبر 2 ۽ 3 جي خاتمي سان مقامي اختيارين جي خدمت ۾ سپروائيزرن جي تعداد ۾ ڪجهه اضافو ڪرڻو پوندو.

ان سلسلي ۾ باقاعده قاعده ۽ ضابطا ٺاهڻا پوندا، جن سان انتظام کي بهتر نموني هلائي سگهجي. بهرحال ان ڳالهه تي غور ڪرڻ ضروري آهي ته هاءِ اسڪولن جي هيڊ ماسترن، هيڊ انسپيڪٽرز آف اسڪولز، پرنسيپالن،

ٽريننگ ڪاليجن ۽ انسپيڪٽرن جي پوسٽن کي لوڪل اٿارٽيز جي اسسٽنٽ آفيسرن جي برابر ساڳئي ڪيڊر ۾ آڻيو پوندو.

مختلف آفيسن ۾ سمورن اسسٽنٽ جي پوسٽن تي مرد ۽ عورت جا الڳ الڳ ڪلاس هوندا. ڪلريڪل، تدريسي ۽ معمولي اسٽاف جي سار سنڀال جي ذميواري لوڪل باڊيز وٽ هجي. ڪلاس I جا آفيسر حڪومت طرفان سفارش ڪيل ”سنڌ ايجوڪيشن بورڊ“ پاران مقرر ڪيا وڃن ۽ ڪلاس II آفيسرن جي سفارش لوڪل اٿارٽيز ڪري ۽ ڊي پي آءِ پاران مقرر ڪئي وڃي. انهن جي بدلي ۽ عارضي مقررين لاءِ ضابطا جوڙيا وڃن.

**پاليسيون**

جيترو ممڪن ٿي سگهي ته پرائمري اسڪولن ۽ اعليٰ تعليم ۾ گرانٽ اِن امداد جي سرشتي جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي. عوامي همدردي ۽ حمايت تمام وڏي پيماني تي دستياب ٿيڻ گهرجي. هاءِ اسڪول ۽ پرائمري اسڪول، جيڪي صحيح نموني ڪم نه ڪري رهيا آهن، انهن کي يا ته بند ڪيو وڃي يا گرانٽ ۽ امداد واري نظام ۾ منتقل ڪيو وڃي.

تعليمي ڪتابن جي هڪ خاص مرحلي تي، مناسب حد تائين پيشيور سکيا جو به بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن شاگردن جي لاءِ باعزت روزگار جو به بندوبست ٿي سگهي. پرائمري تعليم جي دائري ۾ 75 يا ان کان وڌيڪ شاگرد رکندڙ اسڪولن کي برقرار رکڻ لاءِ في شاگرد کي 15/_ رپيا جي لاڳت سان مقرر ڪيو وڃي ته جيئن اسڪولن ۾ معاشي استحڪام اچي سگهي. ان کان علاوه سيني پرائمري اسڪولن کي (1) پهرئين درجي جي اسڪولن ۽ (2) ٻئين درجي جي اسڪولن ۾ ورهايو وڃي، يعني جيڪي مقامي نصاب تائين پڙهن ٿا، انهن کي صرف 4 يا 5 معيارن تائين ختم ڪيو وڃي.

**پيون صلاحون**

هن وقت جيڪي قيمتي سرڪاري پلاٽ ڊي. پي. او آفيس جي قبضي ۾ آهن، انهن کي عوام کي وڪرو ڪيو وڃي ۽ آمدني مان سيڪريٽريٽ

گرائونڊ پرسان سرڪاري زمين تي نئين آفيس قائم ڪئي وڃي. ڏنو وڃي ته گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جي به هاڻي ضرورت نه رهي آهي ڇو ته سرڪاري ادارا مختلف علائقن جي ضرورتن کي اطمينان سان پورو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اهو تسليم ڪيو وڃي ته ان زمين جي ٽڪري مان لکين پئسا ڪمائي سگهجن ٿا.

مقامي يا ٻين صنعتن ۾ ٽيڪنيڪل تعليم جو هڪ نيٽ ورڪ قائم ڪيو وڃي، جنهن سان نصابي تعصب يا ڪلاسن جي سکيا سان جڙيل ڳوناڳون مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ ڊگهو رستو ملي پوندو. ان ڪم ۾ هڪ ننڍڙي هاسٽل، عوامي مدد ۽ ٿوري اسڪالرشپ جي ضرورت پوندي. ان سلسلي ۾ هڪ انسپيڪٽر آف انڊسٽري جي پوسٽ جي وڌائڻ جي ضرورت پوندي. ڪراچي جهڙن وڏن مرڪزن ۾ اعليٰ قسم جي صنعتن ۽ ڪمرشل ڪلاسن ۾ اسڪالرشپ جي مدد سان ورڪشاپ ۽ فرم ۾ اپرنٽس طور پڙهائڻ سان پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ بيروزگاري جو مسئلو ڪافي حد تائين حل ٿي ويندو. المختصر جونيئر ۽ سينيئر ٽيڪنيڪل ڪلاس شروع ٿيڻ گهرجن.

جيئن ته عورتن جي تعليم لاءِ ڪجهه ليڊي سپروائيزرن جون مقرريون ڪرڻيون پونديون. استادن جي صحيح مقرريءَ لاءِ خاص ڪوششون ڪرڻيون پونديون ابتدائي طور تي ڇوڪرين جي تعليم رضاڪارانه بنياد تي ڪرڻي پوندي، جڏهن ڪا مجبوري ٿيندي ته عورتن جي انسپيڪشن ايجنسي عمل ڪندي.

(نور محمد لاکير 2 مئي 1937ع تي لکيل تعليم جي سلسلي ۾ آخري مضمون جو سنڌي ترجمو)

## ميرپورخاص مان محمد هاشم مخلص خط، 20 اپريل 1920ع

دفتر اخبار "مسلمان"

ميرپورخاص، 20 اپريل 1920ع

جناب من

بهتر ڪيس مئجسٽريٽ نہ رکيو. وڪيل منهنجو ڪوبہ ڪونہ هو. درخواست ڏنم تہ غلام حسين جي تار بہ آئي، پر تڏهن بہ انڪار ڪيائين. ڪيس هلائي جانچ رکي اٿس، شنوائي بہ 20 جولاءِ تي رکيل آهي. سنڌ مدرسي واري ايڊيٽر لاءِ قاضي عبدالقيوم جي ڪوشش سان ڪيترا هندو ۽ مسلمان گڏجي ڪليڪٽر وٽ ويا ۽ هاڻي گهر يا جائز قبول ڪيل درخواست وٽي موڪلي آهي. آءٌ فقط اوهان صاحبن جي انتظار ۾ آهيان اميد تہ اوهان صاحب مسٽر غلام خان حسين صاحب سان پوري طرح ملي حال احوال جو پورو بندوبست ڪري مونکي هڪدم تار جي رستي خبر ڏيندا تہ ڇا ڪريان. انهي اثر ٿي رهندس. ان ڪان وڏيڪ جيڪي بہ اوهان صاحبن ڪان ٿي سگهي سا ڪوشش ڪندا. اوهان ۾ اميدون گهڻيون آهن. زياده ڇا لکان.

محمد هاشم مخلص

## ميرپور خاص مان محمد هاشم مخلص جو خط، 22 جولاءِ 1920ع

دفتر اخبار "مسلمان"

ميرپور خاص، 22 جولاءِ 1920ع

تسليم! ڪيس 20 تاريخ تي هليو. مسٽر غلام حسين حيدرآباد ڪان ڪليڪٽر ڪي تار ڪئي ته گاڏي اچڻ تائين ڪيس رکو ۽ مون به درخواست ڏني ته پر ڪيس مهمل نه ڪيائين. شاهد فقط فريادي هو ته مونکي چيائين ته فريادي ڪان سوال ڪر. مون چيو ته منهنجو وڪيل پڇا ڪندو. چيائين ته پوءِ وجهه نه ڏيندس. آخر چارج رکي 4 شاهد بروقت ڏنم ۽ هت بي ڏينهن پهريان منظور ۽ پوئين درخواست اها حالت آهي. هاڻي اسان جون اکيون انهن طرف ڪتل آهن. جيسين اتي ڪو بلو نه ڪنداسين ڪجهه به نه ٿيندو. مٿان اتي گهٽائي ڪم جي سڀ غريب وسري وڃن. سڄي سنڌ جون اکيون اوهان ۾ آهن . شنوائي 30 تاريخ تي رکيل آهي.

سنڌ مدرسه وارا قاضي عبدالقيوم جي صلاح سان معافي گهرڻ ويا، پر ڪليڪٽر جواب ڏنو ته اوهان جي وفد ملڻ سان مونکي اعتراض نه آهي، پر جنهن صورت ۾ هڪ مسلمان اخبار به زير مقدمه آهي انهي صورت ۾ هو معافي ڏيئي نٿو سگهي.

ڪالهه رات حاجي عبدالله هارون صاحب به بمبئي روانو ٿيو آهي ان ۾ گهڻي همت بهادري آهي، پر سڄو بار اوهان صاحبن تي آهي. آءٌ پاڻ اچان ها، پر لاچار آهيان. زياده ڇا لکان.

اميد ته اوهان صاحبن جي اچڻ تائين ڪيس مهمل ڪرايو ويندو.

محمد هاشم مخلص

## ميرپور خاص مان محمد هاشم مخلص جو خط، 10 ڊسمبر 1920ع

10 ڊسمبر 1920ع

خط فلفور پهتو. سائين منهنجا مونکي غلط فهمي ڪانہ ٿي آهي، پر خان بهادر کي ٿي آهي. ڳالھ هن طرح آهي تہ ان تي خان بهادر اعظم خان ۽ پير غلام شاھ مون کي چيو تہ هاڻي ڪوبہ مضمون مسٽر کهڙي بابت نہ لکجو. جنهن تي مون جواب ڏنو تہ باقي هڪ مضمون لکندس. تنهن تي چيائين تہ مسٽر نور محمد ۽ کهڙي وارن جي ناسازي آهي، تنهنڪري مبادا مسٽر نور محمد ڪجھ اوهان (مخلص) کي چئي تہ اهو خيال رکندا. مون جواب ڏنو تہ مسٽر نور محمد جو هنن ڳالهين سان ڪو واسطو نہ آهي. بس انکان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ.

حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهيان. مضمون بہ موڪليل آهي.

محمد هاشم مخلص

## جيڪب آباد مان مير شير محمد خان بجاراڻي ۽ جو خط، 1924

جيڪب آباد سنڌ

جناب من

السلام عليڪم ورحمت الله ورحمته

اسان تي جيڪو ضمانت جو بار هو سو خدا تعاليٰ جي فضل ۽ رحم سان ڪالهه تاريخ 2 نومبر 1924 ع تي لاٿو ويو آهي.

جڏهن ته اهو سڀ حال سائين جن جي ڪوشش ۽ عنايت جو نتيجو آهي ان ڪري مان صاحب جو از حد شڪرگذار آهيان. فقط خدمات لائق مخلص ................فرمائيندا رهندا.

فقط

مير شير محمد خان بجاراڻي

## مسٽر غلام علي جو خط، 1 فيبرور 1925ع

عاليشان رفيع مڪان قدر دان ميان نور محمد صاحب

بعد از السلام، گهڻو وقت گذري ويو آهي جو ملڻ ڪونہ ٿيو آهي. هاڻي ٻڌڻ ۾ ٿو اچي تہ وري بمبئي ڏي وڃو ٿا، جو ڪائونسل جو سڏ آهي. اسان کي خبر پئي آهي تہ هن دفعي ڪائونسل ۾ ماستري جي اضافي جو سوال پوندو. يعني ماستري جي پگهار ۽ الائونس وڌڻ جو سوال بابت فيصلو ٿيندو. اڳي بہ اهڙو سوال پيو آهي، پر رڳو هڪ ٻن ووٽن جي ڪري ڪري پيو آهي. هاڻي توهان کي تڪليف ٿي ڏجي تہ مهرباني ڪري اهو سوال پنهنجو سمجهي پاڻ ڪوشش ڪري ماسترن جي بهتري ڪندا.

اميد تہ جناب شاهہ صاحب سيد محمد ڪامل شاهہ بہ ماستري جي فاعدي ۾ ڪوشش ڪندو ۽ توهان کي بہ شاهہ صاحب جو چوڻ انهن باري ۾ ٿيو هوندو. جي اڃان ڪونہ ٿيو هوندو تہ ضرور جلد ٿيندو. اميد تہ هي ڪم توهين پنهنجو سمجهي پورو ڪندا. زياده خير.

تاريخ 1 فيبروري 1925ع

فقط

غلام علي

## ايڊيٽر تنظيم اخبار جو خط. 18 فيبروري 1925ع

Khalifdad  S/O H.S.S. Md
Salah Khan  Bhaya
Zamidar & Editor “Tanzim”
18-2-1925

نور محمد صاحب

بخدمت  جناب نور حمد

بعد السلام عليڪم جي عرض  تہ  اسان ڪي مسلم ليگ وارن وٽان خط آيا آهن تہ ليگ جا ميمبر وڌايو وغيره وغيره.

اخبارن مان معلوم  ٿيو آهي تہ اوهان صاحب ليگ سان شامل نہ ٿيا آهيو ان سبب ليگ قطع تعلق تن جي هٿ آهي جنهن ڪري اسان ۽ اسان جا زميندار ظاهر ظهور ليگ ۾ شامل نٿا ٿيڻ گهرن ڇو تہ منهنجي صلاح آهي تہ جيسين اوهان پنهنجن راين ڪان واقف ڪريو تہ پوءِ اسان ليگ ۾ شامل ٿيون.

اڄوڪي وقت ۾ اسان پورو ارادو ڪيو آهي تہ اوهان جي  پارٽي جو طرف وٺون ڇو تہ قطع تعلق سرڪار ڪان رعايتون گهرڻ يا حق ڇڪڻ عيب ٿا سمجهن ان سبب اوهان جي هٿ ۾ ئي ليگ هئڻ گهرجي.

جواب ڪان جلد مسرور ڪندا.

نياز مند

...........

نوٽ: صحي ڪندڙ جي نالي خبر پئي  نہ سگهي.

## ڪراچيءَ حاجي عبدالله هارون جو خط 6 جنوري 1926

نيپير روڊ

ڪراچي 6 جنوري 1926

بعد اسلام عليڪم اوهان جي بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجي وڃڻ تي آءٌ اوهان کي مبارڪباد ڏيندي رب العالمين جي درگاهه ۾ دعاگو آهيان ته اوهان کي ۽ اسان مان هر هڪ کي خدا تعاليٰ جلشانه، اهڙي قابليت همت ۽ توفيق عطا ڪري جو اسان مان هر هڪ ڪائونسل ميمبر ڪائونسل ۾ سرڪار جو ڪو خيال نه رکي انهن پنهنجن پائرن جي فائدي ۽ ترقي لاءِ ڪم ڪري جن اسان کي پنهنجو عيوضي چونڊيو آهي. ملڪ جي موجوده حالت کان اوهان چڱي طرح واقف آهيو. اج عوام الناس بي حسي ۽ غفلت جي انڌوڪار مان نڪرڻ لڳا آهن ۽ ايتري قدر بيدار تي ويا آهن جو هر هڪ ليڊر ۾ ملڪ ۽ قوم جي ڀلي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي اميد رکن ٿا. جيڪڏهن اسين ايندڙ ٽن سالن ۾ عام ماڻهن جي راين ۽ دلي خواهشن موجب ڪائونسل جي ڪارروائي نه هلائينداسين ته آءٌ يقين سان چئي سگهان ٿو ته اسان کي وري انهن ووٽرن جي اڳيان ڪنڌ به مٿي ڪرڻ جي همت نه ٿيندي جن هن دفعي اسان کي پنهنجو عيوضي چونڊيو آهي. پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ترقي بنسبت ضرور اوهان جي دل ۾ به گهڻو خيال هوندو، پر ڪاميابي جي واسطي ضروري آهي ته اسين جدا جدا خيالن ڇڏائڻ ۽ ڪوشش ڪرڻ جي بدران پاڻ ۾ گڏجي تبادله خيالات ڪري اتفاق قائم ڪري متفق راءِ سان ملي ۽ قومي مسئلن تي غور ڪريون ۽ خاص ڪري سنڌي ضروري امورات کي سمجهون.

سکر بئراج ۽ مسلمانن جي تعليم بابت ته خاص ڪري اوهان کي گهڻو انتظار هوندو. منهنجي خواهش آهي ته اسين سڀ سنڌ جا بمبئي ڪائونسل جا ميمبر ڪائونسل جي اجلاس کان اڳ پاڻ ۾ هڪ هنڌ گڏجي

صلاح مصلحت ڪريون. اوهان کي خبر هوندي ته بمبئي ڪائونسل جو پهريون اجلاس بمبئي ۾ 18 فيبروري 1924ع تي ٿيندو. جيڪڏهن اوهان کي اهو خيال پاڻ ۾ هڪ هنڌ گڏجڻ جو پسند هجي ته مهرباني ڪري خبر ڏيندا ته ڪٿي ۽ ڪڏهن اهڙي پنهنجي ميٽنگ ڪوٺائڻ جي اوهان جي راءِ آهي.

هيو ته نياز مند گهڻي عرصي کان مسلمانن جي تعليم واسطي اهو ضروري سمجهي رهيو آهي ته مسلمان ٻارن کي پڙهائڻ واسطي خاص ڪتاب تيار ڪرايا وڃن.

خدا جي مهرباني سان اهو ڪم هٿ ۾ ڪنيون ويو آهي ۽ ٻاراڻو ڪتاب ڇپجي تيار به ٿي ويو آهي. ٻيا ڪتاب به ڪي تيار آهن ۽ ڇپجي رهيا آهن ۽ ڪي تيار پيا ٿين. اهي ڪتاب حال في الحال سنڌ جي سيني قومي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ جاري ڪيا ويندا. اج اوهان جي ملاخطي لاءِ ٻاراڻون ڪتاب موڪليان ٿو ۽ اميد ته انهي ۽ اهڙن ڪتابن کي وڌيڪ ڪارائتي بنائڻ لاءِ اوهان پنهنجي راءِ موڪلڻ سان ممنون ۽ مشڪور ڪرڻ فرمائيندا.

ٿيون ته اج تائين سنڌي زبان ۾ سياست جو ڪوبه اهڙو ڪتاب ڪونه آهي جو موجوده حالتن ۾ پڙهي فائدو وٺي سگهجي. تازو "ڪمال ۽ زوال" جي نالي سان اهڙو هڪ ڪتاب ابوالحامد جناب مولانا مولوي حڪيم فتح محمد صاحب سيوستاني جو تصنيف ڪيل شايع ٿي چڪو آهي جنهن جي هڪ ڪاپي به تحفي طور ٽپال رستي اوهان کي موڪلجي ٿي جو اميد ته قبول ڪري ممنون ڪندا. هن ڪتاب جي پڙهڻ سان اوهان چڱي طرح محسوس ڪندا ته دنيا ۾ وقت بوقت وڏا انقلاب ٿيندا رهيا آهن ۽ قدرتي قانون موجب اسان جي ملڪ ۾ به هن وقت ڪنهن وڏي انقلاب جا آثار نمودار آهن جنهن لاءِ اڳواٽ تيار ٿي رهڻ ۾ هن ڪتاب جو مطالعو اميد ته اوهان کي گهڻي مدد ڏيندو.

زياده خيرالسلام

نيازمند

حاجي عبدالله هارون

## حيدرآباد مان نور محمد جو جناب ابراهيم ڏانهن خط، 29 فيبروري 1927ع

بخدمت فيض صاحب جناب ابراهيم قبله

بعد آداب قبول جي عرض ته اوهان جو تاريخ 17 وارو خط ڪالهه هتي پهتو. مونکي اڳيون خط اوهان جو اصل ڪونه پهتو آهي. ڪالهڪو خط ئي ميسر اٿم. آءٌ انشاء الله تعاليٰ پهرين يا ٽين تاريخ اچڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندس. اڪيلو ايندس.

شڪر الحمد الله اوهين هاڻي بهتر ٿيا آهيو. مون کي اوهان جي طبيعت جي ناساز ٿيڻ جي خبر پئي ڪالهه شام جو خط اچڻ تي پئي.

ٻين جن ڳالهين جو احوال اوهان خط ۾ ڪيو آهي تن لاءِ اوهين خودمختيار آهيو. آئينده جي خبر نه اوهان کي ٿي سگهي ٿي ۽ نه مونکي. تنهنڪري پڪو پختو ڪم ڪرڻ هميشه چڱو آهي. اوهان کي ته خبر آهي ته آءٌ طمعي نه آهيان. نه ٻين جي دولت کي ڏسي حسد ٿيندو اٿم ۽ نه پنهنجي غريبي تي ڏک ٿيندو اٿم.

هميشه خدا کان اهو گهرندو آهيان ته خدا فقط ايترو ڏيئي جو ڪنهن مائٽ جي به مدد جو محتاج نه ٿيان. خدا ڪارساز آهي ۽ منهنجو هميشه کان انهي تي ڀروسو آهي.

فقط مرڻ گهڙيءَ تائين اهو ڏک رهندم ته ڪنهن ڪنهن وقت اوهين تمام سخت هلت ونو ٿا. پر شايد ضعيف عمر ۾ منهنجو به اهو حال ٿئي جو هاڻي ئي ڪڏهن ڪڏهن آءٌ پاڻ خود ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ حد کان ٻاهر هليو ويندو آهيان ۽ انهي وقت گذرڻ کان پوءِ خيال ايندو اٿم ته اهو شايد اوهان جي وڏن کان وٺي اسان ۾ ڪو اثر هليو ٿو اچي جنهن لاءِ پاڻ تي ڏوهه ڪونه مڙهيندو آهيان.

اوهان کي ته اڳيئي تجربه آهر ته اوهان جي مالي ڳالهين ۾ آءٌ اصل دخل نه ڏيندو آهيان ۽ نه ڏيندس. رهيو خط جو سوال سو مون ايمانداري سان چيو آهي ته مونکي اصل کونه مليو آهي. خبر نه آهي ته مسٽر محمد رمضان خط پاڻ وڌو هو يا ٻئي ڪنهن کي وجهڻ لاءِ ڏنو هو. مونکي ته شڪ آهي ته خط اصل ڪونه موڪليو ويو آهي.

اوهين ٻئي مائٽ پاڻ ۾ انهي ڳالهه جو فيصلو ڪيو.

والسلام

خادم نور محمد

حيدرآباد

29 فيبروري 1927ع

## سکرمان خط، 10 فيبروري 1927ع

بهر جا که هاشمي خدا يار تو

محمد صه هميشه نگهدار تو

نور محمد شريف مکرم معظم محترم صاحب

تسليم بصد تعظيم!

سکر ۾ ڪيئي مسلمان مون وٽ آيا آهن ته سيٺ عبدالله هارون جيڪي اشتهار موڪليا آهن تن لاءِ ڪهڙي مدد ڏيڻ گهرو ٿا. مون کي به ٻه دفعا اشتهار سان گڏ سيٺ صاحب لکيو آهي ته سکر ۾ ڪانفرنس گڏ ٿيڻ جو بندوبست ڪريو. انهيءَ سوال تي مان راءِ زني ڪريان تنهن کان اول اوهان جي اجازت گهربل آهي ڇو ته منهنجي اها خواهش آهي ته قوم جو ڪم اوهان جي صلاح سان ٿيڻ گهرجي. اڄ ڪالهه ناموري جي خيال سان ڪانفرنس گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي يا سچ پچ عمل پيرايو به ٿيندو.

ديوان پوڄسنگهه صاحب مون تي زور وڌو آهي ته بمبئيءَ هل آرتوار ڏهين صبح جو هلڻ جو خيال ڪيو اٿس، انهي لاءِ مون شاهه صاحب ۽ اوهان صاحبن کان صلاح پڇان ٿو. مون شاهه صاحب جي نالي خط موڪليو آهي، پر شاهه صاحب حيدرآباد ۾ هجي يا نه تنهنڪري انهن جي خدمت ۾ لکيل خط به اوهان صاحبن جي خط ۾ عرض رکان ٿو. شاهه صاحب جي خط مان سڀ حال روشن ٿيندو جدا احوال لکڻ جي ضرورت ڪانهي. هن پاسي جي ميمبرن کي راضي ڪيو ويندو، پر اوهان صاحبن جي راءِ کان سواءِ آءٌ قدم نه کڻندس. ڪوشش ڪجي ته سڀ ميمبر قوم جا يڪ مشقت هجن. برله نوازش شاهه صاحب جو خط پڙهي جيڪي صلاح لکوان تي عمل ڪريان.

شاهه صاحب جي خطن ۾ سندن نالي جو عريض و پيش ڪندا. جواب فرمائيندا خط ۾ ڪا خدمت لائق کان مسرور فرمائيندا.

10 فيبروري 1927ع

تابعدار

......

از سيڪريٽري

سکر

محمد اسلم خان اميد آهي ته حيدرآباد پهتو هوندو ڪين منهنجا سلام رسن.

پڻ طلاع بخشيندا ته

اوهان ۽ شله صاحب جن ڪهڙي تاريخ حيدرآباد مان بمبئي ڏانهن تشريف فرماتيندا؟

نوٽ: صحي ڪندڙ جي نالي خبر پئي نه سگهي.

## سکر مان جو خط، 10 فيبروري 1927ع

عمرت دراز باد تا دور مشتري

از تو برخوريم تو از عمر برخوري

بخدمت جناب مکرم معظم صاحب

تسليم بصد تعظيم!

نوازش نامو پهتو خدا تعاليٰ اوهان جي عمر ۽ اقبال ۾ برکت ڏي.

مون کي اڳ ئي گمان هو ته حاجي عبدالله هارون پاڻ کي ساري سنڌ جو ليبدر سڏائڻ ٿو گهري اسان اشهد راضي، خدا کيس توفيق بخشي جو سچي محبت سان هن پست پيل قوم جي خدمت کري پوءِ ڀل مخدوم ٿئي. مون مسٽر غلام نبي اسسٽنٽ ايڊيٽرز زميندار اخبار کان هڪڙو خط لکائي کيس موکليو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ ۾ محمدن ايسوسيئشن اڳ ئي آهي جنهن جو پريزيڊنٽ خان بهادر شاهه نواز خان ۽ سيڪريٽري خان بهادر ولي محمد آهي، پر ٻيا معزز ماڻهو هن جا ميمبر آهن. اوهان کي کپي ته انهن کي پاڻ سان گڏيو ۽ هم صلاح ٿي کم کريو. هن ڳالهه کان اسان انڪار کري نٿا سگهون ته محمدن ايسوسيئشن ائين سٽل آهي، چارون طرف دشمن حملا کري رهيا آهن، تن جو تدارڪ ضرور کرڻ گهرجي، پر ايئن نه ٿئي جو خود قوم جو شيرازه منتشر ٿي پوي. اهو سندس ڏيان تي آندو آهي ته هن موقعي تي ايم. ايل. سي ميمبر موجود نه هوندا سپ کائونسل ۾ رڌل هوندا. پوءِ اهي تاريخون کهڙي خيال سان مقرر کيون ويون آهن.

ٻيو به گهڻو کجهه لکيو ويو آهي، مگر اوهان جواب کونه ڏنو اٿس. اهي ڏسي رهيا آهيون ته هي الوحيد جا کارکن پرچا ڏئي رهيا آهن. 20 تاريخ ميٽنگ ڀل ٿئي. کائن سپ سوال کيا ويندا. انجمن اسلام جي ميٽنگ رات

ڪوٺائي وئي هئي. پر آءٌ ۽ پيرزاده استيشن تي خان بهادر جان محمد سان ملڻ ويا هئاسين. بهادر جان محمد خان کي به اهو عرض ڪيو ويو ته ڪو مسلمان ڪامياب ٿئي ته زهي نصيب، پر جيڪڏهن مسلمان کي چانس نه هجي ته هي سنڌ جو هندو چڱو ڀين زهري هندن ڪان. باقي احوال پوءِ عرض رکندس. اوهان جيڪي صلاحون ڏيو سي لکندا رهندا ته ڪانفرنس ڪوٺائڻ وارن جا ڪن ڪٽا ڪيا وڃن.

10 فيبروري 1927ع

تابعدار

.......

محمد شريف حضرت شاهه صاحب

آداب اقدام بوسي مروض باد

نوٽ: صحي ڪندڙ جي نالي خبر پئي نه سگهي، پر امڪان آهي ته اهو خط عبدالحميد خان جو لکيل هجي.

## سکر مان خط، 13 فيبروري 1927ع

محمد عرس شريف جناب کرم معظم نائب
تسليم بصد تعظيم!

هن حقير هن کان اڳ نياز نامون اوهان صاحبن ۽ شاهه صاحب کي عرض رکيو آهي تنهن ۾ سمورو احوال عرض رکيو اٿم اميد تہ قبول فرمايو هوندو. هينئر موقعو آهي تہ سنڌ جي صوبي کي بہ وارو ملي. پريزيڊنسي وارن جي سنڌ سان همدردي ڪانهي اوهان سڀ شڪ شبہ دور ڪري هن صاحب کي ڪامياب ڪندا. آءٌ پاڻ اچي حاضر ٿيان ها، پر منهنجي پاءُ کي نمونيا جو اثر ٿيو آهي تنهنڪري لاچار اچي نٿو سگهان. اڄ اوهان صاحبن جي خط جو انتظار ڪيم پر ٽپال ۾ ڪونہ آيو. اوهان جي مرضي هوندي تہ آءٌ بمبئي هلندس. ديوان صاحب پاڻ اوهان سان حيدرآباد ۾ ملاقات ڪندو ۽ اوهان هر طرح جي تسلي ڏيندو هو صاحب جيڪو انجام ڪندو سو پاڙيندو آهي مونکي خاطري آهي سندس شرافت جي خبر سکر جا سڀ مسلمان ڏيندا. ٻيو سڀ خير.

13 فيبروري 1927ع

تابعدار

.....

نوٽ: صحي ڪندڙ جي نالي خبر پئي نہ سگهي، پر امڪان آهي تہ اهو خط عبدالحميد خان جو لکيل هجي.

## محمد احمد شاهہ جو خط، 15 فيبروري 1930ع

خيرپور

15 فيبروري 1930ع

بخدمت جناب مڪرم و معظم نور محمد صاحب

بعد گهڻن نيازن قد

السلام عليڪم! خط پهتو مون اجا بمبئي هلڻ لاءِ ڪا تاريخ مقرر نہ ڪئي آهي مگر هلندس ضرور. شايد منهنجو نڪرڻ اوهان ڪان پوءِ ٿئي انشاءَ الله بمبئي ۾ گڏباسون. اوهان پنهنجي خير ۽ خبر ڪان واقف ڪندا.

خيرپور هلڻ لاءِ آئون گهڻو خواهش مند آهيان مون اوهان ڪي جيئن لکيو هوتہ اوهان ڪڏهن هلندو سا خبر لکندا جڏهن اوهان ڪان انهي بہ نسبت مونکي ڪو جواب نہ پهتو تڏهن چاتم تہ شايد اوهان ڪونہ ويندو. انهي حالت ڪري آئون بہ هيستائين تہ مسلم ليگ بہ نبست تہ گهڻو ڪجهہ بگيڙو ڏسجي ٿو تہ گڏ جيئن تہ ذڪر اذڪار ڪنديون تہ ميان محمد خان جي ڪم بہ نسبت مونکي گهڻو خيال آهي، پر ڪائونسل ڪان اڳ ان جي شايد.... تاهم ان لاءِ گهڻو ڪجهہ عرض ڪندس.

بمبئي پهچڻ بعد بمبئي جو حال احوال لکندا.

زياده خير والسلام

مخلص

محمد احمد شاهہ

## نور محمد کي سندس والد محمد سجاول لاکير جو خط. 3 مارچ 1927ع

نورچشم  ميان نور محمد

هت خدا تعاليٰ جي لطف سان خيريت آهي. انشاءَ الله اوهان بہ بخيريت هوندا. البت هن وقت موسم جي تبديلي سبب مونکي ٿورو زڪام آهي مگر هينئر خوش آهيان.

اوهان کي روبرو خان صاحب ميان محمد مجيب، خان صاحب کهڙي بنسبت بلکل گهڻو تاڪيد ڪيو هو، اوهان بمبئي ۾ روبرو چوڻ لاءِ انجام ڪيو هو. هاڻي ڪين روبرو چوندا تہ جنهن ماڻهو لاءِ چٽي مون ڏني هئي سا رد سمجهندا يعني غلام قادر چانديو جي پاڻ جي سفارش يا فري بورڊ لاءِ پڻ خان صاحب ڪين چيو آهي تہ 30 مارچ تي اچي  تہ ڪم ڪري ڏبو. مگر انهيءَ اسان جون بہ ٿي چوريون ڪرايون آهن تنهنڪري خان صاحب کي چوندا تہ  جيترا انهيءَ چانديي کان ووٽ آئينده اوهان کي ملڻا ٿيندا تنهن کان ٻيڻا ووٽ آءٌ ڏيندس. جيڪڏهن حياتي آهي تہ انشاءَ الله. مگر مهرباني ڪري انهي ماڻهو جو ڪنهن جي بہ قسم جو ڪم نہ ڪندا جو اهو تمام سخت ظالم آهي. اهڙو ظالم آهي جهڙا اخان صاحب ميان الله بخش خان ٻگهيو جا پٽ ظالم هوا. تنهنڪري اهڙي ظالم ماڻهو جو ڪنهن قسم جو طرف وٺڻ نہ گهرجي. اهو سندس پاڻ وري ڪانئس بہ وڌيڪ ظالم آهي تہ ٿيندو تنهنڪري اهڙي ماڻهوءَ کي تعليم ڏيارڻ اهڙي آهي جهڙي نانگ جي ٻچي جي پرورش ڪرڻ.

حال احوال روز بروز لکندا رهندا. روزانو ٽپال آڻڻ جو بندوبست ٿيل آهي. زياده خير.

3 مارچ 1927ع — فقط محمد سجاول لاکير

## نور محمد کي سندس والد محمد سجاول لاکير جو خط

نور چشم  ميان نور محمد

احوال هن ريت آهي ته اسان ڏانهن سڀ خير ۽ خيريت اوهان جي مطلوب. مطلب ته توهان اخبارن ۾ بيٺل ماڻهن جي ندا ڪريو ٿا، جا ڳالهه بهتر نه آهي. اسان انهيءَ ڳالهه جي برخلاف آهيون. مهرباني ڪري انهيءَ گفتگوءَ کي هاڻي بند رکو ته بهتر آهي. ڪوري موچي بادشاهه مان سامهون ٿي ڪين سگهندا نڪي انهن تقريرون هلي سگهنديون. توهان منهنجي ۽ پنهنجي نقصان ۾ نه وجو. سنڌ جو ڪو به بيٺل آدمي اوهان جي راءِ سان شامل ڪونهي. اوهان جو تقريرون اجايون آهن. جهڙيءَ طرح جيٺمل کي به تيسين ليڪ نه آيو تيسين پاڻ کي نه ڦاسايائين. وقت کي ڏسڻ گهرجي. هندستان ۾ ڪيتريون ئي رياستون آهن، جن مان ڪو به برخلاف ڪونهي. پير فقير سڀ صبر ۾ آهن. توهان کي خبر ناهي ڪهڙو واءُ دماغ ۾ ٿيو آهي. حيدرآباد جا وڏا برک وڪيل سڀ صبر ۾ آهن. ڪعبه شريف ۽ روضه شريف ڏٺي تعاليٰ جي نگاهه ۾ آهن. انهن جو حافظ پاڻ آهي. وڏيڪ پاڻ داناءَ آهيو. اميد ته هي ڳالهه پوري عمل ۾ آڻي احوال کان واقف ڪندئو ته چڱو ته ... اسان توهان جا ڪعبه قبلا آهيون. پهرين انهن جي چوڻ موجب هلو پوءِ ٻيا ڪعبه نظر ۾ رکو. اميد ته ايترو لکڻ ڪارگر ٿيندو.

زياده خير. اسلام عليڪم. فقط تاريخ 3 ڊسمبر

آءُ ڪجهه وقت کان بيمار هوس هاڻي تندرست آهيان. ڪوشش ڪري اوهان وٽ جلد ايندس، حا احوال لکندا.

فقط محمد سجاول لاکير

## ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 30 سيپٽمبر 1927ع

30 سيپٽمبر 1927ع

بخدمت جناب فيضياب ميان نور محمد صاحب، ايم ايل سي

بعد سلامن جي، عرض ته شامل ليٽر جو نقل گذارش ۾ آيو. ڏسو ته اسان کي کھڙي نظر ساڻ ڏسن ٿا حقيقت ته هتان سڀ ڪجهه ڪري پوءِ پوني روانا ٿيا آهيو. آءُ مسڪينن ننڍڙن ڪاتيدارن جو دوست آهيان. هن سخت ٻوڏ ۽ غرقي جي وقت سري قدري دست ڪشادو ڪيو آهي. اسان جي تعلقي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب، خوله مختيارڪارصاحب پنهنجي زيردستن تي تاڪيد ڪيو ته ننڍڙن زميندارن کي هرگز نه ستائجو جو هو اڳ ۾ موا پيا آهن، پر ايتري هوندي به انهن بي تعليم، اڻ ڄاڻ ننڍڙن زميندارن کي تپيدارن ڪامورن وغيره اڳين ... وڏ مگر مطلب ڪيو.

ننڍا ڪاتيدار جي پنهنجن پيرن تي بيهي نٿا سگهن تن ۾ بي آرامي به ٿي مون ڪان انهن ننڍڙن ڪاتيدارن جي بي آراميءَ جو حال ڏسي صبر ڪرڻ روا سمجهم تڏهن پنهنجي زميندار ايسوسيئيشن کي خبر ڏنم ته هي حالت غريبن ساڻ ٿئي پئي. مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جي هيتري ڪوشش هوندي به هي ڪم بخت سنڌ جا اهي ئي اڻ ڄاڻ فرقه جا ماڻهو ڏنڌو زميندار ي ڪن ٿا تن جو اهو حال آهي. جيڪڏهن اسان اها پڌرائي ڪئي ته اسان تي به ڇڪتاڻ، به دفعا ڪليڪٽر صاحب ۽ پنڌ وڏو حيدرآباد جو اجان به خبر نه آهي ته صاحب ڇا ڪندو.

باقي هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي جو ضرور ڪونهي. سمجهه هوندو ظاهر ته ڪيران جو انڪاري ٿيندو. وڏو خوف اٿن الله تعاليٰ عزت جو خير ڪري.

تمام نازڪ زمانو آهي اسين بہ سا سپ ڪن سمجھون ويتا. پر ماڻھو مسڪين جي ڏک واري حالت پنهنجي مون کان تہ صبر ڪيو نتو ٿئي.

ڀهڙاري تان ايذاءَ اهڙي قسم جا لهڻ گھرجن ماڻھو تمام ڪٺل آهن. پئسو نقد ۽ ان پيٽ جو هڪ روپيہ مان 12 آنن ماڻهن وٽ اصل ڪونہ آهي ماڻھو تمام تنگ آهن.

جناب آنربل سر غلام حسين خان صاحب ڪي منهنجا سلام ۽ نياز عرض رکندا. هي نياز نامون گذارش ڪرائيدا. دعا ڪندا تہ اسان جي تعليم سوپاري هلي انشاءَ الله تعاليٰ تہ ٿيندو بہ ائين.

مخلص

مير غلامحمد ٽالپر

ٽنڊو باگو سنڌ

## ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 2 جون 1930 ع

2 جون 1930 ع

ٽنڊو باگو

عرض

بخدمت شريف جناب ميان نور محمد خان

بعد سلامن جي روشن هجي ته هتي تعليم بابت ورهين کان سارو احوال معلوم اٿو ۽ سرڪار هن وقت تائين ڪجهه ڪيو آهي يا نه سو به معلوم اٿو. ايجوڪيشن آفيسر صاحب وٽ ٽا وڃون، مسٽر لوري صاحب وٽ ٽا وڃون جو سنڌ جي ڪمشنر صاحب ڪتان به پتو نٿو پوي سپ ڪو چور لڳو پيو آهي. افسوس جو ميان رئيس صاحب، پرڳڙي گذاري ويو. جنهن ۾ اميدون هيون هن تعليم سان عام ماڻهو جي همدردي ڪانهي ۽ خود سرڪار به هن وقت تمام بي اميد رکيو آهي ۽ منهنجي سمجهه ۾ آهي ته خود سرڪار هن ملڪ جي ماڻهو جي بي حال تي ڌيان رکي.

80 ورهيه جي وساريل رعيت ۾ تعليم وڏي دل سان وجي ائين ته وٺي ته اصل نه آهي. اها مون به ڪم عقلي ڪري لک روپيا به سرڪار کي سون پيو تنهن کان سواءِ بلڊنگس تي 60 ، 62 هزار منهنجا خرچ اچي ويا آهن. پر سرڪار ڪجهه ڌيان نٿي ڏي. مسٽر لوري صاحب، چيو ته مسٽر ڪنٽريڪٽر صاحب کي تاڪيد سان چوان ٿو ته هو حتي المقدور ڌيان ڏيندو. پر اهي سپ جند ڇڏائڻ جا جواب هئا. هاڻي جڏهن عام ماڻهو جي خيال ۾ به هي منهنجو ڪم ڪجهه نظر نٿو اچي ۽ سرڪار جو به اهو حال آهي تڏهان پايان ته هي سموري بلڊنگس زمين دوز ڪري ڊهرائي ڇڏيان. خير، جيئن هن جولاءِ ۾ ڪائونسل بمبئي جو اجلاس آهي اوهان صاحبن کي جڏهن حيدرآباد ۾ مليو هوس تڏهن به اها صلاح هئي ته انهي اجلاس جي وقت ۾ آءٌ بمبئي پوني هلان ان بابت وري هي نياز مون عرض رکان ٿو ۽ پڇان ٿو ته وري به مصلحت ڏيون ته جيئن پوني انهي وقت ۾ آءٌ هلان

ڇا ۽ اتي مونکي جيڪڏهن سيني ميمبرن جي مدد ملندي ته پوءِ منهنجو هلڻ چڱو ٿيندو. اميد مونکي چڱي ٿيندي

مسٽر احمد دهلوي صاحب، خان بهادر غلام حسين صاحب، سر رحمت الله ابراهيم، مسٽر جئنڪر، مسٽر جاديو صاحب، مسٽر ادريس، جناب عبدالله هارون صاحب ۽ ٻيا پنهنجا سنڌي ميمبر صاحب به سڀ اتي حاضر هوندا. ڪاپيون به ساري رڪارڊ جون ٽائيپ ڪري سيني ميمبرن کي ڏيڻون آهن. تڏهن آءٌ جيڪڏهن هلندس ته منهنجو گهڻو خرچ ايندو سو به اميد نفع جي تي ڪريا ٿو. هاڻي هن نيازنامه جو جواب مونکي ڏيو ته ڇا ڪريان؟ هلان ،پر منهنجي جهجهي واقفيت ڪانهي اتي سيني ميمبرن ۾ منهنجي شناس به ٿئي سنڌ جا ميمبر منهنجي همراهي ڪن. اجلاس ڪائونسل جو جولاءِ جي ڪهڙي تاريخ کان شروع آهي خاص ڪري اوهان ڪڏهن روانا ٿيندا. رڪارڊ جون ڪاپيون ته سيني ميمبرن کي ڏيڻ گهرجن مهرباني ڪري جواب عنايت ڪريو.

عرضدار

مير غلام محمد ٽالپر

## ٽنڊي باگي مان مير غلام محمد ٽالپر جو خط، 30 اپريل 1934ع

30 اپريل 1934ع
ٽنڊو باگو
جناب من دائم اقبال
عرض ته خط اوهان جو پهتو وڏي شفقت.

جناب مرحوم مغفور رئيس صاحب ته سڄي سنڌ ۾ هوئين ايترو مونکي ڏاڍو قرب ڏيندو هو. منهنجن هنن ڪمن جو دلخواهه هو، پر هي به ڪمبختي سمجهان ٿو جو اسان جن ڪمن جي ناپورائي جي وقت ۾ دارالبقا سندس منزل ٿي آءُ اڳي ٻن وقتن تي نه آيو آهيان ان جو گهڻو شرم اٿم ڇا ڪريان.

14مهينن کان تمام عاجز سچو آهي وري ماه رمضان شريف هلندڙ آهي. اميد آهي عيد شريف بعد ماه شوال ۾ حيدرآباد ايندس ۽ اوهان صاحبن جي ملاقات ڪندس.

ميان نور محمد صاحب، هن وقت جو ڀهراڙي ۾ رشوت خوري، ڪوٽار کان وٺي ڪري به تائين اهڙو حال ڪيو آهي جو پايان ٿو ته. 500 ورهيه بلڪ زياده ڪونه ته مان هي حالت نه معلوم رهندي تواريخ ڪم آهن. رعيت جي ماڻهو جا سپ اڻ پڙهيل جنهن آفيس ۾ جنهن ڪاتي ۾ وڃن. ماڻهن لاءِ ڇني ٻري پئي آهي، بلڪ سچا بڪيا ٿي ويا آهن. بس صبح شام ناٽڪ لڳو پيو آهي. 8_10 ورهيه اڳي به اچان ڪو حال هو مگر هينئر ڏنو وائنو ظلم لڳو پيو آهي. وري رشوت کائيندڙ به اهڙا ڪي بي عزت آهن ۽ اهو پيسو اهڙو خراب ڪيو اٿن جو ڪنهن سمجهو ماڻهو وٽ تمام حقارت سان پيا ڏسجن مطلب ته ڪا هائي بڪ اٿن.

ڀهراڙي جي رعيت جو ڏئي دوڙي سان ڪونہ. ٽنڊو باگو کان 7 ميل اپرندي 10 اپريل 1934ع ڌر ناري جا ذات جا مگسي جا ٽا ٻڌجن خليفي جي ڳوٺ ۾ 6 وڳي شام جو ماڻهو ڌر 4 بندوق 5 اٺ آيا احسان علي جي ڏيءَ شايد 9 ورهين جي ۽ ٻي پائتي جا ننهن بہ هوس ڏاڙو هٽي ٻئي ڪٽي ويا. بندوق بازي ڪا نہ ٿي ڏنڊن سان گهروارين جو اڌمو سو ڪيائون. پر زالون بہ ڪٽي ويندا رهيا. سنڌ ۾ اتفاق اصل نہ آهي، جيڪو ڦريو سو ڦريو جيڪو ماريو سو ماريو. رپورٽ لاءِ ڪماني صاحب ڏانهن ڪو هڪ بہ فريادي ويو آهي. ههڙي قيامت هن زماني ۾ ڪيئن جهان هلندو؟ وري عملدار جي ڏسو غريب پيا ڏچارين مگر هن حالت ۾ يا بيمار ٿي پوندا يا انڌي مندي جانچ ڪري ويهي رهندا ڀهڙاري ڳوٺڙن جا ماڻهو چا ڪن. آفيسرن جا بہ افعال جي عام رشوتن جا دلال پنهنجي مطلب لاءِ پاڻ غريبن ڪي تن ايندڙ خلق ڪيڏانهن وڃي. هي بيان اوهان جي ڏيان تي چو آندو اٿم ان ۾ مطلب آهي چاڪاڻ تہ سمجهان ٿو جيسين پاءُ ڪو سرڪار ۾ دانهن ڪوڪ ڪونہ ڪري ٿو تيستائين ٻڌڻ وارو دور آهي. ڪونہ پل چا بہ ٿي پوي تہ اهي بہ زالون اصل نہ ورنديون بلڪہ ٻيا بہ اهڙا بڇڙا ڪم را ڪاسي هن زماني ۾ پيا ٿيندا.

منهنجي حياتي تائين مون ڪي جو ڪم اڳيان آهي سو آهي تعليم جو. مونکي گهر جي مدد ۽ همراهي ٻي طرح زبان ادب نوڙت سان ٿي ورهہ عرض ڪري پتو نہ پيو، پر جڏهن اوهان ۾ ڏٺيءَ برڪت وڏي ۽ مرحوم مغفور جان رئيس صاحب بہ اوهان ڪي هن طرف آگاهہ ڪيو، تڏهن جيڪا بمبئي ۾ اوهان سرجوش ڪئي ان جو پوءِ فقط سرمار نہ هاٽي هن ڪم ڏانهن سندس توجهہ ڏسان ٿو، پر اجان سخت گهٽو گهرجي. مسٽر نانا صاحب اسان جي مدد لاءِ گريجوئيٽ ماسٽر لاءِ نوٽس وڌو آهي، پر اجا ماسٽر هٿ ڪونہ آيو آهي. نہ تہ لک روپيہ سان 1917ع ۾ ڏنا هوم وٺي بابن جو مال ڪٽي رکي ڇڏيائون. هن ڪم ۾ اجان اوهان ۽ جناب شاهہ صاحب ڪامل شاهہ صاحب، رئيس ميان جان محمد صاحب

سکر وارو پوڄسنگهه به ٻڌجي ٿو ته ڪمائتو ماڻهو آهي. سيٺ هرچند راءِ انهن ڪان مدد وٺان.

اسان وٽ آدم شماري بدين ٽنڊو باگو ماتلي ۾ لک ڪن ٿيندي. ماڻهو تمام ردي ۽ بد اخلاق، نه دين جي نه دنيا جي خبر جاهل من سڌري پوڻ جو وجهه ملي رهندڙ ۽ ٿمردار ماڻهو انهن جو شوق علم پڙهڻ تي ڪونهي مون وٽ آهن مزورن هارين جا ٻار هن وقت درجي 4 تائين تعليم سان آهي، پر بکيا آهن. پيٽ ڪڙو ڪتاب خريد انهن ڪي گهرجن اسڪالرشپ جيڪڏهن ماڻهو چندو ڏين ته انشاالله تڏهن بدين ٽنڊو باگو مان سون جي تعداد ۾ ايترا اسان جا زميندار جاگيردار موٽا پلا ڪي ته ٿمردار تڏهن ڪي ته هجي به اخلاق ڪري ڪتل ڪاتي ۾ به درجن پر ههڙي ڪم ۾ مري پون ته ڪوڏي نه ڏين ويهان ڪندا. شوق شڪار ميڙا ملاڪڙا گهوڙا هٿيار زيور زور وغيره ان ۾ محو ٿيو وتن. مون هن ڪم ۾ پنهنجي حياتي صرف ڪئي آهي، مگر اوهان پاران مدد جي وڏي ضرورت آهي. انشاءَ الله تعاليٰ هي هاءِ اسڪول ٻن سالن بعد ڪنداسون.

عرضدار

غلام محمد ٽالپر

## حاجي محمد علي جو خط، 1930ع

عالي جناب مسٽر نور محمد صاحب

خط پهتو الحمدالله جو وساريلن کي وري ياد ڪيو. اسان سمجهئو ته اسين اوهان جي دلين تان وسري ويا آهيون، پر نه اسان جو خيال غلط نڪتو.

جناب من اسان اوهان کي آسمان تي پئي ڏسون ته ميمبر آهيو. هي اسان جي دعا اٿو. انهي مبالغو نه آهي. اوهان خبر نه آهين ڇا ٿا سمجهيو. جيڪڏهن اوهان اسان کي دوست ٿا سمجهو ته اسين اوهان جا بدخواهه نه آهيون. يعني اوهان جي برخلاف نه آهيون. خدا و تعاليٰ اوهان کي فتح ڏيندو آمين.

زماني جي گردش ۽ آسماني انقلاب اهو ڦيرو ڪرايو آهي اوهان جو يا اسان جو ڪو ڏوهه ڪونهي.

ميمبر به ته اوهان ضرور چونڊبؤ.

انشاءَ الله تعاليٰ اوهين ڪامياب آهيو.

نياز ڪيش

حاجي محمد علي....

از ٽنڊو الهيار

## محمد عثمان سومرو ايم ايل اي جو نور محمد وفات تي لکيل خط 26 آگسٽ 1937ع

ڪراچي

26 آگسٽ 1937ع

جناب فخر قوم مرحوم ميان نو رمحمد صاحب جو هن فاني دنيا مان رحلت ڪرڻ جو بڌي نهايت گهڻو افسوس ٿيو. انالله وانا اليہ راجعون. گهڻو ئي ڏک ٿئي ٿو جڏهن اهڙن نازڪ قضين جو احوال ٻڌجي ٿو خصوصاً فخر قوم مرحوم ميان نور محمد صاحب جو اڃان هتي هجڻ نهايت ضروري هو. مرحوم جنهن جو مقصد ئي فقط قوم جي خدمت ڪرڻ هو، اهو اڃا چڱا ڪري ها اهو هر موافق ۽ مخالف سمجهي سگهي ٿو.

مرحوم جي رحلت ڪرڻ ڪري نہ فقط اوهان دوستن پنهنجو هڪ هر دل عزيز دوست وڃايو آهي، پر مسلم قوم پنهنجو هڪ سچو خادم هميشہ لاءِ پاڻ کان وڃايو آهي پر خدا تعاليٰ کي شايد ائين منظور هو. جن جي هتي ضرورت آهي تن جي هتي بہ ضرورت آهي.

گل راچہ مجال ڪہ گويد بگلان

چرا مي ساري چرامي شڪني

تنهنڪري سواءِ صبر شڪر جي ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي. اسان جي اها دعا آهي تہ شال مرحوم کي الله تعاليٰ پسند ڪيل ۽ پيارن ٻانهن مان ڪري جنت فردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ الله تعاليٰ سندس عزيزن کي صبر ۽ شڪر جي توفيق عطا فرمائي. آمين

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## حڪيم عبدالڪريم جو نور محمد وفات تي لکيل خط، 1937ع

هن فنا پذير عالم ۾ هر ڪنهن ذي روح کي بقا جو امڪان ڪونهي مگر عمل هڪ اهڙي غير فاني قوت آهي جو انسان کي زنده جاويد بنايو ڇڏي. پيدائش عالم کان زمانہ حال تائين بي شمار فقيدالمثل ۽ عديم المظير هستيون اگر بذات خود زينت خاڪ ٿي ويون آهن، مگر انهن جي ڪارنامن کي ابدي حيات حاصل ٿي آهي. انهن بزرگن مان مرحوم نور محمد وڪيل بہ هڪ آهي، جو سنڌ ۾ ايندڙ نسلن لاءِ سبق آموز غير فاني مثال ڇڏي ويو ۽ سندس پيارو نالو تاريخ ۾ زرين رقم منقش رهندو.

مرحوم پنهنجي تمام زندگي وقف اعليٰ اولاد مسلم ڪري آخرين وقت ۾ مسلم بورڊنگ هائوس ۽ قلب حيدرآباد ۾ مسلم هاءِ اسڪول ڇڏي ويو آهي، جنهن جي مجموعي قيمت ست لک روپيا ٿيندي. دعا آهي تہ خدا وند ڪريم مادر سنڌ جي ڪنهن غيور فرزند ۾ قوت ايماني پيدا ڪري جو مرحوم نور محمد جي پوکيل با غ کي مسلمانن جي يتيم ۽ بي زر ٻچن جي علم حاصل ڪرڻ لاءِ ترو تازه رکي پاڻ بہ مرحوم نور محمد وانگر مسلمانن سنڌجي قلب حسين ۾ مقبوليت حاصل ڪري. شل خدا صاحب مرحوم کي غريف رحمت فرمائي سندس پس ماندن کي صبر جميل عطا ڪري. آمين !

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## الوحيد اخبار جو نور محمد جي وفات تعزيت نامو

سنڌ جو نالي وارو وڪيل ۽ مسلم تعليم جو سچو عاشق ۽ شيدائي مسٽر نور محمد بي. اي.، ايل. ايل. بي، وڪيل 22 آگسٽ 1937ع مطابق 14 جمادي الثاني 1356ھ هن دنيا فاني مان اوچتو ئي اوچتو وفات ڪري پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کي هميشہ لاءِ جدائيءَ جو داغ ڏئي ويو.

انا لله وانااليہ راجعون.

مرحوم عليگڙھ ڪاليج جي جهونن شاگردن مان هو ۽ عليگڙھ جي جهوني روايات قوم پسندي جو هڪ مجسم هو ۽ سندس دل ۾ هميشہ مسلم قوم جي تعليمي ترقي ۽ بهبودي جو درد رهندو هو. 1920ع ۾ خلافت تحريڪ جي شروع زماني ۾ مسلم قوم جون خاموش انداز ۾ هن صاحب نهايت تندهي سان اهڙيون خدمتون ڪيون جي وسارڻ جون نہ آهن. سالن جا سال ملڪي خدمات ۾ مرحوم رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. آخر زمانہ ۾ هن وڪالت جو ڌنڌو ترڪ ڪري پاڻ کي هميشہ لاءِ تعليمي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. 1924ع ۾ سندس ڪوشش سان حيدرآباد ۾ مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس صاحبزاده آفتاب احمد جي زير صدارت منعقد ٿي ۽ ان کان پوءِ حيدرآباد جو گورنمينٽ هاءِ اسڪول سرڪار کان منتقل ڪرائي پنهنجي حوالي ڪيائين. جنهن کان پوءِ رات ڏينهن هاءِ اسڪول جي خدمت ۾ ايترو رڌو رهيو جو ڪثرت ڪاروبار سبب سندس صحت جواب ڏئي ڇڏيو ۽ آخرڪار تعليمي خدمت واري مصروفيت ئي سندس موت جو باعث ٿي.

مرحوم نور محمد نہ فقط مدرسہ هاءِ اسڪول جي خدمت ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏني پر هاءِ اسڪول جي عمارت اڏائڻ لاءِ پنهنجو رهڻ وارو بنگلو گروي رکي ۽ هزارين روپيا قرض کڻي مسلم قوم جي تعليم لاءِ پاڻ کي هڪ سخت بار هيٺ آڻي ڇڏيو. هاءِ اسڪول ۾ اردو فارسي کان سواءِ عربي زبان

لازمي طور مقرر ڪئي وئي هئي. مسٽر نور محمد هندستان مان تمام وڏي قابليت وارا گريجوئيٽ مناسب پگهارن تي گهرائي هاءِ اسڪول جو ڪم اهڙي انداز ۾ ڪيو جو ان جي پڙهائي نمايان نظر اچڻ لڳي. مرحوم جي عادت هوندي هئي ته هر هڪ ماستر جي پڙهائي جي پاڻ نگراني ڪندو هو ۽ بورڊنگ هائوس کي سنڀاليندو هو. شاگردن جي ڪاڏي جو خاص احتمام رکندو هو. هو دل جو صاف هوندو هو جيڪي به دل ۾ هوندو هوس سو روبرو چئي ڏيندو هو پر ڪڏهين به ڪنهن سان هن کي وير يا عداوت باقي نه رهندي هئي.

سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪم ڪندڙن جو سخت قحط آهي، خاص طور اهڙا نوجوان جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي زندگي کي قوم جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏين سي مسلمانن ۾ ڪامياب آهن سچ پچ ته سنڌ جي جديد تعليم يافتن نوجوانن جي تاريخ ۾ هڪ مسٽر نور محمد ئي هو جنهن پاڻ کي قوم جي تعليمي شعبه لاءِ وقف ڪيو جو پڻ اسان کان جدا ٿي ويو!

مرحوم پوءِ تان فقط به نياٽيون ۽ هڪ بيوه ڇڏي ويو آهي جن سان اسان جي دل همدردي آهي. الله تعالي هنن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي ۽ اجر عنايت ڪري.

**مسلمانن جو فرض**

مرحوم وفات ڪري ويو آهي پنهنجي پوءِ تان هڪ بهترين يادگار مدرسه هاءِ اسڪول جي صورت ۾ ڇڏي ويو آهي. هن جا انهي درسگاهه لاءِ جيڪي ارادا هوا سي اجل جي شڪار اڌ ۾ رهائي ڇڏيا. هن جيڪو تعليمي درخت پوکيو هو سو اجا قريو قليوئي نه هو ته باغبان اڳ ۾ ئي هليو ويو. هاڻ مسلمانن جو فرض آهي ته مسٽر نور محمد مرحوم جي قائم درسگاهه ي آبياري ڪن ۽ جن ارادن سان هن اهو ڪم خدا ڪارڻ شروع ڪيو هو تنهن کي تڪميل تي پهچائين.

دنيا ۾ ڪنهن ماڻهو جي موت حياتي سان دنيا جا ڪم رڪجي ڪونہ پوندا آهن پر ضرورت آهي اهڙن ماڻهن جي جيڪي پوري خلوص ۽ ديانتداري سان اڌ ۾ رهيل ڪمن جي سنڀال ڪن. ضرورت آهي تہ سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جا مرحوم جي قائم ڪيل درسگاهہ جي سنڀال جو ذمہ کڻي ڪم ڪي اهڙي وقت سنڀاليندي رهي جيئن ڪو بہ فرق ڏسڻ ۾ ڪونہ اچي ۽ اهو ئي هڪ ذريعو آهي جنهن سان اسان مرحوم جي روح کي حقيقي معنيٰ ۾ خوشي پهچائي سگهون ٿا.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## الحقيقت اخبار جو تعزيتي بيان

افسوس هزار افسوس جو سنڌ جي مسلمانن جو سچو خير خواه ۽ فرزندان قوم جي ترقي جو خوامان ۽ بني نوح انسان جو ڀلو چاهيندڙ مسٽر نور محمد وڪيل تاريخ 22 آگسٽ 1937ع ڪراچي ۾ رحلت ڪري ويو. انا لله وانا اليہ راجعون. مرحوم اگرچ هڪ ڪامياب وڪيل هو، مگر شروعات ڪان وٺي رات ڏينهن مسلمانن جي تعليم جي ڳڻتي هوندي هيس تنهن ڪري پنهنجي ڌنڌي سان گڏ مسلم تعليمي خدمت بہ ڪندو ايندو هو، جيئن تہ سال 1924ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪا پهرين سنڌ مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس صاحبزاده آفتاب احمد خان جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي هئي سا سندس ڪوشش جو نتيجو هئي. آخر مسلمانن جي تعليمي ڪمن ڏانهن ايڏي تہ دلچسپي وڌي ويس جو پنهنجو ڌنڌو وڪالت جو ڇڏي ڏنائين ۽ سڄو سنئون پنهنجو سر گويا قومي ڪمن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. حيدرآباد هاءِ اسڪول ڪي مسلم مدرسو ۽ مسلم هاسٽل ٺاهڻ سندس غير نالي ڪارنامو آهي. مرحوم ڪجھ وقت بمبئي ڪائونسل جو بہ ميمبر هو اتي اهڙو تہ زبردست ڪم ڪيائين جو هلائڻ لڳا تہ بس چان ٿو وزير ٿئي. بيمار هو تہ بہ آخروت تئاين قوم جو لفظ سندس زبان تي هو. ڪراچي مان مرحوم جو لاش حيدرآباد ۾ آندو ويو جتي هزارن ماڻهن جي جلوس ۾ مسلم هاسٽل ۾ دفنايو ويو. نرينہ اولاد مرحوم ڪي ڪونہ هو فقط بہ نياڻيون اٿس. دعا آهي تہ الله تعاليٰ شل بهشت نصيب ڪريس ۽ بماندن ڪي صبر جميل عطا فرمائي.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## مرحوم نور محمد جي تربت تي ھڪ گل

محمد خان ”غني“، ايڊيٽر (مسلمان)

ھرسنگ ھن مزار جو مانند طور ڏس،
ھن خاڪ ۾ نہ نھفتہ محمد جو نور ڏس
ھن قبر مان ٿي نڪري ھر ھر اھا صدا،
خادم تي پنھنجي رحمت رب غفور ڏس.
رضوان جي ھٿ ۾ آھي ڀريل خوشگوار جام،
ڪليل سمھون بھشت ۾ آغوش حور ڏس.
منزل ڪٿي قريب، مرڻ جان نثار جي،
عاشق ڪان درد ھجر ۽ فرقت نفور ڏس.
لاشو لٽائي شاد ٿيو ڪوئي يار ۾
ھي قوم جو قتيل ۽ عاشق غيور ڏس.
اي فخر ملڪ و ملت اي جانفدائي قوم
تنھنجي فراق ۾ ھي دل ناصبور ڏس
ڳولي ٿي قوم توکي، نھاري ٿي نقش پا،
تنھنجي اچڻ جي ڪاڻ دليون بي سرور ڏس.
پھچي، سگھون ٿا ڪينڪي تنھنجي مڪان تي،
پر خوف آھي واٽ ۾ منزل بہ بولڊ ۾ ڏس
ھيھات ھو عمل، ھو سند ئي ھمت بلند،
ھي ذڪر ورد واٽ ۾ شام و سحور ڏس.
فاتح پڙھجي نياز و ادب ساڻ ھٿ غني
ھن خاڪ ۾ نھفتہ محمد جو نور ڏس.

## وفات حسرت آيات ميان نور محمد وڪيل

مولوي دين محمد اديب فيروز شاهي

| | |
|---|---|
| تون قوم جو خادم ۽ فدا نور محمد | درويش صفت، مرد خدا نور محمد |
| منظور نظر شاهه و گدا نور محمد | هن حال ۾ تئين ڪينءَ جدا نور محمد |
| تي گرم محبت ۾ تئين سرد وري چو؟<br>بي وجه ٻڌئين قوم ڪان بيزار، بري چو؟ | |
| چورا تون ڪري چو وئين هي قوم جا فرزند | جي تنهن جا هوا جان و جگر، دلبر و دلبند |
| تي زار روئي تو لئي هي قوم سندي سند | هر عاقل و هر فاضل و هر زاهد وهر رند |
| ماتام سندءِ موت ۽ اندوه وڏو درد<br>ٿيا خاڪ فشان برسر هر عورت و هر مرد | |
| هو روز ازل ڪان تنهنجو پيمان محبت | ميثاق صداقت جو ۽ ميعاد مودت |
| هر رمز، ادا هئي تنهنجي محبوب نهايت | من موهڻي گفتار ۽ رفتار و ظرافت |
| نباض هئين قوم جو مرهم نہ جراح<br>خوش تنهنجي دوا ڪان ٿيا اجسام ۽ ارواح | |
| اسڪول ۽ هاسٽل جي عمارت ۾ تي ظلمات | جو مرگ مفاجات جي آندي آ متن رات |
| غمگين جي تسڪين جي توکي هئي طلب، تات | واڪاڻ ڪري ورد سندءِ خصم وڏي وات |
| شاگرد ٿيا ششدر و استاد الم ناڪ<br>سڪتہ ۾ زمين آئي ۽ زلزلن ۾ افلاڪ | |
| لئي قوم تي اڪسير تنهنجي طرز | تون بطل حريت جو هئين، شير |

| | |
|---|---|
| سياست | شجاعت |
| جادو تنهنجي تحرير ۽ تقرير قيامت | سحار طلاقت سچ سخار بلاغت |
| ايثار مجسم هئين اخلاق معظم<br>تعليم جي شيرازه جو استاد منظم | |
| تقدير عطا ڪئي توکي هئي جرائت ايمان | توحيد، توڪل ۽ گهٽي قوت ايمان |
| دولت کي ڪيئي ترڪ رني طاقت ايمان | هر مال جي سرتاج اها دولت ايمان |
| تو ترڪ وڪالت جو ڪيو يڪسر ڏنڌو<br>تسليم رضا وارو بڻئين بهتر بندو | |
| يورپ سندي تقليد کي دائم تو ڌڪاريو | جدت سندي چمڪار ڏي تو ڪين نهاريو |
| هن مهر ملمع کي حذاقت سان پگهاريو | جيد ڪان رديءَ کي ڪري ممتاز ڏيکاريو |
| نت سوٽ کي ۽ هٽ کي نفرت سان نهاريئي<br>تي اچڪن، طربوش ۾ شهزاده گذاريئي | |
| دل صاف رکيئي يار ۽ اغيار سان دلدار! | هشيار تي لڙندو رهئين سرڪار سان دلدار! |
| جرار تي لڙندو رهئين ڪفار سان دلدار! | بدڪار ۽ اشرار ۽ فجار سان دلدار! |
| ٿيو نانءُ سندءِ دفتر احرار ۾ داخل<br>اختيار ۽ انوار ۽ ابرار ۾ داخل | |
| ڪنهن سان نہ رکيئي ويرکي ڪينو ۽ ڪدورت | غصي ۾ ڪٿي گرڇ وتيئي بله جي صورت |

| | |
|---|---|
| جي طيش ۾ آئين نہ ٽئين شينهن جو صولت | پر دل ۾ رکيئي ماءُ سندي مهر، مروت |
| تون جامع اضداد هئين ڪامل انسان<br>خورشيد فلڪ شفقت ۽ مظهر احسان | |
| هر وقت دعاگو آ سندءِ امت مرحوم | تون يار، مدد گار سندو بيڪس مظلوم |
| منشور گهر علم ڪيا تو سدا منظوم | نڪات دقائق بہ ڪيا غور سان معلوم |
| اللہ ڪري توکي سدا مره سان مغفور<br>مسرور ۽ منصور ۽ منظور ۽ ماجور | |
| بي روئي دل افروز ترشد ببتم بي نور | بي شمع جمال توچو شب روز م ديجور |
| از داغ فراق تو دلم دائم ناصور | مسموم من حيف کو ترياق زمن دور |
| صد آه زجور ر ستم اي دور جفا ڪار<br>فرياد زبيداد تو اي چرخ بلا بار! | |
| سچ زيست سندءِ زنده دلي جي ئي تي تعمير | بخشڻ هو سندءِ مقصد بي نور کي تنوير |
| نڪري نہ سگهي مونکان تي غم تنهنجي جي تصوير | ڪئن ڪلڪ، زبان وڃ ڪري تحرير ۽ تقرير |
| مقبول خدا! ڪر تون دعائون ۽ ثنائون<br>محتاج کي ڏي گنج مان تون نيڪ جزائون | |
| تنهنجي موت کان افسردگي گلزار، چمن ۾ | اشجار ۽ گلنار ۽ ازهار سمن ۾ |
| هر گلشن و هر گلبن و هر لعل لبن ۾ | گلفام، گل اندام ۽ هر غنچہ دهن ۾ |
| شد نظم بہ يمن تو همين نالا همين رنج<br>هر چند ”اديب“ ست سخند ان نہ سخن سنج | |
| منجهہ ماو جماد آخر تاريخ دو هفتہ | آچر تي ڪيئي خستہ، جگر، قلب کي |

| | |
|---|---|
| (14) | سفته |
| تيرهن سو ڇاونجاهه ۾ هو مو تن نهفته | ڪلهه بستر گل برگ تي اڄ خاڪ ۾ خنته |
| مغرور نه هل يار! مٿي ڪنڌ ڪر تون<br>هن خاڪ جي تودي ڪان نه ڏس پاڻ پري تون | |
| "مغفور و دوري" تنهنجي تاريخ عجيب آهه 1356 | هر شام و سحر تنهنجو دعا گوئي "اديب" آهه |
| هر رنج جو هر درد جو الله طبيب آهه | شافع ٿيو محبوب خدا خاص حبيب آهه |
| ڪر هردوجهان ۾ مون ڪي مسعود خدا يا!<br>مرزوق ۽ مقبول ۽ محمود خدا يا! | |
| امين يا رب العالمين بحق نبيک الامين صلي اللو عليه وسلم اليٰ يوم الدين | مادو تاريخ وفات در فارسي ايضا منه<br>رفت چون نور محمد زين جهان گفتا اديب<br>بهريا دش سال رحلت "مهربان خوش نصيب" |

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## قطعات ماتم

### مخدوم محمد صالح ڀٽي

آتش بدامن آهي هر جاءِ ڪڙ ڪيتو،
پر باهہ ۾ جلي جو پروانو سوئي آهي.
ٿي هونءَ تہ آهہ دنيا معمور ساڻ مستن،
پر جنهن کي عشق ليليٰ، ديوانو سوئي آهي.
پس پيش جي نہ جهوري ٿئي عشق ۾ جنهن کي،
داناءَ دور سوئي، فرزانو سوئي آهي.
آتش ۾ جو جلي ٿو مرد خدا ٻين لئي،
جانب جي شمع رخ جو پروانو سوئي آهي.
هر دل کي ياد نورل* تصوير آهہ تنهنجي،
ڪٿي قوم کان جدائي تقدير آهہ تنهنجي.
الله جي بندن سان نہ ٿي جنهن کي محبت،
الله جي الفت جو سزا وار نہ سو آهہ.
ڪيئن ان جي ڳڙي چشم منجهان گوهر ناياب،
غربا جي مصيبت ۾ جي خونبار نہ سو آهي.
ڪمزور اڳيان جنهن کي نمڻ ڪين اچي ٿو،
محروم سو اخلاق کان خوددار نہ سو آهي.
دل جنهن جي ۾ ٿي قوم جي لئي ڪجهہ نہ محبت،
مقبول ڪڏهن درگ دادار نہ سو آهي.
جو امت مرحومہ جي الفت ۾ رهيو مست،

---

* نور محمد لاکير

سچ نور محمد کان ڪڏهن ڌار نہ سو آهي.

## ساڪن حيدرآباد

محمد يوسف متخلص (عاصي)

هر طرف کان اڄ مسلمان ٿو ڏسان مان اشڪبار
ويو لڏي هي هي اسان کان نور محمد نامدار
اڄ مسلمان بخت پنهنجي تي روئن ٿا زار زار
جو اسان کان ٿيو جدا هي هاءِ اهڙو جانثار
سال اٺيهہ سو ويهن کان سال سٺتهين تلڪ
ان ڪيون جي خدمتون تن جو نہ ڪو آهي شمار
خلق جي خدمت ڪئي ان جان سان ايمان سان
ان سبب مخلوق ۾ آهي سندس وڏيل وقار
ڪائونسل ۾ ياڪ ٻاهر ملڪ لاءِ هو محنتي
خاص مسلم قوم جو هو سڪ ۾ توڙي ڏک ۾ يار
سالها محنت ڪري قائم ڪيئين هڪ هاسٽل
جنهن تي غربا جي ٻچن جي ٿيو سڏاري جو مدار
هو ڪيو هن مدرسہ قائم تہ سڏري قوم هيءَ
جنهن ۾ نعمت علم جي حاصل ٿا ڪن مسلم جا ٻار
هي ويو جو نور محمد سو وري ورندو نہ قوم
جو سلو پوکيو انهي تنهن آب ڏيئي ڪريو تيار
يا الاهي رک تون قائم مدرسہ ۽ هاسٽل
نور محمد جي نشاني آهي تون ان ڪي سڏار
عاصيا ڪر عرض ان تي هوءِ مولا مهربان
روز شب رحمت وسي مرقد سندس تي بار بار.

## تاريخ وفات مرحوم مسٽر نور محمد وڪيل

**مياں محمد عمر "اختر" هالائي**

ويو لڏي فاني جهان مان نور محمد نيڪ نام
خلد ۾ خوشنود ٿي پنهنجو ڪيائين خود مقام
صاف صورت نيڪ سيرت احسن الاخلاق هو
صاحب لطف و ڪرم خوش خلق هو خوش ڪلام
هو غريبن جو هو همدرد ۽ وري مسڪين نواز
خير ۽ خيرات سان مرحوم جي دل هئي مدام
قوم مسلم کي ڪيائين خواب غفلت مان سجاڳ
علم جي ترقي سندو ساعي رهيو ٿي صبح شام
گرچه هو بالاترين عاقل هئو قابل وڪيل
عمر هن پنهنجي ڪئي تعليم قومي ۾ تمام
خلق جي خدمت ڪرڻ هو اولين ان جو اصول
۽ رهيو هر وقتي ڪل قوم جو خادم غلام
هاءِ جنت ۾ ڏني رحمان تنهن کي رحم سان
حوص ڪوثر مان عطا حضرت ڪيس انعام جام
آشنائن ۽ عزيزن کان ڪيائين الوداع
ارجعي جي امر جو ان کي جڏهن پهتو پيام
شام آچر ڀاوهين آگسٽ جي هاتف چيو
جنت الفردوس ۾ آهي اوهان لاءِ انتظام
بعد اٺيهه سون سٺ سال جي هڪدم وجي
بارگاهه ايزديءَ جو ڪيو وجي سڪ مان سلام
صدق سان صلوات ۽ "اختر" پڙهي الحمد تون
خوب ڏي ختمون پيو شام و سحر دل سان دوام .

## نالئہ غم!

محمد صديق مسافر

جي ٻچا قوم جا سي پنهنجا ٻچا ان ڄاتا.
اي قلم هونءَ تہ سنڌءِ آهہ سدا ڪم تحرير،
اڳ بہ ڪي توها ڪيا درد دلي ۽ غم تحرير،
پر نرالي ڪي سنڌءِ لرزش همدم تحرير
غير معلومي اٿيئي ڪرڻو ڪو ماتم تحرير،
جي "اڄيئي قوم ۾ مشهور ٿيو قحط رجال."
اوچتو سرر ستاسجاڳي وري پيا اڄ اجال،
"ڪين شايد ٿو لري دل ۾ فلڪ تير اجا.
زخم ريتيا ئي نہ، پيو تد ۾ بچي تير اجا،
پرڳڙي ڪلهہ ويو ڪري قوم ڪي دلگير اجا.
ان جو همدام بہ وسريو نہ اٿئون مير اجا.
تہ مٿان ڪهڙو ٿيو قوم سان هي هي ڪلور،
ٿي ويو نور محمد بہ اسان کان اڄ دور."
"قوم مسلم جو سچو خادم دانا سو دلير،
عشق تعليم ۾ سرمست سدا مرد مٿير،
ڪار ڪم پنهنجا ڇڏي شوق سان خدمت ڪئي شير،
پاڻ قربان ائين ڪم ۾ ڪري ٻيو اڄ ڪير؟
جي ٻچا قوم جا، سي پنهنجا ٻچا ان ڄاتا.
ائن ڪيئين قوم سان مضبوط محبت ناتا.
مرد مانجهي ۾ هيون قوم جون سهسين آسون،
پڻ هيون ان جي اندر ۾ بہ اميدون لاکون،
دل سنديون دل ۾ رهيون، درد جون نڪرن ٻاڦون،

واٽ ٻي ناهہ، سبق صبر جو هاڻي پڙهہ تون،
مرد مرحوم جي حق دل سان دعائون گهرجن،
پيو گهري يار نہ ڪي سانڪان، دعائون گهرجن.”
شاد مرحوم جو رک روح خداوند ڪريم،
هل جزا حڪم سنڌ، ڪر تون ئي احسان عظيم،
بخش سان ٻال تون مرحوم ڪي جنت نعيم،
ياد گاران جو رکج جڳ ۾ تون سرسبز سليم،
گلشن عام سندس ڪي تون ئي آباد رکيج
ان جي پرگهور ڪنڌڙ شير سيئي شاد رکج!
ٻاويهون روز هو آچر جو ۽ آگسٽ هو ماهہ،
ارجعي ٻانگ ڪراچي ۾ سڻي ٿيو آگاهہ،
شام جو پهتو سندس روح وڃي حق درگاهہ،
حيدرآباد رسير لاشو بصد عزت و جله.
دم سهي سال مسافر جي ٿيو دل تي عيان
1937ع خلد اعليٰ ۾ مليو مرد ڪي دلخوله مڪان.
انا لله وانا اليہ راجعون.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

## قوم جي هاڻ ڀچن جي ڪندو ڀيوپاري ڪير؟

محمد بخش واصف

ڪهڙي اي نور محمد ڪريان مدحت تنهنجي
جو ثنا خوان ڏسان ٿو سڄي خلقت تنهنجي
هند ۽ سنڌ ۾ هر ڪنهن ڪئي عزت تنهنجي
قابل رشڪ رهي آهه ته شهرت تنهنجي
چا نه خلق رکي سهڻي اها فطرت تنهنجي
تون لڏئين لوڪ مان هر دل اهو ارمان ڪري
خانه آباد جو هو سو وئين ويران ڪري
هاءِ سارو وئين پر درد دبستان ڪري
ڪير آهي جو اچي درد جو درمان ڪري
چشمو صحت جو هئي چشم عنايت تنهنجي

ساري محفل ڪي ڏسون ٿا ته سنڌءِ غم آهي۔ هاءِ جنهن چشم ڪي ڏسجي ٿو ته پر نم آهي.

آسمان ڏس رنواج صورت شبنم آهي۔ پڻ زمين تي به نه ٿيو بار الم ڪم آهي
چونه ائين ٿئي جو مڙن آهه محبت تنهنجي

سوز فرقت ڪان چمن تي پيو آهي گلخ۔ آتش رنگ جي پرده ۾ جليو گل ٿا جلن

سرو شمشاد هي حيرت منجهان بينا ٿا ڏسن. بلبل ۽ قمري وري هيڏانهن پيون ٻئي ڦتڪن
هئي مٺي جنڪي گل و سرو ڪان صحبت تنهنجي

قوم مسلم ڪان ٿيو ناهه خبر ڪهڙو گناهه هستي تو جهڙي جدا جنهن ڪان ٿي اچ اوچتو آهه

گرچه تنهنجو هو وطن خير پور ناٿن شاهه حيدرآباد ۾ پر تون رهئين ڪيئن سال ۽ ماهه
ديس پنهنجي جان انهي ۾ ٿي سڪونت تنهنجي

نکري جنهن وقت عليڳڙهه مان ٿئي تون نروار دام تز وير ۾ مغرب جي ٿئين
کين شڪار
پنهنجي جذبات جوڏو قوم اندر کيو اظهار توکي حاصل ٿي جو ياريءَ رئيس
الاحرار
خوب قلم ازل کئي اها قسمت تنهنجي
قوم مسلم کي ڪڏهن تو نہ فراموش کيو. ان جي ڏک درد ۽ غم کي ترهم
آغوش کيو
تو شراب فدافي القوم کي بس نوش کيو پاڻ کي ملڪ ۽ ملت تي ڪف پوش
کيو
نيت قربان ٿي هت ويئي وڪالت تنهنجي
تنهنجو مقصود ۽ مطلب سدا تعليم رهي دل ۾ تنهنجي انهي جي دائما
اسڪيم رهي
ان جي هر وقت اڳيان تنهنجي تہ تنظيم رهي آهہ بلڪل هي بجا تنهنجي جي
تعظيم رهي
ڳائي چاڪون نہ سڄو لوڪ لياقت تنهنجي
شاهد جذبئہ ايمان سندءِ آهہ اسڪول جنهن ۾ هر وقت رهئين ٿي تون هم تن
مشغول
جنهن جي لئي کيو تو گدائي کي خوشي ساڻ قبول زندگي تنهنجي جو جڏهين
تہ مترهو هي مول
موت کان پوءِ اتيئي پڻ رهي تربت تنهنجي
قدر ڪنهن کيو يا نہ کيو، تون نہ وفادار رهئين. ڪرڙو نئين کين ڪڏهن قوم
سان سچار رهئين.
دشمن ديس سان نت بر سر پيڪار رهئين حرفتن کان انهي جي تون سدا هشيار
هئين
وسرڻي ناهي جهان کي اها جريت تنهنجي

قوم جي هاڻ ٻچن جي ڪندو ٻيو ياري ڪير تنهنجي لئي نند ڦٽائيندو اتي پياري ڪير

ملڻ ٻوڳيندو انهي بره جي بيماري ڪير وقف هن ڪم ۾ حياتي ڪندو ٻيو ساري ڪير

ڏيکاري اهڙي ٻيو ڪير صداقت تنهنجي

قوم جي ڪم ۾ تو ڏن من ڪيو اهڙو قربان گروي آخر رکيو پر تنهنجي رهڻ جو بہ مڪان

پيٽ پنهنجي کي پٽي تو ٻڌي اي نيڪ انسان قوم مسلم جو ڪيو نڪ مٿي دنيا جي اڳيان

قابل داد اي مخدوم تي خدمت تنهنجي

ڏس اتي پنهنجي روحاني پٽن جو هي روئڻ حسرت وياس سان تنهنجو تون اچڻ ڏس ۽ وڃڻ

ڏس اتي ڏس درو ديوار جو خاموش بهڻ، ڏس اتي پنهنجي تون اڄ قوم جي ڳوڙهن جو ڳڙڻ

جنهن جي رئي آهہ هتئون سهٽي سنگت تنهنجي

گرچہ ظاهر ۾ ستل آهين زمين جي اندر پر اجا پرده باطن ۾ رهين ٿو ٻاهر

خدمتون قوم جون جيڪي تو ڪيون هي اظهر زندگي جا ڇڏيا اهڙا اهي آهن تو اثر

جو چوي ڪونہ ٿو ڪوئي تہ ٿي رحلت تنهنجي

آهہ واصف جي دعا رب تو رحمان جي در مهر پنهنجي سان تہ مقبول سان منا تون ڪر

لطف، احسان جي ڪر نور محمد تي نظر روح ان جي ڪان ڪرين دور تون هر خوف و خطر

قرب پنهنجي ۾ رکي انکي تہ رحمت تنهنجي.

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

# نور محمد کی کہانی ان کی بیگم کی زبانی

نواب احمد خانزادہ

مسلم کالج کے بانی جناب نور محمد کہ جنہیں سندھ کا سر سید بھی کہا جاتا ہے، کون نہیں جانتا۔ ان کے متعلق متعدد اخباروں، جریدوں اور رسالوں وغیرہ میں مضامین پڑھے اور ان کے حالات سے واقفیت حاصل کی، اسی واقفیت حالات نے ایک ایسی صورت اختیار کرلی جسے میں کوئی واضح نام دینے سے قاصر ہوں، نہ اسے دلچسپی کہہ سکتے ہیں نہ عشق یا جنون کما حق میں اسے عقیدت کا نام دے سکتا ہوں۔ اسی جذبے کے تحت میں نے چاہا کہ جناب نور محمد کی زندگی کسے ایسے واقعات معلوم کروں (اور انہیں منظر عام پر لائوں) جو بظاہر معمولی ہوں، مگر در حقیقت ان کے صحیح نظریات و احساسات کی ترجمانی کرتے ہوں، اس سلسلے میں بیگم صاحبہ نور محمد سے موضوں شخصیت اور کوئی نظر نہ آئی۔ لہٰذا مین نے ان سے گزارش کی کہ وہ اس پر قلم اٹھائیں، یہ گزارش بعد میں اصرار کی شکل اختیار کر گئی اور بیگم صاحبہ کے ماورانہ شفقت اور مامتا نے اسے ایک نا سمجھ بچے کی ”ہٹ“ کی صورت دے دی۔

کئی دن سے ٹال مٹول ہو رہی تھی۔ اور اس میں اکثر اوقات کوتاہی میری جانب سے ہوئی کہ انہیں صحیح صورت حال سے مطلع نہ کر سکتا کہ میں کس قسم کا مواد چاہتا ہوں، آخر ایک روز معلوم ہوا کہ بیگم صاحبہ مسلم ہاسٹل کے معائنے پر تشریف لا رہی ہیں، میں نے ان سے رابطہ قائم کیا تو وہ اس بات پر رضامند ہو گئیں کہ وہ مجھے ہاسٹل میں وقت دے سکتی ہیں۔ خوشی کی انتہا نہ رہی جذبات شوق سے لبریز دل بمشکل سنبھالتے ہوئے جب میں مقررہ جگہ پر پہنچا تو سامنے ایک پیکر وقار تمکنت، مادرانہ و بزرگانہ شفقت کے مجسمہ کو براجمان پایا۔ چھوٹا سا قد، سفید ساڑھی، سفید چہرے پر بڑھاپے کی جھریاں ساڑھی کے سر پوش سے جھانکتے ہوئے چاندی جیسے سفیدیاں اور آنکھوں پر نظر کی عینک میں نے مودبانہ

لہجے مین سلام کیا اور انہوں نے نہایت شفقت سے سلام کا جواب دیا۔ کچھ طلباء و اساتذہ پہلے ہی سے موجود تھے اور غالباً کسی انتظامی مسئلے کے متعلق گفتگو ہو رہی تھی، ایک صاحب نے میرا تعارف کرایا تو دوبارہ میری جانب متوجہ ہوئیں اور کمال شفقت سے کچھ مسکرائیں، میں نے موقع غنیمت جانا اور حرف مدعا زبان پر لایا، وہاں موجود کئی دوسرے افراد نے بھی میری تائید کی تو فرمایا:

بچو! مجھ میں اتنی قابلیت نہیں ہے کہ میگزین وغیرہ میں مضمون لکھ سکوں، ویسے بھی ان کی زندگی کے بارے میں بہت کچھ لکھا جا چکا ہے۔۔۔

میں نے عرض کی "آپ کسر نفسی سے کام لے رہی ہیں ورنہ یہ کیسے ممکن ہے کہ سندھ کے سر سید کی رفیقہ حیات اور ادب و تحریر سے بے بہرہ ہو، گلاب کی صحبت تو مٹی میں بھی خوشبو پیدا کر دیتی ہے، بقول سعدی رح

جمال ہم نشیں بر من اثر کرد
وگرنہ من ہمہ خاکم کہ ہستم

متبسم ہوئیں اور فرمایا لڑکے باتیں بہت بنانی آتی ہیں تم کو۔ تم شاید پوری طرح تیار ہو کر آئے ہو، مگر میری طبیعت آجکل کچھ ٹھیک نہیں ہے۔ بلڈ پریشر کی شکایت ہے اس واسطے کوئی کام یکسوئی سے نہیں کر سکتی۔

میں نے ایک لمحے سوچا اور فوراً ایک ترکیب ذہن میں آئی کہ کیوں نے نور محمد صاحب کے کچھ ایسے واقعات معلوم کر لیئے جائیں جو ابھی تک اکثر لوگوں کو معلوم نہیں ہیں (جیسا کہ ابتدا میں لکھا جا چکا ہے) لہٰذا میں نے کہا:

"تو کیا آپ ہمیں زبانی طور پر بھی ان کے متعلق کچھ نہ بتائیں گی؟"

یہ الفاظ ادا کرتے وقت میرے چہرے پر امید کرن کے ملے جلے جذبات انہوں نے صاف پڑھ لیئے اور شاید کچھ ملتجیانہ لہجہ نے بھی انہین متاثر کیا، فرمایا:

"ہاں یہ ممکن ہے۔" ان کے حالات زندگی تو آپ لوگوں نے اکثر و بیشتر میگزین، اخبارات اور رسائل وغیرہ میں پڑھے ہوں گے اور ان کے ہمعصر ساتھیوں اور دوسرے

لوگوں کی زبانی سنے ہوں گے، وہ نہایت شریف، خوددار، رحمدل اور خداترس انسان تھے نہ وہ کسی کی خوشامد کرتے تھے اور نہ خوشامد کرنے والوں کو پسند کرتے تھے، سب کے ساتھ نہایت عمدہ اخلاق سے پیش آتے تھے۔

بچوں! بیگم صاحبہ نے مادرانہ شفقت سے بھرپور ایک نگاہ ہم سب پر ڈالی اور ہوا میں اپنی نگاہیں جمالیں، جیسے وہ دور ماضی کے دھندلکوں میں جھانکنے کی کوشش کر رہی ہوں اور فرمایا:

"وہ اپنے ملازمین اور بچوں سے کبھی ڈانٹ ڈپٹ سے پیش نہ آتے تھے اور سب بچوں کو اعلی تعلیم سے آراستے سے دیکھنا چاہتے تھے، کیونکہ وہ خود اعلیٰ تعلیم یافتہ تھے، انہوں نے ابتدائی تعلیم سندھ مدرسہ کراچی میں حاصل کی پھر بابا (نور محمد صاحب کے والد اور بیگم صاحبہ کے سسر) نے انہیں علی گڑھ بھیجدیا۔ وہاں سے انہوں نے بی اے اور ایل ایل بی مین نمایاں کامیابی حاصل کی۔

بچوں! انہیں ضرورتمندوں کی مدد کرنے کا بہت شوق تھا اور جب بھی کوئی حاجتمند انکے پاس آتا تو پہلے اسے تسلی تشفی دیتے اور اپنے مخصوص لہجے میں سینے پر ہاتھ رکھ کر اس سے کہتے بابار کھ اللہ تے یا پٹ رکھ اللہ تے پھر خود اس کے ساتھ جاتے اور جہاں اس کا کام ہوتا وہ کرواتے، ایک دن میں نے ان سے کہا کہ آپ سے تو لوگ ملتے ہوئے گھبراتے ہوں گے کہ اب آئے مسٹر نور محمد کسی کی سفارش کرنے پہ ست کر کہنے لگے بی بی اپنوں کا کام تو ہر شخص کرتا ہے مگر کامیاب وہ ہے جو دوسروں کے لئے کچھ کر جائے۔

اس موقع پر بیگم صاحبہ نے ہم سب کو بھی نصیحت کی کہ اُن کے اس اصول کو اپنائیں مزید فرمایا

اپنے والد کو بہت چاہتے تھے اور بڑی عزت کرتے تھے۔ بڑھاپے کی وجہ سے بابا کی طبیعت میں کچھ چڑچڑاپن پیدا ہو گیا تھا، پھر بھی خدمت کا یہ عالم تھا کہ اپنے ہاتھوں سے ان کا منہ دھلاتے، تولئے سے صاف کرتے اور بڑے پیار سے ان کی پیشانی کو بوسہ دیتے۔ انہیں اپنے ہاتھ سے کھلاتے، بابا کی وفات پر کئی دن تک غمگین رہے، جس طرح وہ خود

والدین کی عزت کرتے تھے اسی طرح چاہتے تھے کہ ان کے اسکول کے بچے بھی والدین کے رتبے کو پہچانیں۔ ایک دفعہ ایک لڑکا داخلے کے لئے آیا، اس طرح کہ پیچھے پیچھے اس کا ضعیف باپ سر پر سامان رکھے تھا اور یہ تیرہ چودہ سال کا لڑکا خالی ہاتھ آگے آگے تھا۔ آپ نے سب بچوں کو جمع کیا اور ان کے سامنے اس لڑکے کے سر پر سب سامان رکوا کر اسکول کے دس چکر لگوائے۔

ہم میں سے اکثر افراد نے ایک دوسرے کی جانب معنی خیز نظروں سے دیکھا اور مجھے ہر آنکھ یہی گلہ کرتی نظر آئی کہ ہم بھی اپنے والدین کے ساتھ وہ سلوک روا نہیں رکھتے جو ان کا حق ہے۔ بیگم صاحبہ نے شاید اس چیز کو بھانپ لیا اور فرمایا:

بچوں! تم سب بھی اپنے والدین کے ساتھ بہترین سلوک کیا کرو کہ اول و آخر ہی ہے۔ پھر کہنے لگیں میں موضوع سے بھٹک تو نہیں رہی؟ تم کہو گے کہ ان کے حالت زندگی بیان کرنے کے بجائے یہ تو وعظ فرمانے لگیں۔

نہیں نہیں ہم سب نے ایک زبان ہو کر کہا ہم آپ کی باتوں سے پورا پورا استفادہ کر رہے ہیں۔

وہ کچھ دیر سوچتی رہیں شاید یہ فیصلہ کر رہی تھیں کہ اب کہاں سے داستان چھیڑی جائے آخر کار فرمایا:

"انہوں نے اسکول اور بورڈنگ ہائوس قائم کرنے مین جو مصائب برداشت کئے، اس سے بہت کم لوگ واقف ہیں، ایک روز کہنے لگے " اپنے مکان کے کاغذات کہاں ہیں؟""میں نے کہا میں ہرگز کاغذات نہیں دوں گی۔ اسکول کی وجہ سے وکالت چھوڑ دی اور اب سر چھپانے کی جگہ بھی رہن رکھنا چاہتے ہو۔" میں نے زیورات کی صندوقچی مین مکان کے کاغذات رکھ کر الماری کو مقفل کر دیا۔ ان کے انتقال کے وقت ہم پولیس کمشنر کراچی مولوی ضیاء الدین کے پاس ٹھہرے ہوئے تھے، وہیں ان کا انتقال ہوا۔ ضیاء الدین صاحب نے بتایا کہ آپ کا مکان بھی میرا اللہ داد صاحب کے پاس رہن رکھا ہوا ہے۔ بچوں! کیا بتائوں اس وقت مجھ پر کیا گزری؟ دنیا تاریک ہو گئی ایک تو شوہر کا سایہ اٹھ گیا دوسرے سر

چھپانے کی جگہ نہ رہی۔ خانماں برباد۔ مگر شکر ہے تیجے والے دن ہی دکن سے میرے بھائی آگئے اور وہاں جو لوگ جمع تھے ان مین بہت جوش و خروش تھا۔ تقاریر وغیرہ ہوئیں اور لوگوں نے سینوں پر ہاتھ مار مار کر عہد کیا کہ ''نور محمد نے اسکول اس لئے نہیں بنایا تھا کہ اسکے بال بچے بے گھر ہو جائیں۔ ہم بھیک مانگ کر بھی انہیں آرام سے رکھیں گے''۔ غرض بچوں مسلمانوں نے ان کی خدمات کی قدر کی سنا ہے تین ہزار روپے میر صاحب نے معاف کر دیئے اور باقی پانچ ہزار روپے اسکول نے ادا کئے۔

یہ کہہ کر بیگم صاحبہ سانس لینے کو رکیں تو ایک صاحب نے چائے تیار ہونے کی اطلاع دی آپ نے وہاں ہی چائے لانے کو کہا۔ چائے کے دوران خاموشی رہی اور ہر شخص اپنی اپنی جگہ پر سندھ کے سر سید کی خدمات پر غور کرتا رہا۔ میں نے بیگم صاحبہ کے جھریوں پڑے ہوئے پر وقار چہرے پر نظر ڈالی تو یوں لگا جیسے میں بھی ان کے ساتھ بیسیوں سال پیچھے کی دنیا میں پہنچ گیا ہوں اور نور محمد صاحب کے ساتھ ہر تحریک میں شریک ہوں۔ کمرے کے سکوت کو بیگم صاحبہ گھمبیر اور با تمکین آواز نے توڑا۔

''ہاں تو بچوں! انہوں نے اپنی ذاتی منفعت کیلئے کوئی کام نہیں کیا۔ اپنی زندگی قوم کے لئے وقف کر دی ورنہ چاہتے تو اعلیٰ تعلیم یافتہ تھے ہر عہدہ حاصل کر سکتے تھے۔ خلافت کے زمانے مین انگریز حکومت کے خلاف بہت کام کیا۔ مجھ سے کہتے تھے بی بی تمہاری وجہ سے مجبور ہوں جیسا کام کرنا چاہتا ہوں نہیں کر سکتا کہ میرے جیل میں جانے کے بعد تم اکیلی رہ جاؤ گی۔ ایک دفعہ کلکٹر نے بلا کر کہا کہ نور محمد ان بیکار کاموں کو چھوڑو ہشیار آدمی ہو ہم تمہیں اچھی ملازمت دیں گے۔ مگر انہوں نے صاف انکار کر دیا۔

یہاں بیگم صاحبہ ایک لمحے کے لئے سانس سدرست کرنے کو رکیں، اور پھر فرمایا:

کشمیر میں میری پھوپھی کے لڑکے خسرو جنگ بہادر وزیر تھے، انہوں نے کئی مرتبہ ''ان'' ان کو اعلیٰ عہدے پیش کئے۔ مگر انہوں نے ہر مرتبہ انکار کیا اور یہی کہتے رہے کہ میں آزاد رہ کر ملک و قوم کی خدمت کرنا چاہتا ہوں۔ یہ کہہ کر بیگم صاحبہ نے ایک بھرپور

نگاہ ہم سب پر ڈالی جس میں افتخار کی جھلک صاف نظر آ رہی تھی اور پر تمکنت لہجے میں کہا "بچوں ! کیا آج بھی ایسے بے لوث افراد پائے جاتے ہیں جو بغیر کسی عہدے یا انعام کی لالچ کے قومی خدمت کر سکیں۔" اور میں نے ان الفاظ کو تیر کی طرح اپنے نوجوان معاشرے کے دل میں اترتے دیکھا۔

اسی دوران ایک لڑکا اپنے کچھ ساتھیوں کے ساتھ کمبل اوڑھے ہوئے گزرا، آپ مضطرب ہو گئیں اور کہا کہ گرمی مین اس لڑکے نے کمبل کیوں اوڑھ رکھا ہے، واقف حال اصحاب نے بتایا کہ وہ بیمار ہے اور اسے ڈاکٹر کے پاس لے جایا جا رہا ہے۔ یہ سن کر ان کی آنکھوں میں بلا کی روشنی آگئی اور کہا:

" انہیں بھی ہمیشہ اس بات کا خیال رہتا تھا کہ ہاسٹل میں بچوں کو کسی طرح تکلیف نہ ہو۔ کوئی بچہ ہاسٹل میں بیمار ہو جاتا تو بڑے پریشان ہوتے۔ گھر سے سوپ، ساگودانہ وغیرہ پکوا کر لے جاتے اور اس کی تیمارداری کرتے، اکثر کہا کرتے تھے کہ ان کے والدین نے اللہ کے بھروسے پر اپنے بچے چھوڑے ہیں اور اللہ نے یہ کام میرے سپرد کیا ہے۔" وہ اسکول کے بچوں کو گھر پر بلا کر بھی پڑھاتے تھے اور اپنے اسکول کا نتیجہ ہر حال میں بہتر دیکھنا چاہتے تھے۔ ہاسٹل کے بچوں کی تکلیف کا خاص خیال رکھتے تھے اور اچانک ہاسٹل پہنچ جاتے اور ان کے ساتھ کھانے میں شریک ہوتے۔ اس طرح بچوں کی غذا معیاری ہو گئی بچوں ! امتحان کے دنوں میں اپنی صحت کی پرواہ نہ کرتے اور دن رات بچوں کو پڑھاتے۔ ڈاکٹروں نے بہت منع کیا مگر نہیں مانے اور صحت خراب ہوتی چلی گئی۔

اتنا کہہ کر خاموش ہوئیں تو میں نے پوچھا بیگم صاحبہ ان کے کوئی مخصوص معالج بھی تو رہے ہوں گے۔ فرمایا:

ہاں ! حیدرآباد میں ایک سول سرجن تھے کرنل ہال گٹ، انھی کا علاج کرتے تھے۔ جب کرنل ہال گٹ کا تبادلہ کراچی ہو گیا تو اس کا تبادلہ دوبارہ رکراچی کروایا۔ خود کرنل نے اس کی خواہش کی تھی اور وہ اس بات پر ان کا بہت احسان مند تھا۔ کرنل ہال گٹ ایک دفعہ کراچی میں تھا، ان کی طبیعت کچھ معمولی سی خراب ہوئی۔ مجھ سے کہا کہ میں "کرنل

ہالی گٹ '' کے پاس کراچی جارہاہوں۔ نسخہ وغیرہ لکھوا کرآجائوں گا۔کچھ ایسے زیادہ بیمار بھی نہیں تھے۔ان کی عادت تھی کہ جب کبھی باہر جاتے روزایک خط خسرور لکھتے اور مجھے بھی لکھتے رہنے کی تاکید کرتے۔ایک روز خط میں لکھاکہ : میں بہتر ہوں طبیعت ٹھیک ہے۔کل تھوڑی سی کھچڑی کھائی تھی ہضم ہوگئی۔اس سے پہلے کھانا ہضم نہیں ہوتا تھا۔اسی دن شام کو تار آیا کہ آپ فوراًآئیں خدمت کی ضرورت ہے۔ میں باحال پریشان پہنچی حالت بگڑ چکی تھی چوتھے دن بیچارے ختم ہوگئے۔

بیگم صاحبہ کی آواز یہاں تک پہنچ کر بھرا گئی اور ہم سب کے منہ سے ایک ساتھ نکلاانا للہ وانا الیہ راجعون۔بیگم صاحبہ کچھ دیر تک خود پر قابو پاتی رہیں پھرایک عزم آلود لہجے میں جس میں فخر کی جھلکیاں نمایاں تھیں یوں گویا ہوئیں۔

ان سے بعض لوگ ان کی اولاد کے متعلق سوال کیا کرتے تھے،ایک روز دفتر میں بیٹھے کام کر رہے تھے ایک صاحب ملنے آئے،اثنائے گفتگو میں انہوں نے دریافت کیاآپ کے کتنے بچے ہیں۔انہوں نے اس وقت تو ٹال دیا جب اسکول کی چھٹی ہوئی اور سب بچے باہر نکلے تو انہوں نے ان صاحب سے کہاآپ نے میرے بچوں کے متعلق پوچھا تھا؟ پھراسکول کے بچوں کی طرف اشارہ کرکے کہا: دیکھیئے یہ سب میرے بچے ہیں۔یہاں تک کہہ کے ہم سب کی جانب مامتا بھری نظروں سے دیکھااور پھر متکلم ہوئیں۔

جب ان کاانتقال ہوا میری گود میں صرف ڈیڑھ سال کی بچی تھی۔اس کو وہ بہت چاہتے تھے کہتے تھے '' میرادل چاہتا ہے اسے خوب پڑھائوں،خدا کرے یہ میرا دماغ۔اور وہ بچی واقعی باپ کی طرح ہوشیار اور عقلمند نکلی۔ بچپن ہی سے پڑھائی کی شوقین اور بلا کی شوقین قابل باپ کی قابل بیٹی کبھی کسی امتحان میں فیل نہ ہوئی۔ کم عمری میں اکنامکس میں ایم اے کیااور اب زبیدہ کالج میں لکچرار ہے۔

بچوں ! کالج،اسکول،ہاسٹل اور میری بچی کی طرح تم سب بھی میرے لئے ان کی یادگار ہو۔ میری دلی خواہش ہے کہ تم سب مل کران کے افکار کو عملی جامہ پہنائو یہ کہہ کر بیگم صاحبہ نے ہم سب پرایک ناقدانہ نظر ڈالی اور مجھ پر نظریں جماتی ہوئی بولیں :

کیوں میرے بچوں، بنوگے نا؟ نور محمد، سندھ کے سر سید، اور ہم سب نے یک زبان کہا انشاء اللہ و تعالیٰ

(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)

# در عقیدت

ایم ایف افضل

محان بزی کہ اگر مرگ ماست مرگ دوام
خداز کردہ خود شرمسار تو کردہ

شاعر مشرق نے کیا خوب کہا ہے کہ انسان کو ایسی زندگی بسر کرنا چاہیے کہ جب وہ انسان اس جھان فانی کو خیر باد کہہ جائے تو اس کی موت کا اسکے پس ماندمان کی نسبت خدا کو زیادہ افسوس ہو۔ ہمیں نہیں کہ خدا کو افسوس ھہ بلکہ یہ کہ خدا اپنی اس حرکت پر (نعوذ باللہ) شرمسار ہو!

بھلا سوچیئے تو سہی، ذرا خیال تو فرمائے، کہ خداوند کریم جو لفظ 'کن' سے دنیا وما فیہا پیدا کر سکتا ہے، اسکو کیا غرض بڑی کہ ایک ھیچ میرز ضعیف ابدنیان ھستی کی موت پر شرمسار ہو۔ جبکہ وہ موت و حیات پر قادر ہے، جس کے کرشموں میں سے ایک ادنی سا کرشمہ یہ ہے کہ۔

یکے را بسر بر لھد تاجھ بخت، یکیے را بھاک اندر آرد ز تخت
کلاہ سئادت یکیے بر سوش، گلیم شقادت بیکیے دو برش
طریقہ العینی جھان برھم زند، کسی نمی آرد کہ آن جادم زند

اب سوال یہ پیدا ہوتا ہے کہ ایسی زندگی کے لوازمات کیا ہیں؟ وہ کونسی زندگی ہے کہ جسکے ختم ہو جانی پر خدا کو خود افسوس وندامت ہو؟ وہ کونسی حیات ہی کہ خود خالق ارض و سما اسکی اختتام پر رنجیدہ ہو؟

موجودہ نسل کی لئے اس سوال کا جواب مشکل نہیں۔ کیونکہ ابھی چند روز ہوئی ایک ایسی جلیل القدر، قابل رشک اور نایاب ھستی ھماری دیکھتی دیکھتی، دعائیں مانگتی مانگتی، اللہ میاں کے آگے سر بسجود ہوتی ہوتی، اس سرائی سپنج سے اس دار بقا کی طرف کوچ کر گئی۔ کہ جس پر عنوان کی شعر کا اطلاق مکمل طور پر ہوتا ہے۔ قارئین کرام سے مخفی نہیں

ہوگا کہ میرا مطلب ہے میاں نور محمد مغفور لوگوں کو کامیاب انسانو کی زندگی پر رشک آیا کرتا ہے۔ لیکن مرحوم ایسی ہی عدیل انسان تھے کہ اغیار واحباب کو انکی موت پر رشک آتا ہے ! !

جب مرحوم کا جنازہ انسانی سروں کی ٹھاٹھیں مارتے ہوئے سمندر میں متعدین کی اخلاص آگین کندھوں پر لہرایا جارہا تھا، اس وقت اپنا ہو یا پرایا، دوست ہو یا دشمن، مسلم ہو یا غیر مسلم، کونسا ایسا ذی نفس تھا، جس کی دل میں یہ آرزو نہیں پھڑ پھڑا رہی تھی کہ کاش یہ موت مجھے نصیب ہوتی، کاش یہ پھول مجھ پر نچاور کئے جاتے، کاش یہ گلاب مجھ پر چھڑکا جاتا، کاش یہ مرثی میری شان میں پڑھے جاتے، کاش یہ آنسوں میری یاد میں بہائے جاتے قصہ مختور کاش اس تابوت میں میں ہوتا ! ! ! کیونکہ مرحوم کو یاد کرنی والی، مرحوم کرنے والے صرف مرحوم کی اہل و عیال ہی نہ تھی، لواحقین ورشتیدار ہی نہ تھی، بلکہ اپنی اور پرانے، یگانے اور بیگانی سبھی تھے۔ وہ یتیم بچی جنھوں نے اپنی باپ کی موت کی پرواہ نہیں کی تھی، آج زار و قطار رو رہی تھی، وہ جری نوجوان جنہوں نے اپنی بھائیوں اور دوستوں کی موت کو پرکاہ کی اہمیت نہیں دی تھی، آج سینہ کو بان نظر آرہے تھے۔ وہ سالخوررده بزرگ جو کہ موت کا نظارہ دیکھتے دیکھتے اب پختہ کار ہوچکی تھی، آنسوؤں کی جھڑیاں لگا رہے تھے۔

آخر یہ بیقراری کیوں تھی؟ آخر یہ عالمگیر حشر سامان رنج والم کیا تھا؟ مرحوم نہ زردار وڈیری تھی کہ انکی پیسے کو لوگ رو رہے تھے، نہ باوقار افسر تھے کہ انکی جائز و ناجائز چرفداریاں یاد کر رہے تھے، نہ یا خدا پیر و صوفی تھے کہ مریدان با صفا کی حوصلے ٹوٹی جارہے تھے۔ نہ پنڈت و مہاتما تھے کے جن کی داس اور چیلی اب اناتھ ہوگئے تھے۔

تو آخر مرحوم میں کونسی کیمیا تھی؟ کونسی نایاب صفت تھی؟ کونسی بات تھی؟ جو سندھ کی ذری ذری سی خراج گریہ وصول کر رہی تھی؟ جس نے بیگانوں کو اپنا اور دشمنوں کو دوست بن الیا تھا، مرحوم کی وہ کیمیا صفت خوبی تھی خلق خدا کی خدمت۔ بے ریا خدمت، بے توقع بے معاوضہ خدمت، وہ خدمت کہ جو امیر و غریب کی لیئے یکساں بھی۔ وہ خدمت جو اپنے اور بیگانے کی لیئے یکساں تھی۔ وہ خدمت جو جو صحت و بیماری میں یکسان تھی وہ خدمت جو محض خدمت کی غرض سے کی جاتی تھی اور نہ تعریف و ستائش کے لیئے نہ۔ عہدے یا

خطاب کی لیئے، دوستی یا دشمنی کی لیئے۔ وہ مکمل اور ہم گیر خدمت کہ جس سے اپنی اور غیر کا سوال اٹھ جاتا ہے۔ بلکہ خادم خود مجسم خدمت بن جاتا ہے یا یوں کہیں کہ فنا فی الخدمت ہو جاتا ہے۔ بے جیسے کہ مرحوم کی حالت فی الواقع تھی۔ کہ اس خدمت قوم و خدمت خلق کی دھن میں نہ اپنی زد کی پرواہ نہ اپچی گھر کی پرواہ نہ اپنی بیوی کی پرواہ نہ بچوں کی پرواہ۔ اور تو اور اس پروانے نے خدمت کو اپنی صحت و بیماری تک کی پرواہ نہیں، اپنی زندگی و قوت تک کی پرواہ نہیں!

تو کیا قوم نے اس کسی بے لوث خدمات کا اجر نہیں دیا؟ اس کے قومی محبت کی قدر نہیں کی؟ نہیں کی اور ضرور کی!! قوم نے اس شہید قوم کی وہ قدر کی کہ جو نہ کسی خدا رسیدہ صوفی کو نصیب ہوگی اور نہ شب زندہ دار زاہد کو۔ نہ کس کثیر العلائق حاکم کو نصیب ہوگی اور نہ کسی بایقین محکوم کو۔

اللہ اللہ کیا سچ کہا ہے شاعر نے:

عبادت بجز خدمت خلق نیست!

(یعنی دنیا سے سب کی بہتر عبادت خلق کی خدمت ہے۔)

ایم ایف افضل صاحب ایم ای بی ٹی، ایم، آر-ایس –ٹی (لنڈن) ھیڈ ماسٹر ھائی اسکول حیدرآباد

**(رسالو الڪمال، ايڊيٽر ڪمال الدين ميمڻ، 12 سيپٽمبر 1937ع، حيدرآباد تان ورتل)**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book